# شيخ اياز


نثر 1

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي
ساهيوال جيل ڊائري
ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون
جڳ مڙوئي سپنو



[4]

# ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون



‘ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون’ جو پهريون ڇاپو نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، فيبروري 1989ع ۾ ڇپيو هو.

انتساب

ماهتاب محبوب
جي نالي
- شيخ اياز

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ٻہ لفظ | شيخ اياز | 513 |
| 28 جولاءِ، 1988ع | | 515 |
| 29 جولاءِ، 1988ع | | 519 |
| 30 جولاءِ، 1988ع | | 646 |
| 31 جولاءِ، 1988ع | | 649 |
| 2 آگسٽ، 1988ع | | 651 |
| 4 آگسٽ، 1988ع | | 653 |
| 5 آگسٽ، 1988ع | | 654 |
| پيرسترائڪا ۽ روسي ادب | | 657 |

## ٻه لفظ

مون هي ڪتاب آگسٽ 1988ع جي وچ ڌاري پورو ڪيو هو. انهيءَ عرصي ۾ پتو نه پوندو هو ته سچ ڪڏهن ٿو اُڀري ۽ لهي. شايد جيڪي اچي رهيو هو ان جا منهنجي من تي پاڇاوان پئجي رهيا هئا. مون کي ايئن ٿي لڳو ته گهڙو پرجي پرجي هاڻي ڇُلڪندو. اوچتو جنرل ضياءُ الحق اڏامي ويو. جيستائين ادل سومرو ڪتاب نقل ڪري ٺي ڪري، اليڪشن ٿي، سنڌ ۾ رجعت پرست پاڙان پٽجي ويا، ۽ ساري سنڌي قوم جي اتفاق راءِ ۽ ٻين صوبن ۾ اڪثريت جي ووٽن سان شهيد پٽي جي ڌيءَ محترمه بينظير اقتدار ۾ آئي. ايشيا جي بدترين آمريت کان هن ڌرتيءَ کي نجات ملي ۽ آئينده امن ۽ محبت جا امڪان پيدا ٿيا. جيئن هي ڪتاب پورو ٿيو هو. تيئن فيروز احمد پنهنجن ڪتابن ۾ ان جي عنقريب اشاعت لاءِ اشتهار ڏنا هئا. ٻه سال ڏيڍ اڳ جڏهن مون حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي ساليانو ميڙ جي پهرين صدارت ڪئي هئي، ته مون من ۾ فيصلو ڪيو هو ته، پنهنجي صحت کي مدنظر رکي، هڪ سياستدان وانگر ته مان سياست ۾ ڀهرو نه وٺندس ۽ ون يونٽ واري دور وانگر ساريءَ سنڌ جي شهر شهر ۾ ادبي جلسن ۾ شريڪ ٿي، پنهنجي ادب کي ڪاٻيءَ ڌر جي سياست جو همرڪاب نه ٻڻائي سگهندس، پر ڏينهن رات پورهيو ڪري، ڪتاب لکي، اُنهن جي اشاعت سان هن دور جي ترقي پسند سياست کي هٿي ضرور ڏيندس.

مون کي اهو ڏسي خوشي ٿي آهي ته منهنجي محنت سجائي ٿي آهي، منهنجون تحريرون سنڌ جي نئين ۽ پراڻي نسل ۾ ٻاهه وانگر

ڦهلجي ويون آهن ۽ منهنجي ادبي حاصلات لاءِ ساڳيو احترام ۽ محبت اُڀري آئي آهي، جا ڏهاڪو سال اڳي هئي، بلڪ اُن جو اظهار اڳ کان بہ وڌيڪ ٿي رهيو آهي. جي منهنجو ادب اُن وقت سنڌ کي ڪم اچي سگهي، جنهن وقت سنڌ جو وجود ئي خطري ۾ هجي، تہ مون کي ان جي پرواهہ نہ آهي تہ اهو صدين تائين زنده رهي يا نہ.

مان چاهيان تہ سوويت ادب تي بہ ٽي سو صفحا لکي سگهان ها، پر ڪتاب ڏاڍو وڏو ٿي وڃي ها. ان ڪري مون اختصار کان ڪم ورتو آهي ۽ ان تي مختصر نگاهہ وڌي آهي، پر سولزي نتسن تي ڪجهہ تفصيل سان لکيو آهي، ڇو تہ اها ئي مزاحمت جي وڏي ۾ وڏي ۽ زندهہ نشاني آهي.

مون في الحال روس جو سفرنامو اڌ ۾ لکي، رکي ڇڏيو آهي، ڇو تہ هاڻي تہ ظاهر ٿي پيو آهي تہ روس جي تاريخ ۽ ترقيءَ جي باري ۾ انگ اکر غلط آهن.

آخر ۾ مان پنهنجي نوجوان دوست، ادل سومري، جو ٿورائتو آهيان، جنهن نهايت لگن سان هن ڪتاب جو نقل ڪيو آهي. هو مدد نہ ڪري ها تہ، منهنجين بي انتها مصروفيتن سبب، هن ڪتاب جي اشاعت ۾ وڌيڪ دير لڳي وڃي ها.

**شيخ اياز**

25ڊسمبر1988ع

## 28 جولاءِ 1988ع

27 جولاءِ اسلم اظهر * فون ڪيو تہ ڪراچي پريس ڪلب ۾ 28 تاريخ تي ساڍي ٽين وڳي شام جو گڏجاڻي آهي، جتي شريعت آرڊيننس، حدود آرڊيننس ۽ نئين قانون شهادت جي مذمت ڪئي ويندي منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ هئي، پر هن جي اصرار تي هن کي لنوائي نہ سگهيس. هن چيو تہ 28 تاريخ تي هو يا نسرين يا حوري نوراني مون کي گهران ڪڻندا. دراصل مون اڳ ئي ڄاتو ٿي تہ اڪثر مقرر چوندا تہ هيءَ يا اُهو آرڊيننس شريعت مطابق ناهي، اسلام جي روح جي منافي آهي ۽ ان ڪري منسوخ ڪيو وڃي. مون لاءِ مسئلو ايترو دقيق نہ هو. سڌي ڳالهہ هئي. شريعت آرڊيننس، حدود آرڊيننس يا قانون شهادت (Law of Evidence) شريعت مطابق آهن يا نہ. اهي سارا قانون اقوام متحده جي انساني حقن تي نهرائن ( Declaration on Human Rights) ۽ اُن سان لاڳو اقوام متحده جي انساني حقن تي ويهاريل ڪميٽيءَ جي پروانن (Charaters)، اقرارن (Covenants) ۽ عهدنامن (Protocals) جي خلاف آهن. ۽ ڇاڪاڻ تہ پاڪستان اقوام متحده ۾ شامل آهي، اُهي مٿي ڄاڻايل شريعت وغيره جا قانون بحال نٿا

* اسلم اظهر- ڀٽي صاحب جي دؤر ۾ پاڪستان ٽي ويءَ جو ڊائريڪٽر جنرل هو. هن بلراج ساهنيءَ وانگر ڪراچيءَ ۾ "دستڪ" نالي سان پيپلز ٿيٽر شروع ڪيو آهي. جرمن ڊرامانويس بريخت جا ڪجهہ ڊراما، جنهن ۾ هن جو ڊرامو گئليلو بہ شامل آهي، اسٽيج تي آندا اٿائين. هو کاٻيءَ ڌر جي تحريڪن ۾ سرگرم حصو وٺندو آهي ۽ نوجوانن ۾ ڪافي اُتساهہ ڦوڪيو اٿائين.
نسرين: اسلم اظهر جي زال.
حوري: "مڪتبۂ دانيال" جي مالڪياڻي، مرحوم ملڪ نورانيءَ جي ڌيءَ حورا نوراني.

ڪري سگهجن. مون اسلم اظهر کي چيو تہ ڪراچيءَ ۾ بارش کان پوءِ مون کي زڪام ۽ کنگهہ ٿي پئي آهي ۽ مان ساندهہ ڳالهائي نٿو سگهان. جنهن تي هن چيو تہ تون ڳالهائين يا خاموش رهين، هر صورت ۾ تنهنجي موجودگي ضروري آهي. مون کي اِهو سوچي کل آئي تہ ڪيئن نہ ترقي پسند هر ماڻهوءَ کان ڪم وٺي ڄاڻن ٿا! 1970ع ۾ سارتر (Sartre) ۽ سيمان دي بيو (Simone de beauvoir) فرانس جي سياست ۾ ڪائي مرڪزي حيثيت نہ رکندا هئا، پوءِ بہ نہ رڳو هو ڪابيءَ ڌر جي اخبار "La Cause de people" (عوام جو مقدمو) جا مدير بڻايا ويا هئا، پر اُن جا پرچا پئرس جي چونڪ چونڪ تي وڪڻڻ لاءِ بہ آماده ڪيا ويا هئا، ۽ اهڙا پرچا ورهائيندي هنن جا فوٽو گراف ڪڍيا ويا هئا، جي نہ رڳو اخبارن ۾ ڇاپيا ويا هئا، پر نوجوانن ۾ اُتساهہ پيدا ڪرڻ لاءِ انهن ۾ ورهايا بہ ويا هئا. مون بہ اُهي فوٽو گراف ڪنهن ڪتاب ۾ ڏٺا آهن، جن ۾ توٽريل ۽ ڪرڙوڄ سيمان کي اخبارون هٿن ۾ آهن ۽ ڏبرو ۽ پوڙهو سارتر هن جي پرسان بيٺو آهي. فوٽو ڏسي، مون کي کل بہ آئي هئي ۽ هنن لاءِ بي انتها عزت بہ پيدا ٿي هئي. پيريءَ ۾ جوانيءَ سان ساٿ ڏيڻ جو اهو بهترين طريقو آهي. نوجوانن جي سڌ تي، زندگيءَ کي بدلائڻ لاءِ پيرسن دانشورن جو اهو ساٿ، هُنن لاءِ دل ۾ عزت ئي پيدا ڪري سگهي ٿو. مان بہ جيتوڻيڪ وهيءَ جي هن موڙ تي سارتر ۽ سيمان وانگر پنهنجو زياده تر وقت لکڻ پڙهڻ کي ڏيڻ ٿو چاهيان، ڇو تہ اهو ئي مون لاءِ دنيا کي بدلائڻ جو بهترين وسيلو آهي ۽ مان ان ريت ئي پنهنجي ڳالهہ وڌيڪ اثرائتي طور پيش ڪري سگهان ٿو پر مان نوجوانن سان پنهنجو طبعي ساٿ صفا ٽوڙڻ بہ نہ ٿو چاهيان، ۽ ڪڏهن ڪڏهن اُنهن جي صحبت ۾ رهي، دنيا کي هُنن جي اکين سان ڏسي، پنهنجي ديده و دل کي تروتازه ڪرڻ چاهيان ٿو.

اڄ 28 تاريخ صبح کان وٺي، مينهن جون اوڙڪون وسي رهيون هيون ۽ رستن تي پاڻي ريلا ڪري ٿي وهيو. حوري نوراني بيمار هئي ۽ پنهنجو ڊير موڪليو هئائين تہ مون کي ڪار ۾ پريس ڪلب وٺي وڃي. هو سادي ٽين بجي شام جو پهتو. اڄا زوردار بارش پئجي رهي

هئي. جڏهن پريس ڪلب پهتاسين تڏهن بہ بارش تي پئي ۽ نہ رڳو احاطي ۾ رکيل ڪرسيون آليون ٿي ويون هيون، پر اُنهن جي مٿان لڳل پنڊال جتي ڪٿي ٽپڪي رهيو هو. اسلم اظهر ۽ هن جي زال نسرين پنڊال هيٺان بيٺا هئا ۽ منهنجي آجيان ڪري هُنن هڪ ڪرسي مون کي آڇي. نسرين چيو تہ جيڪڏهن مان تقرير نہ ڪرڻ چاهيان تہ پنهنجو ڪوئي نظم پڙهان، پر مون هن کي چيو تہ "منهنجو گلو خراب آهي ۽ جيڪڏهن مان ڪجهہ بہ پڙهندس تہ کنگهہ اُپرندي" پريس ڪلب جو هال ٻيءَ ڪنهن ميٽنگ لاءِ ڇئين بجي کان مخصوص رکيل هو ۽ هونئن بہ اُنهيءَ ننڍي هال ۾ سڀ آيل ماڻهو ماپي نہ سگهن ها. هونءَ تہ شايد بينظير بہ اچي ها، پر ساڳئي وقت ڪنهن هوٽل ۾ هن کي انساني حقن لاءِ آسٽريا حڪومت جي برونو ڪريسي انعام (Bruno Kriesky Awarad) ملڻ تي ڪائي تقريب رکيل هئي. ليڪن ٻيا ڪجهہ سياسي ليڊر اچڻا هئا. ايتري ۾ سپريم ڪورٽ جو اڳوڻو جج، جسٽس دوراب پٽيل، جنهن پٺي صاحب، تي پنهنجي اختلاف راءِ سان فتوي (Dissenting Judgement) ڏني هئي ۽ ان ڪري پنهنجي نوڪري وڃائي هئي، اچي ويو ۽ هن کي اسٽيج تي صدارت لاءِ سڏيائون. ان کان پوءِ مون کي ۽ ڪجهہ ٻين کي سڏ ڪري چيائون تہ "اسٽيج تي اچي ويهو" ٻيا اسٽيج تي سڏايل هئا: ڪوئٽا يونيورسٽيءَ جو سابق وائيس چانسلر پروفيسر ڪرار حسين، قومي محاذ آزاديءَ جو چيئرمين معراج محمد خان، جو ويجهڙائيءَ ۾ جي. ايم سيد سان سنڌ نئشنل الائينس ۾ شامل ٿيو آهي. پاڪستان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو نمائندو ڄام ساقي، جنهن ويجهڙائيءَ ۾ جي. ايم. سيد سان احتجاج ان ڪري ڪيو آهي، جو الائينس جا بہ ميمبر، محمود هارون ۽ الاهي بخش سومرو، مرڪزي وزير ٿاڦيا ويا آهن، غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي اين. پي. پي جو اهم رڪن ڪمال اظفر، عاصمہ جهانگير، اعتزاز احسن، افتخار جيلاني، اسلم اظهر، نسرين اظهر، ۽ زهرا دائودي، سيني شريعت آرڊيننس وغيره جي ۽ جنرل ضياءُ الحق جي خلاف نهايت شدت سان ڳالهايو. انهن نہ رڳو پاڪستان ۾ هندو، مسلم، سک،

عيسائي، پارسي وغيره جي هڪجهڙن حقن تي زور ڏنو پر ڪن تہ اهو بہ چيو تہ جي فرض ڪجي تہ شريعت ۾ اُهي قانون هئا، تڏهن بہ ڪين اهي قبول نہ هئا، چو تہ اُهي اقوام متحده جي تسليم شده حقن جي خلاف هئا. اهو بہ بار بار دهرايو ويو تہ "زالون هر ڳالهہ ۾ مردن جي برابر آهن ۽ ڪوئي بہ صحيح دماغ ماڻهو ان موضوع تي مُلن جا ويچار قبولڻ لاءِ تيار نہ آهي." برسات جي باوجود، پنڊال ۾ هزار کن زالون ۽ مرد ڪٺا ٿيا هئا. جلسي ۾ ڪيترائي اشتهار ورهايا ويا. جن مان هڪ ويجهيءَ چڪ ۾ گلگت ۽ بلتستان ۾ ظلمن جي باري ۾ هو جي اُتان جي عوام تي افغان مجاهدن ڪيا هئا. افغان مجاهدن ڪوشش ڪئي هئي تہ افغانستان جي پرسان اهڙي جاءِ حاصل ڪري وٺن، جتان هو افغانستان جي اندر وجي حملا ڪري سگهن، پر چاڪاڻ جو گلگت ۽ بلتستان جي مقامي ماڻهن سندن مخالف ڪئي هئي، گلگت ۽ بلتستان ۾ رتو ڇاڻ ڪئي وئي هئي، جنهن تي پاڪستان جي حڪومت چشم پوشي ڪئي هئي. اُن ڏس ۾ "گلگت ۽ بلتستان جمهوري محاذ" جو رسالو "جمهور" بہ ورهايو ويو. "بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن" بہ هڪ اشتهار.

"On shariat and Hudood ordinance and politico_ Constitutional Dilemmas of Pakistan."

ورهايو جنهن ۾ جنرل ضياءُ الحق جي غير جمهوري حڪومت، ملٽري بيورو ڪريسيءَ ۽ ملاشاهي گٺ جوڙ ۽ ملڪ جي گهڻ قومي، گهڻ، ثقافتي ۽ گهڻ مذهبي ڪردار کان انحراف تي نهايت سخت تنقيد ٿيل هئي." بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن" جو رسالو "سهب" بہ ورهايو ويو جنهن ۾ هوچي منهہ ۽ قومي جمهوري آزاديءَ تي چگيرڙا مضمون هئا.

مان اٽڪل 9 بجي رات جو موٽي آيو آهيان. لڳاتار برسات جون اوڙڪون وسي رهيون آهن. چاهيان ٿو تہ آندري گائيڊ Andre Gide وانگر روزنامچا (Journals) لکان، پر پهريون 25 جون کان (جڏهن کان مان ڪراچي آيو آهيان) اڄ تائين سربستو احوال لکان. هاڻي ڪجهہ ويسر ٿي پئي آهي، ۽ وقت پوي ٿو تہ گهڻو ڪجهہ وسري ٿو وڃي.

## 29 جولاءِ 1988ع

مان هونءَ ڪراچيءَ هر سال پهرين جولاءِ تي يا ان کان هڪ ٻه ڏينهن پوءِ ايندو آهيان، ڇو ته پهرين جولاءِ کان 7/6 آگسٽ تائين نه رڳو هاءِ ڪورٽ بند هوندي آهي، پر سيشن ڪورٽ کي به وئڪيشن هوندي آهي. هيل 22 جون تي منهنجي پٽ سليم ويانا مان فون ڪيو ته هو ۽ هن جي زال لُبنا 25 تاريخ تي موٽي رهيا هئا، ڇو ته لبنا جو پياءُ سهيل لاهور ۾ ڪار جي حادثي ۾ فوت ٿي ويو هو. سليم گذريل سال پوسٽ گرئجوئيٽ تعليم لاءِ ويانا ويو هو ۽ هُن کي غالباً پهرينءَ جون تي ڊپلوما ملي هئي، ان ڪري هن لبنا کي سير تفريح لاءِ گهرائي ورتو هو. لبنا جو سؤٽ، شوڪت خواجہ، بان (جرمني) ۾ وٽچ واپار ڪندو آهي، ۽ سندس مامي، محمود پروين ناروي ۾ پنهنجي مستقل رهائش اختيار ڪئي آهي. شوڪت جي ته زال به جرمن آهي. لبنا جو پياءُ، سهيل، جو لاهور ۾ ڪنهن خانگي فرم ۾ ملازم هو جون جي ٻئي هفتي ۾ ڪار جي حادثي ۾ گذاري ويو جڏهن لبنا سليم سان گڏ بان ۾ هئي. سهيل چئن پينرن جو هڪ ئي پياءُ هو ۽ ان ڪري مصلحتاً لبنا جي پيءُ لبنا کي فون تي اُهو اطلاع نه ڏنو هو. اهو سوچي ته متان لبنا کي بيحد صدمو پهچي ۽ هوءَ پرديس ۾ دلگير ٿي پوي. مون کي سليم وڏيڪ فون تي ٻڌايو ته لبنا جي پيڻ، نينا، جا مڙس سان گڏ قطر ۾ رهندي آهي، تنهن پنهنجي مامي کي ناروي ۾ اهڙو اطلاع فون ذريعي ڏنو هو ۽ هُن جي مامي جڏهن اهڙو اطلاع شوڪت خواجہ کي فون تي ڏنو ته هُن کي خبر نه هئي ته سليم ۽ لبنا شوڪت وٽ رهيل هئا. هو ٻئي اجا رڳو ويانا، بان، ڪلون، سئزرلينڊ، زورچ، جنيوا ۽ ميونخ گهمي سگهيا هئا،

تہ هُنن کي اطلاع ملندي ئي 25 تاريخ واپس ورٹو پيو (سليم روس کان سواءِ سارو يورپ اڳ ئي ڏسي چڪو هو). سليم سان منهنجي ننڍڙي پوٽي، نين تارا، بہ گڏ هئي، جا ٽن سالن جي آهي ۽ هن جي ماءُ هن کي پيار مان ”بِٽُو“ چوندي آهي. سليم 25 جون تي اچٹو هو ان ڪري مان ۽ زرينہ سکر مان شاليمار ايڪسپريس ۾ 25 تاريخ تي رزرويشن ڪرائي، پر چاڪاڻ جو لبنا روئي روئي بيحال ٿي پئي هئي، مون سليم کي ويانا فون ڪيو تہ هو اسان لاءِ نہ ترسي ۽ لبنا کي پيءُ ماءُ وٽ سڌو لاهور وٺي وڃي. مون اهڙو اطلاع هن جي سهري کي لاهور فون تي ڏيئي ڇڏيو جو اُتي ڪامرس ڪاليج جو پرنسپال آهي.

شاليمار ۾ اسان سان منهنجي ڏيءَ ياسمين، ۽ هن جون ڏيئر بہ گڏ هيون، جي حيدرآباد موٽي رهيون هيون. ياسمين، محمد ابراهيم جويي جي فرزند سان پرٹيل آهي، ۽ هن جي وڏي ڏيءَ روماسا، منهنجي اٺر هيٺ رهي آهي ۽ ڏاڍي ذهين آهي. ان ڪري اسان معمول وانگر بوئنگ ۾ رزرويشن نہ ڪرائي هئي ۽ هن پيري ڏيءَ ۽ ڏوهٽين سان گڏ شاليمار ايڪسپريس ۾ وياسين. روماسا تي اهو نالو بہ مون رکيو آهي. هوءَ يارهن ورهين جي آهي ۽ لکڻ پڙهڻ جو ڏاڍو شوق اٿس. حيدرآباد اسٽيشن تي منهنجو نياٹو مظفر جويو جو انجنيئر آهي، ياسمين ۽ پنهنجين ڏيئن کي وٺي ويو. مان حيدرآباد کان ڪراچيءَ تائين زرينہ سان ڳالهائيندو ويس. هوءَ ڪجهہ اگهي هئي ۽ هن کي دل جو دهڪو ٿي پيو هو. مون هن کي چيو تہ هينئر لهندي سج جا پويان پاڇاوان آهن، پر انهن کي بہ پنهنجي خوبصورتي آهي. سرءُ جي مند ڪنهن وقت تہ بسنت کان بہ پياري لڳندي آهي. هن زندگيءَ جو پل پل غنيمت آهي ۽ بهتر آهي تہ ان لاءِ انهيءَ قوت جو احسانمند رهجي، جا اسان کي هلائي رهي آهي. هينئر تہ پٽ ڏيئر، پوٽا پوٽيون، ڏوهٽا ڏوهٽيون آهن، جن جون زندگيون اسان کان پوءِ بہ هلنديون ۽ جڏهن پاڻ نہ هونداسين، تڏهن بہ جڙ انهن ۾ هونداسين. زندگيءَ جو سلسلو ايئن هلي ٿو ۽ بالآخر فتح زندگيءَ کي موت تي آهي ۽ نہ موت کي زندگيءَ تي. مون

هن کي چيو تہ منهنجي پوئين ڪتاب ”ٻڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان گهاٽي“ جي هڪ باب ۾ موت جو ذڪر ڪجهہ زياده آهي، پر اُن ۾ بہ مون انهيءَ سلسلي جو ذڪر ڪيو آهي، جو مون کان پوءِ بہ جاري ساري رهندو. ماهتاب محبوب اهو ڪتاب پڙهي، مون کي فون تي چيو هو تہ هن کي هيٺيون نظم پڙهي، اکين ۾ لڙڪ اچي ويا هئا:

ڪڏهن هوا دروازو کولي،
منهنجي گهر ۾ پيهي ايندي،
۽ مون کي ڪرسيءَ تي ڳولي،
مايوسيءَ سان موٽي ويندي،
منهنجيءَ ميز مٿان سوَ ڪاغذ
پکڙيل هوندا، آنءُ نہ هوندس!
گيت اڌورا، آنءُ نہ هوندس!
۽ ٻيو ڇاڇا، آنءُ نہ هوندس

مان ڀانيان ٿو تہ جڏهن هوءَ بہ چار مهينا اڳ منهنجي گهر سکر آئي هئي، تڏهن هن منهنجي ڪاڏي جي ميز تي ڪيئي ڪتاب، نوٽ بوڪ ۽ پنا ڏٺا هئا. مان انهيءَ ميز تي لکندو بہ آهيان ۽ مانيءَ وقت ڪتاب سوري پوري، پليٽون بہ رکندو آهيان (اها عادت مون ۾ حشو ڪيولراماڻيءَ مان پئي هئي. هن جي فليٽ ۾ چوڌاري ڪتاب، رسالا، اخبارون، جنڊيءَ ۽ ڪاشيءَ جون شيون، جهونا سِڪا وغيره پيا هوندا هئا ۽ هو اُهي سوري سمهڻ لاءِ جاءِ ٺاهيندو هو. اُها لا اُبالي زندگي Bohemian life مون کي اڄ تائين وڻندي آهي) پر اُهو زندگيءَ جي لازمي خاتمي جي پوڙن جنهن جو ذڪر مون مٿئين نظم ۾ ڪيو آهي، مون ۾ ٿورو وقت هلندو آهي ۽ ڪنهن صوفيءَ وانگر فنا جو تصور منهنجي زندگيءَ تي هميشہ لاءِ ڇانئجي نہ ويندو آهي. مون شاليمار ايڪسپريس ۾ ڪجهہ پنجابي ڇوڪريون ڏٺيون، جي اسان جي پرسان ويٺيون هيون. جوانيءَ کي ڪيتري نہ ڪشش آهي! هڪڙي تہ رقيہ عتيق وانگر هئي، جا مون کي منهنجي دوست، احمد سليم، واقف

ڪرائي هئي. هُن کي شفتالوءَ جهڙا ڳل هئا ۽ هُن جي اکين ۾ ڪتڪليءَ جي ويدنا هئي. هڪ ڀيري اسين اسلام آباد ۾ راول ڊئم تي ڪشتيءَ ۾ ويٺا هئاسين. هُن مون کان روس جي سفر جي باري ۾ تي پڇيو تہ مون هُن کي ڳالهيون ڪندي ٻڌايو تہ روس جون عورتون ايئن آزاد هيون، جيئن هوا ۾ پکي هوندا آهن. هڪ ڀيري اسان سمرقند کان تاشقند وڃي رهيا هئاسين تہ ڏٺوسين تہ تاجڪ مزدور عورتون هڪ ترڪ ۾ ڳائيندي‌ون نچنديون تي ويون. بانوءَ قدسيہ هنن کي هٿ ڏيکاري ترڪ بيهاري، ۽ اسان جي ٽئين همسفر، خاطر غزنويءَ، هنن کي پارسيءَ ۾ چيو تہ "مهرباني ڪري اسان کي ترڪ مان لهي نچي ڏيکاريو!" اُن تي هو ترڪ مان لهي، زمين تي نچڻ لڳيون هيون! مان ڄامشوري ۾ ايئن پکي گدامڙيءَ جي وڻ تي نچندا ڏٺا هئا. اجهل، بي پرواهہ، بي فڪر ۽ آزاد! ان کان پوءِ مون هُن کي پنهنجي روسي گائيڊ، ارينا، جي باري ۾ ٻڌايو. هوءَ "ڏارين ٻولين جي اداري" (Institute of Foreign Languages) جي گرئجوئيٽ هئي ۽ ڪجهہ وقت فرانس ۾ روسي سفارتخاني ۾ رهي هئي ۽ پاسترناڪ جو ناول "ڊاڪٽر زواگو" فرانسيسي ترجمي ۾ پڙهيو هيائين. مون جڏهن هُن سان پاسترناڪ جي ناول ۽ شاعريءَ تي ڳالهايو تہ هوءَ واتڙي تي وئي ۽ حيران تي چيائين: "تو سنڌ ۾ رهي پاسترناڪ جو ايترو گهرو مطالعو ڪيئن ڪيو آهي!" پوءِ اسان روسي شاعريءَ تي وڏيڪ گفتگو ڪئي ۽ آندريئي ووزنيسينڪي، رسول حمزاتوف، اِيوگيني يوتوشينڪو وغيره جي شاعريءَ تي ڳالهايو مون هن کي ٻڌايو تہ ائنا اختمووا تي لينن گراڊ جي گهيراوَ ۾ ڇا گذريو هو ۽ شاعر مينڊلستام کي ڇو اسٽالن مارايو هو. اهو ٻڌي هوءَ مون سان ڪافي گهري تي وئي ۽ اسان تاشقند هوٽل جي ڪمري ۾ روسي شئمپين بہ پيئندا رهياسين ۽ شاعرن، سرگيئي يسينن ۽ ولاديمير مايا ڪوفسڪيءَ ۽ اَلڪساندر بلوڪ، جي دور ان جي افراتفريءَ ۽ نئين ماحول ۾ ڪُپڻ جي نهايت ڏکيءَ ڪوشش تي اڌ رات تائين ڳالهائيندا رهياسين. شئمپين جي ٽين بوتل آرينا جي

چهري تي موتئي جي گلن وانگر ترڙي پئي هئي ۽ روسيءَ ۾ ڪجهه ڳالهائيندي هن منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وڌيون هيون. اهو ڏٺي، رقيہ عتيق★ مون کي ٿورو رڪائيءَ سان چيو هو: ”مون کي معلوم نہ هو تہ تو ۾ ايتري "Male Chavinism" آهي.“ ۽ مان اهو ٻڌي لڄي ٿي ويو هوس. شاليمار ايڪسپريس ۾ مون اُن وقت سوچيو تہ ڪي جڏهن هم عمر خوبصورت ڇوڪرين کي ڏسندا هوندا تہ اهي هُنن کي هڪجهڙيون لڳنديون هونديون، جيئن اسان کي رنگين جهرڪيون (Canaries) هڪجهڙيون لڳنديون آهن، پر جي اُنهن کي ويجهو وڃي ڏسبو تہ انهن جون طبيعتون ڪيتريون نہ مختلف لڳنديون! ڪيئن نہ راحت مون کي هڪ ڀيري ٻسرايو هو: ”تون ڇا ٿو سمجهين، مون وسڪي نہ پيتي آهي يا ڪنهن غير مرد سان وقت نہ گذاريو آهي؟ مان پيڻ ڏي سائوٿ آفريڪا پاٽيءَ جي جهاز ۾ وڃي رهي هيس ۽ هڪ انگريز سان اڌ رات تائين هن سان ڪئبن ۾ وسڪي پيتي هيم.“ اهو چئي، هُن مُرڪي، پنهنجي چوٽي منهنجي مُنهن سان گسائي هئي. هوءَ چڱي مصور هئي، مان هن جي بيحد عزت ڪندو هوس، پر جڻ تہ هن کان اهو ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هيم تہ هُن اڪيلو اڌ رات تائين ڪنهن غير مرد سان جهاز جي ڪئبن ۾ وسڪي پيتي هئي. مان جنهن پاڻ اهو گناهہ ڪيئي ڀيرا ڪيو هو! اُن وقت مون اهو محسوس ڪيو هو تہ هوءَ ساري منهنجي نہ هئي ۽ پنهنجو ڪجهہ حصو ٻئي ڪنهن وٽ ڇڏي آئي هئي. زندگي ڪيتري نہ تيزيءَ سان گذري ٿي وڃي! شاليمار ايڪسپريس جي رفتار تہ ڪجهہ بہ نہ آهي! ايڊگرايلن پو جو نظم "Never More" منهنجي ڪنن ۾ گونجڻ لڳو. فقط يادگيريون ويهي رهن ٿيون ۽ اُهي من ۾ ايئن رهن ٿيون، جيئن ٻانديون ٻار ۾ لُڙهنديون ويندون آهن ۽ نيٺ ڪنهن ڪُن ۾ ڦيراٽيون کائي غرق ٿي وينديون آهن. مون سوچيو تہ ڇا اهڙو بہ ڪوئي انقلاب آهي، جنهن جي اچڻ کان پوءِ ڪڏهن بہ انسان جي

---

★ مون پاڪستاني نالا ٿورو ڦيرايا آهن

چپن تي ٽنڊو ساهه نه اچي! رشيد پنهنجي مري ويو. هن جي چاليهي تي رسول بخش پليجي جي رفيق، عالم شاهه، مون کي چيو ته "روئڻ اجايو آهي. هن موت کي قوت ۾ بدلايو وڃي!" مون دل ۾ چيو "تون هن جي موت کي قوت ۾ پلي بدلاءِ. خود رشيد پنهنجي به ايئن چاهي ها. هو سمجهندو هو ته زندگي پنهنجي ليکي بي معنيٰ آهي ۽ ان ۾ انسان کي معنيٰ پاڻ پيدا ڪرڻي آهي، ۽ تون سمجهين ٿو ته موت پنهنجي ليکي بي معنيٰ آهي ۽ ان ۾ معنيٰ پيدا ڪرڻي آهي. پر مون لاءِ بي ڳالهه زياده اهم آهي. رشيد پنهنجي مري ويو. ڪيڏانهن ويو ورئي موٽي به ايندو يا نه!"

اِهي ئي خيال هئا، جي ماهتاب محبوب کي "ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي" جي ڪجهه نظمن ۾ نظر آيا هئا. پر اِهو سوداءُ مون ۾ ٿوري وقت لاءِ رهندو آهي ۽ وري زندگيءَ جو سفر شاليمار ايڪسپريس وانگر تيز هلندو آهي. اجا تائين منهنجي فرائڊ (Freud) ۾ اڳي وانگر دلچسپي آهي. آئڊلر (Adler) ۽ انسان جي نفسيات ۾ اختيار جي هَوس ۾ منهنجي دلچسپي رڳو ايتري آهي ته جي به صاحبِ اختيار آهن، انهن جون منشائون ۽ مقصد سمجهي سگهان. باقي جُنگ (Jung) جي نفسيات ۾ منهنجي دلچسپي وڌي وئي آهي ۽ هن جي زندگيءَ جي آخري گهڙين تي هن جو لکيل ڪتاب مون ڏاڍي ڌيان سان پڙهيو آهي ۽ جي واقعا هن جي زندگيءَ ۾ آيا هئا، پر حل طلب آهن، انهن تي سوچيندو رهيو آهيان. ڇا، حالات جو اڳ ۾ علم ( Pre_Cognition of events) هڪ حقيقت آهي؟ ماديت جو فلسفو ته اِن کان بنهه انڪاري آهي، ڇو ته حالات جو اڳ ۾ علم تڏهن ٿي سگهي ٿو ته پوءِ ماضي، حال، مستقبل ساڳئي وقت موجود آهن. ۽ اسين وڃي تصوف جي ڪنهن اوڙاهه ۾ ڪرون ٿا. پر جُنگ (Jung) وانگر ڪيترين ئي ڳالهين منهنجي زندگيءَ ۾ آيون آهن، جي حل طلب آهن. مثال طور روشن منهنجي گهري دوست هئي. ايئن چئجي ته هوءَ منهنجو پهريون پيار هئي. هن جي شادي ڪراچيءَ ۾ ٿي چڪي هئي، جتي هوءَ رهندي هئي ۽ سال ڏيڍ ۾ هڪ پيرو ماءُ وٽ شڪارپور ايندي هئي. هڪ پيري مان

سکر کان جيڪب آباد ڪنهن قتل جي مقدمي هلائڻ لاءِ ويو هوس. جڏهن جيڪب آباد کان موٽندي سکر-شڪارپور جي چوڏڱيءَ وٽ پهتس تہ مون ڊرائيور کي چيو تہ هو شڪارپور روشن جي گهر ڏانهن هلي. جيتوڻيڪ ايئن سمجهڻ لاءِ ڪو بہ سبب نہ هو, پر مون کي پڪ هئي تہ هوءَ شڪارپور آئي هئي. هوءَ ويجهو آمريڪا مان موٽي هئي ۽ مون کي ڪجهہ تحفا بہ موڪليا هئائين, ان ڪري مون پانيو هو تہ هن جو غصو مون تي گهٽجي ويو هوندو جو هن کي منهنجي بي وفائيءَ تي هو. مان هن جي گهر ويس تہ هوءَ موجود هئي, پر هن کي اجا تائين مون تي غصو هو ۽ مون سان رخ ڏيئي نہ ڳالهايائين. روشن مون لاءِ چڻ شڪارپور هئي. اُهي باغ جن ۾ ڪيئي ڪرني جا وڻ هوندا هئا, جن ۾ تيز خوشبو هوندي هئي, اُهي کوهن تي نار ۽ انهن جي پرسان توت ۽ شهتوت, جي وڻن تي طوطن ۽ هيڙهن جون اڏارون, مينهن جي واڙن ۾ تازي کير جا گوها ۽ اُنهن جي هيٺان رکيل ٽامي جون باٽليون, ۽ اُهي رابيل جون ڪنديون, جي هر شام مان هن لاءِ وٺي ويندو هوس, جڏهن هوءَ مون سان گڏ پڙهندي هئي. روشن وٽان موٽڻ وقت ۽ ان جي ٻئي ۽ ٽئين ڏينهن تي, مون کي هن جو سوداءُ هو ۽ ان تي ڏک بہ هو تہ مان هُن سان دل کولي ڳالهائي نہ سگهيو هوس. ان ڳالهہ جي چوٿين ڏينهن منهنجي هڪ دوست جي سکر مان ڪراچيءَ بدلي ٿي. اسان اُن رات گڏجي ماني کاڌي ۽ مان هن کي پنهنجي ڪار ۾ روهڙي ريلوي اسٽيشن تي چڙهڻ ويس. مان اجا پليٽ فارم تي بيٺو هوس تہ مون روشن کي ويٽنگ روم مان ايندي ڏٺو. هوءَ ڪراچيءَ واپس وڃي رهي هئي. جڏهن گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺي تہ مان هن جي ڪِرِ ويس ۽ گاڏي جي در ۾ هٿ وجهي هن کي سڏ ڪيم: "روشن!" هوءَ مون کي ڏسي لهي آئي ۽ مون کي چيائين: "تون پيٽل آهين. هتي ريلوي اسٽيشن تي تماشو وجهندين ڇا؟ دراصل مون کي اجا توتي ڪاوڙ آهي. هاڻي مان شادي شده آهيان, مون مان ڇا ٿو چاهين؟" مان شڪي ٿي, هن جي گاڏي کان هٽي ويس.

انهيءَ کان پوءِ روشن کي سنڌ سرڪار سريلنڪا موڪليو هو جتان موٽي، هوءَ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي رهي هئي. منهنجو دوست ڪهاڻيڪار شيخ حفيظ، روشن سان اڪثر ملندو رهندو هو. ٽن چئن مهينن کان پوءِ مان هاءِ ڪورٽ ۾ ڪوئي ڪيس هلائڻ لاءِ ڪراچيءَ ويس، جتي شيخ حفيظ مون کي ٻڌايو ته روشن تمام تيزيءَ سان پنهنجي آتم ڪهاڻي پوري ڪري رهي آهي، جنهن تي مون هن کي چيو: ”اچا ته حياتي پئي اٿس، ايڏي تڪڙ ڇالاءِ؟ پوءِ مون هن کي روشن لاءِ نياپو ڏنو. ٻئي ڏينهن تي حفيظ چيو ته هُن کي سخت بخار هو ان ڪري هُن ڪيس نياپو نه ڏنو هو. مان ٽئين ڏينهن تي سکر موٽي وڃڻ وارو هوس. سامان ٽئڪسيءَ ۾ رکائي، مون حفيظ کي چيو ته ”هل ته ڪاري در روشن جي گهر هلون!“ جڏهن ٽئڪسي ڪاري در وٽ پهتي، تڏهن حفيظ چيو ته ”تون اتي ٽئڪسيءَ ۾ ترس، مان هن کان پڇان ته توکي مٿي وٺي اچان يا هوءَ پاڻ توسان گهر جي پنئين دروازي کان ملندي،“ ٿوريءَ دير ۾ هو موٽي آيو ۽ چيائين: ”هن کي ته هوش ئي ڪو نه آهي ۽ هوءَ بخار ۾ وٺلي ٿي. مون کي مناسب نه ٿو لڳي ته تون مٿي هلين.“ مون روشن جي گهر کي ايئن ڏنو جڻ ان کي آخري پيرو ڏسي رهيو هوس. ريل ۾ مون کي ساري رات ننڊ نه آئي هئي. سکر ۾ ٻئي ۽ ٽئين ڏينهن مان صبح شام پيئندو رهيو هوس. ٽئين ڏينهن شام جو مون وٽ رشيد ڀٽي ۽ مقبول صديقي آيا ۽ چيائون ته ”رات ڪراچيءَ ٽا وڃون ڪو ڪم هجيئي ته ٻڌاءِ.“ مون هنن کي چيو ته ”مون کي سوداءَ ٿي پيو آهي ته روشن مري ويندي، جڻ ته مون کي ان ڳالهه جو علم سابقه آهي. * اوهين پهچڻ شرط شيخ حفيظ کي چئجو ته هو مون کي هن جي صحت جي باري ۾ تار ڪري،“ ٻئي ڏينهن تي مان پنهنجي آفيس ۾ وينو هوس ته شام جو حفيظ جي تار پهتي:

”گل مرجهائجي چڪو آهي. ڏاڍي دير ٿي وئي آهي.“

---

* علم سابقه، اڳيات پريرٽا (Pre_Cognition of events)

روشن ڦوهہ جوانيءَ ۾ مري چڪي هئي. اُن وقت تہ مون لاءِ چڻ ڪائنات جو انت ٿي چڪو هو. پر ڇا، هڪ ڀورڙي ڇوڪري ڪائنات جو انت ٿي سگهي ٿي؟ رابيل جا گل اُن ڪانسواءِ بہ رات جو تڙڳي ٿي پيا ۽ پرهہ جو پوپٽ ساڳيءَ ريت اُڏري رهيا هئا!

مون ٿڌو ساهہ ڀري سعديءَ جي غزل مان هينيون سٽون جهونگاريون:

"اي ساربان آهسته ران کارام جانم می رود
وان دل که باخود داشتم، بادلستانم می رود
من مانده ام مهجور ازو بیچاره و رنجور ازو
گوئی که نیشی دور ازو در استخوانم می رود."

(اي اوٺار آهستي هل، جو منهنجي جان جو آرام وڃي ٿو
جيڪا دل مون وٽ هئي، اها دل جي لٽيندڙ سان گڏ وڃي ٿي
مان هن کان نہ رڳو وڇوڙيل رهيو آهيان، پر ويچارو ۽ ڏکارو بہ رهيو آهيان،
چڻ تہ هن کان ڀري رهي ڀيڙا منهنجي هڏن جي مِک تائين پهتي آهي.)

ريل گاڏي "مستفعلن متفعلن" ڪندي، جنگشاهي ٽپي چڪي هئي. هڪ ٻي تصوير اکين اڳيان اُڀري آئي. بارش پئجي رهي هئي. اسان گل مهر جي وڻ هيٺان بيٺا هئاسين، تہ راحت مون کي چيو هو:"سچ ٻڌاءِ، تون مون ۾ روشن تلاش ڪري رهيو آهين، تون مون سان محبت ٿو ڪرين يا روشن جي اولڙي سان ٿو ڪرين!" "چريا! روشن کي مُئي ڪيئي سال ٿيا. هوءَ مون کان وسري چڪي آهي. تون پنهنجي ليکي حقيقت آهين. تنهنجو روشن سان ڇا؟" راحت مون سان ڪيڏو وقت گڏ گذاريو هو! مون کي اڄ بہ اها رات ياد آهي، جڏهن ڀٽ شاهہ تي هوءَ مون سان ويٺي هئي ۽ علڻ فقير منهنجي وائي ڳائي هئي:

عشق اسان وٽ آرائينءَ جئن آيو جهول ڀري!
ڪوئي ڪيئن ڪري!!

۽ هوءَ سچ پچ منهنجي زندگيءَ ۾ موتين ۽ مُگرن جون جهوليون ڀري آئي هئي، جن جي هڳاءَ ۾ مان اڃا تائين ويڙهيل آهيان. صبح جو

هلڪي بارش پئجي رهي هئي. جڏهن مون سان راحت جي پهرين ملاقات ٿي هئي. مون کي ايئن محسوس ٿيو هو تہ اهو تقدير ۾ اڳي طئي ٿيل هو تہ اسين ملون. جڏهن مون هن کي ڏٺو. تڏهن مون ڀانيو تہ اها هيءَ ئي آهي. جنهن کي مان ڪيتري وقت کان ڳولي رهيو آهيان. هن کي ڏسي جڻ منهنجو تن من جرڪي اٿيو هو. هوءَ ساندهہ چار سال منهنجي ڪُنڊيءَ ۾ ڦٿڪندي رهي هئي ۽ پوءِ اها ڪُنڊي اوچتو ڪٽجي وئي ۽ هوءَ درياهہ جي لهرين ۾ ترندي دور هلي وئي هئي. پر مون هن جو قرض چُڪايو آهي ۽ هن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ امر بڻائي ڇڏيو آهي. مون ”رڻ تي رم جهم“ ۾ هن تي اسي ڇهہ ستا لکيا آهن. پر اڃا تائين هن جو قرض مون تي آهي ۽ مان سوچيان ٿو اهو قرض ڪيئن لاهيان؟ ڪنهن وقت مان سوچيندو آهيان تہ مان حجاب لاهي ڇو نہ ٿو لکان؟ محبوبائن جا ڪڏهن ڪڏهن نالا ڇو ٿو ڦيرايان؟ روسو کي صديون گذري ويون آهن. پر مون ۾ هن جيتري جرئت بہ پيدا نہ ٿي آهي! ڇا. مان هن سماج جا پرخچا اڏائي نٿو سگهان؟ ڇا مان جاگيرداري دور مان اڃا نہ نڪتو آهيان؟ پنهنجي عشق کي ويڙهي سيڙهي، مان عورت کي پرده نشين ڪري ڇو ٿو پيش ڪريان؟ ڇا. مان هنن جي امانت ۾ خيانت ڪرڻ کان گهبرايان ٿو؟ ڇا سچو سچ لکڻ خيانت آهي؟ نہ معلوم مون ۾ سرمد وانگر برهنگيءَ جي جرئت ڪڏهن پيدا ٿيندي؟ گاڏي جهٽڪو ڏئي، جهمپير وٽ بيٺي. سامهون اڄ جي حقيقت ويٺي هئي. ان سان مون ساري زندگي گذاري هئي ۽ هن کي اڃا پئجي ويا هئا! منهنجي پٽ انيس جڏهن دبئي ۾ ماءُ جي تصوير (ڪلاش پرڪاش) کي ڏيکاري هئي تہ هوءَ ڪيس ڏاڍي وڻي هئي. زرينہ پيريءَ تائين هڪ خوبصورت عورت رهي آهي. هن کي ڪاريون گهريون هڪ مصور جي خواب وانگر اکيون آهن. اسان جي گهر جڏهن سندري ۽ اُتم آيا هئا تہ سندريءَ کي زرينہ تي ڏاڍو پيار آيو هو ۽ جڻ تنبيهہ لاءِ هن مون کي بمبئيءَ مان هڪ ڪتاب Tolstoy's Wife پوسٽ ذريعي موڪليو هو جنهن ۾ ڏيکاريل هو تہ تالسٽاءِ

جينيس (Genius) تہ هو، پر هن سان هن جي زال جو گذارو ڪيترو نہ ڏکيو هوا!

ڪيڏا ماڻهو منهنجي زندگيءَ ۾ آيا آهن؟ ڪيڏا ڇهرا؟ ڪيڏيون هٿ جون ريکائون؟ هر ڪنهن جو پنهنجو دڳ آهي، هر ڪنهن جو پنهنجو ماڳ آهي. هيءَ زرينہ جا اينجلز جي ڪتاب ( Origin of Family) کي ثابت ڪري رهي آهي. اجا مون سان ساٿ آهي. رڳو زندگيءَ جي آخري استيشن تي ڪوئي ڪنهن جو ساٿ نہ ٿو ڏئي. هر ڪو پنهنجي دڳ هليو ٿو وڃي. ڪيڏانهن؟ ڪيڏانهن؟ اهو جواب ڏسجي تہ روس جا سائنسدان "Perestroika" کان پوءِ ڪهڙو ٿا ڏين!

انيس ڪراچي استيشن تي يارهين بجي رات جو بيٺو هو. هن جا پٽ شيري (شهريار) ۽ سني بہ هن سان گڏ بيٺا هئا. ڪار ۾ هن جي گهر پهتاسين. هن جي زال حِنا کي کيڪر ڪري، مان بتي وسائي سمهي رهيس.

مان ٻئي ڏينهن تي Thomas and Thomas واري ڪتاب گهر تي ويس، جنهن جو مالڪ سفارتڪار صمد شاهين جو پاءُ ۽ اردوءَ جي مشهور افسانہ نويس ممتاز شيرين جو پيٽويو آهي. جوانيءَ ۾ صمد شاهين ۽ ممتاز شيرين سان منهنجي پهرين ۽ آخري ملاقات بيچ لگزري هوٽل ۾ ٿي هئي، جتي اسان برصغير جي ادب تي تفصيلي گفتگو ڪئي هئي، جنهن جي باري ۾ مان ڪنهن ٻئي پيري لکندس. ان وقت مان ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندو هوس ۽ اڪثر شامون بيچ لگزري هوٽل ۾ گذاريندو هوس، جو سمنڊ جي ڪناري تي آهي." مون تامس اينڊ تامس تان ڏهہ ٻارهن ڪتاب ورتا. انهن ۾ چيڪو سلوواڪيا جي شاعر، جئروسلوف سيفرٽ (Jaroslov Seifert) جي چوند نظمن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو بہ هو جنهن تي هن کي 1984ع ۾ نوبل انعام مليو هو. ٻين ڪتابن ۾ فلسطين جي جلاوطن شاعر، محمود

درويش، جي منتخب نظمن جو انگريزي ترجمو روسي اديب، اوان بيونن (Ivan Bunin)، جون ڪهاڻيون، ۽ شوا نيپال ۽ نين تارا سهگل جا ڪجهه ڪتاب هئا.

مون سيفرت ۽ محمود درويش کي نه پڙهيو هو. محمود درويش جي ڪتاب جي سرورق جي پٺئين پاسي هيٺيون نظم هو جنهن منهنجي حال جي ترجماني تي ڪئي:

”بہ پريمي
پنهنجو دگ ڳولي لهن ٿا
هو هڪ ڳجهي نئين ڳولي لهن ٿا
۽ هڪٻئي کي چون ٿا
واريءَ جي پکيڙ ڪيتري نہ ٿوري آهي!“

اوچتو مون کي هوءَ ياد آئي، جنهن جو سرير سسئيءَ جي تازي ڏوتل بجڪي وانگر تي لڳو جنهن ۾ درياهہ جي تڏاڻ هئي ۽ جنهن سان مان دل کولي ڳالهائي بہ نہ سگهيو هوس ۽ جا اڄ بہ مون کي ايئن ويجهي آهي، جيئن منهنجي مستقبل جو تصور مون کي ويجهو آهي.

اندر ڪتاب ۾ مون کي محمود درويش جي شاعري ڪافي وڻي. دراصل شاعري جيترو ڪنهن پيڙا جو پڙلاءُ ٿئي ٿي، اوترو ئي اها اوچائيءَ تي پهچي ٿي ۽ ان ۾ مهانتا اچي ٿي. محمود درويش 1943ع ۾ فلسطين ۾ ڄائو هو ۽ جڏهن هو ڇهن ورهين جو هو تہ اسرائيلي فوج هن جي ڳوٺ، آلبروا، کي تباهہ ڪيو هو. هو جو پنهنجي ديس ۾ پرديسي هو گئليليءَ ۾ اچي رهيو هو ۽ لڪڻ لڳو هو. هن حيفا ۾ صحافي تي ڪم ڪيو هو پر جيئن جيئن هن جي شاعري مقبول عام ٿيندي وئي تيئن تيئن اسرائيلي فوج هن سان اُچائي ڪنيو. ان ڪري 1970ع ۾ محمود درويش کي ديس ڇڏڻو پيو ۽ بيروت ۾ ڪنهن رسالي جي ايڊيٽري ڪيائين. 1982ع ۾ لبنان تي اسرائيلي حملي کان پوءِ هُن کي بيروت بہ ڇڏڻو پيو. هاڻي هو جلاوطنيءَ ۾ يورپ ۾ رهندو آهي، ۽ ”الڪارمل“ رسالو ڪيندو آهي. محمود درويش هن وقت عربيءَ جو نهايت با اثر

شاعر آهي. نظمن جا يارهن ڪتاب ۽ نثر جا پنج ڪتاب تخليق ڪيا اٿائين. هن کي لينن انعام سوڌا ٽي بين الاقوامي انعام مليا آهن. مون کي مٿئين مجموعي ۾ هڪ نظم جو هينيون بند ڏاڍو وڻيو:

دنيا
ڪنهن سنهڙيءَ چيلهه مان
تلوار جي پار وڃڻ کان به
وڌيڪ ننڍي آهي
۽ هڪ پيغمبر جي خيمي کان به
وڌيڪ ڪشادي آهي.
مان پنهنجي پنيان به ڪنهن کي نه ٿو ڏسان،
پنهنجي اڳيان به ڪنهن کي نه ٿو ڏسان،
مان ميڙ ۾ اڪيلائي ٿو محسوس ڪريان،
منهنجو ديس، منهنجو پوين لڪيل نظم آهي."

جڻ ته هن منهنجي ساري ڪتاب "ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي" کي هڪ سٽ ۾ سمايو آهي: "منهنجو ديس منهنجو پوين لڪيل نظم آهي."

1986ع ۾ چيڪوسلوواڪيا جي شاعر، سيفرٽ، جو انگريزي ترجمو اڃا ڇپجي رهيو هو ته هو نمونيا ۾ مري ويو. 1984ع ۾ جڏهن هن کي نوبل پرائيز مليو ته چيڪو سلوواڪيا کان ٻاهر ماڻهو هن جي نالي کان به واقف ڪو نه ها. هو چيڪو سلوواڪيا جو قومي شاعر هو ۽ اُتان جو عوام يورپ جي ٻين قومن کان وڌيڪ شاعريءَ سان محبت ڪندو آهي. چيڪ قوم جا ماڻهو جيتوڻيڪ فقط ڏهه ملين آهن، تڏهن به چيڪو سلوواڪيا ۾ شعر جا ڪتاب آمريڪا کان گهڻو وڌيڪ ڇپبا آهن، توڙي آمريڪا ۾ ويهه ڀيرا وڌيڪ ماڻهو رهندا آهن. آمريڪين کان پنجاهه ڀيرا وڌيڪ چيڪ ماڻهو شاعريءَ جا ڪتاب خريد ڪندا آهن. جڏهن سيفرٽ ڏاڍو بيمار هو ته ڪيئي هجوم هن جي گهر جي ٻاهران ڪٺا ٿي ويا هئا. چيڪ شاعر نه رڳو محبت،

فطرت ۽ موت جي باري ۾ نظم لکندا آهن. پر انهن مسئلن ۽ تنازعن تي بہ لکندا آهن، جن ۾ عوام جي دلچسپي هوندي آهي. سيفرت جي شاعريءَ پنيان چيڪ ادب جي لنبي تاريخ آهي. وچولو دور (ازمنہ وسطيٰ: Middle Ages) سترهين صدي، رومانوي دور ۽ اڻويهين صديءَ جو پويون حصو. جديد چيڪ شاعريءَ ۾ تصور ۽ جذبات جو اظهار پنهنجي ڪمال تي آهي. پهرين جنگ عظيم (18_1914ع) اجا پوري نہ ٿي هئي ۽ چيڪوسلوواڪيا اجا آسٽريا، هنگريءَ جو هڪ صوبو هو تہ 13، 14 ورهين جي عمر ۾ سيفرت پنهنجا پهريان نظم لکيا هئا، جن ۾ پرولتاريت سان همدرديءَ جو اظهار هو ۽ جي نراجووادي (Anarchistic) هئا. جڏهن چيڪوسلوواڪيا 1918ع ۾ خودمختيار ٿيو تڏهن هو سوشل ڊيموڪرئٽڪ پارٽيءَ ۽ پوءِ 1921ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر ٿيو. سيفرت جي نظمن جو پهريون مجموعو ”لڙڪ لاڙيندڙ شهر“ پهريون پرولتاري مجموعو هو ۽ هو هر سياستدان کان وڌيڪ چيڪ عوام تي اثر انداز ٿي رهيو هو.هن جي شاعريءَ ۾ محبت کي انقلاب کان بہ وڌيڪ اهميت هئي، جنهن تي ترقي پسند هن جي نظمن تي اعتراض ڪندا هئا. مثال طور هھڙا نظم:

”محبت وڏي شيءِ آهي
اوهين ڏسندا
تہ جڏهن ساريءَ وسيع دنيا ۾ انقلاب اچي ويندو
تڏهن بہ سائي گاھہ تي
پيار ۾ جوڙا هڪٻئي جا هٿ جهلي
۽ هڪ ٻئي تي ڳات رکي ويٺا هوندا.“

هن جي شاعريءَ ۾ محبت سان گڏ نفرت جو اظهار بہ هو. نفرت، جا هن کي موجوده ماحول سان هئي، ۽ محبت، جا آخر ۾ انسان کي انسان سان ڪرڻي آهي. انقلاب هن جي نظر ۾ مستقبل جي خوشيءَ جو سرچشمو هو: جا نہ نظم آهي!

”مون کي هڪ ڪڙڪي آهي

جنهن مان بسنت ايئن ترندو ايندو آهي
جيئن ڪائي بيڙي ٻاڙهيءَ جهنديءَ سان
درياهہ ۾ ترندي آئي هجي،
مون کي هڪ ڪُتڙو آهي،
جنهن کي انسان جهڙيون اکيون آهن،
مون کي هڪ نيرو نوٽ بُڪ آهي،
۽ ان ۾ آهن
ٽيٽيهہ خوبصورت ڇوڪرين جا نالا.

پر مون کان اهو نہ وسرندو
تہ مون وٽ بوٽ پالش جي هڪ خالي دٻي بہ آهي،
۽ هڪ اُداس، سڪل گُلن جي ڪونڊي بہ
منهنجيءَ دريءَ جي چؤڪٺ وٽ رکي آهي
۽ منهنجي ڪوٽ جي ڪاج ۾ هڪ گُل بہ آهي،
۽ منهنجي دل ۾ لڙڪ آهن.“

هُن آرٽ کي زندگي ۽ زندگيءَ کي آرٽ بڻائڻ چاهيو. 1929ع ۾ هن جو چيڪ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ثقافت جي اظهار تي اختلاف ٿي پيو ۽ هن کي پارٽيءَ مان ڪڍيو ويو. پوءِ هن جا شاعريءَ جا ڪيترائي ڪتاب ۽ الڪساندر بلوڪ، اپالي نيئر، پال ورلين،* نرودا** وغيره جا ڪيل ترجما ڇپيا.

1937ع ۾ هن جي شعر جو ڪتاب ”اٺ ڏينهن“ چيڪو سلوواڪيا جي پهرئين پريزيڊنٽ ٿامس مسارڪ (Thomas Masaryk) (جو راج نيتيءَ جو ڄاڻو ۽ فيلسوف هو ۽ چيڪو سلوواڪيا جي جمهوري آزاديءَ جي علامت بہ هو) جي موت تي غم جو اظهار هو. جڏهن 1938ع ۾ نازي جرمنيءَ چيڪو سلوواڪيا کي قبضي هيٺ

* پال ورلين ۽ اپالي نيئر: فرانس جا مشهور شاعر
** نرودا، پيبلو نرودا: چليءَ جو شاعر

آندو تہ ھن جو مجموعو "بتيون وسائي ڇڏيو" ڇپيو. ٻي جنگ عظيم هلنديءَ، سيفرت شاعريءَ جا ٽي جلد ڇپايا ۽ قوم جي پڪ ڪئي وڏيڪ پڪو ڪيو تہ "جيئڻو آهي، تہ خودداريءَ سان جيئڻو آهي!" 1939ع-1945ع واري دور ۾ هو قومي شاعر سمجهڻ ۾ آيو. اُن وقت هن، جا خطرناڪ زندگي گذاري هئي، اُها هن جي "سرگذشت" ۾ ڏنل آهي.
1956ع ۾ جڏهن اسٽالن جي موت کان پوءِ سوويت يونين ۾ تحرير جي وڏيڪ آزادي ڏني وئي، تڏهن هن چيڪوسلوواڪيا جي اديبن جي يونين جي ڪانگريس* ۾ چيو: "اسين پنهنجي عوام جو ضمير هوندا هئاسين. پر مون تي ويساهہ ڪريو، اسان ڪجهہ وقت اهو ضمير ٿي نہ گذاريو آهي، اسان عوام جو ضمير ٿي نہ گذاريو آهي. لکن ماڻهن جو ضمير، اسين پنهنجو ضمير بہ ٿي نہ سگهيا آهيون. جيڪڏهن ٻيو ڪوئي سچ جي باري ۾ خاموش رهي تہ اها هن جي حڪمت عملي (Tactical manoeuvre) ٿي سگهي ٿي، پر اديب لاءِ سچ تي ماٺ ڪوڙ جي برابر آهي."
سيفرت گهر ڪئي تہ اسٽالن جي دور جي زيادتين کي ننديو وڃي، جي بہ ٻي انصافيءَ جو ٻڪُ ٿيا هئا، انهن کي عيوضو ڏنو وڃي، نہ رڳو سيفرت جي بيباڪ تقرير جو پر هن جي ذاتي موجودگيءَ جو بہ ٻڌندڙن تي اثر ٿيو. ان وقت هو ٿورو ڏکيائيءَ سان گهمي رهيو هو ۽ لڪڻ تي ٽيڪ ڏئي رهيو هو. جڏهن هو ويهي رهيو تہ هو هڪ پهاڙ وانگر نظر آيو. اڏول، اٽل، پختو ۽ پائدار. اُتي موجود اديبن محسوس ڪيو تہ هنن سان هڪ شاعر گڏ هو، جنهن جو پيغام ٺهلجي چڪو هو، جو هڪ قوم جي جينيس جي جيئري جاڳندي ثابتي هو ۽ هيڻن ماڻهن جي سگهہ ۽ وڏائي هو.

---

* مون رسول بخش پليجي کي ڪجهہ مهينا اڳ پنهنجي گهر چيو هو: "تون سياستدان آهين. تون کو بہ افاديت پسند سمجهوتو (Pragmatic Compromise) ڪرين تہ توتي ميار ناهي. مان شاعر ۽ اديب آهيان. مون کي سچو سچ چوڻو آهي. مان ڪنهن بہ سمجهوتي لاءِ تيار نہ آهيان." هو وڏو ڏاهو آهي ۽ هُن اِها ڳالهہ بنا هٻڪ جي قبول ڪئي هئي.

اڻ وسرندڙ سٽون آهن هن جون:

"اجا برائي اُيري رهي آهي
انسان ذات جي هڏن جي مِکُ تائين،
۽ هڪ دندان ساز جي ڏاڪڙ تي
لهوءَ ۾ لوپل ٽُڪ وانگر ٽُڪجي رهي آهي."

ڏهاڪو سالن جي بيماريءَ کان پوءِ سيفرت وري هڪ نئون ڪتاب لکي پڙهندڙن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. آگسٽ 1968ع ۾ جڏهن چيڪو سلوواڪيا ۾ روسي فوج دست اندازي ڪئي ته سيفرت پنهنجي بيماريءَ مان اُٿي تئڪسي ڪئي ۽ اديبن جي يونين ۾ ويو جتي اديبن گڏجي هن کي آزاد اديبن جي يونين جو پريزيڊنٽ چونڊيو. پوءِ هو پراگ ۾ پنهنجي گهر ۾ رهندو هو ۽ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکندو هو. هن جي آتم ڪهاڻي، جڻ پراگ جي ثقافتي زندگيءَ جي انسائيڪلو پيڊيا* آهي. وقت گذرڻ سان سيفرت جا ڪتاب چيڪو سلوواڪيا ۾ ٻيهر ڇپيا آهن. هاڻي ته پيرسترائڪا (Perestroika) ** جو دور آهي ۽ دنيا بدلجي وئي آهي. موت جي باري ۾ مون کي هن جو هڪ نظم پڙهي، اِهو سوچي ڪل آئي ته ڪڏهن ڪڏهن شاعر ڪيئن نه هڪجهڙي وانگر سوچن ٿا:

موت منهنجي دروازي کي لت سان کولي
اندر هليو ايندو
ان وقت پؤڏر کان
مان ساهہ منجهائي ان کي ڏسندس
۽ مون کان اهو وسري ويندو
تہ مون کي ٻيهر بہ ساهہ کڻڻو آهي.

هن شاعر جي زندگي منهنجي زندگيءَ سان ڪيترو نہ ملي ٿي! دنيا ۾ مون کي ڪيترا نہ يائر ۽ پينرون آهن! مان ڪهڙو نہ خوشنصيب

* انسائيڪلوپيڊيا: وڏي لغت، وشوڪوش، جاڻيتي
** (پيرسترائڪا - روسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نئين تشڪيل)

انسان آهيان!

مان انيس جي پٽن شيريءَ ۽ سنيءَ سان دل وندرائي رهيو هوس تہ تاجل بيوس جو فون آيو ۽ هن چيو تہ مان هن کي ڪجهہ وقت ڏيان. هن مون کي پنهنجي شعر جي ڪتاب ”سنڌ منهنجي امان“ جو مُسودو سکر پوسٽ ڪري خط لکيو هو تہ مان اُن تي مهاڳ لکان. پر مون کي اڳ ئي مشتاق باگاڻيءَ، ادل سومري ۽ اياز گل جي شعري مجموعن تي مهاڳ لکڻا هئا. جي بہ مان پنهنجين بي انتها مصروفيتن ڪري اڃا تائين لکي نہ سگهيو هوس، پر هن سان منهنجي دوستي هئي ۽ هن اڳ بہ پنهنجي ڪتاب ”جڏهن پورڻ ٻٽي“ جي مهورت لاءِ مون کي ڪراچيءَ اچڻ جي دعوت ڏني هئي پر مصروفيتن سبب مون اها قبولڻ کان مجبوري ڏيکاري هئي، سو مون هن کي چيو تہ هو پلي هليو اچي. هو پنهنجي ڪتاب جو مسودو بہ کڻي آيو ۽ تحفي طور قرت العين حيدر جو نئون ناول ”گردشِ رنگ چمن“ بہ آندائين. جو پاڪستان ۾ مڪتبہ دانيال وارن نهايت خوبصورت گيٽ اپ سان ڇپايو آهي ۽ جنهن تي تبصرو مون بي بي سي تي ٻڌو هو ۽ جنهن کي پڙهڻ جو مون کي ايترو اشتياق هو جو مون ”سڳنڌ ڪتاب گهر“ جي مالڪ. زيب سنڌيءَ کي چيو هو تہ هو جڏهن ڪراچيءَ وڃي تہ اهو ڪتاب مون لاءِ وٺي اچي. مون زندگيءَ ۾ فقط هڪ ئي ناول بہ ڀيرا پڙهيو آهي ۽ اهو آهي قرت العين حيدر جو ”آگ کا دريا“. مون اهو ڪتاب تڏهن پڙهيو هو جڏهن ان تي زبردست مباحثو ۽ واويلا هلي رهي هئي ۽ پاڪستان جا رجعت پرست حلقا قرت العين تي پاڪستان دشمنيءَ سبب ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهيا هئا ۽ صدر ايوب جو سيڪريٽري ۽ رائيٽرس گلڊ جو سيڪريٽري جنرل، قدرت الله شهاب ۽ جميل الدين عالي، وغيره قرت العين جا حمايتي هئا. ۽ نيٺ نفرت وچان قرت العين پاڪستان ڇڏي هندستان هلي وئي هئي، جتي هن جو وڏو آدر ڀاءُ ڪيو ويو هو ۽ جتي هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. مون اهو ڪتاب ٻيهر 1970ع ۾ سکر جيل ۾ پڙهيو هو. جڏهن گهران ٻين ڪتابن سان

گڏ مون کي اُهو ڪتاب بہ موڪليو ويو هو. مون کي هن جو ٻيو ناول ”آخر شب کي همسفر“ بہ وڏيو آهي. باقي هن جا ٻھريان بہ ناول ”ميري ڀهي صنم خاني“ ۽ ”سفينہ غم دل“ ۽ آتم ڪهاڻي ”ڪارِ جهان دراز هي“ جا بہ جلد بور ڪندڙ هئا. هن جا بہ سفرناما ”کوه دماوند“ ۽ ”گلگشت“ بہ مون پڙهيا آهن ۽ اهي اڪثر سنڌي سفرنامن وانگر (ماهتاب محبوب جي سفرنامي ڪانسواءِ) ٿڪائيندڙ آهن. ڪيئي سال اڳي مان هينري جيمس جي مشهور ناول ”پورٽريٽ آف اي ليڊي“ جو اردو ترجمو پڙهيو هو جو قرت العين ڪيو هو ۽ جو مون کي وڏيو هو. ان کان پوءِ هن ٻيا بہ ترجما ڪيا آهن. جي نهايت چڱا آهن. خاص ڪري ميخائيل شولوخوف جي ”ماڻهوءَ جو مقدر“ (Fate of Man) جو ترجمو. قرت العين جي مون سان ڀھرين واقفيت سکر ۾ ٿي هئي. هوءَ ايوب ڪرماني ۽ علي احمد بروهيءَ سان گڏجي آئي هئي ۽ شيخ رشيد ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي جاءِ تي لٿل هئي. ايوب ڪرماني تنهن وقت سنڌ جو ڊائريڪٽر انفرميشن هو ۽ علي احمد بروهي خيرپور ۾ انفرميشن آفيسر هو. قرت العين خود مون سان ملڻ ٿي چاهيو ڇو تہ هن ٻڌو هو تہ مون شاهہ لطيف جو منظوم ترجمو اردوءَ ۾ ڪيو آهي. ڳالهيون ڪندي هن ٻڌايو تہ ويجهڙائيءَ ۾ هوءَ ڊاڪيومينٽري فلم ناهڻ لاءِ ڏاڪا وئي هئي. اُتي هن راس ليلا جي فلم ٿي ڪڍي تہ ڪنهن پنجابي بيوروڪريٽ اعتراض واريو ۽ چيو تہ اها هندوانہ تهذيب جي عڪاسي آهي. جنهن تي قرت العين هن کي جواب ڏنو تہ جي ڪرشن جيءَ کي تهمد ٻڌنداسين تہ رانجهو ٿي پوندو ۽ ڊاڪيومينٽري اسلامي تهذيب جي عڪاسي ڪندي نظر ايندي.“

منهنجو دوست ايوب ڪرماني، جو لاهور ۾ فيض صاحب سان گڏ روزانہ ”امروز“ جو ايڊيٽر هو گورمانيءَ جي گورنريءَ واري زماني ۾ ڊائريڪٽر انفرميشن ٿيو هو. هو منهنجي دوست اشرف (ڪامريڊ شرف جي ڀاءُ) جو گهرو دوست هو ۽ ٻئي گڏ ڪائيندا پيئندا هئا. هڪ رات سکر ۾ هو مون وٽ مهمان ٿي آيو هو ۽ ڏاڍو پيتو هئائين. ڪجهہ

دير ڪان پوءِ هو سکر جي مشهور طوائف، دُري بوزدار کي پنهنجي نئين واڪسال ڪار ۾ وٺي آيو. ايوب ڪرماني ۽ دُري بوزدار ڪار ۾ اڳيان وينا ۽ مون کي ۽ منهنجي هڪ دوست کي پٺيان ويهاريو، رات جو ٻين وڳي سکر بئراج جي ڪاٻي پاسي آيو ۽ اتي ستر ميلن جي رفتار تي ڪار هلائڻ شروع ڪيائين. هلندي ڪار ۾ هُن دريءَ سان جاءِ بدلائي ۽ اسٽيئرنگ ويل هن کي ڏنائين ۽ وٺي ايڪسيليٽر دٻايائين، ڪار پنجاسي/نوي ميلن جي رفتار تي هلڻ لڳي. مون کي پڪ ٿيو ته جي ڪوئي گدڙ يا ٻي ڪا شيءِ ڪار جي آڏو آئي ۽ ايوب بريڪ هنيو ته ڪار ڪلٽيون کائيندي، وڃي درياهه ۾ پوندي. مون رڙ ڪري چيو: ”ايوب توکي خودڪشي ڪرڻي آهي، ته اسان کي ڇو ٿو مارين؟“ اوچتو هن هڪ جنوني ٺهڪ ڏنو ۽ ڪار کي بريڪ هنيو ۽ ڪار ڪيهه ڪندي ڪجهه پنڌ تي وڃي بيٺي، ۽ پوءِ ايوب ڪار جي شيشي سان مٿو ٽڪرائي چوڻ لڳو: ”عيني! عيني!“ عيني، قرات العين کي چوندا هئا. مهيني ٻن ڪان پوءِ هن ڪراچيءَ جي ڪنهن فلئٽ مان ٻيءَ يا ٽينءَ منزل تان ٽپو ڏئي خودڪشي ڪئي ۽ ٽپي ڏيڻ مهل ”بچاؤ! بچاؤ“ جون رڙيون ڪيون، جنهن ڪري فلئٽ ۾ رهندڙ هن جو دوست مصيبت ۾ اچي ويو ڇو ته پوليس ان واقعي کي خودڪشي نه. پر قتل سمجهڻ لڳي هئي. دراصل ايوب ڪرمانيءَ وانگر ڪيئي ڪامريڊ ورهاڱي کان پوءِ پنهنجو توازن وڃائي وينا هئا. منهنجو دوست مونس به انهن مان هڪ هو. هونءَ ته هو نهايت ذهين هو ايل. ايل. بي پاس ڪئي هئائين، ۽ جي وڪالت ڪري ها ته ڏاڍو چڱو وڪيل ٿئي ها. مون هن جو ذڪر ”ساهيوال جيل جي ڊائريءَ“ ۾ ڪيو آهي. جڏهن هو 1950ع واري ڏهاڪي ۾ مون وٽ رهندو هو تڏهن هن کي ننڊ بلڪل نه ايندي هئي ۽ يا ته هو ساري ساري رات دوستو وسڪيءَ وغيره جو ڪوئي ناول پڙهي پورو ڪندو هو يا ايترو پيئندو هو جو بيهوش ٿي ويندو هو يا ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجيءَ سوٽِ کي فون ڪندو هو جا ڪراچيءَ ۾ ايئرهوسٽيس هئي، جنهن هن کي صاف جواب ڏئي ڇڏيو

ڪنهن سان شادي ڪئي هئي. هونءَ جڏهن هوش ۾ هوندو هو تڏهن مونس پاڪستان، هندستان ۽ دنيا ڀر جي سياست ۽ ادب تي ڳالهائي سگهندو هو. خاص ڪري ڪميونسٽ انقلاب جي تاريخ ۽ هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي حڪمت عمليءَ ۽ پاڪستان ۾ ڪميونسٽ تحريڪ ۽ اردوءَ ۾ ترقي پسند ادب جي ناڪاميابيءَ جي سببن تي ڪيئي ڪلاڪ لڳاتار ڳالهائي سگهندو هو ۽ جي چُڪي بہ موجود هوندي هئي تہ رنگ ۾ اچي ويندو هو. مون وٽ هن سان شڪارپور واري مرحوم قاضي گُلي جي واقفيت ٿي، جو مون وٽ ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ آيو هو. قاضي گُلو پڪو فاشسٽ هو "مين ڪئف" (Mein Kampf) پڙهيو هئائين. يهودين تي ٿيل هٽلر جي ظلمن جون ساريون خبرون، جرمنيءَ جي بدنام ڪئمپن مئڊانڪ Maidanek ۽ آوَشوتس (Auschwitz)، جن ۾ يهودين کي بٺين ۾ جيئري جلايو ويو هو انهن جي باري ۾ خبرون، گوئبلز جي زال گولڊا جي باري ۾ ۽ اٽليءَ جي فوج جي سپهہ سالار فيلڊ مارشل ڪيسرلنگ جي باري ۾ خبرون وغيره، اخبارن جي تراشن ۾ هن وٽ محفوظ هيون ۽ هُن پاڻ وٽ اُنهن تراشن جا فائيل ٺاهي رکيا هئا. جرمنيءَ جي شڪست کان پوءِ هن جو دماغ ٿڙڪي پيو هو ۽ ڪنهن ڪنهن وقت هو بهڪي ويندو هو. هڪ ڀيري هو ۽ مونس منهنجي بينڪ ۾ ڪُنياڪ (Cognac) جي پوري بوتل پي ڪري، اوچتو ٻاهر نڪري ويا. ٿوريءَ دير کان پوءِ مون کي ڪنهن اچي چيو تہ قاضي گُلو ڪُئينس روڊ تي پريڊ ڪري رهيو آهي ۽ جي بہ ماڻهو روڊ تان لنگهي رهيا آهن، انهن کي بيهاري سئليوٽ ٺوڪري ۽ "هيل هٽلر!" (Heil Hitler) ٺوڇوي. مان انهن جي ڪڍ ويس تہ ڏٺم تہ قاضي گلو مونس کي چئي رهيو هو: "غدار! مون کي پهرين انگريزن کي ختم ڪرڻو هو ۽ پوءِ توکي! مون تڏهن تہ پولينڊ خلاف توسان روسو-جرمن پئڪٽ ڪيو هو!"

جڏهن مان هنن وٽ پهتس تہ قاضيءَ مون کي سئليوٽ ڪري "هيل هٽلر!" چيو ۽ وڏيڪ چيائين: "وڪيل صاحب! ڪيس تيار

ڪيو اٿئي نہ؟ سپاٽي ايس ايس ٽروپس* (S.S Troops) ونئي، سول جج جي ڪورٽ تي حملو ڪنداسين.“

قاضي گلو چرس چڪي چڪي مري ويو ۽ مونس پان ۾ تماڪ جا چپٽا وجهي ڪائيندو هو ۽ لاهور ۾، نشي ۾ ڏاڪڻ تان لهي رهيو هو تہ دل جو دورو پيس ۽ ڪري مري ويو. ٽڙڪي مان بہ پوان ها، پر شعر و ادب سان بيحد لڳاءَ پنهنجي ديس سان بيحد محبت ۽ آزاديءَ جي اٿمت جذبي مون کي بچائي ورتو ۽ ڪجهہ سال فرار کان پوءِ وري حقيقت جي دنيا ۾ موٽي آيس ۽ پنهنجن آدرشن جي ڪڌ پرپور زندگي گذارڻ لڳس. جڏهن مان وائيس چانسلر هوس تہ سنڌي شاعر مانيٽي اوٺي. سنڌوءَ ۾ پل تان ٽپو ڏئي خودڪشي ڪئي هئي، ڇو تہ ڪنهن ڇوڪريءَ جي محبت ۾ هو ناڪام ٿيو هو. عبدالقادر جوڻيجو جو پنهنجن ٿي. وي ڊرامن ڪري ساري پاڪستان ۾ مشهور آهي، مانيٽي اوٺي سان گڏ سنڌالاجيءَ ۾ ملازمت ڪيائين ٿي، مانيٽي اوٺي جي خودڪشيءَ کان پوءِ هو مون وٽ آيو ۽ مون کي چيائين تہ ”هڪ ڏينهن اڳ مون مانيٽي اوٺي کي پسرائيندي چيو تہ ”مانيٽي ۾ بہ ”ٺ“ نڪر تہ اوٺي ۾ بہ ”ٺ“ نڪر، تون ڇا عاشقي ڪري سگهندين؟“ ان تي مون عبدالقادر کي چيو هو تہ ”انسان ۾اها ”ٺ“ نڪر ئي تہ آهي، جا هن کي خودڪشي ڪرائي ٿي. هو پار وڃي نٿو سگهي ۽ ڪچي گهڙي وانگر وچ ۾ ٽُٽي ٿو پوي.“ بيو تہ نهيو پر مون هيمنگوي ۽ ماياڪوفسڪيءَ جي خودڪشيءَ کي بہ چڱيءَ نظر سان نہ ڏٺو آهي.

تاجل منجهند جي ماني مون وٽ کاڌي، شام جو گڏجي ڪلفٽن ۾ جمالستان ڪتاب گهر تي وياسين، جتي ڪتاب سستي اگهہ تي ملي رهيا هئا. مون سولزي نٽسن تي ڊئوڊ برگ/جارج فيفر جو لکيل ڪتاب

---

*(ايس ايس ٽروپس: نازي جرمنيءَ جا محافظ دستا)

ورتو جو 1972ع ۾ ڇپيو هو. دراصل اهو ڪتاب ڪافي پراڻو هو ۽ مون سولزي نتسن تي ڪافي تازا ڪتاب پڙهيا هئا. مون کي سولزي نتسن جي حالات ۽ زندگيءَ جو بهترين تجزيو طارق عليءَ جي اسٽالن تي لکيل ڪتاب The Stalin Legacy ۾ مليو. هن ڪتاب جي آخر ۾ صفحي 517 کان 547 تائين سولزي نتسن تي Solzhenitsyn, the witness and the prophet جي سري سان لکيو آهي. مون کي اڃا تائين انهيءَ ڪتاب ۾ سولزي نتسن جون هي دهرايل سٽون ياد آهن:

”نہ نہ! ماضيءَ کي نہ کوٽ! ماضيءَ جي باري ۾ سوچيندين تہ تنهنجي هڪ اک هلي ويندي، پر پهاڪو اڃا ڪجهہ وڌيڪ چئجي ٿو. ماضيءَ کي وساريندين تہ تنهنجون ٻئي اکيون هلي وينديون.“

نہ ڄاڻان مون سولزي نتسن جا هيٺيان لفظ ڪٿي پڙهيا هئا، جي مون پنهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪري ڇڏيا آهن:

”ڇا، اديبن جو اهو فرض نہ آهي تہ هو ڪجهہ سيکارين؟ ڇا ايئن ئي هميشہ نہ سوچيو ويو آهي؟ ۽ ڪنهن ملڪ ۾ هڪ وڏي ليکڪ جو هئڻ، ڇرڪي نہ وڃو مان سُس پُس ۾ ٿو چوان. هڪ ٻيءَ سرڪار جي هئڻ برابر آهي. انڪري ئي حڪومتون وڏن ليکڪن سان نہ، فقط ننڍن ليکڪن سان پيار ڪنديون آهن.“

جمالستان پرسان هڪ پيو ڪتاب گهر آهي، جتان مون بئپسي سڌوا (Bapsi sidhwa) جو ناول Ice Candy Man خريد ڪيو جنهن جي باري ۾ مئن پاڪستان ٽي. وي تي بئپسيءَ جو انٽرويو ٻڌو هو. مون هن جو Crow Eaters اڳيئي پڙهيو هو. بئپسي ڪراچيءَ ۾ ڄائي هئي ۽ لاهور ۾ نپني هئي. ڪتاب ۾ طنز مزاح بہ آهي ۽ ورهاڱي کان پوءِ جو ڏک بہ هن پنهنجي حساب سان ڏنو آهي. دراصل مان ڪي غيرمعروف اديب ڪن خاص سببن ڪري بہ پڙهندو آهيان.

تاجل ۽ فقير محمد لاشاري گڏجي آيا. فقير محمد ”هلال پاڪستان“ جو هفتيوار ادبي نمبر آندو جنهن ۾ ڪنهن ”اترا ڏيءَ“ جي

فرضي نالي سان مون لاءِ لکيو هو تہ مون پنجويهہ سال اڳ روسي بيوروڪريسيءَ تي تنقيد ڪئي هئي، جا اڄ صحيح تسليم ڪئي وئي آهي. دراصل منهنجي نظر ۾ گورباچوف، لينن کان پوءِ روس جو وڏي ۾ وڏو ليڊر آهي ۽ اڳتي هلي مان هن جي دور تي لکندس. في الحال مون فقير محمد کي چيو تہ مون ڪيترائي ڪتاب روس ۾ گهُٽ بوسات تي پڙهيا هئا ۽ اُهي سڀ تہ ڪوڙا نہ تي، تي سگهيا! مون کي روس جي اقتصادي ترقيءَ ۽ روسي عوام جي اقتصادي خوشحاليءَ جي باري ۾ تہ ڪوئي شڪ شبهو ڪو نہ هو. مون پاڻ روس ۾ عوام جي خوشحالي اکين سان ڏٺي آهي. روسي ٻئي ڪنهن جي رت تي نہ ٿا پلجن ۽ پيداوار جا ذريعا هنن جا پنهنجا آهن. مون کي رڳو اهو اعتراض هو تہ اتي فن ۽ فڪر جي پوري آزادي نہ آهي ۽ خاص ڪري اسٽالن جي دؤر ۾ تہ اها بلڪل کسي ويئي هئي. هينئر گورباچوف ايترو فرق آندو آهي، جو منهنجو ڪميونزم سان ڪوئي اختلاف نہ رهيو آهي ۽ اوهين مون کي ڪامريڊ چئي سگهو ٿا. مان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر تہ نہ ٿيندس، ڇو تہ مان پاڻ تي ڪا بہ پابندي رکڻ نہ ٿو چاهيان، پر مان ان جو همسفر ضرور آهيان. دراصل مون کي فهميده رياض جي ڪتاب جو نالو ”هم رڪاب“ ڏاڍو وڻيو هو ۽ ڪميونسٽ مون کي پاڻ سان هم رڪاب سمجهي سگهن ٿا. فقير محمد لاشاريءَ چيو تہ ٻئي ڀيري هو مون سان روس ۾ تبديليءَ تي تفصيلي گفتگو ڪندو ڇو تہ هاڻي هو ۽ تاجل سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي ميڙ ۾ وڃي رهيا آهن، جتي سراج جي ناول ”مرڻ مون سين آءُ“ (جو هن جي پهرئين ناول ”پڙاڏو سوئي سڏ“ جو ٻيو ڀاڱو آهي) تي ورڪشاپ آهي. هن مون کان پڇيو تہ ڇا مان هنن سان هلڻ چاهيندس! مون ٿورو سوچي هن کي چيو تہ ”ادبي سنگت بہ منهنجي آهي، سراج بہ منهنجو هلڻ ڇو نہ چاهيندس!“ پوءِ اسان گڏجي تاجل جي ڪار ۾ رمپاپلازا پهتاسين،

جتي هڪ ڪمري ۾ اڳ ئي ورڪشاپ هلي رهيو هو. نقاش◆ اسٽيج تي ڪمپيئرنگ ڪري رهيو هو ۽ مون کي ڏسي ڪجهہ حيرت ۾ اچي ويو ۽ پوءِ خوشيءَ جو اظهار ڪندي سيني کي چيائين تہ ”اياز صاحب آيو آهي“ ۽ منهنجا ڪجهہ شعر پڙهيائين. هو ڪافي ذهين ٿي لڳو ۽ هر تقرير ڪندڙ کي سڏڻ کان اڳ منهنجو ڪوئي شعر ٿي پڙهيائين. ڏسڻ ۾ ايئن ٿي آيو تہ هن منهنجي شاعريءَ جو ۽ خاص ڪري ”ڪَپر ٿو ڪُن ڪري“ جو ڪافي گهرو مطالعو ڪيو هو ۽ منهنجا ڪيئي بيت هن کي برزبان ياد هئا. صدارت سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل، غلام حسين رنگريز تي ڪئي، جنهن جي مشهور ڪتاب جو سرو ”سرمد چا ٿو سوچي“ منهنجي هڪ نظم تان ورتل آهي ۽ جنهن ۾ هن ”سرمد چا ٿو سوچي“ وارو سارو نظم شامل ڪيو آهي. ورڪشاپ ۾ تاجل بيوس ۽ فقير محمد لاشاريءَ بہ حصو ورتو. ڪتاب تي خاص اعتراض اهو هو تہ ناول ۾ آيل واقعا عام زندگيءَ ۾ نہ ٿيندا آهن ۽ بعيد از قياس آهن. مون سراج کي چيو تہ ”سماج ۾ بعيد از قياس واقعا بہ ٿيندا آهن ۽ ماڻهو ڪنهن وقت اچرج ۾ ايندو آهي تہ اهي ڪيئن ٿيا!“ ڪنهن ٿي ڄاتو تہ سکر جيل تي ٻاهران حملو ٿيندو ۽ ڪجهہ سپاهي زخمي ڪري ۽ ماري ايڏي اوچي جيل جي ڀت ٽپي سٺ قيدي، جن ۾ ڪيترا ڦاسي گهاٽ ۾ هئا، ڀڄي ويندا. جيئن ويجهڙائيءَ ۾ ٿيو هو جڏهن غوث علي شاهہ سنڌ جو چيف منسٽر هو! انهن قيدين مان هڪڙو وري گرفتار ٿيو هو جنهن جي ڦاسيءَ جي سزا جي خلاف مون هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ-پٽيشن اڳيئي داخل ڪئي هئي، جا اڃا تائين هلندڙ آهي. جڏهن مون جيل مان فرار جي تفصيلي حقيقت معلوم ڪئي، تڏهن مون کي شڪاگو جي جيل ۽ آمريڪا جي ٻين جيلن مان قيدين جي ڀڄڻ تي ٺهيل فلمون ياد اچي ويون، جي بہ ايترو ئي بعيداز قياس لڳنديون آهن، جيترو سراج جي ناول ۾ آيل واقعا.

---

◆ عبدالرحمان نقاش

ميٽنگ کان پوءِ سراج مون کي ۽ تاجل بيوس کي پنهنجي بنگلي تي وٺي هليو جو ڪلفٽن ۾ هڪ پُرفضا جاءِ تي آهي. بنگلي ۾ خوبصورت لان آهي، پر بارش جي ڪري اسين اندر ويناسين. مون سراج کي چيو تہ "اهو اسان جو وڏ نہ آهي تہ وڪالت ڪندي مري وڃون. اسان ان کان بهتر ڪم لاءِ پيدا ٿيا آهيون. ايئن نہ ٿئي تہ موت اوچتو مٿان اچي بيهي ۽ دل جي دل ۾ رهجي وڃي. اجا اسان کي گهڻو ڪجهہ لکڻو آهي. دراصل مان پنهنجو نئون ڪتاب ٻيهر نہ پڙهندو آهيان، جيستائين اهو ڇپبو نہ آهي، مون کي هُرکُر هوندي آهي تہ اهو ڪڏهن ٿو ڇپجي، پر هڪ ڀيرو ڇپجي ويندو آهي تہ مان اُن کي اک کڻي بہ نہ ڏسندو آهيان ۽ ايئن سوچيندو آهيان تہ مون کي اجا لکڻ جي شروعات ڪرڻي آهي، اجا ٻيو ڪجهہ بہ لکڻو آهي، جو اڳي کان وڌيڪ پائيدار هوندو، جو اُن کي ڏسي مان حافظ وانگر چئي سگهندس:

ثبت است برجريده عالم دوام ما

ٻيو تہ اسين ٻنهيءَ پرڻ لاءِ تہ نہ ٿا وڙهون، جيئڻ جي حق لاءِ ٿا وڙهون، ۽ بهتر ٿيندو تہ سارو ڌيان اُن ويڙهہ تي ڏيون. آخر سون بہ تہ هڪ بورجوا ڌاتو ئي آهي!"

بہ ٽي ڏينهن پوءِ مون کي ڪنهن چيو تہ سراج سنجيدگيءَ سان سوچي رهيو آهي تہ هو وڪالت ڇڏي، سارو وقت لکڻ پڙهڻ تي توجهہ ڏئي. هو منهنجي ذهين ترين دوستن مان آهي. اڳي مون سان عوامي ليگ ۾ گڏ هو ۽ مون سان گڏجي سنڌ عوامي ليگ لاءِ مئنيفيسٽو لکيو هئائين ۽ هينئر سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي ( Servants of sind society) جو محمد ابراهيم جويي سان گڏ سرگرم ڪارڪن آهي، جنهن جو چيئرمين سنڌ يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو وائيس چانسلر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ آهي. ڳالهيون ڪندي، سراج چيو تہ هو شاهہ لطيف ۽ منهنجي شعر کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ٿو چاهي ۽

ترجمي ۾ مدد لاءِ هن آمريڪن بُڪ اسٽور تان *Thesaurus بہ ورتو آهي، جو هن کي ترجمي ۾ مدد ڏئي سگھندو. مون هن کي ٻڌايو تہ مون کي روسيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيا آهن پر هنن وٽ سنڌيءَ جا ماهر اهڙا نہ آهن، جي منهنجي اصل جو ڪامياب ترجمو ڪري سگھن ۽ ان ڪري مون هنن کي بہ سؤ صفحا اردوءَ ۾ پنهنجي شاعريءَ جو منظوم ترجمو موڪليو آهي. ۽ فهميده رياض جي منهنجي چونڊ شاعريءَ جو ڪيل ترجمو "حلقہ ميري زنجير ڪا" بہ موڪليوآهي، پر جي تون جلدي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري هنن کي ڏين تہ بهتر ٿيندو. ڇو تہ "حلقہ ميري زنجير ڪا" جي اشاعت کان پوءِ مون ڪيترائي شعر جا ڪتاب تيزيءَ سان لکيا آهن. جن مان ڪنهن بہ شعر يا نظم جو ترجمو نہ ٿيو آهي. سراج سان مون پنهنجي نثري نظمن تي گفتگو ٿي ڪئي تہ مون هن کي ٻڌايو تہ ٽئگور بہ آخري دؤر ۾ پنهنجن ڪتابن "پرانتڪ"، "سنجوتي" ۽ "آڪاش پرديپ"* ۾ نثري نظم Prose Poems لکيا هئا. پر تن کان پوءِ هو وري منظوم شاعريءَ ڏانهن موٽي آيو هو. نثري نظم ۾ هو اُهي بلنديون تہ نہ ڇُهي سگھيو هو جن جي هن کي تمنا هئي، پر پوءِ بہ انهن کي پنهنجي مهانتا هئي ۽ ڪو بہ نہ چوندو تہ اُهي اجايا هئا. پر توڙي هن پاڻ نثري نظم لکڻ ڇڏي ڏنا، پر پوري ڀارت جي شاعريءَ ۾ نثري نظمن جي روايت قائم ٿي وئي. ڪي نثري نظم نہ رڳو منفرد هئس، پر هن جي منظوم شاعريءَ کان بہ زياده متاثر ڪندڙ هئا ۽ نئين ٿهيءَ کي تہ موهي ڇڏيو هئائين. مون بہ ايئن ئي 1977ع کان 1980ع تائين شاعري نہ ڪئي، ڇو تہ ان دور ۾ مان وائيس چانسلر هوس ۽ شاعريءَ ۾ مون اڌ سچ نہ ٿي چوڻ چاهيو. مون اِهو رڪارڊ نہ ٿي رکڻ چاهيو تہ مون شعر ۾ هڪ ست بہ اهڙي لکي آهي،

---

* Thesaurus: هڪ قسم جي لغت، لفظن جو خزانو

* (پرانتڪ ـ بنگاليءَ جو لفظ پرانتڪ سنسڪرت جي "پرانتڪ" مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: Lasting to the end of life) سنجوتي ـ سنجها جو ڏيئو. /آڪاش پرديپ ـ اُڀ جو اُهاءُ)

جنهن ۾ مان پنهنجو پاڻ نہ آهيان، جنهن ۾ منهنجي نظريئہ حيات جو ڀرپور اظهار نہ آهي، جا سچو سچ چئي نہ ٿي سگهي ۽ منهنجي سياسي، سماجي ۽ فلسفيانہ تاجي ڀيٽي ۾ کُپي نہ ٿي اچي. جڏهن منهنجي نوڪري ختم ٿي وئي تہ مون ان کي کنگهيو بہ نہ ۽ وري اسلام آباد جو مُنهن نہ ڏٺو نہ صاحب اقتدار اڳيان هٿ ڦهلايو. پر نوڪريءَ واري عرصي منهنجي طبيعت جي اُها رواني ختم ڪري ڇڏي هئي، جا منظوم شاعريءَ جي تخليق لاءِ ضروري آهي. "لڙيو سج لڪن ۾" شايع ٿيل اڪثر وايون ڀيٽي واري دور ۾ تخليق ڪيون ويون هيون.) ان ڪري نوڪريءَ مان آجي ٿيڻ کان پوءِ مون نثري نظم لکيا. انهن کي بہ پنهنجي رواني آهي، پر اُها رواني، جا منظوم شاعريءَ لاءِ ضروري هئي، مون کان کسڪي ٿي ويئي. مون جويي صاحب کي ٻڌايو هو تہ انهن نثري نظمن ۾ ڪٿي ڪٿي منهنجي مطالعي جو شعوري يا غير شعوري دخل بہ آهي. جڏهن کان شاعريءَ لاءِ ضروري رواني موٽي آئي آهي، تہ منظوم شاعري مون تي مينهن وانگر وسي آهي ۽ نظم ايئن ڪاغذ تي لکيا ويا آهن، جيئن ننگر پارڪر وٽان نديون ارڙاٽا ڪري وهنديون آهن.

جڏهن ٽئگور جي شاعريءَ جي ڳالهہ نڪتي تہ مون سراج کي چيو: "ٽئگور کي نہ پتنجلي* جي چوٽين تي پرکي سگهجي ٿو ۽ نہ مارڪسي جدليات يا فرائڊ جي نظريي جي روشنيءَ ۾ انهن ڳالهين جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو جن هُن جي شاعريءَ کي اتساهيو هو. ٽئگور انقلابي تہ هو پر هن قلب و نظر جي انقلاب جو پرچار ٿي ڪيو ۽ نہ تشدد سان ڪنهن حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ جو طبقاتي جدوجهد سان هن جو نراجوادي سمجهوتو** بہ نہ هو. مون کي فخر آهي تہ مون وٽ انقلاب جو ڀرپور نظريو آهي ۽ فقط جوش مليح آبادي

---

* پتنجلي: مهاڀاشيہ جو مشهور مصنف

** نراجوادي سمجهوتو۔ Anarchic Alliance اهي لفظ مون شايد ڪرسٽافر ڪاڊويل جي ڪتاب Poetry and reality ۾ پڙهيا هئا.

۾ احمد فراز وانگر انقلاب جو کوکلو نعرو نہ آهي. ايئن آهي تہ مون لاءِ طبقاتي جدوجهد بہ ثانوي حيثيت رکي ٿي: قلب و نظر جي انقلاب کي اولين حيثيت آهي ۽ مان اعتماد سان چئي سگهان ٿو تہ برصغير ۾ قلب و نظر جي انقلاب جو اهڙو ڀرپور تصور ايتري جرئت منديءَ سان اهڙيءَ واڪي ٻوليءَ ۾ ٻئي ڪنهن بہ شاعر اڄ تائين نہ ڏنو آهي. "

جڏهن مون پنهنجي آپيرا "ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي" ڪجهہ دوستن کي پڙهي ٻڌائي هئي تہ اُنهن مان هڪ چيو هو: ڀڳت سنگهہ ۽ چندر شيکر آزاد تہ خوني هئا. دهشتگرديءَ سان دنيا کي ڦيرائي تہ نہ سگهبو آهي. سارا ترقي پسند ايئن چون ٿا." مون هن کي جواب ڏنو هو تہ "جي ڀڳت سنگهہ ۽ چندر شيکر خوني هئا تہ ڇا جليانوالا باغ ۾ ڪوس ڪرائيندڙ چڱا مڙس هئا؟ ڇا لالا لجپت راءِ کي ماريندڙ معصوم هئا؟ جي ڀڳت سنگهہ وارا اسيمبليءَ کي ٻم سان اڏائڻ جي نہ ڪن ها، تہ آزاديءَ جي تحريڪ پنهنجي ليکي اُپري سگهي ها؟ ڇا، انهيءَ سانت ۾ تاڪوڙو وجهڻ ضروري نہ هو جا ديس تي ڇانئجي وئي هئي؟ جنهن وقت مائونٽ بيٽن ارادو ڪيو تہ انگريز هندستان ڇڏين، تہ اُن وقت بہ ٻمن جا اُهي ڌماڪا هن جي ڪنن ۾ گونجندا هوندا. موت جي ڀؤ کان سواءِ ظالم ڪجهہ بہ سکندا آهن ڇا؟ انسان بنيادي طرح جانور آهي. شينهن پنهنجو حصو زوريءَ کٽي ٿو جيستائين ٽري ناٽ ٽري جي گولي هن جي دون ۾ نہ ٿي لڳي، آدم خور شينهن کي تہ هيرائڻ جو خيال ئي عبث آهي. هن کي آدميءَ جي رت جي چوس پئجي وڃي ٿي ۽ هو تيستائين آدميءَ جو رت پيئندو رهي ٿو جيستائين هن کي ساهہ ۾ ساهہ آهي."

اٽڪل هڪ ٻجي رات جو مان ۽ تاجل، سراج جي گهران ڪار ۾ گڏ نڪتاسين. جاءِ تہ منهنجي بہ ڪلفٽن جي ايراضيءَ ۾ هئي، پر چوڏاري روشنيون ڏسي تاجل مُنجهي پيو ۽ ڪار ٻئي پاسي ڪاهي ويو. سامهون رستو ڪيرڏارا وانگر وڃي رهيو هو ۽ اسين چڪر ڪاٽيندا ٿي رهياسين ۽ ڦري ڦري ساڳيءَ جاءِ تي موٽي ٿي آياسين.

نيٺ تاجل راهگيرن کان رستو پڇي پڇي مون کي اڊائي وڳي گهر پهچايو.

در تي گهنٽي وڳي، حنا اُٺي دروازو کوليو. ڏينهن جا ٻارنهن وڳا هئا ۽ مان پلنگ تي ليٽيو پيو هوس تہ سليم اوچتو هليو آيو ۽ اچي مون کي ڀاڪر پاتائين. ڏهہ مهينا ٿيا تہ هو يورپ ۾ هو ۽ اسان ٽيليفون تي هڪٻئي جو آواز سئٽلائيٽ ذريعي ٻڌندا هئاسين. هو آئرلينڊ ۽ انگلنڊ تہ اڳي گهمي آيو هو هيل روس ۽ ڪجهہ ملڪن ڪانسواءِ ٻيو ڪيترو ئي يورپ بہ گهُمي آيو. آسٽريا ۾ ويانا، سالن برگ ۽ انس ڊروڪ (Ins druck)، بيلجيم ۾ ائٽ ورپ ۽ بروسيلز، هالينڊ ۾ ائمسٽرڊئم، راٽن ڊئم ۽ هالن ڊئم، فرانس ۾ پئرس، هنگريءَ ۾ بُڊاپيسٽ ۽ پراگ، ۽ سئٽزرلينڊ ۾ زورچ ۽ جنيوا گهُمي چڪو هو. ڪجهہ ملڪ لبنا جي وڃڻ کان پوءِ هن سان گڏ ٻيهر ڏٺا هئائين، جن جو ذڪر مان مٿي ڪري آيو آهيان. مون هن کان پڇيو تہ باقي يورپ بہ گهمي اچين ها، پر هن پريل آواز سان چيو:"بابا، لبنا جي ڪري سفر اڌورو رهجي ويو." مون هن کان لبنا لاءِ پڇيو تہ هن چيو: "لاهور رهي پئي آهي ۽ ٻاءُ جي چاليهي کان پوءِ ايندي."

ٿوريءَ دير کان پوءِ سليم چيو تہ "فليٽ صاف ڪرائي وٺان تہ هلي ڪلفٽن تي رهون. هتي گرميءَ ۾ ڪيترو وقت رهنداسين؟ اوهان کي تہ ايئرڪنڊيشنر* بہ هلائڻو نہ آهي." پوءِ تہ ماءُ سان وڃي وينو ۽ شام تائين هن کي احوال ڏيندو رهيو. جيستائين انيس بہ آفيس مان موٽي آيو. رات جو ڪنهن چينائي هوٽل ۾ گڏجي ماني کاڌيسين. سليم کي منهنجي صحت جو گهڻو اونو هو. هن ڪارڊيالاجيءَ ۾ خاص تربيت ورتي هئي. مون کي ڪجهہ سال اڳ دل جي تڪليف ٿي پئي هئي، پر مون هن کي چيو تہ شاعري منهنجو بهترين علاج آهي ۽ مون کي دل

* (اڳئين سال مون کي ڪراچيءَ ۾ فالج ٿي پيو هو ان ڪري ايئرڪنڊيشنر نہ هلائيندو آهيان)

جي تڪليف تڏهن ٿي هئي، جڏهن مون شاعري ڇڏي ڏني هئي. هاڻي ته مون ايتري شاعري ڪئي آهي، جو مون کي وري انهيءَ تڪليف ٿيڻ جو ڪوئي امڪان نه آهي. مون هن کي روميءَ جو هيٺيون شعر ترجمو ڪري ٻڌايو:

شادباش اے عشق خوش سودائے ما
اے طبیبِ، جملہ علت ھائے ما

سليم ترجمو ٻڌي ٿورو کليو ۽ پوءِ چيائين: "بابا مان اوهان جو ۽ اميءَ جو ايڪو ڪارڊيو گرام (Echo Cardiogram) ضرور ڪندس. اڄ رڳو ڪارڊيو گرام ڪا شيءِ نه آهي. اميد ته اوهان ٻنهي کي ڪجهه به نه هوندو پر وهم مٽائڻ ضروري آهي."

ٻئي ڏينهن تي مان ۽ زرينه وچي سليم وٽ ڪلفٽن تي رهياسون.

پنجابي شاعريءَ ۾ منهنجي شاعريءَ جو مترجم، احمد سليم رشيد پٽيءَ جي چاليهي تي سکر آيو هو ۽ چاليهي کان پوءِ منهنجي گهر آيو. ويجهڙائيءَ ۾ هن انگريزيءَ ۾ امرتا شير گل* تي ۽ اردوءَ ۾ ڀڳت سنگهه تي ڪتاب لکيا هئا، جي هُن مون کي ڏنا. هن جا اهي ڪتاب گوهر سلطانه اعظميءِ ڇپايا آهن، جا خود به ڪائي ڊراما نويس ٿي ڏسجي، ڇو ته ڪجهه ڏينهن پوءِ مون هن جو هڪ ڊرامو پاڪستان ٽي وي تي ڏٺو هو. احمد سليم مون کي چيو ته مان هن کي پنهنجو اردوءَ جو مجموعه ڪلام "نیل کنٹھ اور نیم کے پتے" ڏيان، جو هوءَ خوشيءَ سان ڇاپيندي. احمد سليم جي وڃڻ کان ڪجهه وقت پوءِ گوهر سلطانه اعظميءِ به اهڙو خط مون کي لکيو. ٻئي يا ٽئين ڏينهن تي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن ۽ ڪميونسٽ اڳواڻ جام ساقيءَ جو جيل جو ساٿي امر لال مون وٽ آيو ۽ چيائين ته "اسلم اظهر چاهي ٿو ته

---

* (امرتا شير گل-سِک مصوره، جا جوانيءَ ۾ مري وئي هئي)

منهنجي شاعريءَ جو روسيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويجي ۽ ان ڪري جيڪڏهن منهنجن نظمن جو انگريزيءَ ۽ اردوءَ ۾ ترجمو موجود هجي ته هن ڏانهن موڪليان." سليم سولنگيءَ، جيڪو دادوءَ ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر آهي، منهنجي شاعريءَ جا سؤ کن صفحا ترجمو ڪيا هئا، پر هن انهن جي انگريزي ترجمي ۾ به قافيا رديف ساڳيءَ طرح لکيا هئا، جيئن اصل سنڌيءَ ۾ آهن ۽ انهيءَ جدت طرازيءَ ترجمي کي مبهم بڻائي ڇڏيو هو پر ڇاڪاڻ جو مون وٽ اهو ئي انگريزيءَ ۾ ترجمو موجود هو مون ڪيس ڏياري موڪليو. ساڳئي وقت مون پنهنجي اردو شاعريءَ جي ڪتاب "نیل کنٹھ اور نیم کے پتے" جي مسودي جي فوٽو ڪاپي به هن کي ڏني، جنهن ۾ مون پنهنجا ڪيئي سنڌي نظم اردوءَ ۾ ترجمو ڪري به شامل ڪيا هئا، ان ۾ "میرے دیدہ ورو میرے دانشورو!" جهڙا اصلي نظم به هئا، جنهن کي ڳائي "انجمن ترقي پسند مصنفين" جي گولڊن جوبليءَ جو ڪراچيءَ ۾ افتتاح ڪيو ويو هو. "نيل ڪنٺه اور نيم ڪي پتي" 1947ع کان وٺي 1951ع تائين منهنجي اردو شاعريءَ جو مجموعو هو جو مون "بوئي گل، ناله دل" جي نالي سان 1952ع ۾ ڇپايو هو پر اهو مارڪيٽ ۾ نه ڏنو هو ۽ دوستن ۾ ورهائي ڇڏيو هو ڇو ته ان جي ڇپائي ۽ جلدسازي شايان شان نه هئي. اردوءَ ۾ اُها شاعري مون تڏهن ڪئي هئي، جڏهن ورهاڱي کان پوءِ سنڌي اديب ۽ شاعر ٽتر بتر ٿي ويا هئا ۽ سنڌ ۾ مون لاءِ سوڀي گيانچنداڻيءَ ۽ ابراهيم جويي کان سواءِ ڪوئي اهڙو اديب نه رهيو هو جنهن سان مان ڳالهائڻ چاهيان ها. "نیل کنٹھ اور نیم کے پتے" جو ٻيو حصو 78_1973ع تائين لکيو ويو جڏهن مرحوم سبط حسن سان منهنجي دوستي ٿي هئي. ان وقت نبي بخش کوسو ڪراچيءَ ۾ ڪنهن اداري جو ڊائريڪٽر هو ۽ هن عوامي ادبي انجمن جي سهاري هيٺ انتظام ڪيو هو ته مان پنهنجو آپيرا "ڀڳت سنگهه کي ڦاسي" اُتي ڪني ڪيل ميڙ اڳيان پڙهان. تقريب ۾ مرحوم سبط حسن ۽ سعيده گذدر به آيا هئا. سعيده گذدر سبط حسن سان گڏ اردو ماهوار "پاڪستاني ادب" ڪيندي هئي، ۽ ڪافي

افسانا ۽ نثري نظم لکيا اٿائين. پوءِ مان سبط حسن ۽ سعيده سان گڏجي سبط حسن جي گهر ويو هوس، جتي اسان چانهه پيتي هئي. اُتي اردوءَ جي مشهور شاعره فهميده رياض به موجود هئي. اسان جي واقفيت جڏهن ڪافي گهري ٿي وئي، تڏهن هڪ ڀيري (غالباً 1974ع ۾) سبطِ حسن مون کي خط لکيو هو ته، هو امير خسروءَ جي پنج سؤ سالا ورسي تي "پاڪستاني ادب" جو نمبر ڪڍي رهيو هو ۽ مان هن کي ان نمبر لاءِ امير خسروءَ تي ڪوئي نظم موڪليان. مان جڏهن 1963ع ۾ هندستان ويو هوس ته مون دهليءَ ۾ امير خسروءَ جي مزار تي حاضري ڏني هئي. گيتا، راج ۽ رشيد پڻي به مون ساڻ هئا ۽ اسان خُسروءَ جي مزار تي شمعون ٻاري فوٽو ڪڍايو هو، جو غالباً "نئين زندگي" رسالي ۾ ڇپيو هو. اتفاق سان مزار جي ٻاهران قوال، خسروءَ جي قوالي "ڪافرِ عشقم، مسلماني مرا در ڪار نيست" ڳائي رهيا هئا. موتي اچي مون خُسروءَ تي چار نظم لکيا هئا، جن ۾ هڪ نظم "امير خسرو پاٽياريءَ کي" ۽ امير خسروءَ جي طرز تي جديد دؤر جي پس منظر سان ڳجهارتون به هيون، جن کي اردوءَ ۾ "ڪهه مُڪرنيون" چئبو آهي. اهي نظم منهنجي شعر جي مجموعي "وڄون وسڻ آئيون" ۾ ڇپيا هئا. (امير خسروءَ جي اهميت مون هن جي پنج سؤسالا ورسيءَ کان، جا دهلي، ڪراچيءَ ۽ تاشقند ۾ ملهائي وئي هئي، ڏهاڪو سال اڳ محسوس ڪئي هئي. اجا تائين صبح جو چانهه جي وقت مان ڪڏهن ڪڏهن امير خسروءَ جي دوهن ۽ گيتن جي ڪيسٽ ٻڌندو آهيان) مون "تنهنجو نالو؟ ڪانتي" وارو نظم اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪري سبط حسن ڏانهن موڪليو. اهو نظم هن کي ايترو وڻيو جو هن مون کي لکيو ته جي مان هن کي اهڙا ٻيا چار نظم موڪليان ته هو مون کي ٻئي ڪنهن اردو شاعر سان شريڪ ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ڇو ته انهن م پنهنجي دور جو شعور ڪو نه آهي ۽ هو امير خسروءَ تي فقط قصيدا ٿا لکن. مون سبط حسن کي ٻيا به چار نظم اردوءَ ۾ لکي موڪليا، جي سڀ هن "پاڪستاني ادب" جي امير خسرو نمبر ۾شامل ڪيا ۽ ڪنهن به

اردوءَ جي شاعر ڪي ان ۾ شايع نہ ڪيو. ان کان پوءِ جڏهن منهنجي سبط حسن سان ڪراچيءَ ۾ ملاقات ٿي تہ هن مون کي چيو: "افسوس، جو اسان ايترو وقت ڪراچيءَ ۾ رهي سنڌي نہ سکيا آهيون. توکي ٻنهي ٻولين تي عبور آهي ۽ جي تون پنهنجي شاعري پاڻ اردوءَ ۾ ترجمو ڪرين تہ ڏاڍو چڱو ٿيندو." سبط حسن اردوءَ جو چوٽيءَ جو اديب ۽ دانشور هو ۽ هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ هن کي ۽ سجاد ظهير کي پاڪستان ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي منظم ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. هو سجاد ظهير ۽ فيض جو گهرو دوست هو ۽ اردوءَ جا اڪثر اديب هن جي صحبت کي وڏي غنيمت سمجهندا هئا. هن جا سڀ ڪتاب ، "شهر نگاران"، "ماضي ڪي مزار"، "پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا"، "انقلاب ايران"، "موسيٰ سي مارڪس تڪ"، "نويد فڪر" ۽ "ڪارل مارڪس" مون پڙهيا آهن. ڪٿي ڪٿي مون کي هن سان اتفاق نہ آهي پر ان ۾ شڪ نہ آهي تہ سبط حسن وڏي پايي جو اردو اديب ۽ سياسي مفڪر هو. شاهہ جي رسالي جي منظوم ترجمي کان پوءِ، جنهن کي سال گذري چُڪا هئا، مون وري اردوءَ ۾ نہ لکيو هو. سبط حسن جي اصرار تي مون ڪيترن سنڌي نظمن جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ ڪجهہ اصلي نظم بہ لکيا ۽ پوءِ اهو سارو اردو مجموعو سبط حسن ڏانهن موڪليو جنهن چيو تہ اهو ڇپجڻ گهرجي. هُن، ان لاءِ پنهنجي پبلشر ۽ دوست، مڪتبہ دانيال جي مالڪ ملڪ نورانيءَ سان ڳالهہ ڪئي هئي. غالباً 1975ع ۾ مان ۽ سوڀو گيانچندڻاڻي، مزدور ليڊر ۽ ڪنهن وقت سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر قاضي مجتبيٰ جي گهر ويا هئاسين، جتي ملڪ نوراني بہ آيو هو ۽ چيو هئائين تہ سبط حسن هن سان منهنجي اردو مجموعي جو ذڪر ڪيو هو جو هو ڇپائڻ لاءِ تيار هو. 1976ع ۾ ڀُٽي صاحب مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ۽ مون مصلحت نہ سمجهي تہ "نيل ڪنٹهہ اور نيم کي پتي" پنهنجي ملازمت جي دوران شايع ڪرايان. ڪجهہ سال اڳ ملڪ نورانيءَ کي ڳلي جي ڪئنسر ٿي پئي ۽ آمريڪا ۾ علاج جي باوجود،

شفاياب نہ ٿيو ۽ گذاري ويو. هن جي ڌيءَ، حوري نوراني، جا روس ۾ ڇهه سال تعليم وٺي، روسيءَ ۾ ڊاڪٽوريٽ ڪري آئي آهي ۽ نوراني صاحب کان پوءِ مڪتبہ دانيال هلائي رهي آهي، مون کي سکر ۾ پيغام موڪليو هو تہ مان هن جي پيءُ سان ڪيل پنهنجو واعدو پاڙيان. ان ڪري مان "نيل کنٹھ اور نيم کي پتي" جي هڪ فوٽو ڪاپي هن لاءِ کڻي آيو هوس. اتفاق سان حوري بہ ڪلفٽن تي ساڳي پرنس ڪامپليڪس ۾ رهندي آهي ۽ سليم جي فليٽ جو نمبر اي-28 آهي تہ حوريءَ جي فليٽ جو بي-28 آهي. مون حوريءَ کي فون ڪيو تہ هوءَ هلي آئي. منهنجي هن سان پهرين ملاقات اسلم اظهر جي جاءِ تي ٿي هئي. مون هن کي ڪتاب جو مسودو ڏنو جو هوءَ ڇپي رهي آهي ۽ چاليهارو صفحن جو پروف مون کي ڏيکاري چڪي آهي. هُن مون لاءِ ڪجهہ انگريزيءَ ۾ ڪتاب بہ آندا هئا، جي ماسڪو ۾ ويجهي ڇڪ ۾ ڇپيا ويا هئا. ان ۾ Land of Soviets, Its Verse and Prose جا ٻہ جلد، اليڪساندر تواردوفسڪيءَ جا منتخب نظم ۽ ڪجهہ جديد روسي ناول هئا. روسي ڪتابن جي بها مغربي ڪتابن کان گهٽي گهٽ آهي ۽ اهي آرٽ پيپر تي ڇپيل آهن، پر ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ روسي ادب جا اهي انگريزي ترجما اهڙا چڱا نہ آهن، جهڙا انگلينڊ يا آمريڪا ۾ ڪيا وڃن ٿا. مئڪس هيورڊ (Max Hayward) جا ڪيل بُريس پاسترناڪ (Boris Pasternak) جي ناول ڊاڪٽر زواگو ۽ شاعر مينڊلستام جي سوانح حيات جا ترجما يا روسي شاعره آننا اخمتووا يا اندرئي وزنيسينڪيءَ جا ترجما ايترا تہ چڱا آهن، جو پڙهندي پتوئي نہ ٿو پوي تہ اُهي ڪي ترجما آهن.

اسلم اظهر کي مون فون ڪري چيو تہ روسين کي منهنجا سيئي سنڌيءَ جا ڪتاب، "نيل کنٹھ اور نيم کے پتے" جو مسودو ۽ فهميده رياض جو "حلقه ميری زنجير کا" پهچائي تہ جيئن هو انتخاب ڪري سگهن. مون هن کي ٻڌايو تہ پٽني صاحب منهنجي منتخب شاعريءَ جي پنجابي ۽ اردو ترجمي لاءِ سنڌالاجيءَ کي ٻہ لک رپيا ڏئي مون کي چيو هو: "اياز

مان توکي ڪوئي چڱو آمريڪي مترجم ونڻي ڏيندس. مون کي توکي دنيا ۾ ڦهلائڻو آهي." پر نہ پتو صاحب رهيو نہ منهنجي تخليقن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيو.

اسلم اظهر سان منهنجي ملاقات بہ سال اڳ بيدل مسرور بدويءَ جي معرفت ٿي هئي. هن بيدل مسرور ۽ پنهنجي زال نسرين کي منهنجي گهر، مون کي ڪار تي ڪٺي اچڻ لاءِ موڪليو هو. برتالت بريخت جي ڊراما (اردو) ۾ "گئليلو" هيرو جو ڪردار خود اسلم اظهر ڪيو آهي، سينيوار سارتي جو ڪردار نسرين اظهر ۽ گئليلو جي ڌيءَ ورجينيا جو نصرت اعظم خان ۽ دربار جي جوان خاتون جو ڪردار حوري نورانيءَ ڪيو آهي.

برتالت بريخت 1933ع ۾ جرمني ڇڏي هئي، جڏهن هٽلر اقتدار ۾ آيو هو ۽ 1939ع ۾ آمريڪا پهتو هو جتي هو 1947ع تائين رهيو هو. انهيءَ دور ۾ هن پنهنجو شاهڪار "گئليلو جي زندگي" تخليق ڪيو هو. ان کان پوءِ هو يورپ موٽي ويو هو جتي هو پنهنجي موت تائين ناٽڪ لکندو رهيو هو. بريخت جي اڪثر ناٽڪن وانگر "گئليلو جي زندگيءَ" ۾ هن جا معاشي نظريا ڪو نہ آهن. ناٽڪ جي پندرهن ڏيکن ۾ تہ گئليلو جا غير جذباتي، غير ڊرامائي پورهئي جا ٽيهہ سال ڏيکاريا ويا آهن. جڏهن ناٽڪ پنهنجي چوٽ تي پهچي ٿو تہ اسٽيج کان پرتي (Off Stage) ڏيکاريو وڃي ٿو تہ گئليلو پنهنجا لفظ واپس وٺي ٿو. بريخت نهايت سمجهداريءَ کان ڪم ورتو آهي، جو پنهنجي مرڪزي ڪردار کي پڏايو نہ آهي. هن جو گئليلو عقل پرست، شڪي مزاج ۽ غير جذباتي آهي ۽ اختياريءَ وارن سان سمجهوتو ڪندڙ آهي. هو پاڻ مڃي ٿو تہ هن جسماني عذاب جي ڀوَ کان لفظ واپس ورتا هئا. پوءِ هو هڪ ڏيرج واري پوڙهي ۾ بدلجي وڃي ٿو جو تن آسانيءَ تي هريل آهي. هن جو هڪ شاگرد هن جي رسالي "Treatise" جو نقل، ديني عدالت (Inquisition) جي پهچ کان پري، چوريءَ، سرحد پار ڪٺي وڃي ٿو. اُتي ٻڪلين ۾ ڳائيندڙ گرهن جي چرپر جي باري ۾ ڳائين ٿا ۽ اُن جي

مارڪسي تاويل ڪن ٿا ۽ گئليلو پنهنجي آخري تقرير ۾ سائنس جي ترقيءَ ڪي معاشي انقلاب سان ڳنڍيو ٿو جو هن جي دور ۾ هو بہ ڪو نہ. انهيءَ ڪمزوريءَ جي باوجود ناٽڪ نهايت دلچسپ آهي ۽ روح ڪي ڪافي ڇڪي ٿو. دستڪ وارن "گئليلو جي زندگي" ان دور ۾ اسٽيج تي آندو آهي، جڏهن رجعت پرستي پنهنجي انتها تي پهچي چڪي آهي ۽ جنرل ضياءَ ٿيو ڪريسي (Theocracy) لاءِ مُلا ۽ مشائخ ڪٺا ڪري رهيو آهي ۽ اسلام جي نالي ۾ نہ رڳو پنهنجي اقتدار ڪي ڇهٽيو پيو آهي، پر هر ڪوڙ ڪي سچ ۽ سچ ڪي ڪوڙ ڇٽي رهيو آهي. اها ڳالهہ نہ رڳو "دُستڪ گروپ" جي مڙسي آهي، پر اها هنن جي سياسي شعور جي گهرائيءَ جو ثبوت بہ ڏئي ٿي. هڪ نئون دور اچي رهيو آهي، انسان جون اکيون ان جي تصور سان چمڪي اُٿن ٿيون. اهو دور دنيا ڪي بدلائي ڇڏيندو ۽ انهيءَ توهم پرستيءَ ڪي جڙ ڪان پٽي ڦٽي ڪندو جنهن هن وقت تائين زندگي زهر ڪري ڏني آهي. ماڻهو ٿيٽيءَ اڻ ٿيٽيءَ تي سوچين ٿا. انهيءَ امڪان ڏانهن نهارين ٿا، جنهن جو هيل تائين ڪنهن خواب بہ نہ لڌو آهي. نئون دور اچي رهيو آهي، هو سوچين ٿا: هن وقت تائين اسان تي راڄ ڪيو ويو آهي، اڳتي اسين راڄ ڪنداسين. شاندار آهي اهو احساس تہ اسان انهيءَ دور جي ابتدا ڪري رهيا آهيون، هڪ نئين سماج جو بنياد رکي رهيا آهيون، جو اڳئين دؤر جي غلاميءَ مان آزاد هوندو. رجعت پرست، پنهنجي دل ۾ غصي ۽ هراس جا جذبا سانيي، انهن ماڻهن ڪي ڏسي ۽ سوچي رهيا آهن تہ هي پاڳل سيڪجهہ ڊانوا ڊول ڪرڻ چاهين ٿا، اُنهيءَ ساري تاجي پيٽي ڪي چيرڻ ڦاڙڻ چاهين ٿا، جنهن جي اسان صدين ڪان اُٽت ڪئي آهي. هي اسان جي وجود لاءِ خطرو آهن، ديوانا آهن، انهن ڪي مٽايو وجي. پوءِ هو زبردست حملو ڪن ٿا. ان ساري هنگامي جي بانيءَ ڪي پڪڙين ٿا، جو پنهنجيءَ شهادت ڪي بي معنيٰ سمجهي پنهنجا لفظ موٽائي ٿو ۽ پنهنجا ڪتاب ملڪ ڪان ٻاهر ڏياري ٿو موڪلي، جتي اُهي ايترو شديد اثر پيدا ڪن ٿا، جو دنيا بدلجي ٿي وجي. گئليلو جي

ڀھرئين نسخي ۾ هينئيون لطيفو آهي، جو پوءِ اُتان ڪڍي بريخت ٻئي ڪنھن ڊرامي ۾ ڏنو آهي. گئليلو هڪ ڪريٽ جي فلاسافر جي ڳالھ ٻڌائي ٿو جنھن هڪ جابر جي حڪومت جو ايجنٽ ٿي ڪم ٿي ڪيو پر جڏهن حڪومت جي ڪارپردازن هن کان پڇيو ٿي تہ "تون اسان لاءِ ڪم ڪندين؟" تڏهن هن ڪوئي بہ جواب نہ ٿي ڏنو. جڏهن ستن سالن کان پوءِ اهو فلاسافر مري ويو تہ هن جي لاش تي واس ڏوپ ڪيو ويو ۽ ڀھريون ڀيرو مُئي هنن کي جواب ڏنو: "نہ، مان توهان لاءِ ڪم نہ ڪندس."

گئليلو ناٽڪ 39_1938ع ۾ لکيو ويو هو جنھن وقت جرمنيءَ ۾ نازي زور هئا. "اونداهو دور" بريخت جي شاعريءَ جو هڪ اهم محاورو آهي. هڪ هنڌ هن چيو آهي:

اونداهي دور ۾
ڇا هو بہ ڳائيندا؟
ها، هو بہ ڳائيندا
اونداهي دور جي باري ۾.

Ptolemaic Cosmology ۾ تالميءَ ڏرتيءَ کي ڪائنات جو مرڪز ٿي سمجھيو ۽ هن جي علم ڪائنات کي غلط چوڻ، جڻ تہ ڪليسا جي مُنھن تي چپاٽ ۽ سائنس جي معاملات تي ان جو اختيار ختم ڪرڻ جي ڪوشش هئي، ۽ اها جڻ اڻ سڌيءَ طرح ان اونداهي دور جي مخالفت هئي. جنھن ۾ بريخت پنھنجي وطن جرمنيءَ کي ڇڏي ويو هو. گئليلو اٽڪل ٽي سئو سال اڳ پيدا ٿيو هو. بريخت، ناٽڪ ۾ تاريخي سچائيءَ جو ايترو خيال نہ رکيو آهي جيترو ان جي پيغام جو جو هن جي دور جي باري ۾ آهي.

ڳالھين ڪندي، اسلم اظھر، بيدل کي چيو جديد جرمن موسيقيءَ ۽ بيٿوون ۽ باخ جي موسيقيءَ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، ايئن شيخ اياز جي انقلابي شاعريءَ کي ڳائڻ جو انداز شاھہ لطيف جي شاعريءَ کي ڳائڻ کان بلڪل مختلف ٿيڻ گھرجي. بيدل، اسلم اظھر جي

صلاح سان ”وائسز گروپ“، پنجاب جي ترقي پسند ٿيٽر ”اجوڪا گروپ“ جي نموني تي ٺاهيو آهي. پنهي مون کان پڇيو تہ وائسز گروپ لاءِ بہ مان هنن کي ڪوئي سنڌيءَ ۾ نالو ٻڌايان، پر مون کي ڪوئي نالو سجهي نہ آيو. پوءِ اسلم اظهر مون کي چليءَ جي راڳي شاعر ”وڪٽر هارا“ جي گيتن جو انگريزي ترجمو مرتضيٰ سولنگيءَ هٿ موڪليو جو اسٽيل مل ڪراچيءَ ۾ ملازم آهي ۽ هر روسي ٽيڪنيشن وانگر پارٽ کي ورڪر سڏائيندو آهي.◆ ٻئي ڀيري اسلم اظهر مرتضيٰ سولنگيءَ جي معرفت اُتپل دت جي ڪتاب Towards a Revolutionary Theatre جي فوٽو ڪاپي مون ڏانهن ڏياري موڪلي هئي. مون کان جڏهن اسلم اظهر ان ڪتاب جي باري ۾ رايو پڇيو تہ مون چيو تہ ان ۾ جرمن ٻوليءَ ۾ ڪيترا تڪر ڏنل هئا، پر انهن جو ترجمو ڏنل ڪو نہ هو ان ڪري مون کي ڪتاب ڪجهہ ڀاري لڳو. پر بريخت جي باري ۾ هن جي هيئنئين قول تي هن، جا تنقيد ڪئي، اُها مون کي وڻي:

”Tragedy is based on bourgeois virtues, draws its strength from them and will perish along with them.“

الاجي ڇو بريخت تائين، ترقي پسند اديبن ۾ ٿوري گهڻي dogmatism آهي!

Dialectics of theatre تي هڪ باب لکي، هن باقي بہ باب Political theatre ۽ In search of form تي لکيا آهن. مون کي هونءَ ڪتاب ڪافي وڻيو. هڪ هنڌ لکيو اٿائين:

India still wallows in feudal backwardness. It's bourgeoisie are illiterate, superstitious thieves, who prostrate themselves before the Monkey_god, before going out to rob workers. The petty bourgeoisie thus inherits a million

---

◆ اڄڪلهہ هو ريڊيو پاڪستان جو ڊائريڪٽر جنرل آهي (ت. ج)

superstitions from its masters and has strange faith in black magic stored away in its mind. The revolutionary theatre therefore must be violently atheistic towards its practitioners.

This of course does not mean that a revolutionary theatre must directly attack the audience's religious beliefs. That would be wasteful, because the object of theatre is to rouse class hatred, to make people angry, to make them want to fight, and religion is by no means a hindrance to this struggle. Deeply religious men can be in the vanguard of the struggle.

" هندستان ۾ اجا جاگيرداري ڪاهليءَ ۾ ليٽڙيون پائي رهيو آهي. ان جا بورجوازي جاهل، وهمي چور آهن. جي لنگور ديوتا اڳيان ڏنڊوت ڪري، پوءِ پورهيتن کي وجهي ڦرين ٿا. ان طرح پيٽي بورجوازيءَ کي پنهنجن ڏٽين کان لکين وهم ورثي ۾ ملن ٿا ۽ اُهي انهيءَ ڪاري جادوءَ ۾ عجب جهڙو ويساهه رکن ٿا، جو هنن پنهنجي من ۾ سانيي رکيو آهي. انقلابي ٿئيٽر کي تنهنڪري اُن جي مشق ڪندڙن خلاف الحاد جو اعلان ڪرڻ گهرجي.

"پر ان جي معنيٰ اها نه آهي ته انقلابي ٿئيٽر کي سامعين جي مذهبي اعتقاد تي سڌو وار ڪرڻ گهرجي. اهو اجايو ٿيندو ڇاڪاڻ جو ٿئيٽر جو مقصد طبقاتي نفرت پيدا ڪرڻ آهي، ماڻهن کي غصو ڏيارڻ آهي، انهن کي ويڙهه لاءِ اُتساهڻ آهي ۽ مذهب انهيءَ جدوجهد ۾ رڪاوٽ نه آهي. مذهبي ماڻهو به جدوجهد جا سرڪردا ٿي سگهن ٿا."

مون کي پاڪستان جي حالتن ۾ ان پوئين فقري سان اتفاق نه آهي، پر مان اهو ميجان ٿو ته تصوف اسان جي تاريخ ۾ هڪ انقلابي حقيقت ٿي رهيو آهي. ان ڪري مون به سال اڳ اسلم اظهر سان واعدو ڪيو هو ته مان جهوڪ واري شاهه عنايت جي شهادت تي ڊرامو لکندس. ان لاءِ مون پير حسام الدين راشديءَ جا ان موضوع تي "نئين زندگيءَ" ۾ آيل مضمون ۽ تاريخ مان بيو مواد به سهيڙيو آهي، پر اجا

ڊرامو لکي نہ سگھيو آهيان. مان اڃا سوچيندو رهيو آهيان تہ اهڙا انسان جڏهن گهريءَ ڪڏ ۾ گهوري ڏسن ٿا، تڏهن انهن کي ڇا ٿو نظر اچي؟ هو موت کي ڇا ٿا سمجهن ۽ ڇو ان جو آڌرياءُ ڪن ٿا. موت. جو هر ڏيئي کي وسائي ٿو ڇڏي ۽ انسان کي ڪنهن ڪاري ڪارونڀار ۾ ڌڪي ٿو ڇڏي! ڇا. ان ڪارونڀار جو ڪوئي ساحل آهي؟ ڇا اُهي شهيد پنهنجي شهادت کان اڳ ۾ ان ساحل جو شعوري احساس رکن ٿا يا ڀڳت سنگهہ وانگر هو فقط تاريخ ۾ زندهہ رهڻ چاهين ٿا. تاريخ، جا هن پوريءَ ڌرتيءَ يا ڌرتيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن حصي جي آهي. ڌرتي جا هن ڪائنات ۾ هڪ ٽبڪي برابر بہ نہ آهي! انسان ڪيئن خوشيءَ سان جيئڻ تان آسرو پلي وڃن ٿا. درختن جي ڇانوَ تان، گلن جي سڳنڌ تان، پکين جي اُڏار تان ۽ نينگرين جي انهن پرپور ڇاتين تان، جي انگين ۾ جهنگلي سهن وانگر ڦٽڪنديون آهن!

هو اهو ڇو نہ ٿا سوچين تہ جڏهن گهٽيءَ ۾ شهنايون وڄنديون، گيت گونجندا، ٺهڪڙا ايندا، تڏهن هو نہ هوندا، هنن جو لاش قبر ۾ پيو هوندو. ڇا، اسان هميشہ لاءِ مرون ٿا يا موت کان پوءِ بہ زندگي آهي؟ ڇا، اهو جواب مون کي فقط موت جي آغوش ۾ وڃي ملي سگهندو؟ ڇا زندگيءَ ۾ مان ان حقيقت کي سمجهي نہ ٿو سگهان. جا ڪن ڪن انسانن پنهنجي شهادت کان اڳ سمجهي آهي ۽ شاهہ عنايت وانگر ڇٽي سر ڏنو اٿائون:

سر در قدم يار فدا شدچہ بجا شد
اين بار گران بود ادا شد چہ بجا شد.

مان ان تي اڃا سوچي رهيو آهيان، اڃا سوچي رهيو آهيان... ۽ منهنجا وار اڇي اڃا ٿيا آهن، منهنجي ديد ڪمزور ٿي رهي آهي، ۽ مان، جو پاڻ ۾ رستم دستان جي سگهہ محسوس ڪندو هوس، ٿورو لکي ٿڪجي ٿو پوان!

سارتر وانگر مان هن زندگيءَ ۾ ڪائي اندروني معنيٰ ڳولي نہ سگهيو آهيان، پر ادب جي مسلسل تخليق سان ان کي ڀرپور معنيٰ ڏئي سگهيو آهيان ۽ پنهنجي جيئڻ لاءِ جواز پيدا ڪري رهيو آهيان. مان ڀانيان ٿو مان جيستائين دلچسپيءَ سان لکي سگهندس، مان نہ مرندس، پر جنهن وقت اها دلچسپي ختم ٿي وئي، يا دلچسپيءَ جي باوجود، مون ۾ لکڻ جي سگهہ ختم ٿي وئي، ان وقت عزرائيل جا گهوڙا هڻڪارون ڪندا ايندا ۽ مون کي اُن جي رٿ تي ڪنيپي کڻي ويندا. هن سال مئي جي مهيني ۾ مان 4 بجي صبح کان 6 بجي صبح تائين ساندهہ هڪ مهينو شعر لکندو رهيس ۽ پنهنجا نثر جا بہ ڪتاب "آتم ڪهاڻيءَ" جو حصو ۽ "روس جو سفرنامو" وچ ۾ روڪي ڇڏيم. ڇو تہ شاعري سمنڊ جي وير وانگر ڪڏهن ڪڏهن چڙهندي آهي ۽ جڏهن لهي ويندي آهي تہ مون کي منهوڙي جي نوٽ ڀهاڙين وانگر ڇڏي ويندي آهي. مون نہ رڳو ڪيترائي نظم لکيا، پر ٿر جي پس منظر سان پنج ڇهہ سؤ بيت لکيا، جن ۾ مون انسان جي گوناگون جذبات کي سمايو. انهن بيتن ۾ ڀٽائيءَ جي لوڪ ڪهاڻين جو ڪوئي پسمنظر نہ آهي ۽ انهن ۾ ورلي ڪوئي اهڙو اهم لفظ ڪم آندل آهي، جو ڀٽائيءَ يا ٻئي ڪنهن شاعر اڳ ڪم آندو آهي. مون سوچيو آهي تہ ايئن سنڌ جي سمنڊ، ڪوهستان، لاڙ وچولي، اُتر جي پس منظر سان ٻيا بيت لکان، جن ۾ هن ڌرتيءَ سان "من تو شُدم تو من شُدي" واري ڪيفيت پيدا ڪريان. مون ڪتاب جو نالو "آڪن نيرا ڦُليا" رکيو ۽ ان جي هڪ ڪاپي ياسمين کي ڏني هئي تہ حيدرآباد پهچڻ سان جويي صاحب کي ڏئي. ابراهيم جويو سنڌي شاعريءَ جو وڏو پارکو آهي. مان جڏهن بہ نئون شعر لکندو آهيان تہ چاهيندو آهيان تہ ان تي ڀهرين نظر سنڌ جي هن عظيم دانشور جي پوي ۽ اهو شعر ابراهيم کي پسند ايندو آهي تہ مون کي ان جي امرتا جي پڪ ٿي ويندي آهي. منهنجي اڳئين ڪتاب "ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي" ۾ شامل هڪ نظم چانڊني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان. تون هُئين" جي شرح جنهن

خوبصورتيءَ سان هُن ڪئي آهي، اهڙي ورلي ڪوئي ڪري سگهندو ۽ اُن ۾ آندل لفظن، ”ماڳ“ ۽ ”دڳ“ جي پرک پروڙ جيئن هُن وٺ آهي، ايئن بيو عظيم دانشور رسول بخش پليجو ڪري تہ ڪري، باقي ٻئي جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. پليجي کي جڏهن مون شاهہ جي بيتن جي تشريح ڪندي ٻڌو آهي، تڏهن مون کي ايئن لڳو آهي تہ شاهہ جا بيت مان پهريون ڀيرو ٻڌي رهيو آهيان ۽ اُهي اڳي کان ويهہ ڀيرا وڌيڪ خوبصورت ٿا لڳن. دراصل تنقيد خود هڪ تخليقي عمل آهي. پهريون ڀيرو غالب جي عظمت جو صحيح اندازو غالب تي حاليءَ ۽ عبدالرحمان بجنوريءَ جي تنقيدن پڙهڻ سان ٿيو. بيا سنڌ جا محقق ۽ ادب جا نقاد رڳو ”بهہ مچي ۽ لوڙهہ سمي ويندا سوڪڙي“ ۽ ”ارهہ برهہ ڪنڪره“ ڪندا وتندا آهن، جو صدين ۾ سنڌ جو ڪُلي سرمايو آهي.

اڄ جوبي جو خط پهتو آهي، جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ هن ”اڪن نيرا ڦُليا“ پڙهيو.... ”نهايت خوبصورت بيت آهن.“ ان خط سان گڏ جوبي هندستان جي سنڌي اخبارن جا ڪجهہ تراشا موڪليا آهن، جن ۾ اتان جي اديبن ۾ هلندڙ واد وودا بہ آهي ۽ اُتم جي ”ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي“ ۽ ”راج گهاٽ تي چنڊ“ جي ساراهہ بہ آهي. ”ڪونج“ رسالي جو ايڊيٽر، هري موٽواڻي، مون وٽ سکر آيو هو ۽ هندستان ۾ سنڌي اديبن ۾ رساڪشيءَ جو ذڪر ڪيو هئائين. مون کي پوري پس منظر جي خبر نہ هئي ۽ ان ڪري مون هن کي ڪوئي جواب نہ ڏنو هو ۽ رڳو ايترو چيو هو تہ ”نئين دنيا“ جيڪو سنڌي ادب ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي، ان جو مثال ڪونهي. ذيابيطس سان طيش لازمي ٿيندو آهي ۽ مون ٻڌو آهي تہ اُتم کي ذيابيطس آهي، ان ڪري هن جي طيش تي ايترو غصو نہ ڪرڻ گهرجي.“

تاريخ هڪ جلاد وانگر پنجويهن سالن کان مون تي تلوار اُڀي رکي آهي، نہ تہ دل ڪيترو نہ چاهيندي آهي تہ مان وري سُندريءَ ۽ اُتم سان ملان! سالها سال اُتم ”نئين دنيا“ چڙ منهنجي شاعريءَ جي ڦهلاءَ

لاءِ رکي هئي! مان هن جو ٿورو ڪيئن لاهي سگهندس؟• نہ ڄاڻان سنڌي ادب تي هن جا احسان ڪيئن وساري ڇڏيا اٿائون. جو هن جا اڳيان دوست بہ هن سان وڙهن ٿا! ڇا، پيريءَ ۾ انسان ڏاڍا سخت دل ٿي وڃن ٿا ۽ اڳيان لڳ لاڳاپا وساري ڇڏين ٿا؟ مون تہ ڪنهن بہ دوست لاءِ هڪ لفظ بہ نہ چيو آهي، توڙي انهن مان ڪن تہ مون سان ويل وهايا آهن!

رات جو مان سراج ۽ تاجل کي "آڪن نيرا ڦُليا" جا سياسي پس منظر وارا بيت ڏهين بجي رات تائين پڙهي ٻڌايا، ڇو تہ سراج جي اُنهن ۾ گهڻي دلچسپي هئي. ٻنهي جو رايو هو تہ بيت بيمثال آهن ۽ اڳ ۾ اهڙا نہ لکيا ويا آهن. هڪ بيت تي سراج ڇرڪ پري "وهہ واهہ" ڪئي ۽ اهو هو:

هِت بہ اسرائيل جئن، رهندو نہ رڻ پٽُ!
جڏهن لاتوَ ڳٽُ، سيڪجهہ هوندو سٽرو!

تاجل خود بيت ۽ وائيءَ جو شاعر آهي ۽ هن جهڙيون وايون ۽ بيت، هن جي ڪنهن بہ هم عمر يا هن کان گهٽ عمر شاعر نہ لکيا آهن. هو نهايت لگن سان لکندو رهي ٿو ۽ انهن شاعرن وانگر نہ آهي، جي ويهہ پنجويهہ سال اڳ ايڪڙ ٻيڪڙ ست لکي، ان جي آڙ ۾ تڳندا ٿا وتن. ابراهيم، سراج ۽ تاجل جو "آڪن نيرا ڦُليا" جي باري ۾ رايو ڪافي هو ۽ مون فيروز کي خط لکيو هو تہ اُهو ڪتاب مون کان ڇاپڻ لاءِ وٺي وڃي.

پهرين جولاءِ تي آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ ڪئسيٽ جو مهورت هو جو وائسز گروپ (Voices Group) پريو هو. وائسز گروپ جو

---

• اي.جي. ايم اياز جا ڪتاب (1) اسان جي شاعر جا خط (ڪاڪ ڪڪوريان ڪاپڙي جو حصو) (2)دودي سومري جو موت (3) وڄون وسڻ آئيون، (4) ڪي جو ٻيجل ٻوليو وغيره ڪرائون سائيز ۾ ڇپايا هئا (تاج جويو).

روح روان بيدل مسرور آهي، جو شڪارپور جو آهي ۽ مشهور شاعر فقير غلام علي مسرور جو فرزند آهي. هن کي قدرت هڪ خوبصورت چهرو ۽ دلڪش شخصيت ڏني آهي. وائسز گروپ ۾ ٽي نوجوان عورتون ۽ پنج ڇهه نوجوان مرد آهن. ڪئسيٽ تي ٻاهران فيض صاحب ۽ منهنجو فوٽو ڏنل هو ۽ پاسي ۾ نغمن جا سرا ڏنل هئا. جي اُن ڪئسيٽ ۾ شامل هئا. ان ۾ منهنجا نظم "سچ وڏو ڏوهاري آهي"، "مان ڏوهي هان"، "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان"، "هڙڪ هلو هو ڏيمان هلو هو"، "همرچو"، "جت لُڪ لڳي جتِ اڪ ٽپن" ۽ "وڄو ڪنوبليو وڄو" ۽ منهنجا اردو نظم *"آج یہ کھدے"* ۽ *"میرے دیدہ ورو میرے دانشورو"* شامل هئا. فيض صاحب جا *"بول کہ لب آزاد ہیں تیری"*، *"دربار، وطن میں جب اک دن"*، ۽ٽائيءَ جي وائي "رات بہ مينهڙا اُنا" ۽ ڪنهن نوجوان شاعر جو گيت: "جندڙ جُڙي مال چڙي" بہ شامل هئا.◆

اسٽيج تي مائڪروفون جي اڳيان فيض صاحب جي تصوير لڳل هئي، جنهن ڪان ڇڙ تہ صدارت ڪرائي وئي هئي. اسٽيج تي مون سان گڏ رسول بخش پليجو سوپو گيانچنداڻي، اسلم اظهر ۽ بيدل مسرور ويٺا هئا. جن موسيقيءَ تي ۽ فيض صاحب ۽ منهنجي شاعريءَ تي تقريرون ڪيون. رسول بخش پليجو جيترو چڱو لکندو آهي، ان کان بہ وڌيڪ چڱو ڳالهائيندو آهي. هن کي سنڌي، پنجابي، اردو ۽ انگريزيءَ تي عبور آهي ۽ چئني ٻولين ۾ هن جي هڪجهڙي فصاحت ڏسي ٻڌندڙ دنگ رهجي ويندا آهن. مون سنڌيءَ ۾ بہ شخص ڏٺا آهن، جي ڏاڍو چڱو ڳالهائيندا آهن ۽ انهن کي ٻڌندي ايئن لڳندو آهي تہ درياهہ پلٽجي پيو آهي ۽ اُهي آهن: رسول بخش پليجو ۽ عبدالواحد آريسر. پر پليجي جو بين الاقوامي سياست، حالتن ۽ نظرين جو مشاهدو ۽ مطالعو وسيع آهي ۽ نهايت چڱو ڳالهائي سگهندو آهي. هونءَ بہ هاڻي

---

◆ "جندڙ جُڙي" گيت منصور ميراڻي خيرپور ميرس واري جو آهي، جنهن اياز جي گيت "ڪانگ لنوي" جي تتبع تي لکيو هو (تاج جويو)

هو چوٽيءَ جي ليڊرن مان آهي. هُن جي سڏ تي اندرونِ سنڌ مان سوا لک سنڌي ڪراچيءَ آيا هئا، جن مان ڏهاڪو هزار تہ عورتون هيون. هن ڪي پڙي مون ڪي ايئن لڳندو آهي تہ هو جدليات هيگل مان نہ سکيو آهي، پر اها جيئي سنڌ تحريڪ جا بند پڃي هن تائين پهتي آهي. منهنجي نظر ۾ هو مارڪسٽ آهي، پر جڏهن ڪان چين مائوَ جي ثقافتي انقلاب (Cultural Revolution) جا پرخچا اڏائي ڇڏيا آهن، هو ڪنهن بہ "ازم" جي ڳالهہ نہ ڪندو آهي ۽ پنهنجي ترقي پسند نظريي ڪي پنهنجيءَ نهايت موثر ۽ منفرد ٻوليءَ ۾ پيش ڪندو آهي. هو لکن ماڻهن جي ميڙ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائي سگهندو آهي ۽ هن کي پڙي ماڻهو پنهنجي سڏ پڌ پلجي ويندا آهن. پُٽي صاحب ڪان پوءِ پليجو پاڪستان جي هڪ گوناگون شخصيت آهي ۽ هن جو دشمن بہ هن جي بي انتها ذهانت، تجزيي جي انفراديت، گهرائيءَ ۽ دوراندیشيءَ کان انڪار نہ ڪري سگهندو آهي. ان ۾ ڪوئي شڪُ نہ آهي تہ هن پنٽي پيل صوبي ۾ عوام جي نفسيات تي هن کي حيرت انگيز عبور آهي. عبدالواحد آريسر کي بہ جيئي سنڌ تحريڪ جو هڪ حصو ڏري گهٽ پوڃيندو آهي. مولانا آزاد جو وڏو مداح آهي. پر مولانا نہ رڳو اردو فارسيءَ ۽ عربيءَ جو وڏو ماهر هو پر هن کي انگريزيءَ تي بہ چڱي دسترس هئي، جا آريسر کي نہ آهي. مون ٻڌو آهي تہ آريسر جڏهن سائين جي. ايم. سيد جي محفل ۾ ايندو آهي تہ سائين هُن سان اُٿي ملندو آهي. اهو شرف سائين تمام ٿورن ماڻهن کي بخشيندو آهي. جيئي سنڌ تحريڪ ۾ جيڪي سچا ماڻهو رهيا آهن، آءُ انهن مان آريسر کي وڏيڪ اهميت ٿو ڏيان. هڪ پيري هو پٺر سنڌيءَ ◆ سان گڏجي منهنجي گهر آيو هو ۽ منهنجي پيرن تي هٿ رکي مون سان مليو هو. ٻئي پيري سنڌ جي مسئلن تي جا هن بين الاقوامي ٽريبونل ويهارڻ چاهي هئي. ان تي منهنجو نالو بہ ڏنو هئائين. اها محبت بہ

◆ پٺر سنڌي: قاسم پٺر

طرفي آهي. پليجوءَ آريسر پاڻ ۾ نہ نهندا آهن. پر مون کي اميد آهي تہ کنهن موڙ تي هو ڪٺا هوندا. اي ڪاش! سنڌ ۾ دانشور ايئن ڪٺا ٿي سگهن، جيئن ٽڪريءَ جي ڏار ۾ ڪنهن وڻ جون ڳنڍيل جڙون هونديون آهن! في الحال ٻئي سنڌ نئشنل الائنس ۾ ◆ آهن، جنهن جو چيئرمين جي. ايم. سيد آهي ۽ ان ڪري هڪٻئي تي هلان نہ ٿا ڪن. فقير محمد لاشاريءَ، بدر ابڙي (جو مشهور ڪهاڻيڪار جمال ابڙي، جو فرزند آهي ۽ پيءُ تي ويو آهي) بہ تقريرون ڪيون. اسٽيج تان جيستائين نگاهہ ٿي وئي، تيستائين عورتون ۽ مرد موجود هئا. ڪي وينا هئا تہ ڪي بيٺا هئا. اسلم اظهر هڪ عالمانہ تقرير ڪئي، جا گهريءَ سوچ ۾ وجهندڙ هئي. هن جو تقرير ڪرڻ جو انداز هڪ ٽي. وي. اداڪار جو هو. جو برو بہ نہ ٿي لڳو. سوپو تقرير لاءِ نہ، پر منهنجي ڪري آيو هو. پر پوءِ بہ هن جي تقرير ۾ جي ماضيءَ جون جهلڪون هيون، تن هن جي تقرير کي دلفريب بڻايو. مون لکيل تقرير پڙهي، جا "هلال پاڪستان" ۽ "برسات" ۾ ڇپي آهي. اُن ۾ مون سامعين کي ٻڌايو تہ شاعري منهنجي صليب بہ رهي آهي تہ تلوار بہ رهي آهي. تقرير جي آخر ۾ مون فيض صاحب سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو. جو منهنجي نظر ۾ ناظم حڪمت ۽ پئبلو نرودا جي پايي جو شاعر آهي ۽ اردوءَ جي لاءِ مون چيو تہ "روسي زار جي ٻولي بہ هئي، پُشڪن جي ٻولي بہ هئي. زارن کي تاريخ مليا ميٽ ڪري ڇڏيو پشڪن اڄا تائين روس جو عظيم شاعر آهي." مون سامعين کي پنهنجن ڪتابن "راڄ گهاٽ تي چنڊ" ۽ "ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي" مان ڪيترائي نظم بہ ٻڌايا. مان نظم ٻڌائي چڪس تہ موسيقيءَ جو دور شروع ٿيو. اسين اسٽيج تان لهي هيٺ اچي ويٺاسين. منهنجي هڪ پاسي پليجوءَ ٻئي پاسي سراج ۽ سوڀو ويٺا هئا. ٿورڙو پري اسلم اظهر ويٺو هو. مون پليجي کان پڇيو:

---

◆ سنڌ قومي اتحاد: جو 1988ع ۾ سن ۾ ٺهيو هو.

”سيد سان وقت ڪيئن ٿو گذري؟“
”ڏکيو ٿو گذري““ پليجي جواب ڏنو.
”هون“ چئي، مون خاموشي اختيار ڪئي.

مون سوچيو تہ سنڌ جو ماڳ ڪيترو دور آهي؟ اُن ماڳ جي دڳ تي ڪير آهي؟ هو اتي پاڻ پهچي سگهندو بہ يا نہ؟ مستقبل جي ڳُڪ ۾ ڇا آهي؟ انهن سوالن جا جواب منهنجي شاعريءَ ۾ تہ آهن. پر ڪيترا نہ مبهم آهن! ڇا، مان ولادمير ماياڪو فسڪيءَ وانگر ڪجهہ ڏونڪي جي چوٽ تي چئي سگهان ٿو؟

ايتري ۾ منهنجو پٽ مونس اچي مون سان مليو. هو مون کي بيءَ زال، اقبال، مان آهي، جنهن سان منهنجي عليحدگيءَ کي اٽڪل 23 سال ٿيا آهن. مونس خيرپور يونيورسٽيءَ ۾ بين الاقوامي تعلقات جي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي. هو ڪافي ذهين آهي ۽ ڪيئي ترقي پسند نوجوان هن جا دوست آهن. هن منهنجا ڪجهہ نظم انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري View point هفتيوار کي لاهور موڪليا هئا. جي ڏاڍي شان مان سان شايع ڪيا ويا هئا. هن کي ڏاڍو شوق آهي تہ هو روس وڃي وڌيڪ تعليم حاصل ڪري، پر اڃا هن کي موقعو نہ مليو آهي. هن جي پيڻ، وينگس، بہ ذري گهٽ ايم. بي. بي. ايس ڪئي آهي ۽ هن جو ننڍو ڀاءُ سرمد بئنڪ ۾ ملازمت ڪندو آهي. مان انهن ٽنهي ٻارن تي خاص توجهہ نہ ڏئي سگهيو آهيان. زندگي بہ هڪ طوفان وانگر آهي. ڪيڏا ڏار ٽوڙي ٿي وجهي! وري بہ اها ڳالهہ تسڪين ڏيندي آهي تہ مونس منهنجيءَ شاعريءَ کي ڏاڍي اهميت ڏيندو آهي، ۽ ان تي فخر ڪندو آهي تہ هو منهنجو پٽ آهي.

زرينہ بہ انيس، سليم ۽ حنا سان ماني کائي اٽڪل ساڍي 8 بجي آئي هئي، پر هوءَ مون کي انبوهہ ۾ نظر نہ آئي ۽ علالت سبب ڪلاڪ ڪن ۾ گهر موٽي وئي.

بيدل اسٽيج تي ڳائي رهيو هو:
اڄ بہ وري هو فاشي ڪُتا

مون کي قابو ڪن ٿا.
۽ پوءِ واري واري سان ”فاشي ڪتا، “ ”فاشي ڪتا“ دهرايائين ٿي تہ ڳويا فاشزم لاءِ ساري ڌرتيءَ جي نفرت هن جي آواز ۾ سمائجي ٿي وئي.
هو پنهنجون ٻئي ڪرايون ايئن ڪنيون ڪري ڏيکاري رهيو هو جڻ اُهي زنجيرن ۾ هيون. شاهد◆ ڳائي رهيو هو:

گيت بہ جڻ گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وار ڪن ٿا.

اهو شاهد تہ هو جنهن ڪان گڏريل فسادن ۾ سندس گٽار ڪسي سندس مٿي تي ڀڳي هئائون! پر پوءِ بہ هن جو انسان مان ايمان نہ ويو هو.
اُهي باشعور آواز اهي هڪٻئي سان هم آهنگ آواز جن ۾ ڌرتيءَ جي بي پناهہ قوت هئي، منهنجو پليجي، سراج ۽ سوڀي جو من موهي ويا. ايئن پئي محسوس ٿيو تہ هن ڌرتيءَ تي ڪجهہ نئون ڳائجي رهيو آهي، جنهن ۾ ڀٽ شاهہ تي ڳاتل ڪلام وانگر رودن نہ آهي، پر شعلا آهن جي ڌرتيءَ تي ٻري رهيا آهن، اُجالو ڪري رهيا آهن، واٽ ڏيکاري رهيا آهن.
اٽڪل ساڍي يارهين بجي رات جو تقريب پوري ٿي. مون نڪري تاجل کي گوڙ ۾ ڳوليو پر هو نظر نہ آيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ مون ڏٺو تہ هو ٻن ڇوڪرين سان گڏجي ڪار طرف اچي رهيو هو. انهن مان هڪ ڇوڪريءَ کي مون گڏريل ادبي سنگت جي ميڙ ۾ ڏٺو هو. هوءَ عطيہ دائود هئي. ڪار جي ويجهو اچي عطيہ چيو ”سائين! هيءَ منهنجي ڀائٽي(نالو وسري ويو آهي) آهي. دير ٿي وئي آهي ۽ هن وقت اسان جي گهر ڏانهن ڪائي بس بہ نہ ٿي وڃي. جي اوهان کي اعتراض نہ هجي تہ اسين بہ ڪار ۾ هلون.“ مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي تہ هو ڪار ۾

---

◆ شاهد ڀٽو

پنهنجيءَ سيٽ تي ويهي رهيون ۽ مان ۽ تاجل ڪار جي اڳينءَ سيٽ تي ويٺاسين. جڏهن حسن اسڪوائر وٽ پهتاسين ته تاجل مون کي چيو: ”بک لڳي آهي. هلو ته آئيس ڪريم کائون.“ پوءِ اسين ساڍي ٻارهين بجي تائين هوٽل ۾ ويٺا هئاسين ۽ ڪچهري ڪري رهيا هئاسين. عطيه اسٽينو گرافر آهي ۽ سنڌيءَ جي اديب به آهي. هوءَ خودمختيار آهي ۽ پاڻ کي ۽ پنهنجي ماءُ کي پاليندي آهي ۽ عورت زاد ( Women's Libral Movement) تحريڪ ۾ هن جي ڪافي دلچسپي آهي. (جڏهن پرمانند ميوارام ”انگريزيءَ کان سنڌي“ لغت لکي هئي، تڏهن برصغير ۾ Feminist Movement ڪا نه هئي ۽ ان ڪري هن جي لغت ۾ Feminist لفظ جو ترجمو نه آهي. عورتا زاد لفظ ابراهيم جويي ناهيو آهي) تازو عطيه تي ويءَ جي مشهور ڊرامانگار نورالهديٰ شاهه جو انٽرويو ورتو هو جو هاڻي ماهوار رسالي ”سنڌ سجاڳ“ ۾ شايع ٿيو آهي، جو فقير محمد لاشاريءَ جي نظرداريءَ هيٺ نڪري رهيو آهي. هن جي گفتگوءَ ۾ ڪا هٻڪ ڪا نه هئي، نه وري ڪنهن اجائيءَ لڄ هن جي اظهار ۾ گهٻراهٽ ٿي آندي. هن سارو وقت مون سان نهايت آزاديءَ سان بحث پئي ڪيو ۽ مون کي ايئن محسوس ٿيو ته پنجاب جي پڙهيل لکيل عورت وانگر سنڌ جي پڙهيل لکيل عورت به جاگيرداري اخلاق جي زنجيرن مان آزاد ٿي چڪي آهي. مون ”سنڌياڻي تحريڪ“ ۾ به سوين ڇوڪريون ڏٺيون آهن، جي سياسي طور باشعور آهن، مردن سان برابريءَ جي دعويٰ ڪن ٿيون ۽ مردن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ حصو وٺن ٿيون. رشيد ڀٽيءَ جي وفات کان مهينو کن اڳي هن جي پاڙي ۾ ساريءَ سنڌ جي سنڌياڻي تحريڪ جو جلسو ٿيو هو جنهن جي صدارت مون ڪئي هئي ۽ جنهن ۾ مرحوم رشيد ڀٽي مهمان خصوصي هو. مان سنڌ جي نئين نسل جي عورت ۾ تبديلي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هوس. حيرت جي ڳالهه ته اها هئي ته انهن ۾ ڪيتريون ٻهراڙيءَ جون عورتون به شامل هيون، جي ڪيرپياڪ ٻار ڪڇن تي کڻي آيون هيون. سنڌي عورت جي

آزادي سنڌ جي ايندڙ آزاديءَ جي علامت آهي. ان ۾ پليجي جي ماتيلي ڌيءَ اختر بلوچ(مشهور گلوڪاره زرينہ بلوچ جي ڌيءَ، جنهن منهنجا ڪيئي گيت، نظم، وايون ڳاتيون آهن، جن جي هڪ ڪئسيٽ تہ سنڌالاجيءَ وارن پيري هئي ۽ ڪافي وڪاڻي هئي) جو وڏو هٿ آهي. هونءَ تہ ان ڳالهہ لاءِ بہ ڪيرون پليجي لهڻيون، جنهن جو ذهن ان تحريڪ جي پٺيان آهي (هن جي وڏي ڳالهہ اها آهي تہ هن نہ رڳو پنهنجو پر پنهنجن ڌيئن، پينرن، پاٽرن، زال، ساري خاندان جو سنڌ لاءِ بک ڏنو آهي، جنهن جو مثال سنڌ تہ نهيو پر پوري برصغير ۾ ورلي آهي. هن سان ماڻهو اختلاف تہ رکي سگهن ٿا، پر هن جي يگانگت کان انڪار فقط هن سان ضد جي علامت آهي).

سادي ٻارهين بجي رات تاجل مون کي گهر ڇڏيو. گهنٽيءَ تي سليم دروازو کوليو. مون اندر وجي بالڪنيءَ لڳ شيشي جو در کوليو ۽ ڪرسي ڇڪي ٻاهر بالڪنيءَ ۾ ويهي رهيس. گهميل ٿڌي هوا ڏاڍيءَ تيزيءَ سان گهُلي رهي هئي. سامهون رستي تي موٽرون اچا قطار درقطار ٿي آيون. ڦڪي چانڊوڪي چوڌاري ڦهليل هئي. گولائيءَ تي چنڊ نيري آسمان ۾ هڪ ٿاهوڪي اُرهہ وانگر لڳي رهيو هو. پريان سمنڊ ۾ بيٺل جهازن جا ڪوها نظر اچي رهيا هئا. مون ڪر موڙي سوچيو: "چا، مان پوڙهو ٿي چڪو آهيان؟ اچا تہ منهنجو من "انهيءَ پيليءَ لالٽين وانگر نہ ٿو لُڏي. جنهن جي روشنيءَ ۾ ڦاٽڪ وارا ريل گاڏيءَ جا پٽا ڏسندا آهن، جا ڪنهن اجنبي اسٽيشن ڏانهن ويندي آهي."

2 جولاءِ تي اردوءَ جي مشهور شاعره فهميده رياض فون ڪيو ۽ چيائين تہ مون کي فرصت هجي تہ هوءَ مون وٽ هلي اچي. هوءَ هندستان مان، پاڻ تي مسلط ڪيل جلاوطنيءَ کان پوءِ جڏهن کان واپس آئي آهي تہ مون سان نہ ملي آهي. شايد هن منهنجي اچڻ جي باري ۾ صبح واري روزانيءَ "ڊان" ۾ پڙهيو هو. ڊان منهنجي باري ۾

ڪافي وڏي خبر ڏني هئي، جنهن ۾ اهو به لکيو ويو هو ته ڪالهوڪيءَ تقرير ۾ مون چيو هو ته ”غلطيءَ سبب ڪئسيٽ ۾ اهو ڏيڪاريو ويو آهي ته ” آج تو کہدی ۔ آج تو کہدی“ وارو نظم منهنجو لکيل آهي. دراصل مون اهو نظم سنڌيءَ ۾ لکيو آهي، جنهن جو اردوءَ ۾ منظوم ترجمو اردوءَ جي مشهور شاعره فهميده رياض ڪيو آهي، جو ”حلقہ ميري زنجير کا“ ۾ شامل آهي. ”حلقه میری زنجیر کا“ جي پاڪستان ۾ اهميت ان ڪري گهٽجي وئي، ڇو ته ان جي اشاعت کان ڪجهه وقت پوءِ فهميده پارت ۾ جلاوطني اختيار ڪئي. هڪ پيري جڏهن مان وائيس چانسلر هوس، هن جي گهر ويو هوس. رسول بخش پليجو جو هن جي مڙس اُجڻ♦ جو دوست آهي، هن وٽ اڳ ئي وينو هو. ان وقت پِتي صاحب جي اپيل هلي رهي هئي. فهميده جو ڇوڙ هو ته ڪنهن کي مجال ئي نه هئي، جو پِتي کي سزا ڏئي ۽ پاڪستان ۾ هن جي بچاوَ ۾ به هڪ بي پناهه تحريڪ اُپرندي. پليجو به ڪنهن حد تائين هن سان متفق هو. مون هن کي صاف لفظن ۾ چيو ته پِتو ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويندو. ضياءُ وڏو ڪمينو ۽ ڪنور انسان آهي ۽ هو سمجهي ٿو ته جي پِتو بچي ويو ته کيس ڦاهيءَ تي چاڙهيندو ڇو ته هن ڪوُ (Coup) آئي آئين جي خلاف ورزي ڪئي آهي. مون کي ته پِتي جو موت اکئين پيو نظر اچي. ان تي فهميده پاڪستان جي عوام لاءِ چيو هو ته اهو اها ڳالهه برداشت نه ڪندو. مون کي کل آئي ۽ مون کيس چيو: ”عوام! عوام! پاڪستان ۾ عوام فقط پنجابي ۽ مهاجر عوام آهي، جو ذهني طرح فاشزم جي چڪر ۾ آهي، ان کي امير المومنين گهرجي، هو تيرهن سؤسال پٺتي وڃڻ ٿو چاهي ۽ خلافتِ راشده ۾ رهڻ ٿو چاهي، هن کي هندوءَ لاءِ ايئن نفرت آهي جيئن نازي جرمنيءَ ۾ جرمن عوام کي يهودين لاءِ نفرت هئي، هو پارت سان هڪ ٻي به جنگ چاهي ٿو ۽ بنگلاديش کي پاڪستان کان ٽوڙڻ جو پلئه ڪرڻ ٿو چاهي. ان لاءِ هو فوج جو حمايتي آهي. پِتي جي

---

♦ ظفر اُجڻ

خلاف تحريڪ انهيءَ عوام تہ هلائي آهي. پهيا جام هڙتالون انهيءَ عوام تہ ڪرايون آهن. لکن ۾ لاهور ۽ ڪراچيءَ جي رستن تي، ماڻهو تہ نڪتا آهن. بلوچ ۽ پختون عوام کي ڀٽي پاڻ ڪاوڙايو آهي ۽ اهي بہ چاهن ٿا تہ هو ڪنهن طرح وڃي. باقي رهيو سنڌي عوام. اهو ڀٽي لاءِ ڪجهہ ڦيٽ ڪائي تہ ڪائي، ڇو تہ ڀٽو سنڌي آهي، پر ان ۾ ايتري جان نہ آهي، جو مقابلو ڪري سگهي. مان بہ ڀٽي جو حمايتي آهيان. هو هن ملڪ جو چونڊيل وزيراعظم آهي ۽ فوج کي ڪوئي حق نہ آهي تہ هوءَ ڀٽي کي هٽائي. ساري سازش آمريڪا جي آهي، جنهن سان نہ رڳو اسان جا ساڄيءَ ۽ کاٻيءَ ڌر جا سياستدان شريڪ آهن. پر اهو جاهل عوام بہ شريڪ آهي، جنهن تي تون ايترو ڀروسو ڪري رهي آهين. توکي معلوم آهي تہ جرمنيءَ، اٽليءَ ۽ جپان جي عوام جي ذهنيت ۾ ڦيرو ڪيئن ۽ ڪڏهن آيو هو؟ منهنجو في الحال تنهنجي عوام ۾ اعتبار نہ آهي. انهن ۾ ڦيرو ايندو پر ڏاڍو دير سان. في الحال تہ هو اسلامي مدارسيءَ جي ڏٻڪيءَ تي نچي رهيا آهن. ڀٽو ڦاهيءَ چاڙهيو ويندو ۽ اهي ماڻهو مٺايون ورهائيندا. تون بہ اِتي مان بہ اِتي.“

ان تي پليجي چيو ”اياز! تون موت کان ايترو ڏڄين ڇو ٿو.“ مون جواب ڏنو ”موت کان نہ ڏڄان تہ ڇا کان ڏڄان؟ موت هر شيءِ کي بي معنيٰ بڻائي ڇڏي ٿو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ماڻهو ذلت جي زندگيءَ تي موت کي ترجيح ڏئي.“

پر فهميده رياض کي پڪ هئي تہ عوام جي رد عمل جي خوف کان ڀُٽي کي ڦاسي نہ ڏني ويندي.

جڏهن ڀُٽي کي سچ پچ ڦاسي اچي وئي، تڏهن فهميده، جا هڪ نهايت حساس شاعره آهي، جنهن جو مثال هن پوري برصغير جي ٻن هزارن سالن جي تاريخ ۾ ورلي آهي، پاڻ تي جلاوطني مسلط ڪري مڙس سان گڏجي ڀارت هلي وئي. هن مون کي ٻڌايو تہ هوءَ ڀارت ۾ هونءَ تہ خوش هئي ۽ هن کي معاش جا چڱا ذريعا بہ هئا، پر هن کي وطن جي ياد ڏاڍو ستائي رهي هئي. هن جو پيءُ ماءُ تہ مهاجر هئا، پر هوءَ

سنڌ ۾ جائي آهي، سنڌ سان بيحد محبت ڪندي آهي، سنڌي ٻولي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿي ۽ منهنجو ڪيترو سنڌي ڪلام ياد اٿس. اڄ به هن کي ياد هو ته جڏهن اسان ٻئي پيرو مليا هئاسين، تڏهن مون هن کي يقين سان چيو هو ته ”ڀِٽائي صاحب کي ڦاهي چاڙهيو ويندو.“ ڀارت ۾ فهميده Pakistan, Literature and Society نالي ڪتاب لکيو هو جنهن جو هڪ باب خاص مون تي لکيو هئائين. ان ڪتاب جي فوٽو ڪاپي مون کي شڪارپور واري اياز ابڙي آڻي ڏني هئي، جو ڪڏهن ڪڏهن مون کي انهن شعرن جون فوٽو ڪاپيون به پهچائيندو رهندو آهي، جي مون تنهن عمر ۾ ڇپايا هئا، جنهن ۾ ماڻهو اِهو به نه ڄاڻندا آهن ته ”شعر“ لفظ جي معنيٰ ڇا آهي. فهميده جي مٿئين ڪتاب تي پيش لفظ ڀيشم ساهنيءَ لکيو آهي، جو بمبئيءَ ۾ پيپلز ٿئيٽر جي باني بلراج ساهنيءَ جو پٽ آهي. فهميده وڏيڪ ٻڌايو ته ظفر اُڄڻ پيپلزپارٽيءَ جو نهايت سرگرم ڪارڪن آهي ۽ پارٽيءَ ۾ ڪنهن عهدي تي آهي. ڪجهه وقت مون فهميده جي تازي ڪتاب ”همرڪاب“ جي باري ۾ اخبارن ۾ خبرون پڙهيون هيون، جڏهن ان جو مهورت سپريم ڪورٽ جي سابق جج جسٽس دوراب پٽيل ڪيو هو جنهن جو ذڪر مون اڳ ئي ڪيو آهي. جڏهن مان ڪجهه وقت اڳ حيدرآباد ۾ هئس ته اُتي معلوم ٿيو هو ته وائسز گروپ مون کي، فهميده کي ۽ فيض کي ڳائڻ جو پروگرام رٿيو آهي ۽ ان لاءِ تاريخ به مقرر ڪئي آهي، پر اهو پروگرام منسوخ ڪيو ويو ڇو ته سرڪار جلسن جلوسن تي بندش وڌي. فهميده، بينظير سان ڪيتريءَ حد تائين متفق ٿي نظر آئي ۽ بينظير ۽ جماعت اسلاميءَ جي ناهه کي هن مصلحتاً نيڪ ٿي سمجهيو. اِهي مصلحتون سياست ۾ ته نيڪ هجن، پر مان انهن کي نيڪ نه ٿو سمجهان، جيستائين ته بينظير پنهنجي شهيد پيءُ وارو عوام جي فلاح ۽ بهبود جو ڏِڳ ئي ٻنهه ڇڏي نه ڏئي!

ڪجهه دير کان پوءِ مون کي فهميده چيو ته هن کي ”فرنٽيئر پوسٽ“ لاءِ منهنجو انٽرويو گهرجي، جا پشاور مان روز نڪري رهي

آهي. مان هن کي انڪار نہ ڪري سگهيس ۽ ڪافي وقت لاءِ انٽرويو ڏيندو رهيس. منجهند جي ماني تيار هئي، جا اسان سڀني گڏجي ٻين بجي کاڌي. ڳالهيون ڪندي فهميده، زرينہ کي چيو تہ هن کان امرتا پريتم پارت ۾ حيرت مان پڇيو هو: ”سنڌي عورتون بہ عشق ڪنديون آهن ڇا؟“ مون فهميده کي چيو: ”تون هن کي نہ چيو تہ اهڙو عشق بہ ڪنديون آهن، جهڙو ڪيس ساحر لڌيانويءَ سان هو!“ اسان ٻنهي کي زرينہ هڪ ڦِڪيءَ مُرڪ سان ٻڌي رهي هئي. لبنا ۽ سليم ڪلي ويٺا.

تاجل منجهند ڌاري آيو. هن جي نئين ڪتاب ”سنڌ منهنجي امان“ جو مسودو هن سان گڏ ويهي پڙهيم تہ جيئن ان تي مهاڳ لکي سگهان. تاجل هڪ مصور شاعر آهي ۽ هن جي شاعريءَ ۾ فطرت جي عڪاسيءَ مون کي متاثر ڪيو. خاص ڪري هو اُتر جي ڪچي جا منظر نهايت خوبصورتيءَ سان بيان ڪري ٿو. ڪاش! هو پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ٿوري ڦير گهير آڻي ۽ مطالعي لاءِ ڪافي وقت ڪڍي! هن وقت هو هڪ لاأُبالي انسان آهي. نہ ڄاڻان ڇو هن جي مون سان بيحد عقيدت ٿي وئي آهي!

تاجل جو مسودو ڏسڻ کان پوءِ، هن سان گڏجي يوسف شاهين وٽ ويس، جنهن مون سان اُن وقت پال پلايا هئا، جنهن وقت منهنجو وائيس چانسلريءَ جو ميعاد پورو ٿي ويو هو ۽ مان ڪراچيءَ ۾ انيس وٽ رهيل هوس ۽ اڃا پنهنجي مستقبل جي باري ۾ فيصلو نہ ڪري سگهيو هوس. يوسف وٽ پئسو تڏهن بہ جام هو پر ايترو نہ هو جيترو هن کي هاڻي آهي، ان وقت بہ مون سان هو ”سائين!“ چئي مخاطب ٿيندو هو ۽ هاڻي بہ ساڳيءَ طرح مخاطب ٿيندو آهي. منهنجي هن سان تڏهن کان واقفيت آهي، جڏهن هو مونا ليزا هوٽل ۾ مئنيجر هو جتي مان وچي رهندو هوس، جڏهن ٽيهارو سال اڳ سکر کان ڪراچيءَ ايندو هوس. ان کان پوءِ هن رات ڏينهن محنت ڪري پئسو ڪمايو آهي، ان حد تائين جو ڪجهہ سال اڳ هو ڪراچي چيمبر آف ڪامرس جي صدارت لاءِ وڙهيو هو پر هارايو هئائين ڇو تہ هو سنڌي هو. هو ”برسات“ جو ايڊيٽر

آهي. جڏهن مان وائيس چانسلر هوس تہ هن "برسات" جو شيخ اياز نمبر ڪڍيو هو جنهن تي ڪافي خرچ ڪيو هئائين. دولت سان محبت هن جي علم و ادب سان محبت ۾ ڪمي نہ آندي آهي. يوسف سان ملي مون کي احساس ٿيو آهي تہ سرمائيداري نظام تہ برو آهي ۽ ان کي ختم ٿيڻ گهرجي، پر اهو ضروري ناهي تہ پرولتاري انقلاب کان پوءِ هر سرمائيدار کي گوليءَ سان اڏايو وڃي. هن منهنجي نثري نظمن جو ڪتاب "پتڻ تو پور ڪري" نهايت محبت سان ڇاپيو ۽ اها محبت ڏسي انهيءَ ڪتاب جو انتساب مون هن جي نالي ڪيو. هن جي پنهنجي شاعريءَ جا ڪتاب "اندر ۾ اُهاءُ ٿيو" ۽ "ڄام ٻانيپٽو" ڇپجي چُڪا آهن. "ڄام ٻانيپٽي" جو مهاڳ نهايت چڱو آهي، جو بہ خود يوسف لکيو آهي. دراصل تاريخ جي مطالعي سان هن جي بيحد محبت رهي آهي. جڏهن هو پنهنجو ڪتاب World Federation of the peoples لکي رهيو هو، تہ هن ڏيڍ بين لکين جا ڪتاب خريد ڪيا هئا. جن ۾ ٽي چار اينسائيڪلوپيڊيا، ۽ ڪيترائي ساليانہ Almanac بہ هئا (انهن کي ٽپڙو يا جنتري چوڻ غلط آهي، ڇو تہ ٽپڙا ۽ جنتريون هڪ معمولي شيءِ ٿيندا آهن ۽ انهن ۾ هر ڳالهہ جي باري ۾ انگ اکر نہ هوندا آهن. جيئن Almanac ۾ هوندا آهن) انهيءَ ڪتاب متعلق هو ٻارهن سال سوچيندو رهيو هو ۽ مطالعو ڪندو رهيو هو. نيٺ هُن اهو ڪتاب اردوءَ ۾ لکيو جنهن ۾ هن دنيا جي هڪ گورنمينٽ لاءِ ڪيئي دليل ۽ حقيقتون ڏنيون. ان موضوع تي اڳ بہ ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ ان لاءِ هڪ بين الاقوامي ٻولي ايسپيرانتو (Esperanto) بہ ايجاد ڪئي وئي آهي، پر اهڙا انگ اکر ان موضوع تي مون ٻئي ڪنهن ڪتاب ۾ نہ ڏٺا آهن. هي ڪتاب انگريزيءَ ۾ يوسف جي دوست علي اقبال ترجمو ڪيو ۽ ڏاڍي چڱي گيٽ اپ سان ڇاپيو ويو پر ڪتاب ان ڪري ماريو ويو جو ان جي انگريزي بين الاقوامي معيار جي نہ هئي. ڊنڊي جي سلسلي ۾ يوسف ڪيئي ڀيرا گلاسگو ويو جتي هن مشورو ڪيو تہ ان ڪتاب کي جديد انگريزيءَ ۾ بدلايو وڃي ۽ Penguin Series ۾ ڇاپيو

وجي. انگلينڊ ۾ الطاف گوهر سان بہ مشورو ڪيائين. جو ڪنهن وقت ايوب خان جو انفرميشن سيڪريٽري هو. هن کي منهنجو حوالو بہ ڏنائين جو هن کي ڏکيو لڳو هوندو. ڇو تہ الطاف گوهر هوءَ تہ منهنجو تڏهن کان واقف آهي، جڏهن هو ڪراچيءَ ۾ ملازمت ڪندو هو ۽ حلقہ احباب ذوق جي نشستن ۾ ايندو هو پر مان جو ايوب خان خلاف سنڌ ۾ هڪ طوفان اُٿاريو هو اُن هن کي منهنجي خلاف بدظن ڪري ڇڏيو هوندو. بهرصورت اهو ڪتاب ايئن ڪتاب گهرن ۾ ڍير ٿيو پيو آهي. ان ڪتاب جي هڪ وڏي خوبي اِها آهي تہ اهو ڪتاب جيتوڻيڪ مارشل لا جي دوران لکيو ويو هو اُن ۾ فوجين جي نوڪريءَ کي نہ رڳو غلاميءَ کان بہ بدتر ڪري ڏيکاريو ويو آهي، پر اهو بہ ڏيکاريو ويو آهي تہ فوج دنيا جي تاريخ ۾ ٿي هر برائيءَ جي جڙ ٿي رهي آهي. ان ڪتاب مان يوسف جي وسيع مطالعي جو پتو لڳي ٿو.

يوسف منهنجو ڪتاب ”پن ڇڻ پڇاڙان“ بہ ڇاپيو جنهن ۾ منهنجا سوين هائيڪو آهن. ٻنهي ڪتابن جو گيٽ اپ نهايت چڱو آهي ۽ منهنجو ٻيو ڪو بہ ڪتاب انهن جهڙو خوبصورت ڇاپيل نہ آهي. اها يوسف جي محبت مون لاءِ وڏي آٿت ٿي آئي، نہ تہ مون جڏهن نوڪري ڇڏي هئي تہ منهنجي ايتري مخالفت هئي جو منهنجي هر ڳالهہ مان دل کٽي ٿي پئي هئي. مون کي ٽئگور جي زندگيءَ مان هڪ واقعو ٿو ياد اچي:

1913ع ۾ جڏهن ٽئگور سوا سال انگلنڊ ۾ رهي، ڪلڪتي واپس آيو تہ هن ڏٺو تہ برهمو سماج ۽ ساهتيڪ ڪيتر ۾ هن جا ويري هن تي هر قسم جي هلان ڪري رهيا هئا. بپن چندر پال جهڙو ماڻهو بہ هن جي شاعري، فلسفي، ڊرم وغيره جي خلاف ڳالهائي رهيو هو انهن کي سطحي ۽ کوکلو ڄڻي رهيو هو ۽ ايستائين ويو هو جو هن جي ٻوليءَ کي نهايت مبهم ۽ سمجهہ کان پري ٿي ڪوٺيائين ۽ پڙهندڙن کي هن جي ”ٽوٽي ڦيٽي ۾ ڦاسڻ“ کان روڪيائين ٿي. ٽئگور کي ان تي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڪلڪتي ۾ جي بہ هن جي پوئلڳن ۽ ساهت پريمين پروگرام

رتيا هئا. انهن ۾ شريڪ ٿيڻ کان نابري واري ٽئگور شانتي نڪيتن هليو ويو هو. ٿوري وقت کان پوءِ، هن کي نوبل پرائيز مليو هو ته ڪلڪتي مان پنج سؤ مکيه ماڻهو خاص هلايل ريل گاڏيءَ ۾ هن لاءِ آيا هئا. ٽئگور کي هڪ ڪنول سنگهاسن تي ويهاريو هئائون ۽ تقريرون ڪندڙهن جي ساراهه مان نه ٿي ڍاپيا. ٽئگور جوابي تقرير ۾ چيو هو ته "اوهان جيڪو ماڪيءَ جو پيالو اڄ مون کي آڇيو آهي، مان ان جي ميٺاج کي رڳو چپن سان ڇُهي ٿو ڏسان. مون کي معاف ڪجو جي مان انهيءَ مٺيءَ ماکيءَ کي ڳھي نه سگھان. مان ڪوئي عوام جو ليڊر نه آهيان، جنهن کي پاڻ ۾ يقين پيدا ڪرڻ لاءِ عوام جي تحسين ضروري آهي يا اهو ضروري آهي ته عام پلائيءَ لاءِ هن جي ڪارڪردگيءَ جي تعريف ٿئي، جيڪا هن کي وڌيڪ پلائي ڪرڻ لاءِ اڳي کان وڌيڪ اُتساهي. مان هڪ نهنو شاعر آهيان ۽ پنهنجي پسند لاءِ لکي رهيو آهيان. ڪن کي منهنجي شاعري وڻي ٿي، ڪن کي نه ٿي وڻي ۽ ڪي ان جي باري ۾ بيپرواهه آهن. منهنجن محسن هم وطنن مون تي گل افشانيءَ کان وڌيڪ سنگ باري ڪئي آهي. مون سڀ عقوبتون خاموشيءَ سان سٺيون آهن ۽ اڳي وانگر لکندو رهيو آهيان. پوءِ هيءَ اوچتي ساراهه ڇو؟....."

گذريل سال جڏهن مون سنڌي ادبي سنگت جي ساليانيءَ ميڙ جي، حيدرآباد ۾ صدارت ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن تي جڏهن سنگت جي چونڊن کان پوءِ سنگت جي مرڪزي باڊيءَ جا ميمبر مون سان ابراهيم جويي جي جاءِ تي ملاقات لاءِ آيا هئا ته مون کي ٽئگور جا مٿيان لفظ ياد آيا هئا.◆

افسوس جي ڳالهه ته اها آهي ته موهن ڪلپنا بنا ڪنهن ثبوت

---

◆ ان وقت آءٌ ۽ اياز گل، غلام حسين رنگريز سان گڏ محمد ابراهيم جويي جي جاءِ تي اياز سان مليا هئاسون، مون هڪ ڏينهن اڳ غلام حسين رنگريز جي حق ۾ هٿ کڻي، کيس سيڪريٽري جنرل چونڊرايو هو (تاج جويو)

جي لکيو هو تہ ”هن وٽ ثبوت آهي تہ اياز پُٺتي وٽ وڪامي ويو آهي.“

يوسف ٿي اهو شخص هو جنهن نہ رڳو محسوس ڪيو پر چيو بہ تہ هڪ ليڊر مرندو آهي تہ ٻيو پيدا ٿيندو آهي، شاعر مرندا آهن تہ صديون ويران ڪري ويندا آهن. ڏاڍو وقت لڳندو آهي، جو وري مٽيءَ تي مينهڙا وسندا آهن ۽ شاعري روهيڙي جي گلن وانگر ٽڙي پوندي آهي. غزنيءَ جي مسجد جا ڏاڪا تہ سون مان نهرائڻ وارا ڪيئي تاريخ جا رهزن ٿي سگهندا آهن، پر فردوسي اجا تائين هڪ ئي پيدا ٿيو آهي. يوسف بار بار مون کي ”برسات“ جي پهرئين صفحي تي ڇاپيندو رهيو ۽ تيستائين اتساهيندو رهيو، جيستائين مان ڏک جي ڏُٻڻ مان نڪري، وري زندگيءَ کي تازو توانو ٿي ڏٺو.

هن پيري هو ڪنهن وڏي خفي ۾ ڦاسي ويو هو ۽ ڪيتري پيچ ڊوڙ ۽ گوٺنائيءَ کان پوءِ معاهدي موجب گلاسگو مان هن جي ستر اسي لکن جي مشينري اچي رهي هئي. مون هن کي ڏاڍو رڌل ڏسي، هن کان موڪل ورتي ۽ رڳو هن سال هن سان ملاقات مختصر رهي. تاجل هٿ مون هن ڏانهن اُها تقرير ڏياري موڪلي، جا مون ڪئيسٽ جي مهورت وقت ڪئي هئي، جا وري هُن برسات ۾ پهرئين صفحي تي ڇپي آهي.

اج هندستان جا بہ سنڌي ڪتاب پهتا. هڪ تہ دڪايل◆ جي شاعريءَ جو ڪتاب ”مشاهدو“ هو جنهن تي لکيل هو: ”گهڻي سنيهہ مان پياري ياءُ اياز لاءِ دڪايل.“ اهو ڪتاب ڪوئي صاحب مون کي هٿئون هٿ ڏئي ويو. ٻيو ڪتاب هو نارائڻ شيام جي غزلن جو مجموعو ”ذات ۽ حيات“ جنهن تي لکيل هو: ”شيخ اياز کي، جنهن سنڌي شعر جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. نارائڻ شيام.“ اهو ڪتاب سکر ۾ منهنجي گهر پوسٽ ذريعي پهتو هو جو منهنجي سالي سرفراز مون ڏانهن

---

◆ دڪايل: هوندراج دڪايل

ڪراچيءَ موڪليو هو.

دکايل کي پهريون پيرو مون "رستم" نالي اُتر سنڌ جي هڪ ڳوٺ ۾ ڏٺو هو. مان تڏهن ٽئين درجي انگريزيءَ ۾ شڪارپور جي نيو ايرا اسڪول ۾ پڙهندو هوس ۽ "سنڌو" رسالي ۾ منهنجا ڪجهه شعر شايع ٿيا هئا. غالباً ان وقت منهنجي عمر ٻارهن ورهيه هئي. اسان جي ڪلاس جو ماستر هاسانند پرسواڻي، جو مون سان بيحد محبت ڪندو هو ۽ ڪلڪتي مان ڪتاب گهرائي مون کي پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو ۽ اُتان "Indian Review" رسالو به گهرائيندو هو ۽ ان ۾ آيل مضمونن جو تت مون کي ۽ ٻين ذهين شاگردن کي ٻڌائيندو هو. مٿي ذڪر ڪيل ڳوٺ رستم جو رهندڙ هو جو شڪارپور کان ڪجهه ميلن جي پنڌ تي آهي. ماستر صاحب پنهنجي ڪلاس جي سيني ڇوڪرن کي ڇنڇر رات پنهنجي ڳوٺ جي دعوت ڏئي وٺي هليو هو ۽ پنهنجيءَ حويليءَ ۾ ترسايو هئائين.

ٻئي ڏينهن تي اٽڪل 10 بجي صبح جو ٻاهر ڳوٺ ۾ سياسي ميڙ هو. دکايل آيل هو. هن سان ڪيئي نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا به آيل هئا ۽ هو انگريز سامراج خلاف گيت ڳائي رهيا هئا. دکايل کي مون سندس گيت ڳائيندي ٻڌو:

گانڌي تنهنجو آواز مون ته جهوپڙن ۾ ٻڌو
تارن ستارن ۾ ٻڌو
هرڪو ڳائيندو ٿي وتيو
ڊيرا ٺاهيندو ٿي وتيو.

مون کي گيت پورو ياد نه آهي، پر ان جا ٻول اجا به منهنجي من ۾ ٻُرن ٿا. هو وڏي تاثير وارو شاعر ۽ راڳي هو. ان کي ڪيئي سال گذري ويا. 1947ع ۾ هو مون سان ڪراچيءَ ۾ سوامي نارائڻ مندر ۾ مليو جتي ڪيئي هندو رهيل هئا، جي پارٽ لڏي وڃي رهيا هئا. هو اتي ڪئمپ ڪمانڊنٽ هو. گانڌيءَ کي گاڊسي گولي هڻي ماري وڌو هو ۽ اهو آواز ٻُجهي ويو هو ۽ تارا ستارا اوندهه ۾ ٻڏي چڪا هئا.

ڪتاب ۾ آچاريہ ياوي ونوپا جي آشير واد ڇاپيل آهي. مان ”پون دان يگيہ“ کي ڪائي خاص اهميت نہ ٿو ڏيان. 1964ع ۾ مون ان جي باري ۾ آرٿر ڪونسلر جا تاثرات هن جي ڪتاب The Lotus and the Robot ۾ پڙهيا. هئا. ان وقت اهڙا اها تحريڪ هلي رهي هئي. مون کي ان وقت بہ ان مان ڪنهن خاص سماجي تبديليءَ جي اميد نہ هئي، پر ان تي مڪمل تبصري لاءِ مون وٽ اڄ بہ ڪوئي خاص مواد ڪو نہ آهي. بهر صورت ايئن ٿو لڳي تہ دڪايل ان تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. حبيب جالب وانگر دڪايل پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪافي اثرائتي نعريبازي ڪئي آهي.

نارائڻ شيام ساڳي دور ۾ ڏي. جي سنڌ ڪاليج ۾ پڙهندو هو جنهن ۾ مان ۽ شيخ عبدالرزاق ”راز“ پڙهندا هئاسين. هو مون کان وڌيڪ عبدالرزاق ”راز“ جو دوست هو ۽ ڪتاب جي مُهڙ ۾ جن ستن ماڻهن جي سرهي ساٿ جو ذڪر ڪيو اٿائين، تن ۾ راز ۽ منهنجا نالا بہ آهن. هونءَ تہ شيام جي ڪلام جا پنج مجموعا شايع ٿيا آهن. ”ماڪ ڦڙا رابيل“، ”واريءَ ڀريو پلاند“، ”آڇيندي لڄ مران“ ، ”مهڪي ويل صبح جي“، ”بوند_لهرون_سمنڊ“. ◆

هن غزلن جي مجموعي ۾ هن جا سمورا غزل شامل آهن. جي هُن هن مهل تائين چيا آهن. ورهاڱي کان پوءِ جڏهن مون هن کي پاڪ ٽيءَ جي جهاز تي الوداع چئي هئي، اُن وقت کان هن وقت تائين، ايڪيتاليهن سالن جي عرصي ۾ هو مون سان فقط هڪ ڀيرو مليو آهي. جڏهن مان 1963ع ۾ بمبئي ويو هوس تہ هو منهنجي اچڻ جي خبر ٻڌي دهليءَ مان بمبئي آيو هو ۽ مون سان ڪجهہ ادبي ڪچهرين ۾ ساٿ هو. ان لاءِ مان هن جو اڄ تائين ٿورائتو آهيان. هو هڪ نهايت نهٺو ۽ پيارو ماڻهو آهي. هن جي نهٺائي انهيءَ شعر مان ظاهر آهي، جو هن ”ذات ۽ حيات“ جي پوئين سرورق تي ڏنو آهي:

---

◆ هن وقت تائين ڏهن کان مٿي شايع ٿيل آهن (تاج. جويو)

هجي جا ڪاڻ خوبين جي ۾ خامين ڪان بنھ آجي
نہ پنهنجي زندگي اهڙي، نہ پنهنجي شاعري اهڙي

هن جي ڪتاب جو نالو "آچيندي لڄ مران" بہ هن جي نهٺائيءَ سان منسوب ڪري سگهجي ٿو. دهليءَ ۾ هن جي سرڳواسيءَ ڀاءُ هيم ناگواڻيءَ منهنجي ڪافي سار لڌي هئي. مون هن جي مرتيو تي شيام کي خط لکيو هو پر ان جي پهچ مون کي انهن ڪتابن وانگر نہ ملي سگهي، جي مون وقت بوقت شيام ڏانهن موڪليا هئا. مان ڀانيان ٿو تہ اُهي ڪتاب ۽ خط سي آءِ ڊيءَ وارا ڪٽي ويا هوندا. جڏهن مون کي خبر پئي تہ موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش دبئيءَ ۾ آهن، تہ نہ رڳو مون انهن کي پنهنجا ڪتاب موڪليا، پر نارائڻ شيام لاءِ بہ ڪتاب موڪليا. ديوار جي ٻئي پاسي نارائڻ شيام ادبي حلقن ۾ ايترو مقبول آهي، جو مون 1965ع واريءَ جنگ ۾ هن کي علامت ٺاهي نظم لکيو هو:

هي سنگرام
سامهون آ
نارائڻ شيام....!

ان نظم جي اشاعت تي مون کي جيڪي سهڻو پيو مون خوشيءَ سان سنو ۽ اُن ڪان پوءِ شيام جڻ منهنجي وجود جو حصو ٿي چڪو آهي، ايتريءَ حد تائين، جو مون هيٺيون هائڪو هن جي باري ۾ لکيو آهي، جو منهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ شايع ٿي چڪو آهي:

مان بہ تہ آهيان شيام
نارائڻ، تنهنجو رڳو
ناهي اهو نامُ.

اسان جون طبيعتون مختلف آهن. هو هڪ خاموش طبيعت وارو ٿڌو ٺانهريو انسان آهي ۽ مان بقول بيدل:

شوق جوشي زدکہ مي پنداشتم ميخانہ ام.★

پر پوءِ بہ هو مون کي سنڌوءَ تي شام جي شفق وانگر ڏاڍو وڻندو آهي. ڪجھہ وقت انيس دبئي ڪنهن ڪم سان ويو تہ موتي ۽ ڪلا جي گهر رهيو هو. رات جو هو ڪافي دير ڪچهري ڪندا رهيا هئا. اُتي روپا نالي هڪ ڇوڪري آهي، جنهن پنهنجي نهايت منٺڙي آواز ۾ منهنجي وائي: ”تنڙي پوندا تارئين، جڏهن ڳاڙها گل. تڏهن ملنداسين.“ ڳاتي هئي ۽ ساري گفتگو ۽ ڳاتل وائيءَ جي ٽيپ پري مون ڏانهن موڪلي هئائون. ان ٽيپ ۾ موتيءَ ڪجھہ شيام جا شعر بہ پڙهيا هئا. پوءِ موتيءَ ۽ ڪلا، شيام کي دبئيءَ گهرايو ۽ مون کي بہ اچڻ لاءِ خط لکيائون ۽ فون بہ ڪيائون، پر مان وڃي نہ سگهيس ڇو تہ مان هاءِ ڪورٽ ۾ ڏاڍو رڌل هوس.

نهايت افسوس جي ڳالھہ آهي تہ اسين هڪٻئي سان ملي نہ ٿا سگهون. اسين جي شاعر آهيون، جي محبت جا پيغمبر آهيون، جي انسان ذات کي امن جو پيغام ڏيون ٿا ۽ ٽٽل دليون ڳنڍي سگهون ٿا، جي دلين جي وچ ۾ ديوارون ڍاهي انهن کي ملائي سگهون ٿا، اُهي هڪٻئي سان ملي نہ ٿا سگهون! ايئن مون لاءِ بمبئيءَ يا دهليءَ پهچڻ ڳالھہ جي ڳالھہ آهي، پر مون کي خبر آهي تہ پارت مان موٽڻ کان پوءِ مون سان ڪهڙا ويل وهايا ويندا. پنجابيءَ جا اديب اچي وڃي سگهن ٿا، اردوءَ جا اديب اچي وڃي سگهن ٿا، پر سنڌيءَ جا اديب اچي وڃي نہ ٿا سگهن! ڇا اسان جي ادب جو بہ ورهاڱو ڪيو ويو آهي؟ هي جي اسلام اسلام ڪري اسان جي نڙ گهٽ تي ننهن ٿا ڏين، ڇا اهو جاڻن ٿا تہ اسان جي زبان ۽ ثقافت جي آڏو اچي، هو اسلام سان دشمني ڪري رهيا آهن؟

---

★ (شوق جوش ۾ آيو ڇاڪاڻ جو مون پنهنجي مئخاني کي ڇڱيءَ طرح ٿي سجاتو)

اج منجهند جو ماهتاب محبوب حيدرآباد مان فون ڪيو تہ هوءَ 8 جولاءِ تي ٿائليند وڃي رهي آهي ۽ ان لاءِ ڪراچيءَ ايندي ۽ مون سان بہ ملندي. مون کي ماهتاب جي اچڻ جو بڏي بيحد خوشي ٿي. جي هوءَ بيو ڪوئي ڪتاب نہ لکي ها ۽ فقط ا"اندر جنين اُج" لکي ها، تڏهن بہ هن جو سنڌي ادب ۾ پائينده مقام هجي ها. ماهتاب جون ڪهاڻيون بہ ڏاڍيون چڱيون آهن ۽ ڪنهن ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ تہ هوءَ عصمت چغتائيءَ کان بہ وڌيڪ آهي. ڪهاڻيون تہ سُندري بہ ڏاڍيون چڱيون لکندي آهي، پر هوءَ پاڪستان مان موتي "اندر جنين اُج" جهڙو ڪتاب نہ لکي سگهي. مان ماهتاب سان سال ۾ هڪ بہ ڀيرو ملندو رهيو آهيان ۽ هن سان مختلف موضوعن تي گفتو ٿيندي رهي آهي، پر چاڪاڻ جو اُن وقت ڪوئي نہ ڪوئي هن جي گهر اچي نڪرندو آهي، اسان گفتگو توڙ تائين نہ پهچائي سگهندا آهيون. اهو ئي سبب آهي، جو هوءَ مون تي خاڪو مڪمل ڪري نہ سگهي آهي ۽ ان ڪري مون هن کي پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ڪيئي خط لکيا آهن. اهي خط منهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو حصو آهن ۽ مان چاهيان ٿو اُهي الڳ ڪتابي صورت ۾ ڇپايان.

هن منهنجن ڪتابن "ساهيوال جي ڊائري" ۽ "رڻ تي رم جهم" تي مهاڳ لکيا آهن. جي هن جي اُڪير جي ثابتي آهن. يوسف شاهين وانگر هن بہ مون سان اُن وقت چڱايون ڪيون، جنهن وقت ڪيترائي پنهنجا مون کان ٿهي ويا هئا ۽ بي سبب منهنجي برائي ڪري رهيا هئا. پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي ويهي ئي ڪوئي ٻيءَ پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي نظر وجهي سگهندو آهي. تري ۾ ويهي ماڻهو ايترو مٿي نہ ٿا ڏسي سگهن.

ماهتاب جي ڳُوڙ بہ چاپڙائيءَ، گلا خوريءَ ۽ خاص ڪري ڪنهن دوست جي پرپٺ غيبت سان نہ پوندي آهي. قدرت جيترو هن کي خوبصورت چهرو ڏنو آهي، اوتري خوبصورت دل ڏني آهي. مان جڏهن بہ هن وٽ ويو آهيان، هن منهنجون دعوتون ڪيون آهن ۽

ڪيئي دوست گهرايا آهن ۽ جڏهن بہ مون هن وٽ شعر پڙهيو آهي، هن جي پٽ مُرشد ساريءَ محفل جي ڪار گذاري مووي ڪئميرا تي پري آهي. محبوب هن جي قدر و قيمت چڱيءَ طرح ڄاڻي ۽ هن جو ڏاڍو خيال رکندو آهي.* هڪ پيري مان هنن جو مهمان هيس. هنن ڪنهن خالي بنگلي ۾ منهنجي رهائش جو انتظام ڪيو هو ۽ پنهنجي دوست نور محمد (ٽائيم فوٽوز واري) کي منهنجي سار سنڀال لاءِ اُتي رهايو هئائون. صبح جي وقت هن جو پٽ مرشد مون لاءِ گاڏي ڪاهي آيو تہ جيئن مان هنن جي گهر وڃي سگهان. مان جيئن بنگلي مان ٻاهر نڪتس پئي، تيئن چانئٺ وٽ هڪ لسي پٿر تي منهنجو پير ترڪي ويو ۽ مون کي چيلهہ جي هڏيءَ وٽ زبردست چوٽ آئي. مان موٽي اچي پلنگ تي ليٽي پيس. ٿوريءَ دير ۾ محبوب سان گڏ ماهتاب پهچندي آئي. مرشد کي Spray ڏنائين تہ منهنجي سور گهٽائڻ لاءِ مون کي هٽي ۽ پاڻ تيستائين نہ وئي، جيستائين مون کي ڪجهہ آرام آيو. ان وقت هن جي منهن تي جا انساني همدرديءَ جي ڪيفيت نظر آئي، سا اڄا تائين مون کان نہ وسري آهي، ڇو تہ اهڙي ڪيفيت مون ان کان اڳ يا ان کان پوءِ ڪنهن بہ انسان جي منهن تي نہ ڏٺي آهي. هوءَ نہ رڳو برک اديب آهي، پر هن جي فطرت ۾ ادب نوازيءَ جو پهلو بہ بي مثال آهي. فرانس جي Madame de pompadour جي فطرت جا ڪجهہ ڪمزور پهلو خيال ۾ رکي مان هن سان ماهتاب جي ڀيٽ ڪو نہ ٿو ڪريان. ماهتاب هڪ آدرشي زال ۽ ماءُ آهي ۽ هن وانگر امير طبقي مان نہ آهي. پر مون کي هن جي ادب نواز شخصيت مان ايترو چئن ملندو آهي، جيترو والٽيئر، کي مادام دي پامپڊور جي دوستيءَ مان ملندو هو.

---

* محبوب شيخ، ماهتاب محبوب جو مڙس، جو ڪجهہ سال ٿيندا، گذاري ويو آهي (ت. ج)

پنجين جولاءِ تي مرتضيٰ سولنگي ۽ اڪبر زيدي آيا. مرتضيٰ سولنگي اسٽيل مل ۾ ملازم آهي. معلوم نہ آهي، هو اُتي ڪهڙو ڪم ڪندو آهي. هن کان اهو سوال پڇندا آهيون تہ روسين وانگر جواب ڏيندو آهي تہ "مان ورڪر آهيان." مون اڳ ئي لکيو آهي تہ هو سکر ۾ مون وٽ اپٽل دت جو انقلابي ٿئيٽر تي ڪتاب کڻي آيو هو. هن جي دوست اڪبر زيديءَ چليءَ مان هسپانوي ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽوريٽ ڪئي آهي ۽ هو ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ هسپانوي زبان پڙهائيندو آهي. مرتضيٰ سولنگيءَ کي معلوم هو تہ اڳ شاهد مون کي چليءَ جي اشتراڪي شاعر-راڳيءَ وڪٽر هارا (Victor Jara) جي شاعريءَ جو انگريزي ترجمو ڏنو هو ۽ بيدل مسرور پين ڪيترن ڪئسيٽن سان گڏ هن جي آواز ۾ هسپانوي گيتن جي ڪئيسٽ بہ مون کي ڏني هئي، جا مان اڪثر اسُر جو چانهہ پيئڻ وقت ٻڌندو آهيان. ناشتي تائين مان روز موسيقي ٻڌندو آهيان. ان ۾ بنگال جا انقلابي گيت، بينگالي لوڪ گيت، پرچم گروپ جا انقلابي گيت، بئري وائيٽ (Bary White) ۽ ڪجهہ روسي ڪمپوزر، نيره نور جو ڳاتل فيض جو ڪلام، امير خسرو جو ڪلام، اقبال بانوءَ جو فيض ۽ غالب جو ڪلام، مهدي حسن جو "نديا ڪناري موري ناؤ"، ۽ ڪيئي سنڌي لوڪ گيت ٻڌندو آهيان. وڪٽرهارا جو آواز مون کي ڏاڍو وڻيو هو. مان ان آواز کان ايترو تہ متاثر هوس، جو وڪٽر هارا تي سنڌيءَ ۾ هڪ نظم لکيو هوم، جو منهنجي ڪتاب "راڄ گهاٽ تي چنڊ" ۾ ڇپيو آهي ۽ جنهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو مرتضيٰ سولنگيءَ وڪٽرهارا جي بيوهہ جون هارا کي انگلنڊ موڪليو هو، جا وڪٽرهارا جي شهادت کان پوءِ چليءَ مان لڏي اچي انگلينڊ ۾ رهي آهي. جون هارا جواب ۾ مون لاءِ سلام موڪليا هئا ۽ شڪريي جو اظهار ڪيو هو. منهنجي وڪٽرهارا ۾ ايتري دلچسپي ڏسي اڪبر زيديءَ مون لاءِ وڪٽر هارا جي زندگيءَ تي لکيل جون هارا جو انگريزيءَ ۾ ڪتاب تحفي طور آندو هو، جو هو چليءَ مان واپسيءَ تي منهنجي لاءِ کڻي آيو هو. هن مرتضيٰ سولنگيءَ

ڪي چيو تہ جيڪر مان پنهنجي شاعريءَ جي ڪنهن ڪتاب تي پنهنجو نالو لکي هن کي ڏيان تہ هو ڏاڍو خوش ٿيندو. مون وٽ "ڪپر تو ڪُن ڪري" جي ڪاپي پئي هئي، جا مون هن کي پنهنجو نالو لکي ڏني ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ هن کان چليءَ ۾ زندگيءَ جو حال احوال وٺي هنن کان موڪلايو. مرتضيٰ سولنگي هڪ پيرو شاهد سان گڏ مون وٽ سکر آيو هو ۽ يوناني شاعر يانس رتسوس (Younis Ritsos) جي منتخب شاعريءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو مون کي ڏنو هئائين. جنهن مون کي ڪافي متاثر ڪيو هو. رتسوس کي ساري زندگي ڪابيءَ ڏر سان همدرديءَ ڪري ظلم و ستم جو نشانو بڻايو ويو آهي. 1936ع ۾ هن جو هڪ ڪتاب سئلونيڪا★ ۾ زيوس (Zeus) جي مندر سامهون ٻين ترقي پسند ڪتابن سان گڏ جلايو ويو هو. ان ۾ هن هڪ محنت ڪش جي قتل تي نوحو (Lament) لکيو هو. جنهن کي اسٽرائيڪ هلندي قتل ڪيو ويو هو. ٻي جنگ عظيم ۾ يونان ۾ قومي مزاحمت جي تحريڪ (National Resistence Movement) جي خاتمي کان پوءِ رتسوس ٻين ڪيترن ئي دانشورن سان گڏ چئن سالن لاءِ اندروني سياسي جلاوطني Internal Political exile ۾ يوناني ٻيٽن تي موڪليو ويو هو. هن جي ڪتابن تي بندش وڌي وئي هئي. 1954ع تائين هن کي ڪجهہ بہ ڇپائڻ جي اجازت ڪا نہ هئي. 1967ع جي ڪوڊي تا (Coup Detat) کان پوءِ وري هن کي ساڳيءَ طرح اندروني جلاوطنيءَ ۾ موڪليو ويو هو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ گرفتاريءَ هيٺ رکيو ويو هو ۽ هن جا ڪتاب 1972ع تائين بندش هيٺ هئا. هن کي لينن امن انعام ۽ 1979ع تائين ٻيا ڪيترائي بين الاقوامي انعام مليا آهن. هن جا نظم جڻ يونان جي روزمره جي زندگيءَ جو عڪس آهن. ايئن ٿو لڳي تہ هن جي شاعري جڻ ڪيترن ئي ترت عڪسي فوٽن (Snap Shots) جو ڪوئي البم آهي، جنهن ۾ ماڻهن، جاين ۽ وارداتن جا فوٽوگراف آهن، جي پنهنجي

---

★ سئلونيڪا Salonika: يونان ۾ هڪ شهر

ليکي تہ عام رواجي ۽ ٻُسا آهن، پر غور سان ڏسبو تہ نہ رڳو اُهي يونان جي زندگيءَ جو عڪس آهن، پر انهن کي هڪ باطني (Mystical) ۽ سياسي گهرائي بہ آهي. مثال طور هڪ ويران ڪناري تي ڪوئي سمنڊ ۾ تڙ تڪڙ ۾ ٽُٻي ڏئي ٿو. هڪ اگهو ماڻهو جو ويجهي ڪلال خاني مان سنگيت ٻڌي ٿو. پنهنجي بيهاريل لاريءَ ۾ هڪ ڊرائيور پنهنجن هنداڻن جي ڍير تي نظرداري ڪري ٿو ۽ جنهن وقت هن کي ڪجهہ ڇوڪريون آڏيءَ اک سان ڏسن ٿيون، تنهن وقت هو ڦٽوتو ڪڍي وارن کي ڏئي ٿو. سمنڊ جي پاسي سان ڪئفي ۾ پوڙها مهاڻا ڪلرانين ڪڙڪين پنيان وينل نظر اچن ٿا. ڪٿي ڪِنو ٿيندڙ ميوو ڪنو ٿيل آهي، ڪٿي اُس ۾ چمڪندڙ پوچر آهي، هڪ زائفان تسبيح سوري رهي آهي ۽ هن جي پير واري ڪمري ۾ ميت رکيو آهي. هڪ درزڻ سانجهيءَ جو پنهنجي دڪان جا روشندان بہ بند ڪري رهي آهي ۽ پنهنجن ڏندن جي وچ ۾ ڪيئي سيون بہ جهلي بيٺي آهي. مون ڪيئي سال اڳي "ڪلهي پاتم ڪينرو" جي ڪجهہ غزلن ۾ اهڙا تجربا ڪيا هئا. مثال طور:

سانجهي مانجهي بيٺ بڳها،
پر تي آگ مٿان آونگہ

—

آس- آ سونهان رڻ ۾ رات
گگهايل گهوڙا بيوس واڳ

—

موتئي جون مالهائون، منڌ
من-مندر جي چائنٹ، شام،

—

وڻ وڻ تي ڪوماٽا ڪانو
پن پن ۾ پڙلاءُ نہ ڪو.

—

ٻاهر رنگا رنگ شفق
پڇري ۾ پنڇيءَ جي شام

—

نانگا، مينهوڳيءَ ۾ مڇ
ڪاريءَ نانگڻ جهڙي رات.

—

اندر سيخون، ڪوٽ ڪڙا
ٻاهر ڪونجون، هير هڳاءُ.

رتسوس ۾ ڪٿي مصوري وڏيڪ دلڪش، پر مشڪل آهي ۽ ان جي پورتي پرک لاءِ يوناني زندگيءَ سان آشنائي ضروري آهي. ”ساموندي“ عنوان سان هڪ نظم ۾ ڏُڪيءَ (Wharf) تي هڪ ماڻهو مڇي ڪپي رهيو آهي. ڪافي رت هاريل آهي، جنهن کي ڏسي ٻـ زالون چون ٿيون تـ ڳاڙهو جميل رت ان ماڻهوءَ جي خوبصورت ڪارين اکين سان ڪهڙو نـ ميل ڪائي ٿو! ان ڪان پوءِ ڏيان مٿي گهٽيءَ ڏانهن وڃي ٿو جتي ٻار ساڳئي تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ مڇي ۽ ٻئي پڙ ۾ ڪرئلا وجهي توري رهيا آهن. نظم هڪ تصوير آهي، اها ڏَڪيءَ کان تارازيءَ تائين وقت ۾ سفر نـ ٿي ڪري، پر ٻئي شيون ساڳئي وقت پسائي ٿي، جڻ تـ يوناني مصور ايل گريڪو (El Greco) جي ڪائي تصوير يا ڪائي بازنطيني مورتي (Byzantine Icon) آهي.

مئي 1966ع ۾ جڏهن سئلونيڪا هڪ ڏهاڪي لاءِ اشتراڪي تحريڪ جو مرڪز هو تڏهن پگهارن جي اضافي تي پيل اَجوڳ بندش سبب هڙتال ٿي. پوليس هڙتالين تي فائر ڪيا ۽ ٻارهن ڄڻن کي ماري وڌو ۽ سون کي ڦٽي وڌو. ٻئي ڏينهن تي اخبارن ۾ هڪ ماءُ جو فوٽو گراف آيو جنهن کي ڪارا ڪپڙا پيل هئا ۽ جا پنهنجي مري ويل پُٽ تي روئي رهي هئي، جنهن جو لاش سئلونيڪا جي هڪ گهٽيءَ ۾ پيو هو. انهيءَ فوٽو رتسوس کي ايترو تـ متاثر ڪيو جو ٻن ڏينهن کان پوءِ هن اُن تي هڪ زبردست نوحو (Dirge) لکيو ۽ انهيءَ سانحي کي

ڪرست جي صليب (Crurcifixion) وانگر ڏيکاريو. ان نوحي ۾ وچوڙيل ماءُ پنهنجي پٽ لاءِ زار زار روئي رهي آهي ۽ چوي ٿي:

مئي جي مهيني ۾ هڪ ڏينهن تون مون کي ڇڏي وئين،
مئي جـــي هـڪ ڏينهن مون توکي هميشہ لاءِ وڃايو...

هوءَ نہ ٿي سمجهي سگهي تہ هن جو پُٽ ڇو ماريو ويو. هن جي پُٽ جا سياسي ارادا هن جي سوچ ۾ نٿا اچي سگهن، پر هوريان هوريان هن جي شعور ۾ ڦيرو اچي ٿو ۽ آخر ۾ هن کي ان مستقبل تي اعتبار اچي وڃي ٿو جنهن وقت انسان هڪ ٻئي سان محبت ڪندا ۽ متحد ٿي ويندا. ۽ اهڙي مقصد لاءِ هوءَ پنهنجي جدوجهد جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪندي چوي ٿي:

منهنجا پٽ! مان تنهنجن رفيقن سان شريڪ ٿيان ٿي
۽ پنهنجو غصو هنن جي غصي ۾ شامل ڪريان ٿي،
مون تنهنجي بندوق سنڀالي آهي، سمهي پئہ منهنجا پٽ،
هاڻي ڀلي سمهي پئہ!

ڪيترن مهينن کان پوءِ ميٽا ڪساس (Metaxas) * جي يونان ۾ آمريت قائم ٿي ۽ انهن نظمن کي زيوس (Zeus) جي مندر سامهون جلايو ويو ۽ پورا بہ ڏهاڪا اُهي وري ڇپجي نہ سگهيا. اُن عرصي ۾ نہ رڳو يونان ميٽاڪساس جي آمريت ڏٺي، پر ان عرصي ۾ يونان جرمنيءَ جي والار ۾ بہ آيو ۽ بہ خانہ جنگيون بہ ٿيون.

رتسوس جي شاعري نہ رڳو دانشور طبقي کي متاثر ڪيو پر خلاصي، ميربحر ۽ ٽئڪسي ڊرائيور بہ ان کان ناواقف نہ هئا. دراصل هن جي شاعري يونان جو غيرسرڪاري قومي ترانو ٿي پئي. مان يونان تہ ڪو نہ ويو هوس، پر استنبول جي ٻاهران ايجين سمنڊ ( Aegean

---

* جنرل ميٽاڪساس (1936ع ـ 1941ع) ٽين سيبتا (Third Civilization) جو پايو وڌو جا هڪ ليگ پگ فاشسٽ ايامڪاري هئي، جنهن ۾ سرڪار جي مخالفت تي بندش هئي ۽ ڪميونسٽ پارٽي زير زمين هلي وئي هئي. اپريل 1941ع ۾ نازي جرمني يونان کي والاري ٿي ۽ انگريز فوج کي ڪريٽ (Crete) جي رستي پٺي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيائين.)

Sea) ڏنو هئم، جو استنبول ۽ يونان جي وچ تي آهي. دراصل شيريٽن هوٽل جنهن ۾ مان لٿل هوس. ان سمنڊ جي ٻاهران چاليهارو قدمن تي هو. ان ڪري مان رتسوس جي نظم "March of Ocean" ۾ Inexhaustible song of noctural waves (رات جي وقت ڇولين جو اُڪٽ گيت) ۾ جا ڪيفيت آهي، سا چڱيءَ طرح سمجهي سگهان ٿو.

جيئن سياسي حالتون ابتر ٿينديون ويون، تيئن رتسوس سياسي موضوعن تي وڌيڪ لکڻ لڳو ۽ ان ڪري هن جي نظمن جي فورن اشاعت ناممڪن ٿي پئي. جرمنيءَ جي فوجي تسلط مان آزاديءَ کان پوءِ، خانہ جنگيءَ ۾ کاٻيءَ ڌر شڪست کاڌي، ۽ ڊسمبر 1944ع ۾ برٽش ٽئنڪن جي مدد سان کاٻيءَ ڌر کي ختم ڪيو ويو. پوءِ يونان ۾ ظلم جو راڄ شروع ٿي ويو. کاٻيءَ ڌر ۽ ساڄيءَ ڌر ۾ ويڇو اڳي کان وڌي ويو ۽ ٻي خانہ جنگي شروع ٿي وئي. رتسوس، ٻين اديبن سان گڏ روس، آمريڪا ۽ برٽن کي اپيل ڪئي تہ جو بہ يونان ۾ وهي واپري رهيو آهي، هو اُن تي غور ڪن.

جي بہ مزاحمت ڪندڙ جنگي جوڌا هارائي چُڪا هئا، نہ رڳو انهن جا، پر انهن کان بہ اڳ، جي بہ يونان جي آزاديءَ لاءِ وڙهيا هئا ۽ جي اڳتي وڙهڻا هئا، هن انهن سڀني جي ساراهہ جا گيت لکيا ۽ جدوجهد کي اُتساهڻ لاءِ ماضيءَ ۾ پنهنجا هيرو تلاش ڪيا. ان ڪري 1962ع ۾ هن جا ڪتاب وري بندش هيٺ آندا ويا. ڪيتري نہ اڏول ويساهہ سان هو چوي ٿو:

هائو دنيا خوبصورت آهي.
هي انسان،
جو وٽن جي ڇانوَ ۾ ويٺو آهي،
۽ پيار جي خوشيءَ ۾ روئي ويٺو موت کان ڏاڍو آهي.
ان ڪري ئي اسان گيت ڳايون ٿا
ڪوئي بہ اسان جي گيت کي خاموش نہ ٿو ڪري سگهي.
دنيا خوبصورت آهي. مان ورجايان ٿو.

خوبصورت، خوبصورت، خوبصورت.
۽ اسان ڳائيندا رهنداسين.

مون رٽسوس جي شاعريءَ ۽ زندگيءَ تي سکر ۾ پڙهيو هو. هينئر وڪٽر هارا جي زندگيءَ تي جون هارا جو لکيل ڪتاب شروع ڪيم. رات جو ٻارهين بجي جڏهن مون سارو ڪتاب پڙهي پورو ڪيو تڏهن مون محسوس ڪيو ته منهنجيون اکيون پڙهي پڙهي ڏاڍيون ٿڪجي پيون آهن. ڪتاب ايترو دلچسپ هو جو پڙهڻ وقت ڃڻ ٿڪ جو احساس ئي نه ٿيو. وڪٽر هارا چليءَ جو راڳي شاعر هو جو هڪ افسانو ٿي چڪو آهي. هن جي زال جون هارا انگريز آهي. پيار ڪيئن ٻن پرديسين کي ڇڪي هڪ ٻئي جي آغوش ۾ آڻي ٿو ڪيئن هو هڪٻئي جي زندگيءَ ۾ سمائجي وڃن ٿا. ڪيئن هڪٻئي جي آس نراس ورهائين ٿا ۽ انقلاب لاءِ گڏجي ڪم ڪن ٿا. ان جو حيرت انگيز داستان آهي اهو ڪتاب. وڪٽر هارا ڃڻ ته منهنجو ننڍو ڀاءُ هو جنهن کي 1973ع ۾ چليءَ جي فوج قتل ڪيو هو. هن جي شاعري ان جو زنده ثبوت آهي ته گيت انقلاب جو بهترين ساٿي ٿي سگهي ٿو. جون هارا ڪتاب ۾ اهو سارو هنگامه خيز دور اُجاگر ڪيو آهي، جنهن ۾ هُن وڪٽر هارا سان گڏجي ڪم ڪيو هو ۽ جنهن ۾ وڪٽر هارا جي شاعريءَ تحريڪ جو روپ ورتو هو جنهن سئلويڊار آلندي (Salvador Allende)* کي آخر اقتدار ۾ آندو هو.

---

* (سئلويڊار آلندي- چليءَ جو مارڪسٽ سياستدان، 1908ع ۾ ڄائو هو ۽ 1933ع ۾ چليءَ جي سوشلسٽ پارٽي ٺاهڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي هئائين. 1942ع م هو ان جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ نيٺ 1970ع ۾ چليءَ جو پريزيڊنٽ ٿيو. هو آمريڪا جي سازش سان ڪيل فوجي ڦير گهير (Coup D'etat) خلاف وڙهندي ماريو ويو. مشهور شاعر پيبلونرودا هن جو دوست به هو ۽ سفير به هو. جون هارا جي ڪتاب ۾ ٻنهي جي تصوير گڏ ڏني وئي آهي. آلندي جي قتل کان ٿورو وقت پوءِ پيبلونرودا مري ويو. مون کي جڏهن دل جو دورو پيو هو ته مون اسپتال ۾ هيٺيون نثري نظم لکيو هو جو "پتڻ ٿو پور ڪري" ۾ شايع ٿي چُڪو آهي:

"ڇا، اهو سوچي
ته آلندي جي موت کان پوءِ پيبلونرودا اسپتال ۾ ڪيئن مئو

هڪ هنڌ وڪٽر هارا چيو آهي:

”پاڻيءَ ۾ چنڊ
شهر مان وهي رهيو آهي؛
پُل جي هيٺان ڪوئي ٻار
پرواز جو خواب لهي رهيو آهي.
شهر هن کي بند ڪيو آهي
ڌاتوءَ جي پڃري ۾:
ٻار اِهو ڄاڻڻ ڪانسواءِ تہ راند ڪيئن کيڏبي آهي
پوڙهو ٿي ويجي ٿو.
توهان وانگر گهر ڪانسواءِ
گهٽا گهوماتيون ڪائيندا وتندا؟
پئسي سان آسان آهي
محبت جو وجود.
ڪيڏا نہ تلخ ڏينهن هوندا آهن
جڏهن اها نہ هوندي اهي!

جڏهن لاطيني آمريڪا ۾ ترقي پسند ڪٿولڪ فرقي وارن ۽ مارڪسٽن ۾ ويجهڙائپ ۽ گهري ڏيٺ ويٺ پيدا ٿي چُڪي هئي، وڪٽرهارا هڪ نهايت اُتساهيندڙ نظم لکيو هو جو هيٺ ڏجي ٿو:

”اٿي بيهہ!
پهاڙن کي ڏس
واءَ، سج ۽ پاڻيءَ کي ڏس.
تون، جو دريائن جا لاڙا بدلائي سگهين ٿو
تون، جو ٻج ڇٽين ٿو
پنهنجي روح جي پرواز لاءِ،
اُٿي بيهہ،

---

مان پنهنجي موت جي ريهرسل ڪري رهيو آهيان؟“
منهنجي دل جي دوري کان ڪجهہ وقت اڳ ذوالفقار علي ڀُٽي کي ڦاسي اچي چُڪي هئي.

پنهنجن هٿن کي ڏس
پنهنجي پاءُ کي پنهنجو هٿ ڏي
تہ جيئن اوهان اُسري سگهو
اسان گڏجي هلنداسين
خون جي رشتي ۾ متحد،
اڃوڪي ڏينهن اسان مستقبل ٺاهينداسين.
اسان کي پنهنجي آقا کان نجات ڏي
جنهن اسان کي مصيبت ۾ وچڙايو آهي.
شال تنهنجي برابري ۽ انصاف جي بادشاهت اچي!
گهُل، ائين گهُل جيئن پهاڙي پيچري ۾
پاڻ ئي پيدا ٿيندڙ گُل تي واءُ گهلندي آهي.
منهنجي بندوق جي ناليءَ کي باهہ جيان صاف ڪري ڇڏ
شال ڏرتيءَ تي تنهنجي خواهش پوري ٿئي!
اسان کي پنهنجي سگهہ ڏي ۽ جدوجهد لاءِ همت ڏي،
اُٿي بيهہُ
پنهنجن هٿن کي ڏس!
پنهنجي پاءُ جو هٿ وٺ تہ جيئن تون اُسري سگهين.
اسان گڏجي هلنداسين خون جي رشتي ۾ متحد ٿي،
هاڻي ۽ پنهنجي موت جي پهر ۾.

اهي گيت محنت ڪش طبقي ۾ باهہ وانگر پکڙجي ويا. مٿئين ڪتاب ۾ هڪ باب آهي ”گيت لاءِ بهترين مڪتب زندگي خود آهي.“ مون اها ڳالهہ تڏهن نهايت شدت سان محسوس ڪئي هئي، جڏهن جي. ايم. سيد جي سالگرهہ تي مون پنجاهہ هزار ماڻهن جي ميڙ ۾ پنهنجي آپيرا ”دودي جو موت“ پڙهي هُئي.

وڪٽر هارا پنهنجن گيتن ۾ پنهنجي انت جي پيش گوئي ڪئي آهي. 1965ع ۾ انڊونيشيا ۾ ڪميونسٽن جي قتل عام کان پوءِ چليءَ ۾ رجعت پرستن ديوارن تي نعرا لکيا: ”جڪارتا اچي رهي آهي.“ سي آءِ

اي پنهنجون خُفيہ سرگرميون چلڻ ۾ شروع ڪري ڏنيون. آمريڪا جهڙي زبردست دشمن خلاف چلڻ جي ترقي پسند ڪاڄ ڏُر ۾ پورو اتحاد نہ هو. فاشزم جي خلاف وڪٽرهارا هيٺيون گيت لکيو جو نيٺ اڳڪٿي ثابت ٿيو:

”هڪ پير و وري هو داغدار ڪري رهيا آهن
منهنجي وطن کي عوام جي خون سان.
اُهي بظاهر ڳالهہ تہ آزاديءَ جي ٿا ڪن
پر انهن جا هٿ اُنهن جي جرم سان داغدار آهن:
جيڪي اسان ٻارڙن کي
پنهنجن مائن کان جدا ڪرڻ چاهين ٿا
۽ انهيءَ صليب کي وري ٺاهڻ چاهين ٿا
جا ڪرست ڪلهن تي کنئي هئي.
هو اها بدناموسي لڪائڻ چاهين ٿا
جا هنن کي صدين کان ورثي ۾ ملي آهي،
پر هو خوني آهن ۽ اهي پار
هنن جي ڇهرن تان مٽائي نہ ٿا سگهجن.
اڳيئي هزارن پنهنجو رت ڏنو آهي
۽ اُن جا درياهہ وهي چُڪا آهن،
مان هاڻي رهڻ چاهيان ٿو
پنهنجي ٻار ۽ پنهنجي پاءُ سان
اُنهيءَ نئينءَ دنيا ۾
جا اسان گڏجي هر روز ٺاهي رهيا آهيون.
اوهان جا دڙڪا مون کي هيسائي نہ ٿا سگهن،
اي اذيت جا باني!
اُميد جو ستارو
اسان جي ساٿ رهندو.
عوام جو طوفان مون کي سڏي رهيو آهي

عوام جو طوفان مون کي ساٿ نيئي رهيو آهي.
طوفان، جو منهنجي گلي مان گونجي رهيو آهي
۽ منهنجي دل اوهان تائين پهچائي رهيو آهي.
منهنجي شاعريءَ کي ٻڌو ويندو
جيستائين موت مون کي کڻيي وڃي،
عوام جي رستي تي ويندي
هاڻي ۽ هميشہ لاءِ.“

پر ”جيستائين موت مون کي کڻيي وڃي“ واريءَ سٽ جي مايوسي هن کي نہ وڻي ۽ ان کي،

”جيستائين منهنجي دل ڌڙڪندي رهندي“

۾ ڦيرايائين.

هيءَ شاعري نہ هئي، طوفان هئي، جنهن تائين پهتي، ان کي پاڻ ۾ ويڙهي وئي. اهي گيت آگ وانگر ٻري رهيا هئا، ۽ جڻ سوين مشعل بردار جلوس پيدا ڪري رهيا هئا. ڪتاب ۾ جون هارا ڏيکاريو آهي تہ ڪيئن اُنهيءَ انقلابي فضا ۾ ڪيئي فاشسٽ، فوج جي اُنهيءَ حصي سان مليا، جو سي آءِ اي جي اثر هيٺ هو ڌهڪار پيدا ڪري رهيا هئا. ان ڪري جون هارا پنهنجا ٻار پنهنجي گهر مان ڪڍي وئي ۽ پبلونرودا جي پرسان هڪ ننڍي گهر ۾ وڃي رهي. وڪٽرهارا کي فوجي تربيت هئي ۽ ان جو امڪان هو تہ خانہ جنگيءَ ۾ هن کي حصو وٺڻو پوي. پوئين گيت ۾ وڪٽرهارا لکيو:

”منهنجي گِٽار شاهوڪارن لاءِ نہ آهي
نہ نہ، اهڙي ڪا ٻہ ڳالهہ نہ آهي.
منهنجو گيت اُها سيڙهي آهي
جا مان ستارن تائين ٺاهي رهيو آهيان،
ڇو تہ گيت کي تڏهن معنيٰ ٿي سگهي ٿي
جڏهن اُهو رباب وانگر گونجي ٿو.
انهيءَ ماڻهوءَ جي رڳ رڳ ۾

جو ڳائيندي مري ٿو
۽ پنهنجو گيت سچائيءَ سان ڳائي ٿو.“

11 سيپٽمبر 1973ع تي فوجي جنرل، آگسٽوپنوشي،★ چليءَ تي فوجي تسلُط ڪيو ۽ صدر آلندي قوم کي ريڊيو تي مخاطب ٿي، ساريون گوليون جي هن وٽ موجود هيون، دشمن تي هلايون ۽ پيش نہ پيو ۽ مقابلو ڪندي مارجي ويو. وڪٽر هارا ٻين هزارها ڪاٻيءَ ڌُر وارن سان گڏ ماريو ويو. هو بہ ڏينهن گُم تي ويو ۽ هُن جي زال، جونِ، فون تي معلومات لاءِ ترپندي رهي ۽ ٽئين ڏينهن تي ڪنهن ڪامريڊ (Companera) هن کي وڪٽر جي موت جو اطلاع ڏنو. جون ڪيئن مرده خاني ۾ وڪٽر جو لاش ڳولي لڌو ۽ ان جي پوءِ تدفين ڪئي. ان جو احوال ڏاڍو ڏکوئيندڙ آهي. مون جڏهن ڪتاب پورو ڪيو تہ مون کي اها رات ياد آئي، جڏهن اسان کي جنرل ضياءَ جي مارشل لاءِ ۾ ٻُٽي جي گرفتاريءَ جي خبر پئي هئي ۽ مون ۽ ربانيءَ وي، سي هائوس، ڄامشوري، ۾ جاڳي رات گذاري هئي ۽ مستقبل جي امڪانات تي سوچيو هو. ٿوري وقت کان پوءِ ٻُٽو جيل مان آزاد ٿيو هو ۽ اخباري بيان ڏنو هئائين تہ ”منهنجا مخالف ڪراچي يونيورسٽيءَ کي استعمال ڪري رهيا آهن، جي مان سنڌ يونيورسٽيءَ وڃان تہ؟“

ٻئي ڏينهن تي مون وٽ صديق کرل آيو هو جو پيپلزپارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن هو ۽ هاڻي سکر ۾ وڪالت ڪندو آهي، ان مون کي ٻُٽي جي بيان ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۽ مون هن کي چيو : ”مون کي ٻُٽي وي، سي ڪيو آهي. جي هو سنڌ يونيورسٽيءَ ايندو تہ مون کي هن جي آجيان ڪرڻي پوندي پوءِ نوڪري وڃي تہ وڃي.“

رهائيءَ کان پوءِ ٿوري وقت ۾ ٻُٽو وري هڪ طوفان وانگر اُڀري رهيو هو جڏهن هن کي وري گرفتار ڪيو ويو. پوءِ هن تي ڪيس هليو ۽ سپريم ڪورٽ تائين هن جي ڦاسيءَ جي سزا بحال ڪئي وئي. هن

---

★ آگسٽوپنوشيءَ کي مخاطب ڪري مون هڪ نثري نظم لکيو آهي، جو ڇپجي چُڪو آهي.

جي ڦاسيءَ واريءَ رات مان مرحوم غلام مصطفيٰ شاهه، سيشن جج، حيدرآباد، وٽ وينو هوس، جو ڪنهن وقت منهنجو وڪالت ۾ ڀائيوار رهيو هو ۽ جو ڪجهه سال اڳ گذاري ويو. جڏهن هو سنڌ جو هوم سيڪريٽري هو. هو سلطان ڪوٽ جو هو ۽ آغا غلام نبي خان جو دوست هو جو ڀٽي جي دور ۾ پاڪستان جي سينيٽ جو وائيس چيئرمين هو. آغا غلام نبي خان غلام مصطفيٰ شاهه کي فون ڪيو ته ”پير بخش ڀٽي هُن کي فون ڪيو آهي ته ڳڙهي خدابخش ۾ فوج جي پراسرار چرپر آهي ۽ اڄ رات ڪجهه ٿيڻ وارو آهي.“ مون کي يڪدم کٽڪو ٿيو ته ڀٽي جي موت جي سزا گهٽائي ڪا نه وئي. ٻئي ڏينهن تي مان وري سي آفيس ۾ وينو هوس ته حيدرآباد جي ڪمشنر الله بخش سومري مون کي فون تي چيو: ”نوين بجي اوهان هندستان جو ريڊيو ٻڌو؟“ هن جو آواز ڏاڍو گنڀير هو. مون هن کي چيو: ”نه، پر هاڻي ساڍي ڏهين بجي ريڊيو پاڪستان تي سڀ ڪجهه معلوم ٿي ويندو.“ مون گهران ٽرانزسٽر گهرايو. ان وقت پروفيسر نور علي ڪوجو مون وٽ وينو هو. ٿوريءَ دير ۾ ريڊيو تي ڀٽي جي ڦاسيءَ جي خبر ٻڌي، نور علي زار زار روئڻ لڳو. هن کي خواب خيال ۾ به ڪو نه هو ته ڀٽي کي ڦاسي ڏني ويندي. مون خاموشيءَ سان هن کي کيسي مان رومال ڪڍي ڏنو ته جيئن هو پنهنجون اکيون اُگهي سگهي، ۽ پنهنجي وائيءَ جي هيءَ سٽ پڙهي:

اُگهو ميان اکيون پوي، جيئڻ نہ پچار!
ووءِ ميان، وو و و ميان!

پر نور علي سمجهي نہ سگهيو تہ مان ڇا ٿو چوان. دراصل مون کي ڀٽي جي موت جا پرون ڪافي وقت اڳي پوندا هئا. هيٺين وائي، جا پوءِ منهنجي ڪتاب ”لڙيو سج لڪن ۾“ ڇپي آهي، ڀٽي جي ڦاسيءَ کان اٽڪل هڪ سال اڳ ”مهراڻ“ سہ ماهيءَ ۾ ڇپي هئي:

ناهي موت ميار
ووءِ ميان، وو وو ميان!

صليبن جي سامهون
ڪيڏي آهي قطار!
ووءِ ميان، وو وو ميان!
لُريءَ ۾ لڙڪن پيا
ڳنڍ نوايل يار،
ووءِ ميان، وو وو ميان!
آهن اَڌ ڦُلار ۾
ڪيڏا ڪپيل ڏار!
ووءِ ميان، وو وو ميان!
لالُ لَهوءَ ۾ لؤندڙيون
ڪيڏا ڪِيرَ ڪپارَ!
ووءِ ميان، وو وو ميان!
اُڳهو ميان اکيون،
پوي جئن نہ پچار!
ووءِ ميان، وو وو ميان!
ساڻيي رکو ساهہ ۾
پنهنجا قولَ قرارَ
ووءِ ميان، وو وو ميان!

زندگي بہ عجيب شيءِ آهي. ڪهڙا ڪهڙا واقعا انسان جي زندگيءَ ۾ اچن ٿا! هڪ ڀيري مان ايم پي اي هاسٽل ڪراچيءَ ۾ رهيل هوس ۽ غير معمولي طور دير سان اُٿي 9 بجي چانهہ پي رهيو هوس تہ سراج جو فون آيو: "اياز! مان سراج ٿو ڳالهايان، تو ريڊيو ٻڌو؟" سراج پڇيو.

"نہ" مون جواب ڏنو. "شيخ مجيب کي فوجين گوليون هڻي ماري وڌو!" سراج چيو. منهنجو هٿ لڏيو ۽ ڪوپ ڌرتيءَ تي ڪري، ڇيهون ٿي ويو. مان زندگيءَ ۾ پهريون ۽ پويون ڀيرو جنهن سياسي پارٽيءَ ۾

شامل ٿيو هوس، اُها هئي شيخ مجيب جي عوامي ليگ، جنهن جي آءُ مرڪزي ڪميٽيءَ تي هوس ۽ شيخ مجيب پرائيم منسٽر ٿيڻ کان پوءِ مون کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪرڻ ٿي چاهيو. اهو سارو احوال مان پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جي حصي ”ڌرتي منهنجو ديس“ ۾ لکي رهيو آهيان.

دراصل جيترو ڪوئي شاعر تاريخ جي لپيٽ ۾ هوندو آهي، اوترو مون کي وڻندو آهي. تاريخ کان الڳ ٿلڳ، پنهنجيءَ دنيا ۾ گم سم ويڳاڻا يا وائڙا شاعر مون کي نہ وڻندا آهن.

صبح جو ڇئين بجي جاڳ ٿي. ڪنن ۾ پنهنجي سِٽ ”اُٿ! اُٿي لڪ! اُٿ! اُٿي لڪ!. اُٿ! اُٿي لڪ! جي بہ آهين ڏينهن چار..“ ٻُري رهي هئي. ڪمري ۾ اليومينم جي دريءَ مان رستي تي ويندڙ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪارن تي نظر پئي ٿي ۽ اُنهن جي بتين جون روشنيون رستي تي پيل برسات جي پاڻيءَ ۾ چمڪنديون ٿي گذري ويون. ٻاهران تہ ائين ٿو لڳي تہ مان هن دور جي سياست کان پري رهيو آهيان ۽ منهنجي ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ سان ڪمٽمينٽ نہ آهي. پر مان پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ سياسي پارٽي آهيان، هڪ وطن آهيان. هڪ حڪومت آهيان، جنهن انسان جي دل کي پنهنجو تخت گاهہ بڻايو آهي. مون کي يقين آهي تہ تاريخ کي پنتي ڌڪو تہ ڏئي سگهجي ٿو پر اُن جي شڪست ناممڪن آهي. سچ لڏندو آهي، ٻڏندو نہ آهي. دراصل سچ نہ لڏندو آهي، نہ ٻڏندو آهي. ڇا، گئليلو لُڏي ويو هو؟ محاسبي وقت هن پنهنجي بچاءَ لاءِ زبان سان ڇا بہ چيو پر هن جو ذهن بلڪل صاف هو ۽ هن کي چئي رهيو هو: ”تون سچ تي آهين، هي دور جنهن ۾ ڪوڙ پنهنجيءَ فتح تي ڪُڏي رهيو آهي، عبوري آهي ۽ نيٺ گذري ويندو.“ منهنجي اکين اڳيان مسولينيءَ جو لاش هوا ۾ لُڏي رهيو آهي. ڪالهہ مون مسولينيءَ تي فلم ڏٺي، بہ ڪئسيٽ پورا ڇهہ ڪلاڪ هليا. مون

ڪي ڪائونٽ ڪيانو* تي هلايل مقدمي ۾ هن جي موت واري سين ۾ آخر ۾ مسولينيءَ جي موت ۾ هوا ۾ لڏندڙ لاش واري سين ڏاڍو متاثر ڪيو. انسان جيستائين اقتدار ۾ آهي، ڪيڏو نہ ڪُڏي ٽپو! اِهو نہ ٿو سوچي تہ هي سڀ اک ڀوٽ جو کيل آهي! ڪيئي دارا سڪندر آيا ويا ۽ اڄ انهن جا هڏا بہ ڳوليا نہ ٿا لڀن! مون اِهو سوچيو تہ ماڻهن وانگر ڪي ملڪ بہ تعصبي ٿين ٿا، ديوانا ٿين ٿا. ها، ايئن آهي تہ انهن جا مقصد نلي پلي ديوانگي آهن، پر انهن جا ذريعا معقول آهن. انهن ملڪن لاءِ ڪوئي بين الاقوامي قانون نہ آهي، هو پنهنجا قانون پاڻ آهن. انهن کي اندروني طاقتون ختم نہ ٿيون ڪري سگهن. انهن لاءِ ٻاهرين چَٻ اچڻ ضروري آهي. آمريڪا جي پريزيڊنٽ آمريڪا جي لحاظ کان انهن جي لسٽ ناهي آهي. ايران ،لبيا، اتر ڪوريا، ڪيوبا ۽ نڪاراگوا، ڇو تہ اهي آمريڪا جو چيو نہ ٿا مڃين، ڇا، ڀيا ڪي ملڪ ايران کان وڌيڪ پاڳل نہ آهن؟ هڪ تعصبي ماڻهو ديوانو بہ هوندو آهي ۽ ساڳئي وقت فرزانو بہ ٿي سگهندو آهي. هو هر اصول کان آزاد هوندو آهي ۽ پنهنجا ذريعا، بنا ڪنهن ضمير جي هُرکُر جي، چونڊي سگهندو آهي، ڇو تہ هن کي يقين هوندو آهي تہ هن جو مقصد نيڪ آهي. هو اِهو نہ ڏسندو آهي تہ ذريعا صحيح آهن يا نہ. هو فقط اِهو ڏسندو آهي تہ انهن ذريعن سان هن جي پنهنجي مقصد تائين رسائي ٿي سگهي ٿي، تعصب کي ڪنهن مهل تہ ٽيڪنيڪ جي بي انتها معقوليت هوندي آهي. عالمگير بربادي (Holocast) مهل ڪيئن نہ جرمنيءَ ۾ گاڏيون پوري وقت تي ايندڀون هيون! تعصب جي وڏي ڳالهہ اِها آهي تہ ان کي ديوانا مقصد ۽ فرزانا ذريعا هوندا آهن. اهو پنهنجن خوني ارادن تي پڪ رکي سگهندو آهي. جي خمينيءَ اِهو فيصلو ڪيو

---

* ( ڪائونٽ ڪيانوَ مسولينيءَ جو ناٺي هو ۽ اٽليءَ جي فوج ۾ جنرل هو. هن ٻين جنرلن سان گڏ اٽليءَ جي فوج ۾ مسولينيءَ خلاف بغاوت ڪئي هئي، ڇو تہ اُنهن کي يقين هو تہ جرمني جنگ هارائيندي ۽ اٽلي خوامخواهہ تباهہ ٿي ويندي. بغاوت ناڪام ٿي ۽ ڪائونٽ ڪيانوَ ٻين جنرلن سان گڏ ڪورٽ مارشل ٿي، ماريو ويو.)

آهي تہ شهادت ئي بهشت جو نهايت بهتر ذريعو آهي، تہ پوءِ هن جي ڪنهن بہ ايراني پوئلگ لاءِ مشين گن جي اڳيان اچڻ عقل جي ڳالهہ آهي ڇو تہ اهو ئي جنت الزهرا تائين پهچڻ جو رستو آهي. انهن حڪومتن کي گهٽ نہ سمجهڻ گهرجي، جي انت ۾ چريون آهن. هٽلر بنهہ پاڳل هو پر هن مغربي دنيا کي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچايو هو. هو ساري يورپ تي ڇانئجي ويو جيستائين روس ۽ آمريڪا هن جي ستياناس نہ ڪئي. مان ڊي گال جي يا مارشل ٽيٽو جي يا ٻئي ڪنهن مزاحمت جي تحريڪ (Resistence Movement) جي اهميت نہ ٿو گهٽايان، پر اُن هوندي بہ اُهي ڪجهہ نہ ڪري سگهن ها ۽ فاشزم ساريءَ دنيا تي ڇانئجي وڃي ها، جيستائين اٽليءَ يا نازي جرمنيءَ يا جپان کي ٻاهران چپ نہ اچي ها.

گهڻو ڪري جنوني حڪمران عوام کي اطمينان ڏيارين ٿا تہ هو ۽ هنن جا ملڪ ناقابل، فتح آهن. اهو ڏوئنس ٻاهران ئي ختم ٿي سگهي ٿي ۽ اُها اندروني بغاوت کي چڱيءَ طرح ڪچلي سگهي ٿي. ميونخ (Munich) ان جو بهترين مثال آهي. جيستائين دنيا ان کان ڊني، ان کي راضي ڪندي رهي، ان جي اڳيان للي ڇپي ڪندي رهي، فاشزم اڳي کان بہ اڳري ٿيندي وئي ۽ جڏهن ٻاهران توبون گرجيون ۽ هوائي جهازن بم ڦٽي ڪيا، رڳو تڏهن مسولينيءَ ۽ هٽلر جو هوش ٺڪاڻي آيو. آمريڪا کي تہ رڳو خمينيءَ ۽ قذافيءَ ٻانورائي وڌو آهي. آمريڪا گلف (Gulf) جي تيل تي ديواني آهي. دنيا ۾ ٻيو ڪيترو ظلم ٿي رهيو آهي، ان جي آمريڪا کي پرواهہ نہ آهي.

صبح سان چانهہ جي ڪوپ پيئڻ وقت مون هميشہ وانگر 6 آگسٽ جي ”ڊان“ ۽ ”جنگ“ پڙهي. جنگ ۾ منهنجي پراڻي دوست جميل الدين عاليءَ ”اعزازات کي گورکهہ دهندي، کسابين، اور قرض وغيره“ تي لکيو آهي. هن اعزازن جي مسئلي تي لکندي چيو آهي تہ

ڪڏهن هن صدر ايوب کي راغب ڪيو هو تہ اديبن کي اعزاز ڏنا وڃن، تہ هن تي اعتراضن جي بوڇاڙ ٿي هئي تہ ”اديبن کي خريد ڪيو ٿو وڃي. اديب حڪومت وٽ وڪامن ٿا.“ تڏهن گلڊ کي ٿورا پيسا هئا. پوءِ ڪجهہ اعزازن جو تفصيل ڏئي لکيو اٿائين: ”بي شمار قارئين اهڙن وڏن اديبن کي ڄاڻندا هوندا، جن کي ڪوئي اعزاز نہ مليو آهي. انهن ۾ فيض صاحب ، شيخ اياز مير گل خان نصير سرفهرست آهن. انهن کي پيشڪش ڪئي وڃي ها ۽ هو نہ وٺن ها تہ حڪومت وقت جي نيڪي ٿئي ها. علم ادب جي معاملي ۾ وقار جا اهڙا مسئلا نہ هلندا آهن. نوبل انعام ڪميٽيءَ ژان پال سارتر کي منتخب ڪري انعام جو اعلان ڪري ڇڏيو هو. هن وٺڻ کان انڪار ڪيو. نوبل انعام جو ڪجهہ نہ بگڙيو. اها ڳالهہ تاريخ جي رڪارڊ تي رهي تہ نوبل انعام ڪميٽيءَ فلاڻي سال ۾ هن کي مستحق ڄاتو هو.“

”1968ع ۾ شيخ اياز کي ”شاهہ جو رسالو“ جي اردو ترجمي تي انعام جو اعلان ڪيو ويو. شيخ صاحب اُن وقت جيل ۾ هو. ٻاهر آيو تہ انعام قبول ڪرڻ کان نهايت سختيءَ سان انڪار ڪيائين، ڇو تہ اُن وقت هن گلڊ کي پسند نہ ٿي ڪيو.“

جميل الدين عاليءَ اُن جي پوري وضاحت نہ ڪئي آهي تہ مون ان وقت گلڊ کي ڇو پسند نہ ڪيو. بهرصورت ”هي دور اياز گذرڻو آ ۽ پنهنجو وارو ورڻو آ“ واريءَ سٽ تي تاريخ پيغمبريءَ جي مُهر هڻندي ۽ مون تي اعزاز مينهن وانگر وسندا. ممڪن آهي تہ ان وقت مان ۽ عالي ٻئي جيئرا هجون، ممڪن آهي تہ هو نہ هجي، ممڪن آهي تہ مان نہ هجان. مان اڄ بہ ڏسان ٿو تہ اعزاز مون تي مينهن وانگر وسي رهيا آهن. اعزاز جن جي مون سڄي عمر پرواهہ نہ ڪئي آهي. منهنجو ڪوئي اعزاز قبول ڪرڻ، اعزاز ڏيندڙ لاءِ اعزاز آهي. اهو دؤر اچڻو آهي، ضرور اچڻو آهي ۽ هاڻي گهڻو پري بہ نہ آهي. جنرل ضياءُ جو اعزاز ڪهڙو اعزاز آهي؟ اهو تہ اديب جي توهين آهي، اهڙي ملامت ٻي ڪا ٿي نہ ٿي سگهي.

اٽڪل ٻارهين وڳي تاجل بيوس سان گڏجي مشهور شاعر قمرشهباز وٽ ويس، جو پاڪستان گيهه ڪارپوريشن جو جنرل مئنيجر آهي. هن ۾ ڪجهه ڪم هو. هو شايسته مزاج وارو انسان آهي ۽ نهايت قرب سان مليو. هن پنهنجو ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن جو ڪتاب" واچوڙن ۾ لاٽ" ڏنو ۽ سووينير به ڏنا. هڪڙو "واچوڙن ۾ لاٽ" جو ۽ ٻيو پنهنجي اشاعت هيٺ شاعريءَ جي ڪتاب "چنڊ رهين ٿو دور" جو. پويون ڪتاب قمر شهباز جو ٻهريون مجموعو آهي.

قمر شهباز وٽان تاجل سان گڏجي هڪ نئين بڪ اسٽال تي ويس جو بامبي هوٽل ۾ نڪتو آهي. مان روس جو سفرنامو لکي رهيو آهيان. ان ۾ حوالي لاءِ به ڪتاب ورتم. هڪ دلپت سنگهه مهتا جو U.S.S.R through Indian Eyes ۽ ٻيو Red Star and Green Crescent ميخائيل سوتيلوف جي شاعريءَ جو ڪتاب به ورتم.

صبح جو پرنس ڪامپليڪس ۾ هيٺان وڊيو لئبرريءَ مان هيمنگوي جي زندگيءَ تي به ڪئسيٽ وٺي آيس. هونءَ ته مون هيمنگوي جا سڀ ناول ۽ ڪهاڻيون پڙهيون آهن ۽ هن جي زندگيءَ تي به ٽي ڪتاب پڙهيا آهن. عورت سان محبت جي معاملي ۾ منهنجي زندگي به ڪجهه هيمنگوي وانگر گذري آهي. هن جو ناول Razor's Edge مون ڪاليج ۾ پڙهيو هو جو پڙهڻ لاءِ مون کي حشو ڪيولراماڻيءَ ڏنو هو. جڏهن مان دل جي مرضن جي اسپتال ( Cardio Vascular Institute) ۾ هوس ته مون يوسف شاهين کي منع ڪئي هئي ته هو بيماريءَ جي خبر ڪنهن به اخبار ۾ نه ڏئي، ڇو ته ماڻهن منهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪافي دخل ڏنو هو ۽ مون نه ٿي چاهيو ته هو منهنجي موت ۾ به دخل ڏين. بيماريءَ جي بستري تي مون انهن عورتن جي باري ۾ سوچيو هو جي منهنجيءَ زندگيءَ ۾ آيون هيون ۽ هيمنگوي جي ڪهاڻيءَ Snows of Kilmanjaro وانگر هڪ تصوير اکين اڳيان ڦري وئي هئي. پوءِ جڏهن مان بچي ويو هوس ته هڪ ناول لکڻ جي باري ۾ سوچيو هئم، پر اُهو اڃا تائين لکي نه سگهيو آهيان، ڇو ته، هڪ

ڪتاب پنهنجي لاءِ ورتا ۽ ڪجهہ سولا ڪهاڻين جا ڪتاب روماسا لاءِ ورتا ۽ ڪجهہ ٻارن جا ڪتاب پوٽيءَ نين تارا ۽ ڏوهٽيءَ رابيل لاءِ ورتا، جا ڊاڪٽر روحيءَ جي ڌيءَ آهي.

مون سارو ڏينهن چينائي ڪتاب پڙهيا. چين جي گهرو ۽ پرڏيهي راڄ نيتيءَ ۾ ڦيري جي مون کي اڳ بہ خبر هئي ۽ هينئر مون اُن تي ڪجهہ گهري نظر وڌي. چو اين لاءِ جي Profile (چهري جي هڪ رُخي تصوير) جي نائين باب جو عنوان ئي Cultural Revolution Madness (ثقافتي انقلاب جي ديوانگي) آهي. مان تہ ان انقلاب کي ڪيتري وقت کان ديوانگي سمجهندو هوس ۽ جڏهن چينين ڪنفيشس جو مندر ڊاهي ڊير ڪيو هو تہ مون ان تي هڪ نثري نظم لکيو هو. جو "پٿر تو پور ڪري" ۾ ڇپيو آهي. ڪتاب ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ ڪيئن Great Leap Forward جي Ultra_Leftism تي اعتراض ونندڙن تي پارٽيءَ سان دشمنيءَ جا ۽ سوشلسٽ طرز حيات جي مخالفت جا بيجا ليبل هنيا ويا هئا ۽ اعتراض ونندڙن کان پارٽيءَ ۾ ۽ ان کان ٻاهر پنهنجا عهدا کسيا ويا هئا ۽ ڪيئن انهن اديبن سان، جن سان ڪومنتانگ* (Kuomintong) بہ بيحد سختيون ڪيون هيون، تعديون

---

* ڪومنتانگ — چين جي قوم پرست پارٽي، جا 1891ع ۾ سن يت سين ناهي هئي. اُن 1911ع واري چين جي انقلاب ۾ فعال ڪردار ادا ڪيو هو ۽ 1912غ ۾ مارشل يُئان. شي. ڪائي (Yuan shi kai) خلاف انقلاب جي رهنمائي ڪئي هئي. 1930ع ۾ اُن جو ڏکڻ چين تي تسلط هو ۽ 1937ع کان 1945ع تائين اُن جپان جي حملي خلاف بچاءَ جي لڙائي وڙهي هئي. 1945ع ۾ چانگ ڪائي شيڪ، سن-يت سين جو جاءِ نشين ٿيو هو ۽ اُن جي دور ۾ پارٽيءَ پنهنجا سماجي ۽ سياسي آدرش ڇڏي ڏنا هئا ۽ فوجي ڪاميابيءَ لاءِ وڙهي هئي. 1948ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪومنتانگ جي جڳهہ تي حڪومت برپا ڪئي هئي ۽ چانگ، ڪائي شيڪ ۽ هن جا پوئلڳ تائيوان ڀڄي ويا هئا. ڪميونسٽ انٽرنئشنل جي نمائندي جي حيثيت ۾ ايم اين راءِ سن يت سين سان ڳالهيون ڪرڻ چين ويو هو. جي پوءِ هن پنهنجي ڪتاب Revolution and Countre_revolution in China ۾ لکيون هيون، جو ڪتاب مون تڏهن پڙهيو هو جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندو هوس. پٽو صاحب، جو چين کي پنهنجو ۽ پاڪستان جو بهترين دوست سمجهندو هو ان مون کي ٻڌايو هو تہ اُن ايم اين راءِ جو اُهو ڪتاب نهايت دلچسپيءَ سان پڙهيو هو ۽ هُن جي خيال ۾ راءِ برصغير ۾ وڏي ۾

ڪيون ويون هيون. ڪيئن قوم جي دانشورن تي پارٽيءَ، سوشلزم ۽ چيئرمين مائو جي خلاف هجڻ ۽ انقلاب دشمن هجڻ جا الزام هنيا ويا هئا. انهن سڀني کي سرعام خوار ڪيو ويو هو ۽ هن جي ڪردار ڪُشيءَ جا پوسٽر نہ رڳو هنن جي ڪارڪرت جي جاين تي، پر هنن جي پوري شهر ۾ هنيا ويا هئا.

مائوءَ جي دور ۾ سُرخ محافظ دستا (Red Guards) ڪي. جي. بيءَ جو ڪردار ادا ڪري رهيا هئا ۽ گهر گهر ۾ هر شيءِ ڊانواڊول ڪري رهيا هئا ۽ ڪتاب ۽ مسودا ضبط ڪري رهيا هئا. انهن وڏو گهمسان مچائي ڏنو هو ۽ سيئي مائوءَ جي چرچ تي ڪتا ٽيا هئا ۽ بنا ڪنهن تميز جي، چڱي يا بُري اديب، اسڪالر ۽ موسيقار کي، ننڍي ۽ وڏي جي فرق کان سواءِ، چيچلائي رهيا هئا. هنن ايتري افراتفري ان ڪري مچائي هئي، جو مائوءَ هنن کي چيو هو تہ "بغاوت ڪريو." ڪجهہ وقت کان پوءِ پنهنجي حڪم نامي ۾ ترميم ڪري مائوءَ چيو تہ "فقط رجعت پسندن جي خلاف بغاوت ڪريو " پر نقصان جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي چُڪو هو.

مٿي ذڪر ڪيل ڳالهيون اُنهن ڪتابن ۾ ملي رهيون آهن، جي تازو چيني حڪومت ڇپايا آهن ۽ جيڪي سڀ مون وٽ آهن. مائوزي تنگ، جيڪو ڪنهن پيغمبر وانگر سهو و خطا کان مٿي هو ان جون ساريون خطائون وائکيون ڪيون ويون آهن ۽ سُرخ محافظن ( Red Guards) جي ثقافتي انقلاب کي "ديوانگي" چيو ويو آهي. اُن دور ۾ ڪيترن ئي انقلابين خودڪشي ڪئي، ڪي پڇي ويا، ڪن کي ڦاهي چاڙهيو ويو ۽ ڪن کي مختلف سزائون ڏنيون ويون.

اسان جو ملڪ چاليهن سالن کان رجعت پرستن جي ڏونس ۽ ڏانڊليءَ جو شڪار رهيو آهي. اسان جي واحد نجات سوشلزم آهي، جا هن دقيانوسي نظام جا پرخچا اڏائي ڇڏيندي. سنڌي عوام جي جيڪا

---

وڏو سياسي مفڪر هو پر هن ۾ ليڊر شپ جون خاميون هيون، جنهن ڪري هو ڪامياب نہ ٿي سگهيو هو.

بہ پارٽي ٺهندي، اها اڃوڪن رجعت پرستن ۽ اسلام جي آڙ ۾ ڇپندڙن
جي ڪٽر مخالف هوندي. ان ڪان سواءِ سنڌ جي نجات جو ٻيو ڪو بہ
ذريعو نہ آهي. اهو ڄاڻندي بہ مان ڪميونسٽ ملڪن جي اُنهن اوڻاين
جو ذڪر پنجويهن سالن ڪان ڪندو آيو آهيان، ڇو تہ توڙي
ڪميونسٽ اسان کي نظرياتي طرح ويجهي ۾ ويجها آهن ۽
بين الاقوامي سطح تي بہ اسان سامراجي ملڪن خلاف انهن سان گڏ
آهيون، تڏهن بہ اسان لاءِ انهن غلطين جو ڀرپور احساس ضروري آهي،
جي هو ٻئي هنڌ ڪري چُڪا آهن ۽ اسان کي پنهنجي ملڪ ۾ اُهي
ڳالهيون دهرائڻيون ناهن.

مون تازو ڇپيل چيني ڪتابن ۾ اهو تعجب سان پڙهيو تہ
ليو شائوچي (Lui Shaogi) جو مائوءَ جي زماني ۾ ڪميونسٽ چين جو
وڏي ۾ وڏو ليڊر هو ان تي الزام هنيو ويو هو تہ هو پارٽيءَ جي جنرل
سيڪريٽريءَ ڊينگ زيائوپنگ (Deng Xiaoping) سان گڏ بورجوا اڏن
(Bourgeois head quarters) جو سرڪردو هو ۽ چين کي ترميم
پسندي (Rveisionism) ۽ سرمائيداريءَ جي ڏٻڻ ۾ اڇلائي رهيو هو.
اتڪل هڪ سو الزام ليو شائو چي تي هنيا ويا هئا. هڪڙو واهيات
الزام تہ اهو هو تہ هو ۽ هن جي زال وئنگ گئانگ مي ( Wang Guang
mei) عيش پرستيءَ جي زندگي گذاري رهيا آهن. قومي محافظن وئنگ
کي کنيي پنهنجي هڪ "جدوجهد جي جلسي" اڳيان آندو ۽ پنگ
پانگ (Ping Pong) جا ڪينهون پوئي هن جي ڳچيءَ ۾ هار پاتائون، ڇو
تہ هڪ ڀيري، جڏهن 1963ع ۾ هوءَ پنهنجي مڙس سان گڏ سرڪاري
دوري تي انڊونيشيا وئي هئي، تڏهن هن پنهنجي ڳچيءَ ۾ موتين جو
هار پاتو هو. دراصل اُهو هار اُڌارو ورتو ويو هو ۽ هن لاءِ ڪجهہ نوان
ڪپڙا وزارت خارجہ جي پروٽوڪول جي محڪمي جي اصرار تي
ٺهرايا ويا هئا. ليوشائوچي ۽ هن جو همعصر چو. اين لاءِ ساڳئي وقت
ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ آيا هئا. ليو مائوزي تنگ ۽ چو اين لاءِ جي پايي
جو هڪ پيشہ ور انقلابي (Professional Revolutionary) هو. هو نہ

رڳو هڪ وڏو منتظم هو پر ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف بہ هو. ڪومنتانگ جي سرحدن ۾ هو ويهارو سال ڪن انڊر گرائونڊ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ليڊر بہ رهيو هو ۽ ايترو ئي اهم هو جيترو انقلاب ڪان پوءِ روس ۾ ٽراٽسڪي اهم هو. ليو ۽ هن جي زال کي بيجنگ ۾ الڳ الڳ قيدخانن ۾ رکيو ويو هو. هن جو تنزل نهايت تيزيءَ سان آيو. 1968ع ۾ پارٽيءَ نهراءُ پاس ڪيو تہ هو بي ايمان، راڄ، ڊوهو ۽ ڦٽ جو ڪٽنڊ Renegade, Traitor and Scap آهي. هن کي سزا ڏئي هينان پرڳڻي ۾ هوائي جهاز ۾ نيو ويو هو ۽ ڪائي فنگ شهر ۾ قيد تنهائيءَ ۾ رکيو ويو هو. هو ذيابيطس جو مريض تہ اڳيئي هو. ويتر هن کي نمونيا بہ ٿي پئي هئي ۽ ان ڪري هو سفر ڪرڻ جهڙو نہ هو ۽ هن کي اسٽريچر تي نيو ويو هو. اٽڪل چئن هفتن ڪان پوءِ هو مري ويو ۽ هن جي موت وقت رڳو هن جو جيلر موجود هو هينئر ليو شائوچيءَ کي ساڳيءَ عزت ۽ احترام سان ڏٺو وڃي ٿو. ڊينگ زيائوپنگ جي لفظن ۾: "اسان اهو نٿا چئي سگهون تہ مائو آزمودگار عملي (Veteran cadres) کي آزارڻ لاءِ ذميوار نہ هو پر تهمت رڳو هن تي نہ ٿي اچي، ڪن حالتن ۾ تہ لِن بيائو (Lin biao) ۽ چئن جو ٽولو (Gang of Four) اڳيئي هاڃا ڪري چڪو هو ۽ ڪي واقعا مائوءَ جي پرپُٺ ٿيا هئا. اُن جي باوجود اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ عملي جي گهڻي حصي جي پائمالي مائوءَ جي دور جي وڏن الميئن مان هئي."

انهيءَ دور ۾ ليو شائوچي ۽ ڊينگ زيائوپنگ، ٻنهي کي سرمائيداريءَ جي ڏگ تي ويندڙ (Capitalist Roader) سڏيو ويو هو. پهرئين کي ٻيهر اپنايو ويو آهي. ۽ ٻيو هن وقت چين جو ليڊر آهي ۽ هن لاءِ "ڊينگ زيائوپنگ جي "منتخب تحريرن" نالي ڪتاب ۾ چيو ويو آهي تہ "هن چين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي وري ڪنو ڪيو ۽ اُن جون اڳيون غلطيون درست ڪيون ۽ هڪ تاريخي تبديلي آندي. هن پارٽيءَ کي صحيح رستي اختيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ جديد سوشلزم لاءِ مارڪسزم/لينن ازم ۽ مائوزي تنگ جي فڪر ۽ چين جي

مخصوص حالتن سان نهڪندڙ صحيح اصول ۽ حڪمت عمليون ناهڻ ۾ پارٽيءَ جي مدد ڪئي." مان اقتصاديات جي ماهرن مان نہ آهيان ۽ ان ڪري چين جي اقتصادي غلطين تي نہ ٿو وڃان، جن جو کلم کلا اعتراف ڪيو ويو آهي.

مٿيون ڳالهيون چين جي جديد ادب ۾ اچن ٿيون. مثال طور مان هنن جو هڪ ڪتابُ 81_1980ع جون انعام يافتہ ڪهاڻيون ڪڍان ٿو. ان ۾ ايڊيٽر جو نوٽ ڏنل آهي: "جيئن چينائي ادب هڪ نئين دور ۾ داخل ٿيو اديبن اهي اڏيتون پنهنجي تحرير ۾ واضح ڪيون، جي هنن ثقافتي انقلاب جي دور ۾ سٺيون هيون 81_1980ع جون انعام يافتہ ڪهاڻيون روح جي اُنهيءَ پيانڪ خواب وانگر آهن، جو هنن جو ذاتي تجربو آهي. ثقافتي انقلاب جي خاتمي کان پوءِ "داغي ادب" ( Scar literature) جو اصطلاح وجود ۾ آيو. اُميد آهي تہ پڙهندڙ انهن داغن تي نہ کلندا. اهي تہ يقينن نہ کلندا، جن زندگيءَ جا ڏنپ سٺا آهن توڙي اهي ڏنپ ٻئي قسم جا آهن."

ڪجهہ وقت اڳ عبدالقادر جوڻيجو بيجنگ ويو هو ۽ چيني شاعر، الڪنگ (Alking)، جو ڪتاب مون لاءِ تحفي طور کڻي آيو هو جو بيجنگ ۾ هن کيس مون لاءِ ڏنو هو الڪنگ چيني شراب پي رهيو هو جنهن وقت عبدالقادر منهنجا ڪجهہ نظم هن کي ترجمو ڪري ٻڌايا هئا، جي هن کي ڏاڍا وڻيا هئا. پنهنجي ڪتاب ۾ هن پنهنجو نظم "ڪوئلي جو جواب" هن کي نشان ڪري ڏنو هو جو هيئن آهي:

"تون ڪٿي ٿو رهين؟
مان اونهي پهاڙ جي ڏهن هزارن سالن ۾ ٿو رهان
مان اُيپيءَ ڪڙٻڙ واري تڪريءَ جي چُر ۾
ڏهن هزارن سالن کان رهان ٿو.
۽ تنهنجي عمر؟
منهنجي عمر پهاڙ کان وڏي آهي
اُيپيءَ ڪڙٻڙ واريءَ تڪريءَ جي چُر کان وڏي آهي.

ڪيترو وقت توکي خاموش ڪرايو ويو آهي؟
ان وقت کان جڏهن ڊنوسار* ڌرتيءَ تي راڄ ڪندا هئا،
جڏهن ڌرتيءَ پنهنجو پهريون زلزلو محسوس ڪيو هو.
ڇا تون پنهنجي غصي ۽ تلخيءَ ۾ پائمال ٿي چُڪو آهين؟
موت؟ نہ نہ مان اڃا جيئرو آهيان
مهرباني ڪري، تيلي ٻار، تيلي ٻار!"

ان کان ڪجهہ وقت پوءِ چيني سفارت خاني مون ڏانهن چيني ادب جو هڪ شمارو موڪليو هو جنهن ۾ الڪنگ جو مضمون "منهنجي زندگي" ڇپيل هو. الڪنگ 1910ع ۾ ڄائو هو. 1931ع ۾ جنهن وقت جپاني حملہ آور اُتر چين والاري ويا، الڪنگ اُن وقت پئرس ۾ هو. هن سامراج ورودي ليگ ۾ ڀهرو ورتو ۽ پنهنجو پهريون نظم لکيو. جڏهن هو موٽي آيو تہ شانگهائيءَ ۾ کاٻي ڌر جي فنڪارن جي ليگ ۾ شامل ٿيو. اوچتو هڪ رات فرينچ ايراضيءَ ۾ پوليس جي ڇاڙتن هُن ۽ هن جي دوستن کي ٻڌي جيل ۾ وجهي ڇڏيو. ان تي هن "لال بانسري" نظم لکيو. جنهن ۾ هن فرينچ شاعر، اپالي نيئر (Apollinaire) جي هيٺين سٽن جو حوالو ڏنو:

"مون کي هڪ لال بانسري آهي! مان اُن کي ڪنهن فرين جنرل جي ڇڙيءَ (Staff) سان نہ مٽائيندس."

پوءِ هو مسلسل لکندو رهيو ۽ نيٺ هو چو. اين. لاءِ جي مدد سان ينان پهچي ويو، جو اُتر ۾ ڪميونزم جو اڏو هو. ان کان پوءِ هن ڪافي سرگرم زندگي گذاري آهي، دنيا جا سفر ڪيا آهن، انقلاب کان اول بہ ڪيترو وقت جيل ۾ رهيو آهي ۽ انقلاب کان پوءِ بہ هن تي ساڄيءَ ڌر مان هٽڻ جو الزام هو ۽ ٻين اذيتن سان گڏ، هن کي ايڪيهہ سال چُپ ۾ رکيو ويو. ثقافتي انقلاب وقت هن جي ڪتابن ۽ نظمن جا مسودا ضبط ڪيا ويا. 1972ع تائين هن جي غيبت ڪئي وئي ۽ هو

---

* ڊنوسار (Dinosaur) : لنبا ڳورا جانور، جي ڪنهن زلزلي ۾ ڌرتيءَ تان گم ٿي چُڪا آهن.

گليءَ گليءَ ۾ خوار ڪيو ويو. هو بيمار ٿيا هن جو ڪوئي علاج نہ ٿي ڪيائون. جڏهن لِن پيائو (Lin Biao) ملڪ سان غداري ڪئي ۽ فرار ٿيندي ماريو ويو تڏهن ئي هن کي اسپتال ۾ علاج لاءِ داخل ڪيائون. ٻن سالن کان پوءِ هو وري لکڻ لڳو. 1954ع ۾ هن بيجنگ جي هڪ پوڙهيءَ زال سان پيٽ ڪئي آهي، جنهن کي سنڌن جو سور هوندو آهي، ۽ 26 سال پوءِ هوءَ هن کي هڪ صحتمند ۽ خوش و خورم نينگريءَ وانگر لڳي رهي هئي. هو رهائيءَ کان پوءِ ذري گهٽ اڌ دنيا گهمي چڪو آهي ۽ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ خاص طرح شڪاگو فلاڊيلفيا، نيويارڪ، واشنگٽن، بلسٽن ۽ انڊيانا جو ذڪر ڪيو اٿائين. دراصل اڪثر چيني ۽ روسي اديب هينئر آمريڪا جا دورا ڪرڻ ٿا چاهين ۽ انهن جي دولت جي جهرمر ڏسي هنن جون اکيون جهانورجي وڃن آهن. اسان جيڪي ٽينءَ دنيا جا اديب آهيون، اُهي هُنن کي حيرانيءَ سان ڏسي رهيا آهيون. ڇا، هو اسان جو درد اڳي وانگر محسوس ڪن ٿا؟ مغرب ۾ تہ ڪائي اُميد نہ آهي. آمريڪا ۽ يورپ ٽئي ٽينءَ دنيا ۾ آمريتن کي هٿيار ڏئي. انهن کي بار بار نئين زندگي ڏئي رهيا آهن. دنيا ۾ اسان جا وڏي ۾ وڏا دشمن اُهي آهن. پر انهن جا مخالف بہ تہ ساڳيا نہ رهيا آهن. عالمي جنگ جي خاطري هنن جا ڊيرا ڊرا ڪري ڇڏيا آهن. ڇا اسان پنهنجو ٻوٽو ٻاري سگهون ٿا، پنهنجو ٻوٽو ٻاري سگهون ٿا؟

الڪنگ چليءَ جي ساحل تي ڪهڙو نہ چڱو نظم لکيو آهي:

"ڇولي، ڇوليءَ پٺيان اچي
پنهنجو اجهل حملو ڪري ٿي.
هر ڇولي پنهنجن پيرن پر ڪري ٿي
۽ لوڻياڻي گجي پيدا ڪري، گُم ٿي وڃي ٿي.
ايئن ٿو لڳي تہ پهاڙ جي مُنهن تي
ڪنهن چاقوءَ سان چير ڏنا آهن،
پر اُهو اجا تائين خاموش آهي

۽ ساڻو آهي، پر مسڪرائي رهيو آهي
۽ سمنڊ ۾ گهوري رهيو آهي.“

اڄ منهنجون ڏيئر، ياسمين ۽ ڊاڪٽر روحي، ۽ انهن جا ٻار آيا. سارو گهر پکين جي پڃري وانگر چهڪائي رهيو آهي. هيٺ دڪان آهي، جتي رنگا رنگ پکي وڪري لاءِ رکيا آهن. شام جو ياسمين جي ڌيءَ، ڪنول، مون سان گڏ هيٺ چڪر ڏيندي، واري سان اُنهيءَ دڪان اندر تي هلي وئي، پکي ڏسي چيائين، ”بابا! اهڙا رنگين پکي ڪٿان آندا اٿائون؟ ڪراچيءَ ۾ پکي ته ڪو نه ٿيندا آهن.“

”ڌيءَ، پکي ڪراچيءَ مان اڏامي ويا آهن. باقي هِليون◆ وڃي رهيون،“ مون هن کي جواب ۾ چيو ”هي پکي اسان جي ديس جا نه آهن.“

ٽن ڏينهن کان هيٺان وڊيو لئبرريءَ مان ورتل هرمن ووڪ Herman wouk جي ناول تي نڪتل تي وي فلم Winds of war جا اٺ ڪئسيٽ ڏسي رهيو آهيان. نهايت دلچسپ فلم آهي. ناول ته مون 1971ع ۾ پڙهيو هو. جڏهن اُن جو Fontana Books وارو ڇاپو ڇپيو هو. ناول ۾ اٽڪل هزار صفحا آهن. ان ۾ ٻي جنگ عظيم جون اُهي حالتون ڏيکاريل آهن جي وارسا (Warsaw) جي گهيراءَ سان شروع ٿيون ۽ جن جو انت پرل هاربر (Peral Harbour) تي حملي ۾ ٿيو. ان ناول جو ٻيو حصو (War and Experience) جو 1978ع ۾ شايع ٿيو هو ۽ اٽڪل ٻارنهن سؤ صفحن تي ٻڌل آهي، پرل هاربر کان هيروشيما تائين ٻي جنگ عظيم جي باري ۾ آهي، پر اُن جي باري ۾ شايد ڪائي فلم نه ٺهي آهي. سکر ۾ مان ڪورٽن ۾ ايترو رڌل هوندو آهيان جو مون کي وي سي آر ڏسڻ لاءِ وقت ڪو نه ملندو آهي ڪراچيءَ ۾ ٽي وي.سي. آر تي فلمون ڏيو تي ڏسندو آهيان.

---

◆ هِلون، هِليون: سرٽيون

فلم ۾ ڏيکاريل نٽنليءَ (Natalie) ۽ يهودي دانشور جئسٽروف (Jastrow) جا ڪردار تہ دل تي نقش ٿي ويا.

پاڪستان ۾ تہ هڪ بہ ڏسڻ جهڙي فلم نہ آهي. هر ڪوئي هندستاني فلمون ٿو ڏسي. ڪڏهن ڪڏهن آءٌ بہ سُميتا پاٽل، شبانہ اعظمي، نصير الدين شاھہ ۽ اوم پوريءَ وغيره جون فلمون ڏسندو آهيان. سميتا پاٽل تہ مون کي خاص وڻندي هئي. هن جي سانورڙي صورت گارگيءَ وانگر هئي، جا پهرين ڇوڪري هئي، جا منهنجي زندگيءَ ۾ آئي هئي ۽ جنهن کي ڏسي مان ڪنهن پراڻي اردو شاعر جون هينيون شعر جهونگاريندو هوس، جو مان ڪنهن علي ڳڙھہ مخزن ۾ اردو شاعريءَ جي انتخاب ۾ پڙهيو هو:

*دیکھ کے سانولی صورت کس متوالی کی*
*گو مسلمان ہوں، بول اُٹھا ہوں جئہ کالی کی*

سميتا پاٽل جي موت تي بہ مون کي ايترو ڏک ٿيو هو، جيترو پاڪستان کان پوءِ گارگيءَ جي لڏي وڃڻ تي ٿيو هو.

بهر صورت پاڪستان جون سؤ في سيڪڙو بور فلمون هونديون آهن ۽ هندستان جون پنجانوي في سيڪڙو. اميتاڀ بچن کان تہ مون کي اَلرجي آهي. هڪ ڀيرو هن جي فلم "ديوار" هلي رهي هئي. منهنجي گهر جي پاتين جون اکيون پردي تي کُتل هيون. غندن جو جٿو چاقن ۽ سائيڪلن جي زنجيرن سان اچي اسٽيويڊورن (Stevedores) (جهاز تان مال لاهيندڙن چاڙهيندڙن) جي پوريءَ تنخواھہ مان حصو گهريو. پر فلم جي اهم ڪردار وجيہ اُنهن کي ٺونشا هڻي ڀڄائي ڪڍيو. وجيہ اميتاڀ بچن هو. "ديوار" جهڙيون فلمون هڪ فريب ڏين ٿيون تہ دنيا ۾ فوري انصاف آهي ۽ اهڙين فلمن ڪري هندستان ۽ پاڪستان ۾ سئنيمائون جڻ هڪ قومي جنون تي ويون آهن. ٻنهي ملڪن ۾ ڪيئي مووي مئگزنون نڪرن ٿيون. هندستان ۾ سرڪاري ملازم اداڪارن کي ڪافي اهميت ڏين ٿا ۽ ڪجھہ اداڪار تہ سياستدان بڻجي ويا آهن. جڻ تہ ماڻهو سئنيما جي پردي تي تصوراتي

دنيا کي سچو سمجهن ٿا. هندستان جون ڪي آرٽ فلمون، ”ارڌستيا“ وغيره جهڙيون، مون کي پسند آهن، پر هيمامالنيءَ جهڙيون اداڪارائون، جي چڙ مارلن منرو جو نقل ڪن ٿيون، مون کي نہ وڻنديون آهن. اميتاڀ بچن، جو مرلان براندو (Marlon Brando) ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، مون کي اصل نہ آئڙندو آهي. هندستان وانگر پاڪستان ۾ بہ هن جا ڪيئي شائقين آهن، پر مون کي هن جون فلمون بيزار ڪنديون آهن. هونءَ تہ گهڻو ڪري ساريءَ دنيا جو سئنيما ڌانهن رد عمل ساڳيو آهي، پر ايشيا، لاطيني آمريڪا ۽ آفريڪا ۾ ڪروڙين ماڻهو سئنيما جي لفظ کان متاثر ٿين ٿا. انهيءَ جا سبب جدا جدا آهن. ڪن کي اُها پنهنجي مفلسيءَ جي زندگيءَ مان فرار ميسر ڪري ٿي. ڪي اُها ڏسي، روزانين پريشانين مان وقتي طور نڪري وڃن ٿا. ڪن لاءِ سئنيما تعليم آهي ۽ ڳنڀير سوچ لاءِ مواد پيدا ڪري ٿي، ڪن تي اُن جو چڱو اثر پوي ٿو تہ ڪن تي برو. ڪينيا کان ميڪسيڪو تائين هالي ووڊ اثر انداز آهي. سياسي ڦير گهير فلمون اتساهي ٿي ۽ فلمون سياسي ڦير گهير اُتساهين ٿيون. جي سئنيما صحيح ماڻهن جي هٿ ۾ آهي تہ وڏو انقلاب آڻي سگهي ٿي. آرجينٽينا ۽ برازيل ۾ ملٽري حڪومتن جي خاتمي کان پوءِ سئنيما ۾ ڪافي فني خوبيون آيون آهن. پاڪستان ۾ اڳيئي سئنيما جو ڪارو منهن هو ويتر وي سي. آر اُن جو ستياناس ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچيءَ ۾ سئنيمائون ڊاهي اُتي شاپنگ سينٽر کوليا اٿائون، جتي دنيا ڀر جون سمگل ٿيل شيون کليو کلايو ملن ٿيون. فلپينس ۾ جو ڦيرو آيو آهي، ان جي باري ۾ ڪيئي فلمون ٺهي رهيون آهن، جن ۾ مارڪوس جي انڌيرنگريءَ جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ مارشل لا جي خلاف هڪ بہ فلم نہ ٺهي آهي، ڇو تہ جنرل ضياءُ اجا ساڳي گهُٽ ٻوسات جاري رکيو اچي، مرڳو سينسر بورڊ انگريزيءَ جون فلمون ڪيتريءَ حد تائين سينسر ڪيو ڇڏي.

پاڪستان ۾ فلمي صنعت جي ترقي فقط ترقي پسند ۽ تعقل

پسند جمهوريت ۾ تي سگهي ٿي. نہ تہ هي اسلام اسلام ڪندڙ فلمي صنعت کي نهوڙي نيندا. گوئرنگ چوندو هو تہ ”مان جڏهن آرٽ جو نالو ٻڌندو آهيان تہ منهنجو هٿ پستول جي ناليءَ ڏانهن ويندو آهي.“ مون کي جنرل ضياءَ ۽ گوئرنگ جي ذهنيت ۾ ڪوئي فرق نظر نہ آيو آهي. مسوليني ءَ هڪ پيري چيو هو:

Let us beat the refractory skulls with resounding blows.

(اچو تہ سرڪش کوپڙين تي گونجندڙ ڌڪ هڻون.)

هر صحيح دماغ ماڻهوءَ کي ٽي وي ۽ ريڊيو تي جنرل ضياءُ جو آواز هڪ فاشسٽ جي ڀرپور ضرب وانگر لڳندو آهي. جيستائين هو ۽ اُن جا حواري آهن، تيستائين هڪ بہ چڱيءَ فلم جو نهڻ ناممڪن آهي. اندروني سنڌ پوليس کي جنهن وقت مفت ۾ ڪئسيٽ نہ ٿا ملن يا منٿلي (ماهوار رشوت) نہ ٿي ملي تہ هو هندستاني ۽ انگريزي فلمن جا وڊيو ڪئسيٽ ضبط ڪري وڃن ٿا. مارشل لا جي هٽڻ کان پوءِ بہ پاڪستان هڪ پوليس اسٽيٽ آهي، جنهن ۾ جڻ تہ ڪوئي قانون نہ آهي. پوليس آفيسر ماڻهن جون جيپون ۽ سوزوڪي گاڏيون ضبط ڪري فوج کي ٿا ڏين. تازو سکر ۾ هاءِ ڪورٽ ۾ هڪ رٽ پٽيشن داخل ٿي تہ ”پوليس هڪ وڪيل جي سوزوڪي کٽي وئي آهي ۽ اها هن کي موٽائي ڏني وڃي!“ جج صاحب آرميءَ جي هڪ ڪرنل کي گهرايو هن کي ڪافي دٻايو ۽ سوزوڪي واپس ڪرائي. بهر صورت ڪرنل چيو تہ اِهو ڪم پوليس جو آهي. ايئن ٿو لڳي تہ مارشل لا هٽي وڃڻ کان پوءِ بہ هتي مارشل لا لاڳو آهي.

هانگ ڪانگ ۾ نيون فلمون نهي رهيون آهن تہ جڏهن ڏهاڪو سالن کان پوءِ بينڪيت ختم ٿئي، تڏهن هانگ ڪانگ جا رهواسي چين سان تهذيبي رابطو رکي سگهن. آمريڪا ۾ Vietnam War story فلم جي پردي تي اچي چڪي آهي، پر هتي ان جا ڪئسيٽ نہ پهتا آهن .ايئن ٿو لڳي تہ آمريڪي، ويٽنام جو ڏک بچائي ويا آهن. ويٽنام جي جنگ ۾ آمريڪا جي هار تہ ڪيئن نہ هالي ووڊ خاموش رهيو

آهي! هاڻي ان موضوع تي بہ فلمون Platoon ۽ Full Metal Jacket نڪتيون آهن، پر انهن جا ڪئيسٽ اڃا هتي نہ پهتا آهن. آمريڪا ۾ ٻيون بہ فلمون ٺهي رهيون آهن، جن ۾ ويٽنام ۾ آمريڪا جي ڪردار تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ويٽنام ۾ آمريڪا جي دست اندازي لاءِ سبب گهڙيا ويا آهن.

برازيل ۾ 1985ع ۾ ملٽري حڪومت جو خاتمو ٿيو. فوج بئرڪن ۾ موٽي وئي. اُتي ڪافي آرٽ فلمون ٺهيون آهن، جن کي يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڪافي اهميت ڏني وئي آهي. افسوس جو هتي اهڙيءَ فلم جو امڪان نہ آهي.

سنڌ ۾ ٽي وي تہ ڪجهہ ڏسڻ جهڙي آهي. باقي سئنيما جون فلمون بيڪار آهن. عبدالقادر جوڻيجو ۽ نور الهديٰ شاهہ اردوءَ ۾ لکي رهيا آهن. ڪاش! ڪنهن وقت ڪنهن پروڊيوسر کي ايتري جرئت ٿئي، جو هو سنڌ جي جدوجهد کي پردي تي آڻي سگهي! اسان پنهنجو تشخص برقرار رکڻ لاءِ ڪيترو نہ سنئو آهي! نہ ڄاڻان سنڌ جا Mass Media (عوامي وسيلا) ڪڏهن سنڌ جي عوام لاءِ ڪم ايندا!

رات جا ٽي لڳا آهن. دريءَ مان ايڪڙ ٻيڪڙ ڪار رستي تي ويندي نظر ٿي اچي ۽ ان جي روشنيءَ تي ننڍا ڪڙيون اکيون کُلي وڃن ٿيون. ڪاش، ڏينهن رات ۾ ڇهانوي ڪلاڪ هجن! وقت ڪيترو نہ تيزيءَ سان گذري وڃي ٿو!

اڄ فقير محمد لاشاري پنهنجو ڪتاب ”ڌرتيءَ جي دانهن“ ڪٺي آيو. اڳ هن مون کي پنهنجو ڪتاب ”سگهارو هماليہ، هيٺا ماٺهو“ ڏنو هو، جو هن پنهنجي نيپال جي سفر جي باري ۾ لکيو آهي. فقير محمد لاشاري سنڌيءَ جو نوجوان اديب آهي. جنهن جو مطالعو ڪافي وسيع ۽ سياسي شعور گهرو آهي ۽ هو ڪافي وقت محمد ابراهيم جويي جي صحبت ۾ رهيو آهي. هي پيشہ ور صحافي آهي ۽ روزاني ”هلال

پاڪستان“ ۾ ملازمت ڪندو آهي ۽ ان جو هفتيوار ادبي شمارو هن جي نظرداريءَ هيٺ نڪرندو آهي. هن چاهيو ٿي تہ هڪ پوري ڪتاب جيترو منهنجو انٽرويو وٺي ۽ سوچيائين ٿي تہ هو سؤڪن سوال، مون کي ڏئي، جن تي سوچي مان ڪيس جواب ڏيان. مون کي اها ڳالهہ پسند آئي. تازو مون سارتر جي انٽرويو تي هڪ ڪتاب پڙهيو هو جو سيمان دي بوا، هن کان ورتو هو جنهن ۾ سياست، معاشيات، بين الاقوامي معاملات، ادب، فلسفي، فن وغيره تي هن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو هو مون فقير محمد کي چيو تہ هو پيلي سوچي ڪري سوال لکي اچي. اڳ بہ فقير محمد منهنجو انٽرويو ورتو هو جو منهنجي ڪتاب ”خط، انٽرويو ۽ تقريرون“ ۾ شايع ٿي چڪو آهي ۽ جنهن جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪري مرحب قاسميءَ اردو رسالي ”تخليق“ جي سنڌي ادب شماري ۾ شايع ڪرايو آهي، جو لاهور مان ڇپيو آهي. رسالي جي سرورق تي مسرت مرزا جي تصوير آهي، جنهن ۾ ڏيڪاريل آهي تہ ڀٽ شاهہ جو مينار چنڊ تائين پهچي چڪو آهي ۽ بہ پکي چنڊ ڏانهن اُڏري رهيا آهن، پر اڃا تائين پهچي نہ سگهيا آهن. مسرت ۽ مرحب ٻئي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندڙ هيون، جتي منهنجون واقف ٿيون هيون. رسالي جي پهرئين صفحي تي منهنجي اڪيلي تصوير ۽ مسرت ۽ مرحب ۽ ڪجهہ دوستن سان ٻيون تي تصويرون آهن. اهو رسالو جنهن ۾ اٽڪل ڇهہ سؤ صفحا آهن، مون فقير محمد کي ڏيکاريو. مرحب قاسميءَ انٽرويو جو عنوان ”هڪ شاعر، هڪ شخصيت، هڪ تاريخ، شيخ اياز“ ڏنو آهي ۽ انٽرويو جي ترجمي کان اڳ هڪ صفحو پاڻ لکيو اٿائين، جنهن جي شروع ۾ لکيو اٿائين: ”شيخ اياز صرف هڪ نالو نہ آهي، هڪ شاعر نہ آهي، هڪ اديب نہ آهي، وڪيل نہ آهي بلڪ هڪ تاريخ آهي، هڪ دؤر آهي، زبان جو سفير ۽ انسان جي ڪرب ۽ آگهيءَ جو آواز آهي.“

فقير محمد، رسالي ۾ انٽرويو تي پيش لفظ پڙهي چيو تہ پيش لفظ ان ڪري وڌيڪ اهميت ٿو رکي، جو رسالو لاهور مان شايع ٿيو آهي ۽

اردوءَ ۾ چوٿيءَ جو رسالو آهي ۽ اُن ۾ اوهان کي انسان جي ”ڪرب ۽ آگهيءَ جو آواز“ ڪوئيو ويو آهي.

فقير محمد بہ ادائي ڪلاڪ ويٺو هو ۽ هن سان ڪافي موضوعن تي گفتگو ٿيندي رهي. هو ”هلال پاڪستان“ جو هفتيوار ادبي حصو بہ ڪٽي آيو هو جنهن ۾ ڪنهن ”اُتراڌيءَ“ جي فرضي نالي سان شايع ٿيل مضمون ۾ لکيو هو تہ گوربا چوف روس جي باري ۾ اهي ڳالهيون هاڻي مجي ٿو جي شيخ اياز پنجويهہ سال اڳ پنهنجي ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ ۾ لکيون هيون. فقير محمد سان گفتگوءَ ۾ مون هيٺيون ڳالهيون ڪيون:

(1) وقت، ذات جي وڏي پرک آهي. پٺائي بہ سئو سالن کان وڌيڪ زندهہ رهيو آهي ۽ هن دور ۾ بہ اسان کي اتساهي رهيو آهي.

(2) جيڪڏهن ڪوئي شاعر سو امر سٽون ڇڏي، جن کي بہ سو سال وقت مٽائي نہ سگهي، تہ هو عظيم آهي، شيڪسپيئر سو کن امر سٽون ڇڏيون آهن، پٺائيءَ سؤ کان بہ وڌيڪ ڇڏيون آهن.

(3) پنهنجي دؤر جي تحسين ادب جي عظمت جو معيار نہ آهي. پنهنجي دؤر ۾ تہ برنارڊ شا جي جيتري ساراهہ ٿي هئي، اوتري ورلي ڪنهن اديب جي ٿي هوندي، ڪنهن هن کان پڇيو هو تہ دنيا ۾ وڏا ماڻهو گهٽا ٿيا آهن. تہ هن جواب ڏنو هو تہ ”ڪُل نوَ (9)“ پوءِ پنهنجو نالو نوَ ٻيرا ورجايو هئائين. جارج برنارڊشا. جي بي شا. جي برنارڊشا وغيره. يعني دنيا ۾ فقط هڪڙو وڏوماڻهو هو ۽ اهو هو پاڻ هو. جڏهن هو مري ويو تہ ماڻهو هن کي بور سمجهڻ لڳا ۽ شايد هن جي موت کان پوءِ اجا تائين هن جا ڪتاب ٻيهر نہ ڇپيا آهن.

(4) مون کي بہ جڏهن بہ صديون پرکينديون، تڏهن ئي فيصلو ڪري سگهبو تہ منهنجي شاعري زندهہ جاويد آهي يا نہ؟ (ان تي فقير محمد لاشاريءَ چيو تہ هاڻي دنيا گهڻو ئي بدلجي وئي آهي ۽ شاعريءَ جي پرک لاءِ بہ صديون ضروري نہ آهن. ويهہ پنجويهہ سال ئي ڪافي آهن. مون هن سان اتفاق نہ ڪيو)

(5) جڏهن مان وائيس چانسلر هوس، تڏهن منهنجو پي. اي عطا محمد، مون وٽ ٻيءَ ٽپال سان گڏ جنرل ضياءُ الحق جو خط بہ کڻي آيو هو جنهن ۾ هن مون کي لکيو هو تہ منهنجو شاهہ جي رسالي جو اردوءَ ۾ منظوم ترجمو هن جي ميز تي پيو آهي ۽ اهو ڏسي هو عجب ۾ پئجي ويو آهي تہ شاهہ ۽ علامہ اقبال جي پيغام ۾ ڪيڏي هڪجهڙائي آهي، ۽ وڌيڪ لکيو هئائين تہ چاڪاڻ جو مون کي ٻنهي ٻولين تي عبور آهي، انڪري جي مناسب سمجهان تہ علامہ اقبال جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪريان. اهو خط اڃا مون وٽ موجود آهي. مان خط پڙهي ٿڪ ڏنو. اوچتو مون کي عطا محمد جي موجودگيءَ جو احساس ٿيو جو وائڙو ٿي مون کي ڏسي رهيو هو ۽ مان خاموش ٿي ويو هوس.

(6) جڏهن شاهہ جي رسالي جو ترجمو شايع ٿيو هو تڏهن مون ڊاڪٽر بلوچ جي اصرار تي اهو ايوب خان کي پيش شاهہ تي پيش ڪيو هو. ايوب خان مائڪرو فون جي سامهون بيٺو هو ۽ مون کان پڇيو هئائين: ”ڪٿان جا رهندڙ آهيو؟“ مون جواب ڏنو، ”سنڌ جو.“ هن شايد ائين سمجهيو هو تہ مون هن جو سوال نہ سمجهيو آهي. سو وري پڇيو هئائين:”ڪٿان جا رهندڙ آهيو؟“ مون هن کي وري جواب ڏنو، ”سنڌ جو.“ ان تي ايوب خان غصي سان پڇيو هو:”سنڌ تہ وڏو علائقو آهي، ڪهڙي شهر جا رهندڙ آهيو؟“ مون جواب ڏنو هو ”سکر جو.“ اها گفتگو مائڪروفون تان چوڌاري ڦهلجي وئي هئي ۽ ٻئي ڏينهن تي ”عبرت“ روزانيءَ ۾ پهرئين صفحي تي مٿان ڏني وئي هئي. ايوب خان سنڌ جو نقشو مٽائي ون يونٽ ٺاهيو هو ۽ هن کي ”سنڌ“ جي نالي تي ئي غصو ٿي آيو. مون اهو چڱيءَ طرح ڄاتو ٿي. هو مون کان قد ۾ وڏو هو ۽ جڏهن ٻئي هٿ ڏئي مون سان ڪجهہ جهڪي مليو هو تہ مون هڪ هٿ پنهنجي ڇاتيءَ پنيان ڪري هن کي ٻيو هٿ ڏنو هو. هٿ ڏيندي نڪتل فوٽو گراف بہ منهنجي البم ۾ آهي ۽ غالباً ”نئين زندگيءَ“ ۾ ڇپيو هو. ان وقت

پٽو صاحب ايوب خان جو وزير خارجه هو ۽ ايوب خان جي پرسان وينو هو. هن منهنجي انهيءَ روش کي شعوري سمجهيو جا هن کي بُري لڳي. ٿوريءَ دير ۾ ڪنهن ماڻهوءَ مون کي چيو: ”پٽو صاحب توهان کي سڏي رهيو آهي.“ مون هن کي چيو ته ”تون پليو آهين، پٽي صاحب بئي ڪنهن کي سڏيو هوندو. پٽو صاحب مون سان اڳ ڪڏهن به نه مليو آهي.“ هو پٽي صاحب وٽ موٽي ويو هن سان ڪجهه ڳالهائي، وري مون وٽ موٽي آيو ۽ چيائين ته ”پٽو صاحب اوهان کي ئي سڏي رهيو آهي.“ مان ڪرسيءَ تان اُٿي پٽي صاحب وٽ ويس ۽ هن کي چيم: ”سائين، اوهان مون کي سڏيو آهي ڇا؟“ ”نه“، پٽي مون کي اُچاترو ڏسي جواب ڏنو ”مون ته زيب عاقليءَ کي سڏيو.“ مون دل ۾ چيو: ”افسوس آهي تون به مون کي ٻين شاعرن وانگر شاعر ٿو سمجهين. تون به مون کي نٿو سڃاڻين!“ ۽ پوءِ ڪيئي سال گذري ويا، پٽي مون کي سڃاتو پر اُن وقت ڏاڍي دير ٿي وئي هئي.

(7) ڇا، هي فوجي آمر، امير خسروءَ ۽ ليونارڊو ڊاونچيءَ جي نالي کان واقف آهن؟ ڇا، هو ڄاڻن ٿا ته اُهي پنهنجي دؤر جي بادشاهن کي ڪيتري اهميت ڏيندا هئا؟ ڇا، هو فن جي پابندگيءَ ۽ پنهنجي فنا پذيريءَ کي ڄاڻن ٿا؟ تڏهن ته پٽائيءَ نور محمد ڪلهوڙي جي مٺائي درياهه ۾ ڦٽي ڪري ڇڏي هئي. ان ۾ سچ پچ زهر ته ڪا نه هئي، پر اُها مٺي زهر جي علامت ضرور هئي. پٽو سيزر وانگر هو. لينن وانگر نه هو. هن سوشلزم جو نعرو اِن ڪري هنيو جو ان نعري عوام کي اُڀاريو ٿي. مون پٽي صاحب سان وقت ته ٿورو گذاريو آهي، پر پوءِ به چاهيان ٿو ته هن جي عظيم الشان شخصيت تي هڪ ڪتاب لکان.

(8) آمريت کان مون کي ڪيڏي نه نفرت آهي، پر منهنجي عمر اُها نه آهي ته مان اُن جي خلاف ڪلاشنڪوف کڻان. منهنجا هٿيار ٻيا آهن. منهنجو هر لفظ هڪ گولي آهي، جا دشمن جي سيني مان پار

وجي ٿي، منهنجي ٻولي منهنجو اسلح خانو آهي.

(9) مان شعر و ادب جي معاملي ۾ نهايت نهٺو آهيان. پر شاعرن ۽ اديبن ۾ نهايت مغرور سمجهيو ويندو آهيان. دراصل مان مغرور نه آهيان ۽ منهنجي خوداعتماديءَ کي غرور سمجهيو ويندو آهي. سمرسيٽ مام چوندو هو ته "نهٺائي، فنڪار جي روح جو فالج ٿئي ٿي." پنهنجي پيش رو ۽ پنهنجن همعمر شاعرن جو قد ڪاٺ مان نهايت سختيءَ سان ماپيندو آهيان. جڏهن مان ڊي جي ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ته سنڌي سرڪل جي هڪ ميڙ ۾ مون چيو هو ته مان شاهه لطيف کان سواءِ ٻئي ڪنهن به سنڌي شاعر کي نه ٿو مڃان، ۽ ايستائين چيو هو ته باقي شاعر ڪي به ٿي ستون پڙهڻ جهڙيون ڇڏي ويا آهن ۽ ڪي ته به ٿي به نه ڇڏي سگهيا آهن. مولانا غلام محمد گراميءَ جڏهن منهنجي شاعريءَ تي "مشرقي شاعريءَ جا قدر ۽ رجحانات" مضمون لکيو تڏهن هن مون کي ٻڌايو هو ته هن شاعري ڇڏي ڏني هئي، ڇو ته اها هن جي وس جي ڳالهه نه هئي. هن اهو به ٻڌايو هو ته جڏهن هو جمعيت الشعرا جو ميمبر هو تڏهن شاعر مصرع طرح ڏسي، سارا اردوءَ جا ديوان کوليندا هئا ۽ ان ساڳئي قافيه ۽ رديف تي لکيل غزل ڏسي، پنهنجو سنڌي غزل لکندا هئا ۽ نه رڳو رسمي خيال بين جي اردو غزلن تان وٺندا هئا، پر قافيه به انهن تان کڻندا هئا. روايت هنن جي ميرن باراٽن هٿن ۾ اُجهاٽل موم بتيءَ وانگر هئي. مولانا گراميءَ جو خيال هو ته شاعر، جي واقعي شاعر آهي، ته هن جي شاعريءَ جي زد ۾ ساري ڪائنات آهي ۽ شاعريءَ لاءِ نهايت وسيع مطالعو ۽ مشاهدو گهرجي، جيئن پنهنجي دور ۾ شاهه لطيف کي هو.

ابراهيم خليل ۽ واصف وغيره کي مان شاعر ئي نه سمجهندو هوس. هو فقط تُڪ بند هئا. اردوءَ ۾ اهڙا غزل گو شاعر لکنئو ۽ دهليءَ جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پيدا ٿيا هئا. انهن کان چڱو شعر ته خوشنودي لکندي هئي، جا رامپور جي نواب جي داشته هئي ۽ هن جي دربار ۾

ڳائيندي هئي. پاڪستان کان پوءِ اردو اديب اشرف (ڪامريڊ شرف جو ياءُ) ۽ مان نيپئر روڊ تي هن جي ڪوٺي تي ويندا هئاسين ۽ هن جي واتان هن جو هيٺيون غزل ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويندا هئاسين:

خطا معاف، یہ الزام آپ پر تو نہیں
شکایتِ غمِ دوراں ہے ناگوار نہ ہو
غمِ حیات سے تنگ آگئی ہوں خوشنودی
کرم بھی کیجئے اتنا کہ مجھ پہ بار نہ ہو.

10ـ لکڻ وقت مون کان اهو وسري ويندو آهي تہ مون اڳ بہ ڪجھ لکيو آهي. ايئن لڳندو آهي تہ مان زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو لکي رهيو آهيان ۽ منهنجو پنڌ ڏاڍو پري آهي، ڏاڍو پري آهي.

11ـ ڀٽائيءَ چيو آهي:

جي تون بيت ڀائين، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي

غالب بہ ساڳي ڳالھ ڪئي آهي:

آتے ہیں غیب سے یہ مضامین خیال میں
غالبؔ سریر، خامہ نوائے سروش ہے.

ساڳي ڳالھ انگريز شاعر وليم بليڪ (William blake) Moment,Eternal,۽ Divine Vision جي باري ۾ چئي آهي.

وليم بليڪ انهيءَ نظريي جو مخالف هو تہ شاعري يادگيريءَ ۾ پيدا ٿئي ٿي، يادگيري ئي هڪ نظم کي صورت ڏئي ٿي، يادگيريءَ مان ئي شاعر تصور اُڀاري ٿو جو مخصوص اظهار ۾ بدلجي وڃي ٿو. وليم بليڪ کي بيڪن (Bacon) جي فلسفي کان نفرت هئي. هو سترهين صديءَ جي ذهين انقلاب ۽ ارڙهين صديءَ جي فلسفہ محسوس پسنديءَ (Sensationalism) جو مخالف هو ۽ همعصر سائنس جي ماديت پرستيءَ جو قائل نہ هو. غالب وانگر وليم بليڪ لاءِ بہ فرشتا غيب مان ابدي مضمون شاعر جي ڏيان ۾ آڻيندا هئا. عيسيٰ چيو آهي تہ هو ڪلام الاهي پنهنجن ناپاڪ چپن سان تيستائين ادا ڪري نہ سگهندو

هو جيئن تائين ڪوئي فرشتو هن جي چپن کي ڀرندڙ آگرن سان پاڪ نہ ڪندو هو.

ان جي برعڪس ٻيا چون ٿا تہ شاعر جو وجدان (Inspiration) هن جي ذهني عدم توازن (Disequilibrium)، خوابن ۽ لاشعوري مشغوليءَ جي پيدائش آهن. افلاطون هڪ ڀيري چيو هو تہ "جنهن کي بہ روح ۾ ديوانگي نہ آهي، تنهن کي Muses (شعر جي ديوين ) جي دروازي تي اچي سوچڻ گهرجي تہ هو مندر ۾ گهڙي سگهندو يا نہ. مان چوان ٿو تہ هن کي اندر اچڻ نہ ڏنو ويندو." شيڪسپيئر بہ ديواني، عاشق ۽ شاعر ۾ هڪجهڙائي ڳولي هئي. شلر بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي آهي. ان ديوانگيءَ کي عارضي ديوانگي چيو ويو آهي يا ديوانگيءَ جي صورت ۾ چيو ويو آهي.

پهرئين امڪان تي مون توجهہ نہ ڏنو آهي، پر مان ڪنهن حد تائين نہ رڳو ٻئي امڪان جو قائل آهيان، پر عيني شاهد بہ آهيان. مئي 1988ع ۾ مون ڇهہ سؤ کن بيت لکيا هئا، جن کي ٿر جو پس منظر آهي. مان ٿر ۾ 1963ع ۾ ويو هوس ۽ وري نہ ويو آهيان. اُهي بيت پنجويهہ سال منهنجي روح ۾ ترسيل هئا ۽ اوچتو شب برات جي روشنين وانگر ظاهر ٿي پيا. مان صبح جو 4 بجي کان 6 بجي تائين لکندو هوس ۽ پوءِ وهنجي سهنجي عدالتن ۾ ويندو هوس ۽ شام تائين پنهنجي ڪاروبار ۾ مصروف رهندو هوس. رڳو خميس جو پوين اڌ ڏينهن ۽ جمعي جو سارو ڏينهن لکندو هوس. ۽ مون کي دنيا ۽ مافيها جي خبر نہ رهندي هئي. اهي بيت مينهن وانگر ايندا هئا. اوچتو ئي اوچتو گذريل مشاهدو مطالعو ۽ تجربو روپ وٺندو هو ۽ مان حيران ٿي پنهنجي نوٽ بُڪ کي ڏسندو هوس تہ اهي بيت مون لکيا آهن! ڪڏهن ڪڏهن تہ مون کي اڌ رات جو جاڳ ٿي ويندي هئي ۽ مان قلم ۽ ڪاغذ ڪٺي ڪجهہ بيت لکي سُمهي پوندو هوس ۽ ڇئين بجي ٻيهر جاڳندو هوس تہ مون کي اِهو ياد نہ رهندو هو تہ مون ننڊ مان اُٿي ڪجهہ لکيو آهي، جيستائين لکيل ڪاغذن تي منهنجي نظر نہ پوندي هئي. مان ڪوئي

جواب گرد (Somnam bulist) نہ آهيان. پر پوءِ بہ اِها خواب ۾ رچيل شاعري هڪ حقيقت آهي. پر اُن جي معنيٰ اها نہ آهي تہ شاعر تي پنهنجي ارد گرد جو پنهنجي ماحول جو پنهنجي ديس ۽ دنيا ۽ ان جي عوام جو اثر نہ ٿو پوي. وليم بليڪ نہ رڳو هڪ ڪشف وارو انسان هو پر هڪ انقلابي بہ هو جنهن بئي هڪ انقلابيءَ کي انگلينڊ مان فرار ٿيڻ ۾ مدد ڪئي هئي ۽ اُن لاءِ هن تي مقدمو بہ هليو هو. هو هيٺئين وچولي طبقي ۾ پيدا ٿيو هو ڪائي صنعت هن جي روزگار جو ذريعو هئي ۽ ان وقت لنڊن ۾ صنعتون ترقي ڪري رهيون هيون. مون هن جو هڪ شعر سچل سرمست تي تقرير ڪندي درازا ۾ پڙهيو هو:

مان هر گهٽيءَ ۾ ڦران ٿو
جتان ٿيمس ندي وهي ٿي،
۽ جنهن بہ چهري کي ڏسان ٿو
ان ۾ ناتواني ۽ غم ڏسان ٿو.

ان نظم ۾ وليم بليڪ اسان کي انهيءَ همعصر انگريز شاعر وانگر لڳي ٿو. جنهن کي انگلينڊ جي دارالحڪومت ۾ ڪنهن خلا جو احساس ٿئي ٿو ۽ زير زمين برقي ريل ۽ پرُهجوم رستا جهنم وانگر لڳن ٿا. ساڳيءَ طرح ٽي. ايس. ايليٽ جو اُهو تصور، جو ڊانٽي ۽ بودليئر کان متاثر آهي، جڏهن هو لکي ٿو:

"موهوم شهر
سياري جي باک ۾ ناسي ڌنڌ هيٺان :
لنڊن جي پل تان هڪ هجوم وڃي رهيو آهي
مون کي معلوم نہ هو تہ موت ايترن کي نهوڙي چُڪو آهي.

مٿين سٽن مان ظاهر آهي تہ بورجوازيءَ جي دنيا لاءِ وليم بليڪ ۽ ٽي. ايس. ايليٽ، ٻنهي ۾ نفرت ملي ٿي.

اهو ممڪن نہ آهي تہ شاعر جي لاشعور تي هن جي شعور جو اثر نہ ٿئي. مون بار بار چيو آهي تہ شعر جي تخليق تہ هڪ پراسرار ڳالهہ آهي، پر پوءِ بہ شاعري، شاعر جي مشاهدي، مطالعي ۽ تجربي جو نتيجو

ٿي آهي. ويهين صديءَ پنهنجي ديس ۾ ۽ عالمي سطح تي ڇا ڇا نہ ڏٺو آهي! ڪيڏا نہ لاها چاڙها، ڪيڏي نہ سماجي ڪشمڪش، ڪيڏيون نہ جنگيون ۽ انقلاب، جوانمرديءَ ۽ انسان دوستيءَ جا ڪارناما، ڪيتريون نہ انسان دشمن ڪارروايون، جوهري بم، ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦرندڙ مصنوعي سيارا (Sytellites)، زندان جي سيخن پنيان ظلم جي زنجيرن ۾ جڪڙيل انسان ۽ خلا ۾ پرواز ڪندڙ پکين کان هزارين ڀيرا وڌيڪ تيز خلاباز! ڇا، ان مشاهدي جو شاعر جي شعور تي اثر نہ ٿيندو! ڇا جيڪي اسان جي ديس ۾ ٿيو آهي، دلين جون جُدايون، محبتن ۽ رفاقتن جا ورهاڱا، خونريزيون، زالن جا ڪپيل ٿڻ ۽ ڪوڙيل مٿا، ابهمن جا سنگينن تي اڌو اڌ بدن، ريل گاڏين تي حملا، سرحدن تي ننگا، بڪايل، لُٽيل ڦريل قافلا، فوجي تاني شاهيون، ڪتابن تي بندشون، نظربنديون، قيد، سياسي قتل، مذهب جي آڙ ۾ هر آزاديءَ جي گهُٽ ٻوسات، ڌرتيءَ جي دلالن جي چهري تي سرخوشي، افسرشاهيءَ جي ڦرلٽ، لوٽ کسوٽ، ڇا اِهو سڀ شاعريءَ تي اثر نہ وجهندو؟ شاعر گونگا، ٻوڙا ۽ انڌا تہ نہ هوندا آهن. مون بہ فيض وانگر ڏٺو آهي تہ مغرور حسينائن جا برف جهڙا جسم ڪيئن نہ گرم هٿن جي حرارت ۾ پگهرجي ٿا وڃن★ پر ڇا پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ گم ٿي، انسان اهو ڏُک درد وساري ٿو سگهي، جو هن جي چوڌاري چيخون ڪري ڪري رهيو آهي؟. نہ، ڌرتيءَ جون دانهون منهنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪيون آهن. ٻاهران ڏسجي تہ منهنجي شاعري الهام وانگر لڳي ٿي. شايد ٿي دنيا جي ڪنهن شاعر ايتري دنيويءَ مصروفيت هوندي ايتريءَ تيزيءَ سان لکيو هوندو. پر پوءِ بہ منهنجي شعور ۽ تحت الشعور ۾ اُهي مشاهدا ۽ تجربا آهن، جي منهنجا آهن، جي مون کي پنهنجي ديس ۽ ڌرتيءَ کان مليا آهن ۽ جي سالها سال رچي ريٽا ٿي،

★ کیسے مغرور حسیناؤں کے برفاب سے جسم
گرم ہاتھوں کی حرارت سے پگھل جاتے ہیں (فیض)

اُبڙڪا ڪائي، ڪنهن چشمي وانگر ظاهر ٿين ٿا ۽ گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾ هن صدين کان خشڪ ڌرتيءَ کي سرسبز ڪندا وڃن ٿا. نہ، مون وٽ آيتون نہ آهن، بيت آهن. بيت، جن جو ظهور هن ڪائنات وانگر پُراسرار آهي، پر پوءِ بہ اِهي هن ڌرتيءَ سان واڳيل آهن. ان جي دک سُک جو پڙلاءُ آهن. پنهنجي روحانيت جي باوجود مادي آهن. هن ڌرتيءَ جي مٽي آهن ۽ اُن وانگر اَمر آهن.

12_ اقتدار جا ابا ڪفنايا ويا آهن ۽ انهن جا ڪفن بہ پُٽنا ٿي پُري چڪا آهن پر ادب ۽ آرٽ کي زندگيءَ جاويد ملي، آهي. انگريز برصغير مان ٽپڙ ويڙهي ويا. پر غالب اڄا تائين زندهہ آهي. هتي هاءِ دوس مچائيندڙ جي ڳيا نہ ٿيا تہ ٽپڙ ضرور ويڙهي ويندا. پر پٽائي اُتي ئي رهندو. اُن جي شاعريءَ کي لهر لوڏو ڪو نہ آهي. انگريز سامراج ختم ٿي ويو آهي، پر شيڪسپيئر جي وطن ڏانهن اڪيچار ويندا ٿا رهن. پشڪن جي مجسمي وٽ روز تر و تازه گل نظر اچن ٿا. زار مٽي ٿي ويو. ان جي قبر جو نالو نشان نہ آهي.

اڄ صبح جو ننڊ مان پنجين بجي جاڳ ٿي. هٿ مُنهن ڌوئي دريءَ مان ٻاهر ڏٺم تہ اوپر هڪ گلاب وانگر ٽڙندو ٿي ويو. لفٽ ۾ هيٺ لهي پنڊ ڪلفٽن تي هليو ويس. رستي تي سوچيندو ويس تہ مون دنيا جا وڏي ۾ وڏا ذهن اُٿلايا آهن، پر اُهي سمجهي ڪيترو سگهيا آهن؟ هڪ ڀيري پٽي صاحب چيو هو: ”شيخ! هن سنڌالاجيءَ تي سرڪار جا پنجاهہ لک ربيا لڳا آهن. پر ان ۾ ڪنا تہ رڳو گهڙا ۽ اجرڪ ڪيا اٿو؟ ان مان ڪهڙو ڪم وٺندين؟“

”توهين مدد ڪريو تہ مان وڏو ڪم وٺي ٿو سگهان.“

مون چيو:

”ڪهڙو؟“ هن پڇيو.

”مان ان ۾ Translation Bureau کولڻ ٿو چاهيان ۽ دنيا جا ٽي سئو ڪلاسڪ، سقراط ۽ افلاطون کان وٺي اڄ تائين، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ ٿو چاهيان تہ جيئن سنڌي ٻار اُهي ننڍي هوندي ئي پڙهي

سگهن ۾ جڏهن انٽر ميڊيئيٽ ۾ اچن، تڏهن برصغير جي هر قوم جي هم عمر ٻار کان هنن جو آءِ ڪيو (I.Q) زياده هجي، ڇو تہ برصغير جي ٻيءَ ڪنهن بہ ٻولي ۾ اهي سڀ ڪلاسڪ ترجمو ٿيل نہ آهن." مون هڪ ساهيءَ ڇيو.

"نيڪ آ. اليڪشن ٿي وڃي، ان ڪم لاءِ جيئن چوندين تيئن ڪنداسين،" پٽي صاحب چيو.

پٽي صاحب کي شهادت نصيب ٿي ۽ اهو ڪم اُتي رهجي ويو. اڄ مان سوچي رهيو هوس تہ اُهي ٿي سئو ڪلاسڪ، جي مون ترجمو ڪرائڻ ٿي چاهيا، اُنهن جا مصنف هن سنسار کي ڪيترو سمجهي سگهيا هئا؟

سمنڊ جي ٿڌي هوا منهنجا ڦڦڙ ڦولي رهي هئي. ڪراچي اڃا ننڊ مان نہ اُٿي هئي. رڳو ڪجهہ موٽرون رستي تان وڃي رهيون هيون. صديون ٿيون آهن، پر دنيا ۾ ڪوئي فرق نہ آيو آهي. جنهن وقت ڪاليداس "ميگهہ دوت" لکندو هو، تنهن وقت وڪرما جيت ننڊ ۾ کونگهرا هڻندو هو. اُن وقت بہ اِهو آواز ايندو هو. جو اڄ بہ اچي رهيو آهي. "مان وقت آهيان. مون کي "تاريخ" بہ چيو ويندو آهي. مان اوهان کي پيچي پورا ڪري ڇڏيندس. مان اوهان کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندس. اوهين پنهنجي انت تي پهچي ڪجهہ بہ نہ آهيو مني آهيو." اُن وقت بہ ماڻهو ننڊ ۾ کونگهرا هڻندا هئا ۽ يم دوت جو اُهو آواز ٻڌي نہ سگهندا هئا. تعجب آهي تہ ساري عمر اهو آواز منهنجي ڪنن ۾ گونجندو رهيو آهي ۽ جي ڪجهہ ننڊ گهٽي ڪندو آهيان تہ اهو آواز مون کي چڪي اٿاريندو آهي. ڇا، مون ڪڏهن سوچيو آهي تہ مان ڇا ٿو چاهيان؟ ڇا، مون پنهنجي مُڪتي پاتي آهي! جي مان بہ رڳو هڪ ڪلاسڪ ٿيان تہ ڪهڙو فرق پوندو؟ آهہ! هاڻي مان رڳو ڪتاب ٿو لکان! ڪهڙي نہ ڀرپور هئي اُها زندگي، جڏهن مان زندان جي ديوارن ۾ پنيان هوندو هوس. تڏهن بہ مان ڀرپور لکندو هوس، پر اهو سوال ڪڏهن نہ پڇندو هوس تہ مون سنسار کي ڪيترو سمجهيو آهي. مون

انگريزيءَ جون ڪجھ سٽون دهرايون. ياد نہ آهي تہ اُنهيءَ شاعر جو نالو ڇا آهي؟ اُن بہ ساڳي ڳالھ ڪئي آهي، جيتوڻيڪ هن جي اظهار ۾ شدت نہ آهي:

Time is a harper who plays until you sleep

ڪيڏو نہ واڳيل آهي، ڌرتيءَ سان منھنجو من!
مون کي پنھنجون هي سٽون ياد آيون:

مري پنھنجي موت کان، پنتي نهاريان
اکيون جئن تاريان، تر جي تڏيءَ ريت تي.

در تي گھنٽي وڳي، ڏٺم تہ شاهد هو. هُن گل شبو (Tube rose) جو ڇُڳو ۽ سائين اختر حسين، رضيہ سيما، فيض محمد بلوچ ۽ بال جتيءَ جا ڪئسيٽ تحفي طور آندا هئا. هن کي معلوم آهي تہ مون کي لوڪ موسيقي ڏاڍي وڻندي آهي. هو شاعريءَ جا هيٺيان ڪتاب بہ کڻي آيو هو:

(1) 18 کان 20 صديءَ تائين لٿونيا جي شاعري: ڪتاب جو نالو The Amber lyre آهي.

(2) سرگي آرلوف جي شاعري، The Tender Muse هن داغستان جي مشهور شاعر رسول حمزاتوف جي آتم ڪهاڻي "منھنجو داغستان" جو اردو ترجمو بہ آندو هو. اهو ڪتاب هن ڪيئي ڀيرا پڙهيو هو. ڪتاب مان هن ڪجھ ٽڪرا پڙهيا. جن تي هُن نشان ڏئي ڇڏيو هو جن ۾ هيٺيان بہ ٽڪر بہ هئا:

"جي تون ماضيءَ کي پستول جو نشانو بڻائيندين تہ مستقبل توکي توب جو نشانو بڻائيندو."

"ابو چوندو هو تہ انسان کي رڳو ٻن صورتن ۾ جهڪڻ گهرجي. ڪنهن وهندڙ چشمي مان پياس بجهائڻ لاءِ يا ڪنهن شاخ تي ٽڙيل گل چنڻ لاءِ."

شاهد جي باري ۾ مان ڪجھ وڌيڪ ذڪر ڪرڻ ٿو چاهيان. هو اُنهيءَ ذهين ٽهيءَ مان آهي، جا سنڌ ۾ اُڀري رهي آهي ۽ جنهن جي [illegible]اڻ رڳو مٽي تي ڪاوڙ واري ٽوپي ۽ ڪلهي تي اجرڪ نہ آهي. هن

جي سچاڻ گنتار آهي، جا ڪراچيءَ جي فسادن ۾ فوجين هُن کان کسي هن جي مٿي تي ڀڳي هئي. هڪ ڀيري هن مون کي هڪ جذباتي خط لکيو هو جنهن ۾ لکيو هئائين تہ هو اوڀر يورپ جي ڪنهن شهر ۾ اسڪالر شپ وٺي وڃڻ ٿو چاهي. جتي موسيقيءَ ۾ پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ ٿو چاهي. هن کي ٻن واقعن ڏاڍو متاثر ڪيو آهي، جن مان هر هڪ تي هو سمفني ٺاهڻ ٿو چاهي. هو هڪ سمفني تہ هلندڙ ٽرين ۾ ڪنور ڀڳت جي موت تي ٺاهڻ ٿو چاهي. ٽرين هلي رهي آهي، گاڏي ۾ ڪنهن ٻار جي روئڻ جو آواز اچي ٿو تہ ڪنور لولي ڳائي ٻار کي خوش ڪري ٿو. ڀرسان رکيل گهڙيال ٽڪ ٽڪ ڪري رهيو آهي ۽ ڪنور ڳائي رهيو آهي.

آءُ ڪانڪا ڪر ڳالهہ، مون سان تن ماروئڙن جي

آءُ ڪانگا....

ان وقت فاير ٿئي ٿو. پوءِ پکين جي اڏامڻ جو آواز اچي ٿو. پوءِ خاموشي ڇانئجي وڃي ٿي. ٿوري وقت کان پوءِ ٻار ڪنور جو گانو ڳائي ٿو.

ٻي سمفني مان واري آپيرا ”دودي جي موت“ تي ٺاهڻ چاهي ٿو.

اڄ مون کي ٻڌايائين تہ هن کي سمفنيءَ لاءِ هڪ ٻيو موضوع بہ مليو آهي. ارغونن جي دور ۾ سنڌي زالون گهر کان ڪجهہ پنڌ تي ٿالهہ اونڌا ڪري گاهہ سان ڍڪي رکنديون هيون تہ جيئن ارغونن جا گهوڙا اچن تہ انهن جا سُنب انهن ڇُپيل ٿالهن تي وڄن ۽ ڳوٺ کي ڪجهہ اڳواٽ اطلاع ملي وڃي تہ ارغون اچن ٿا.

اِهي مثال ڏيکارين ٿا تہ نئين سنڌ اُڀري رهي آهي، منهنجي جيئري ئي اُڀري رهي آهي ۽ مستقبل ۾ اُن تي گهڻو وقت طوق نہ رکي سگهبا.

ڪوئي ماڻهو عبدالواحد آريسر جو ڪتاب ”چانڊوڪيون ۽ ڇيت“ ڏئي ويو. مان هُن جون هيٺيون سٽون پڙهي ڇرڪي ويس:

"آءٌ پرامن غلاميءَ بدران خطرن سان ڀرپور زندگي پسند ٿو ڪريان." ڇا، هي آريسر جون سٽون، آهن؟ ڪيتري نہ آزاديءَ لاءِ تڙپ آهي هن ۾! ڇا، هو واقعي سمجهي ٿو تہ پليجو ايجنٽ آهي؟ پليجي کي تہ حڪمران طبقي ست سال جيل ۾ رکيو هو!

تاجل بيوس جي زال "ياجائي منڻ"، تاجل سان گڏجي اسان جي گهر آئي ۽ زرينہ کي پنهنجي گهر اچڻ جي دعوت ڏئي وئي. هوءَ ماسترياڻي آهي، پر پنهنجي ڏيک ويک مان ڀهراڙيءَ جي سادي سودي زائفان ٿي لڳي. تاجل مان هن کي ست ڏيئر چار پٽ آهن. مون تاجل کي چيو تہ "بار گهٽ پيدا ڪر. ڪتاب وڌيڪ لک." پر هن چيو تہ "ساڳئي وقت ٻئي ڪم ڪندس." مان ڀانيان ٿو تہ هو ايتريءَ تخليق جو اهل آهي.

ماهتاب محبوب فون ڪيو تہ هوءَ آئي آهي ۽ سياڻي ٿائلينڊ وڃي رهي آهي. مون هن کي چيو نہ اسان وٽ ماني کائي، پر هُن چيو تہ چانهہ پيئنديس .زرينہ بہ ڪجهہ ناچاق آهي ۽ ان ڪري مون هن کي مانيءَ لاءِ وڌيڪ اصرار نہ ڪيو. دراصل هوءَ مون سان ايترو ڇڱو هلي آهي، جو مون کي هُن جي ڪائي پُرتڪلف دعوت ڪرڻ گهرجي. اٽڪل4/3 بجي هوءَ محبوب سان گڏجي آئي. هُن ٻڌايو تہ هن جا ٻار بہ هن سان گڏ وڃي رهيا آهن. هن جو پُٽ مُرشد ۽ ڏيئر ارم ۽ زمر مون سان ڪافي هري مري ويون آهن.

ماهتاب اجا مشرق بعيد جو اڳيون سفرنامو ئي پورو نہ ڪيو آهي. دراصل سفر هن جي شخصيت جي تڪميل لاءِ ضروري آهن. چوڻي آهي تہ "ڪوئي انگريز ٻين انگريزن کي ڏسڻ لاءِ سفر نہ ڪندو آهي"*

---

An Englishman does not travel to see English men. *

ان جي برعڪس ماهتاب سفر ۾ سنڌي ڳولي تي لهي. هاڻي ته هن کي ڪنهن سنڌيءَ کي سڃاڻڻ ۾ دير نه ٿيندي هوندي.

هڪ پيري مان ۽ گيتا راڄ پوپال جي ڪنهن بالڪنيءَ ۾ ويٺا هئاسين. اڄا باڪ مس ڦٽي هئي ۽ اسان ننڊ هاڻيون اکيون مهٽي رهيا هئاسين ته سامهون رستي تي هڪ ريڙهي وارو ڏسي گيتا چيو ته "هو سنڌي آهي." مون هن کي حيرت مان چيو "توکي ڪيئن معلوم ٿيو ته هو سنڌي آهي؟" گيتا چيو، "عجب آهي، تون سنڌ جو شاعر آهين، پر هڪ سنڌيءَ کي پريان سُڃاڻي نه ٿو سگهين! سنڌيءَ کي خاص رنگ روپ، نڪ سڪ هوندو آهي. مان ته هن کي پريان سڃاڻي ونندي آهيان." اسين بئي پوءِ بالڪنيءَ مان لهي رستي تي وياسين. هو ڪيلا وڪڻي رهيو هو. مون هن کان سنڌيءَ ۾ پڇيو: "ڪٿان آيو آهين؟" هن جواب ڏنو: "لاڙڪاڻي جي گيان باغ جي پرسان رهندو هوس." مون پڇيو: "هتي خوش آهين؟ گهڻو روز ڪمائيندو آهين؟"

"ڪمائيندو ته هتي گنج آهيان. اُتي ٻه رپيا روز ڪمائيندو هوس، هتي ويهه رپيا روز ڪمائيندو آهيان. پر ٻن پون اهي ويهه رپيا. اهي ٻه رپيا چڱا هئا، جي لاڙڪاڻي ۾ ملندا هئا. اُتي ديس ۾ ته هوس، هيئن پرديس جا ڌڪا ته نه کائيندو هوس."

مون ماهتاب جي ڳالهه تي ڪئي. سنڌي مسلمانن ۾ ايتري ذهين، آزاد خيال ۽ ادب دوست عورت مون اڄا نه ڏٺي آهي. اسان چانهه پي رهيا هئاسين ته محبوب ٻڌايو ته حيدرآباد ۾ سنڌي مهاجر ڇڪتاڻ ڏاڍي وڌي وئي آهي ۽ هو پاڻ کي نهايت غير محفوظ محسوس ڪري رهيا هئا. ڪين پنهنجن مهاجر پاڙيسرين تي به اعتبار نه رهيو هو.

مون سوچيو ته ڇا هي مهاجر، جي هوا ۾ معلق هئا، هاڻي مذهب ۽ نظريي جون ڳالهيون ڇڏي چُڪا آهن؟ ڇا الطاف حسين مهاجرن کي سيڪيولر بڻائي سگهندو؟ ڇا، هو ڌرتيءَ جي رشتي جي باري ۾

سوچيندا؟ ڇا هو اهو ماضي وساري سگهندا. جڏهن هو هندستان ۾ هندو اڪثريت تي هڪ هزار سال حڪومت ڪندا رهيا هئا؟ ڇا، هو انهيءَ ڪوڙي احساس برتريءَ مان ٻاهر نڪري سگهندا. جو هنن کي هڪ هزار سال جي تاريخ ڏنو آهي؟ هي جي ترڪ، مغل، ايراني، اُزبڪ، تاجڪ وغيره هجڻ کي فخر سان ڏسن ٿا، جي مقامي ٻولين سان نفرت ڪن ٿا ۽ جن هندستانيءَ ۾ هزارين فارسي ۽ عربي لفظ ۽ اصطلاح ٺُنبي اردو زبان ٺاهي آهي ۽ ان لاءِ هندستان کي ٻه ٽُڪرا ڪيو آهي، پاڪستان ٻه ٽڪرا ڪيو آهي، ۽ هاڻي سنڌ کي ٻه ٽڪرا ڪرڻ جا خواب لهن ٿا، تن جي فڪر ۾ تبديلي ممڪن آهي؟ ڇا، هو اسان سان ڀائر ٿي رهڻ چاهيندا؟ سنڌ جي ڌرتي صدين کان فراخدليءَ جو ثبوت ڏنو آهي. جيڪي آيا، اُن ۾ ضم ٿي ويا. ڇا، هي جي هڪ هزار سال ۾ هندستان جي ڌرتيءَ ۾ ضم نہ ٿيا، اسان جي ڌرتيءَ ۾ ضم ٿيندا؟ مون تہ اردوءَ ۾ بہ شاعري ڪئي آهي. مون کي فخر آهي تہ مون اردوءَ ۾ جو محبت ۽ انقلاب جو پيغام ڏنو آهي، اهو نہ فيض ڏنو آهي، نہ جوش، نہ اردوءَ جي ٻئي ڪنهن شاعر. "انجمن ترقي پسند مصنفين" جي گولڊن جوبلي منهنجي اردو نظم "ميري ديده ورو، ميري دانشورو" سان شروع ڪئي وئي هئي، جو وائسز گروپ ڳايہ هو. اردوءَ سان ڪنهن بہ سنڌيءَ کي نفرت نہ آهي، پر ڇا، مهاجر اردوءَ ۾ محبت جو پيغام ڏيندا؟ ڇا هنن 1983ع واري ايم. آر. ڊيءَ جي تحريڪ نہ ڏٺي هئي ۽ ان جو اندازو نہ لڳايو هو تہ سنڌي سياست ۾ ايترو اڳتي وڃي سگهن ٿا؟ ڇا ايم. ڪيو. ايم مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ سچ پچ جماعت اسلاميءَ ۽ جمعيت علماءِ پاڪستان کي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ ٽوڙي چُڪي آهي؟ اليڪشن تہ ستر ۾ ٻيٽي بہ کٽي هئي ۽ ڪراچيءَ جا مهاجر ايستائين ويا هئا، جو جماعت اسلاميءَ وارن کي قائداعظم جي مزار تي لٺين سان ڪُٽيو هئائون، پر ڇا اُهي سوشلسٽ ٿي سگهيا؟ ڇا، هنن جي هندوءَ لاءِ نفرت، سنڌيءَ لاءِ نفرت ۾ تبديل ٿي چُڪي آهي ۽ اسلامي ڀائيچاري جي ڳالهہ هو پنهنجي شرط تي ٿا

ڪن؟ ڇا، انهن ۾ ڪوئي نہ آهي جو ”ڪبير“ وانگر پيار جي فضا پيدا ڪري؟ هو هاڻي جڏهن سنڌ جي ڌرتيءَ کي پنهنجو ڪن ٿا ۽ باقي نگيءَ جا ناهہ رد ڪن ٿا تہ حيدرآباد ۾ ايترو هراس ڇو ڦهلايو اٿائون؟ هو اسان سان هڪ سيڪيولر جمهوري پاڪستان جي مشترڪ جدوجهد ۾ شريڪ ڇو نہ ٿا ٿين؟ ڪميونسٽ مهاجر سمجهدار آهن، پر اهي ٿورا آهن ۽ انهن ۾ بہ ڪجهہ اردوءَ جي احساس برتري ۾ مبتلا آهن. اردو نہ فقط پاڪستان جي، پر هندستان جي ڏهہ ڪروڙ ڪان مٿي ماڻهن جي زبان آهي. اها ٽي سئو سال اڳ قلعہ معليٰ ۾ پيدا ٿي رابطي جي زبان ٿيڻ لاءِ ٺهي هئي، پر ان کي نفرت ڦهلائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي! جيڪا اردو حاليءَ جي نظم ”بيوه“ ۾ استعمال ڪئي وئي آهي، جي اُن سان زيادتي ڪري ان ۾ ايڏا عربي ۽ فارسي لفظ نہ پريا وڃن ها تہ اردو برصغير جي مشترڪ زبان ٿي وڃي ها. جڏهن ٻوليءَ جي فسادن تي پُٽني اسلام آباد ۾ ڪميٽي ويهاري هئي، تڏهن ريڊيو تي چيو ويو هو تہ مان اسلام آباد اچان ۽ سنڌ جي نمائندگي ڪريان. مون ڪميٽيءَ اڳيان ڏيڍ ڪلاڪ تقرير ڪئي هئي، جنهن جا حفيظ پيرزادي پنهنجي هٿ سان نوٽ ورتا هئا. مون ان ۾ چيو هو تہ ”اهو تہ مڃيو وڃي تہ اسان سنڌين کي موهن جي دڙي ۾ پنج هزار سال اڳ ڪائي مهذب زبان هئي. ان جو خط عربي تہ نہ هو پر اها زبان سنڌي هئي، توڙي جو ٻئي ڪنهن خط ۾ هئي. اها ٻولي اسان کي پياري آهي ۽ اهو ورثو اسان ڪنهن بہ قيمت تي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهيون.“ پٽني صاحب، حفيظ صاحب جا ورتل نوٽ غور سان پڙهيا هئا ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ ٻوليءَ جي مسئلي تي تقرير ڪندي مٿين ڳالهہ نهايت زور سان دهرائي هئائين. اڄ تائين ٻوليءَ جو مسئلو حل نہ ٿيو آهي. دراصل هڪ هزار سال جي شاونزم ايترو جلدي تہ نہ وڃڻي آهي. پر اردوءَ جو هي تضاد هنديءَ سان نہ آهي، انهيءَ ٻوليءَ سان آهي، جا عربي رسم الخط ۾ لکي وڃي ٿي ۽ جنهن کي تاريخ پنج هزار سالن ۾ نهوڙي نہ سگهي آهي.

ماهتاب ۽ محبوب بہ ڪلاڪ وينا هئا. ماهتاب زرينہ سان ڳالهائي رهي هئي ۽ ان جي خانگي زندگيءَ جي باري ۾ معلومات حاصل ڪري رهي هئي. اجا تائين هن مون تي خاڪو لکي پورو نہ ڪيو آهي.

تاجل بيوس ٽيليفون تي پڇيو تہ "عطيہ دائود اوهان سان ملڻ تي چاهي، ڪٿي ملي سگهي ٿي؟" مون چيو "توسان گڏ منهنجي گهر هلي اچي." عطيہ ۽ تاجل ڇئين بجي شام جو منهنجي گهر آيا. هو ٻئي پنهنجن آفيسن مان موٽيا هئا. مون تاجل جي ڪتاب "سنڌ منهنجي امان" تي مهاڳ لکي تاجل کي ڏنو هو جو تاجل عطيہ کي پڙهايو هو ۽ هن کي ڏاڍو وڻيو هو. هوءَ چئي رهي هئي تہ اوهان جي وائي، "پوڻ ۽ نہ آئي پاڻ ۽، الا، مان اُڏري ويندو ساڻ ۽ " جڏهن مان ٽي ويءَ تي ٻڌندي آهيان تڏهن دل کي مهٽا ايندا آهن. مون هن کي چيو تہ "اها وائي تہ مون پنجويهہ سال اڳ لکي هئي. هاڻي تہ پوڻ ۽ ڏاڍو پاڻ ۽ ٿي اچي، پر پوءِ بہ اڏري تہ وڃڻو آهي." ايتري ۾ بجلي بند ٿي وئي ۽ ڊرائينگ روم ۾ گرمي ٿيڻ لڳي. تاجل چيو تہ " هلو تہ سمنڊ تي هلون." پوءِ تاجل جي ڪار تي ڪلفٽن وياسين ۽ ڪار سمنڊ جي ڪناري روڪيسين. ٻئي آفيسن مان بُک تي موٽيا هئا ۽ منجهند جي ماني نہ کاڌي هئائون. ٿوري پنڌ تي هوٽل هئا، جن ۾ مڇين جا ٻيرا ترجي رهيا هئا ۽ ماحول يوناني شاعر رتسوس جي نظم وانگر ٿي لڳو. سمنڊ جي هوا ۽ مڇيءَ جي خوشبو ٻنهي جي اشتها کي تيز ڪيو ۽ چيائون تہ ماني هتي کائينداسين. چوڏاري بينچون ۽ ميزون پيون هيون، جن تي ويهي ماڻهو ماني کائي رهيا هئا. اسان بہ هڪ ميز جي چوڌاري ويهي رهياسون. مون کي ڪنهن بہ ڪو نہ سڃاتو ۽ پنهنجي اجنبيت مون کي ڏاڍي وڻي.

عطيه پنهنجي مرغوب موضوع عورت جي آزاديءَ تي ڳالهائي رهي هئي. مون کي ڪجهه ياد اچي رهيو هو. لانچ لينن گراڊ کان فنلنڊ جي ڪاريءَ ڏانهن وڃي رهي هئي. جتي اسان کي پيٽراعظم جو محل ڏسڻو هو جو ٻيءَ جنگ عظيم جي دوران بمباريءَ ۾ ڊهي پيو هو پر جنگ کان پوءِ وري ايئن ئي ٺاهي بيهاريو هئائون، جيئن جنگ کان اڳ ۾ هو. لانچ ۾ مان ۽ منهنجي روسي گائيڊ، لينا، ووڊڪا پي رهيا هئاسين ۽ اُن سان گڏ مڇيءَ جي آنيءَ (Caviar) جون سئنڊوچ به کائي رهيا هئاسين. لانچ کي ٿورو لوڏو ٿي آيو ته لينا منهنجي جهوليءَ ۾ اچي ٿي ڪري. هوءَ به ٿي پيرا ايئن اچي ڪري ۽ بار بار مون هن کي سنياري ورتو. ٽئين پيري هُن مرڪي چيو "تون مون کان ڇُمي چو نه ٿو وٺين. ايئن سڌو ڪري چو ٿو ويهارين؟" مون کي اهو سوچي کِل اچي وئي. اها آهي مغربي عورت جي آزادي، جا اجا مشرق تائين نه پهتي آهي. مون عطيه کي اها ڳالهه نه ٻڌائي ته هوءَ ان کي غلط نه سمجهي. آخر ته هوءَ مشرق جي آهي، ۽ سو به پاڪستان ۾ رهي ٿي! مون هن کي صلاح ڏني ته هوءَ يورپ جي Feminist Movment تي ڪجهه ڪتاب پڙهي. مون هن کي فرانس جي آزادي پسند اديبا، جارج سئنڊ، جا ڪجهه لطيف ٻڌايا ۽ اهو به ٻڌايو ته ان موضوع تي مون کي ڪاليج جي زماني ۾ حشو ڪيولراماڻيءَ ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا هئا ۽ انهن ۾ خاص ڪري نورا رسيل (Nora Russel) (جنهن جو برٽرانڊ رسيل سان ڪجهه واسطو نظر اچي ٿو.) جو ان موضوع تي مضمون ڏاڍو پسند آيو هو. مون هن کي ٻڌايو ته آمريڪا جو مشهور اديب، هينري ملر، جو جنسيات تي لکندو آهو ڪافي عرصي کان خاموش آهي. جڏهن هن کان ڪنهن صحافيءَ پڇيو هو ته "تون ڪوئي نئون ڪتاب چو نه ٿو لکين؟" تڏهن هن جواب ڏنو هو ته "دنيا جنسيات جي معاملي ۾ ايترو آزاد ٿي چُڪي آهي، جو ان معاملي تي وڌيڪ لکڻ عبث آهي."

مون هن کي سيمان دي بوا جو ڪتاب Second Sex به پڙهڻ لاءِ چيو جنهن جو ترجمو اردوءَ جي مشهور اديبا ۽ "عورتا زاد" جي سرگرم

ڪارڪن ڪشور ناهيد ڪيو آهي ۽ جنهن تي غالباً پنجاب جي حڪومت بندش وڌي آهي.

مانيءَ کان پوءِ اسان سمنڊ جي ڪناري تي وياسين. ٽپهريءَ جي روشنيءَ ۾ سمنڊ چمڪي رهيو هو. نئينو آزاد ڪنهن ياد کانسواءِ مُرڪي رهيو هو. ڪيئي جهاز اُن تي آيا ويا هئا، ان جي نرڙ تي گهُنڊ هئا، پر اُن سڀ ڪجهه وساري ڇڏيو هو. ٿوريءَ دير ۾ شفق جا پاڇاوان لهرين تي پيا ته عطيه پڇيو "اوهان کي سمنڊ ڪيئن لڳي رهيو آهي؟" مون چيو ته "جڻ وڏا ريشم جا تاڪيا اُکلي پيا آهن." دراصل اها تشبيهه منهنجي نه هئي. گيتا هڪ خط لکيو هو: "تنهنجون سمرتيون ايئن اچن ٿيون، جن ڪيئي ريشم جا تاڪيا اُکلي پيا آهن."

مان به ڪنهن مٺهيار وانگر آهيان ۽ پنهنجن يادگيرين جي هڙ ڪنيون گهمندو ٿو وتان. جتي وٽي ٿو اُتي پنهنجي هڙ کولي پنهنجا ڪچ ڪاوا ڏسي خوش ٿو ٿيان! مان جڏهن به ڪراچيءَ ايندو آهيان ته به ٿي پيرا سمنڊ تي ضرور ويندو آهيان. سنڌ جو بحر و بر، ٻئي منهنجي روح ۾ سمائجي چُڪا آهن ۽ اُهي منهنجن خيالن جي ظاهر توڙي باطن ۾ آهن ۽ انهن جو حصو ٿي چُڪا آهن. منهنجي شاعريءَ ۾ به هتان جي بحر و بر جي موسيقي آهي، جا ڪڏهن روان دوان ۽ مترنم آهي ۽ ڪڏهن اٿل ۽ ڳنڀير آهي. چار ئي پهر منهنجا پنج ئي حواس ان سان گونجندا رهندا آهن ۽ مان پانئيندو آهيان ته مان سنڌ آهيان، مان ئي ڪلفٽن تي ڇولين جي اڏامر آهيان، مون ۾ ئي ڪارونجهر لڳ ٿر جي ريت آهي. مون ۾ ئي ڏاهر ماريو ويو هو ۽ مون ئي دولهه دريا خان جون جنگيون ڪيون آهن. مان ئي انهن جي ڍال به آهيان، تلوار به آهيان ۽ گهاءُ به آهيان ۽ مان ئي اروڙ جي ٽڪر وانگر به اڏ آهيان ۽ اهڙو به اڏ ڪڏهن نه ٿيو آهيان، جهڙو اڄ آهيان.

جڏهن اسان ڪار ۾ موٽياسين ته ڪار جي شيشن مان سمنڊ شراب وانگر لڳي رهيو هو. سمنڊ تان عطيه ڪنهن آفيسر وٽ وٺي هلي، جنهن سنڌيءَ ۾ ڪمپيوٽر فونٽ ناهيو آهي. هوءَ خود ڪمپيوٽر

جي "Key Board" تي روز مشق ڪندي آهي تہ جيئن آڱرين ۾ رفتار پيدا ڪري سگهي. مون هن کان پڇيو تہ ڪمپيوٽر تي منهنجن بيتن کي زيريون، زبرون ۽ پيش اچي سگهندا؟ هن شاهہ جي رسالي جو هڪ پنو ڇاپي ڏيکاريو جو گُربخشاڻيءَ جي رسالي مان پني وانگر ٿي لڳو ۽ ڇپائي عام ڇپائيءَ کان وڌيڪ خوبصورت هئي.

عطيہ پنجوبهن/ٽيهن سالن جي آهي. هن جي عمر منهنجي اڌ جيتري آهي. مون هن سان ايئن احتياط سان ورتاءُ ڪيو جڻ هوءَ منهنجي ننڍي ڀيڻ هئي.

اڄ بيدل آيو هو ۽ ڪافي دير هن سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي. بيدل شڪارپور جو آهي ۽ مرحوم شاعر غلام علي مسرور جو پٽ آهي، جنهن تي ۽ لطف الله بدويءَ تي مان گهڻو ڪجهہ اڳ ئي لکي چڪو آهيان. جو منهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ "جڳ مڙيو ئي سپنو" ۾ ڇپجي چڪو آهي. بيدل ڪيتري وقت کان منهنجو شعر ڳائيندو رهيو آهي ۽ جڏهن بہ "مان ڏوهي هان"، "ناوَ هلي آ گيت ڪٽي" وغيره نظم ۽ وايون هن ڳاتيون آهن، هن کي بيحد داد مليو آهي. "مان ڏوهي هان" تہ هو نهايت محويت ۽ بيخوديءَ سان ڳائيندو آهي. هن منهنجا شعر ڳائي، ڪيئي ڪئسٽ پرائڻ جو پروگرام بڻايو آهي. "نيل ڪنٺهہ اورنيم کي پتي" پڙهي هن چيو تہ هن فيض جو سارو ڪلام ڏٺو پر هن کي فقط "بول ڪہ لب آزاد هين تيري" ڳائڻ جي قابل لڳو. سنڌ ۾ بيدل جو سنگيت ايئن نئين ڳالهہ آهي، جيئن بيٿوون ۽ باخ کان پوءِ بريخت وارو دؤر جرمن موسيقيءَ ۾ نئين ڳالهہ هو. بيدل ٻڌايو تہ ايراني ڳائڻيءَ خانم گو گوش کي خمينيءَ مارائي ڇڏيو آهي. هي تعصبي انسان بہ ڪيڏا ڪنور ٿا ٿين، خاص ڪري جيڪي پاڻ کي بنياد پرست (Fundamentalist) ٿا چون! انهن ئي تہ بابي شاعره قرات العين طاهره کي قتل ڪرايو هو. چيو ويو آهي تہ هوءَ ايتري خوبصورت هئي، جو

جنهن وقت جلاد هن کي قتل تي ڪيو تنهن وقت هن جا هٿ ڪنبي رهيا هئا. چيو وجي ٿو تہ جنرل ضياءَ فهرست (Hit list) ٺهرائي آهي، جنهن ۾ فهميده رياض ۽ منهنجو نالو بہ آهي. مون اهو ٻڌو تہ مرڪي سوچيو: ”شايد اسان جي تقدير اسان کي پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچائي رهي آهي.“

بيدل وڌيڪ چيو تہ ايران جي برعڪس افغانستان ۾ افغاني مغنيہ ناشناس کي موسيقيءَ ۾ پي. ايچ. ڊي ملي آهي. نہ ڄاڻان ڪنهن ٿي چيو تہ هن کي روس ۾ افغانستان جو سفير مقرر ڪيو ويو آهي. اسان وٽ ميوزڪ ۾ ڊاڪٽوريٽ تہ ڪنهن کي نہ ملي آهي، ها باقي ڪجھ ميوزڪ ٽيچر آهن. بيدل اهو مڃيو تہ عابده پروين ڪلاسيڪي روايت کان جديد روايت تائين ڏاڍي چڱي ڳائڻي آهي. دراصل جيوڻيءَ کان پوءِ هن کان بهتر ڳائڻي سنڌ ۾ پيدا نہ ٿي آهي. بيدل اهو بہ چيو تہ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو لهجو نرم ۽ ان جو رنگ عبادت وارو ٿئي ٿو جو انقلابي شاعريءَ لاءِ سازگار نہ آهي.

انقلابي شاعريءَ کي ڳائڻ وقت لفظن کي معنيٰ ڏيڻي ٿي پوي. ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ جا لنبائي ۽ ورجاءُ آهي، ان لاءِ موجوده دور کي گنجائش گهٽ آهي. ڪوئي واندو هجي، جو ”پيا بن ڪٽ آوت چئن“ ساندھ بہ ڪلاڪ ٻڌي. ٻن ڪلاڪن ۾ انسان راڪيٽ تي ڌرتيءَ جي مدار مان نڪري وڃن ٿا.

بيدل وڌيڪ ٻڌايو تہ 10/11 فيبروريءَ تي راهوڪيءَ ۾ شهيد فاضل جي ورسيءَ تي هُن ”رني ڪوٽ جا ڌاڙيل“ مان ڪجھ ٽڪرا ڳاتا هئا. اٽڪل بہ اڍائي لک ماڻهو موجود هئا. جن نهايت خاموشيءَ سان هن کي ٻڌو هو ۽ چڙ جذبات جو سيلاب اٿلي پيو هو. هونءَ سنڌ ۾ ”هوجمالو“ ڳائي تقريب ختم ڪندا آهن. پر ”هو جمالو“ هڪ بي معنيٰ لوڪ گيت آهي، جو رجعت پرست اسان کان کسي چڪا آهن. مون هن کي چيو تہ ”مائوزي تنگ چيو هو تہ ”جا ڳالھ تنهنجي دشمن کي وڻي، سا سمجھ تہ تنهنجي خلاف آهي،“ مون مائو مان ٻيو حوالو

ڪڏهن نـ ڏنو آهي، پر هن جي اها ڳالهه مون کي صحيح لڳندي آهي. اسان جا دشمن وهم پرستيءَ جو ڦهلاءُ ڪن ٿا، ۽ اسان کي ان جي ڀرپور مخالفت ڪرڻ گهرجي. اسان کي اهو ڄاڻڻ گهرجي تـ هو اسان جي ثقافت ۾ ڪا بـ دلچسپي نـ ٿا رکن. رڳو ان کي وهم پرستيءَ جو رنگ ڏئي، ان کي سنڌ جي وجود ۽ بقا جي خلاف ڪم آڻين ٿا.ا سان هنن جا اهي سارا ڍونگ هاڻي سمجهي ويا آهيون. اسان ڄاڻون ٿا تـ هو پيٽائيءَ يا سچل کي جڏهن پيش ڪن ٿا، تڏهن سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي نفي ڪن ٿا. هو تـ چاهيندا تـ سنڌي اهڙيون بي معنيٰ ۽ واهيات سٽون ڳائن جهڙيون "هو جمالي" ۾ آهن ۽ هو "جنهن جا پير پنج سير تي"، "جنهن جو پيٽ لمليٽ تي" جهڙين سٽن جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪري، اسان کي احمق سمجهي کِلن ٿا."

بيدل مون لاءِ تي ڪئسيٽ تحفي طور آندا هئا. بيگم اختر جا ڳاتل غالب جا غزل، حسين بخش گلوءَ جو پنجابي ڪلام ۽ پنجابيءَ ۾ "هير".

24 جولاءِ کان سليم کي موڪل هئي. 25 تي قربانيءَ واري عيد هئي، ان ڪري هڪ ڏينهن اڳ لبنا لاهور کان هوائي جهاز ذريعي پهتي هئي ۽ سليم هن کي ايئرپورٽ تان وٺي آيو هو. ٻئو هن سان ساڻ هئي. لبنا ڪجهه هيڀايل هئي ۽ اڃا تائين سهميل، جي اَچانڪ موت جا هن تي ٻاڇاوان هئا. مون هن کي آئٽ ڏني. ٻئوءَ پنهنجن ننڍڙن هٿن سان ماءُ پيءُ سان گڏ ڪيئي رنگين فوٽوگراف ڏيکاريا، جي هن يورپ جي مختلف شهرن ۾ ڪڍايا هئا. مينهن ڦڙين کان بـ ننڍڙا آهن ٻئوءَ جا هٿ!

25 جولاءِ تي عيد هئي. ڪلفٽن جهڙي صاف سٿري علائقي ۾ ڪيئي جانور ڪُهي، رستا ۽ ايوان رت ۾ اوجهرين سان ڀري ڇڏيا

هئائون. منهنجي ته هيٺ لهندي دل نه پئي ٿي. ان ڪري مون The wall فلم وي. سي. آر تي ڏٺي. مون اهو ناول به ڪيئي سال اڳ غالباً پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ پڙهيو هو جو جان هرسي ( John Hersey) جو لکيل آهي ۽ جو ٻيءَ جنگ عظيم جي هلندي وارسا جي يهودي باڙا (Ghetto) جي باري ۾ آهي. فلم اُتساهه ڏيارينڌڙ آهي. ڪيئن نازي جرمنيءَ ۾ ريل گاڏيون مظلوم يهودين سان پري انهن کي موت ڏانهن اماڻيو ٿو وڃي ۽ ڪيئن اُنهيءَ گونگيءَ، بيوس قوم ۾ ڪجهه نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هٿيار هٿ ڪري، نازي فوج جي مزاحمت ڪن ٿا. اِها اُن دور جي باري ۾ لونءَ لونءَ ڪانڊارينڌڙ فلم آهي. مون اها فلم به پيرا ڏٺي ۽ چاهيو ته جيڪر ان فلم کي هر سنڌي نوجوان ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ڏسي. وارسا گهيٽو (Ghetto) جي مقابلي جي باري ۾ مون کي ناول نويس ليون يورس (Leon Uris) جو ناول "Mila_18" به ڏاڍو وڻيو هو جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن گهرن ۾ ٿاهيل بمن سان يهودي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين نازي ظلم و ستم جو مقابلو ڪيو ۽ وير ماخت* (Vhermacht) جي ٽئنڪن کي اڏايو هو.

ليون يورس هونءَ ته ڪيئي ناول لکيا آهن ۽ هو Exodus (لڏپلاڻ) ناول لکڻ ڪري پهرين مشهور ٿيو هو پر مون کي هن جو ناول Trinity (تثليث) ايترو وڻيو هو جو مون ان جا ست اٺ سؤ صفحا ٻه راتيون جاڳي پڙهيا هئا. اهو ناول آئرلينڊ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جي باري ۾ آهي.

جڏهن مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ته مون کي ابراهيم جويي ايم. اين. راءِ جو هڪ ڪتاب Revolutionary's Library پڙهڻ لاءِ ڏنو هو جنهن ۾ انهن سيني ڪتابن جي فهرست ڏني وئي هئي، جي هن پڙهيا هئا، نه رڳو انگريزيءَ ۾ پر روسيءَ، جرمن، فرينچ وغيره ٻولين ۾ به. مان چاهيان ٿو ته مان انهن هزارن ڪتابن جي لسٽ ڪتابي صورت ۾ ڇپايان. جي مون پڙهيا آهن ۽ جي هر نوجوان سنڌي اديب ۽ شاعر کي

---

* ويرماخت ـ نازي جرمنيءَ جي فوجي قوتن جو سرڪاري نالو

پڙهڻ گهرجي. نہ رڳو اهو، پر انهن سون فلمن جي لسٽ بہ ٺاهيان، جي هنن کي ڏسڻ گهرجن. هيءُ وڊيو جو دور آهي. فلم ڪتاب کان وڌيڪ اثر ڇڏي ٿي. وڊيو جي اهميت تي مون يونيورسٽيءَ ۾ هڪ لنبي تقرير بہ ڪئي هئي. نہ ڄاڻان سنڌالاجيءَ وارا منهنجون انگريزيءَ ۽ اردوءَ ۾ ڪيل تقريرون، جي مون سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيون هيون، ڇو نہ ٿا ڇپائين!

فقير محمد لاشاري ۽ تاجل بيوس گڏجي آيا هئا. گهر ۾ ٿوري دير ويناسين تہ بجلي وسامي وئي گرمي ٿيڻ لڳي. مون تاجل کي چيو تہ ”هل تہ ڪيڏانهن ٻاهر هلون.“ هيٺ لٿاسين مس تہ برسات پوڻ لڳي. مون ٻنهي کان پڇيو تہ ”ڪيڏانهن هلون؟“ ٻنهي چيو تہ ”گروءَ وٽ ٿا هلون.“ هو ”گرو“ گرداس واڌواڻيءَ کي ڪوٺيندا آهن، جو سنڌ جو پراڻو صحافي آهي ۽ پريس ڪلب جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ رهندو آهي. هن جي عمر ڇاهتر سال آهي ۽ پوڙهو جهور ٿي ڇڪو آهي. تاجل ٻڌايو تہ هن جي باري ۾ عنايت بلوچ جو شعر آهي:

”گنگا جي ڌار ۾ آ
سنڌوءَ جو پاڪ پاڻي
گُرداس وڌاواڻي....“

تاجل، ڪار پريس ڪلب ۾ گُرداس واڌواڻيءَ جي ڪمري جي ٻاهران بيهاري. گرداس ڪمري جي دريءَ لڳ وينو هو ۽ ڪجهہ جهونگاري رهيو هو. هُن اسان کي نہ ڏٺو هو ان ڪري تاجل دريءَ لڳ اسان کي پاسيرو ڪري بيهاريو تہ گُرداس کي ٻڌي سگهون، پر مون کي هن جا ٻول سمجهہ ۾ نہ آيا. جڏهن هن جي ڪمري ۾ گهڙياسين تہ مون کي ڏسي چيائين: ”منهنجا وڏا ڀاڳ، پٽائي منهنجي گهر آيو.“ مون کي مُرڪ اچي وئي. جي سردار علي شاهہ، رشيد لاشاري، شيخ عبدالرزاق راز، ابراهيم خليل، انهن مان ڪوئي جيئرو هجي ها تہ گُرداس تي ڪفر جي فتوي ڏئي، هن کي ڦاهي چاڙهائي ها. هو پنهنجي ڪيفيت ۾ چئي

رهيو هو ”تون آهين، تون آهين، تون ضرور پنهنجا پال پلائيندين.“

مون گروءَ کي چيو، ”ڪا اهڙي يادگيري ٻڌاءِ، جيڪا تنهنجن ڪتابن ۾ نہ آئي هجي“ چيائين، ”ڪيئي سال ٿيا، پاڪستان کان بہ اڳ، مان توسان مليو هوس. تون پوسٽ آفيس کان ڪجهہ اڳتي، حشوءَ جي فلئٽ ۾ وينو هُئين، برنس گارڊن جي پرسان. سوپو بہ اُتي وينو هو. مان ڪهي آيو هوس انهيءَ شاعر کي ڏسڻ جنهن ”او باغي! او راج دروهي!“ لکيو هو. تون اُن وقت نوجوان هئين. مون کي اجا تائين تنهنجي صورت ياد آهي.“

حشوءَ جي فلئٽ تي چا چا نہ بحث ٿيندا هئا! ڪيڏن اديبن، نقادن ۽ انقلابين جا نالا ورتا ويندا هئا. مرحوم اي. ڪي بروهي اجا ڪارلايل ۽ رسڪن پڙهندو هو ۽ اسان کي اُهي نالا ٿي بور ڪندا هئا. اسان اي ايچ. ڪار جا ڪتاب The Romantic Exiles ۽ The Soviet Impact on the western world پڙهندا هئاسين. ڪارل مارڪس جو نالو ٿي اسان کي نشو ڏيئي چڙهيندو هو. هن ٿي تہ ”انٽرنئشنل“ (Internationale) جو بنياد رکيو هو. پروفيسر اجواڻيءَ پارا اسان کي آليگزينڊر ڊيوماس جي Three Musketeers تي ليڪچر ڏيندا هئا، جي ٻڌي ٻڌي اسان بيزار ٿي ويندا هئاسين. اهو پڙهي اسان جي لونءَ لونءَ ڪانڊاربي هئي تہ انارڪسٽ انقلابي ۽ ٻڪونن (Bakunin) اتحاد (Alliance) جو بنياد رکيو هو. ڪارا ڪوزوف (Karakozoff) ۾ ڪيئن هڪ شاگرد زار کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهڙيون حقيقتون اسان کي برزبان ياد هيون. اسان پڙهيو هو تہ انقلابي يورپ ۾ سوشلزم تي ڪتاب ڇپائي، روس ۾ چوريءَ ڪٽي ايندا هئا. اسان بہ ائين ڪرڻ چاهيندا هئاسين! توڙي اسان جو مهاسڀا سان واسطو نہ هو، تڏهن بہ صلاحون ڪندا هئاسين تہ وير ساورڪر جو 1857ع جي بغاوت تي ڪتاب چوريءَ ڇپارايو وڃي. مون اهو ڪتاب تہ ان وقت پڙهيو بہ ڪو نہ هو ۽ رڳو ان جي باري ۾ ٻڌو هو تہ اهو فرانس ۾ ڇپيو هو ۽ انگريز سرڪار اُن تي بندش وڌي هئي. انهيءَ ڪتاب جي نالي ٿي

مون کي ايترو اُتساهيو هو جو مون اهو نظم " اوباغي او راج دروهي" لکيو هو. جيئن روسي انقلاب کان پوءِ روس ۾ ان جي اثر هيٺ يورپ ۾ تاريخ اڳتي وڌي رهي هئي، تيئن اسان بہ چاهيندا هئاسين تہ پنهنجي ديس جي تقدير ڦيرايون ۽ عالمي انقلاب ۾ بہ حصو وٺون. ساري ساري رات مينا رام هاسٽل ۾ بحث ٿيندا هئا ۽ ڪاٺ جي فرش تي سگريٽن جا ڪيئي ٽوٽا پکڙجي ويندا هئا.

مون کي ياد آيو تہ جڏهن مون ڊي. جي ڪاليج جي سنڌي سرڪل ۾ "او باغي، او راج دروهي!" پڙهيو هو تہ پروفيسر رام پنجواڻي ايترو خوش ٿيو هو جو هو مون کي پاڻ سان گڏ وٺي هليو هو ۽ ماني کارائي چيو هئائين:"هل تہ توکي ميران جي ستار ٻڌايان." "ميران!" مون من ۾ سوچيو هو "ميران جي ڪهاڻي تہ پارت جي ڊرم جو پڳتيءَ جو ترنگ جو نالو آهي." پوءِ هو مون کي هڪ سانوريءَ سلوڻيءَ ڇوڪريءَ جي گهر وٺي آيو هو ۽ هُن سان تعارف ڪرائيندي چيو هئائين، "ميران! هي منهنجي اُستاد ٻيوس کان بہ وڌو ڪوي آهي. هن کي ستار ٻڌاءِ."

پوءِ ميران ستار هلائي هئي ۽ مان سارو وقت هن جي سانوري سلوڻي رنگ کي ڏسندو رهيو هوس.

جڏهن ميران جي گهر مان ٻاهر نڪتا هئاسين تہ پنجواڻيءَ پڇيو هو "توکي ميران ڪيئن لڳي؟"

"پنهنجيءَ ستار کان بہ چڱي لڳي،" مون جواب ڏنو هو. اهو ٻڌي رام پنجواڻي مرڪڻ لڳو هو.

اُن وقت منهنجو موسيقيءَ ۾ چاهہ گهٽ هو. ستار جو شوق تہ بيدل جي پيءُ فقير غلام علي مسرور پيدا ڪيو هو. پر ان کان ڪافي وقت پوءِ، غالباً سال 68_1969ع ۾ مان ولايت علي خان جي ستار ۽ علي اڪبر خان جو سرود نهايت محويت سان ٻڌندو هوس. روي شنڪر بہ ٻڌندو هوس. ريڊئي تي بيگم اختر جا غزل ۽ ٺمريون ۽ ماڻڪ ورما، ڪمار گنڌرو وغيره جي سنگيت بہ. هونءَ تہ سنگيت جي ڪمي

برصغير جي اُتر اولهه ۾ بہ نہ هئي. روشن آرا بيگم، امانت علي، نزاڪت علي وغيره. پر پارتي ريڊئي تي ڪرناٽڪ جي سنگيت مان نهايت شوق سان ٻڌندو هوس. نہ رڳو ڀارت جي موسيقيءَ سان منهنجي محبت هئي، پر رقص سان بہ. شڪارپور ۾ منهنجي فلسفي جي پروفيسر متراڻيءَ، المورا مان اُڌي شنڪر انسٽيٽيوٽ جي هڪ رقاصہ سان شادي ڪئي هئي، جا مون کي نٽيہ شاستر جي باري ۾ ٻڌائيندي هئي تہ هڪ نٽ کي نہ رڳو هڪ سنگيت ڪار جي سُرتار سان ٺهڪي اچڻو آهي، پر ناٽڪ سان هڪ ويس ڌاريءَ وانگر، روپ سان هڪ مورتي- پوجڪ وانگر ۽ ريکا سان هڪ چترڪار وانگر ٺهڪي اچڻو آهي. هوءَ چوندي هئي تہ رگ، اٿر، سام ۽ يجر ويد وانگر پنجون ويد، نٽيہ ويد بہ آهي. نٽيہ شاسستر ۾ ڇٽيهن اڌيائن مان، ست اڌياءَ ناچ جي باري ۾ آهن، هوءَ اسان کي ڪيرالا جي ڪٿڪليءَ، اُتر اوڀر جي منيپوريءَ، اُتر جي ڪٿڪ ۽ ڏکڻ جي ڀارت نٽيہ جي باري ۾ سمجهائيندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اَلمورا مان هن وٽ نَٽ ايندا هئا، جي اسان کي ڪاليج ۾ ڪلاسيڪي ناچ ڪري ڏيکاريندا هئا. متراڻيءَ جي گهر ۾ مڙهيل تصويرون لٽڪيل هونديون هيون جن ۾ شوَ جي ڪنٺ ۾ نانگ مالهائن وانگر ڀيل هوندا هئا ۽ هن جي مٿي مٿان اَڌُ چنڊ هوندو هو.

مون تازو حيدرآباد ۾ ٻين بجي رات تائين محبوب ۽ ابراهيم سان گڏ ابراهيم جي جاءِ تي "ناچ ميوري" فلم ڏٺي هئي." ميوري" هنديءَ ۾ مورڻيءَ کي چوندا آهن. فلم هڪ نرتڪيءَ جي زندگيءَ جي باري ۾ هئي، جنهن جا پير ڪپجي ويا هئا ۽ هن نقلي پير وجهائي، نهايت محنت سان نرت لاءِ ڪوشش ڪئي هئي ۽ نيٺ ڪامياب ٿي هئي. مون هن جا ناچ ڏسي ٿڌي ساهہ سان سوچيو هو تہ "اسان ڇا ڇا وڃايو آهي!"

دهليءَ ۾ مون کي مشهور سنڌي ساهتيہ ڪار تيرٿ وسنت، چيو هو تہ مان بس تي وڃان ۽ پرياگ ۾ گنگا جمنا جو سنگم ڏسي اچان ۽

بنارس ۾ ديپ مالا بہ ڏسان. مان ٿڪل هوس ۽ ان ڪري وچي نہ سگهيو هوس. پوءِ بہ مان اهو اندر جي اکين سان ڏسي سگهيو آهيان ۽ جنهن سنگم کي ڪاليداس پنهنجي نظم ”رگهوونش“ ۾ ڳايو آهي، ان جو ترجموا اچا تائين منهنجي ڪنن ۾ ٻُري رهيو آهي.

منهنجي برصغير جي پوري ثقافت سان ايئن والهانہ محبت آهي جيئن يوناني شاعر ڪازان زاڪس کي يونان سان هئي. ڪيئي ڀيرا منهنجي دل چاهيو آهي تہ اردوءَ جي مشهور اديب ديوندر ستيارٿيءَ وانگر هن برصغير جو ڳوٺ ڳوٺ گهُمان ۽اِن جا لوڪ گيت ٻڌان، ان جا پهاڙ نديون، محل سرايون، مندر، مسجدون، گردئارا ڏسان ۽اِن جي ساريءَ ڌرتيءَ کي پنهنجي گيتن ۾ سميٽي اچان. مون کي اُها ديومالائي مورتي ڏاڍي وڻندي آهي. سرسوتي هنس تي وچي رهي آهي، هن کي هڪ هٿ ۾ بنسري ۽ ٻئي ۾ ڪوئي ڪتاب آهي. مان ڀانيان ٿو تہ مان بہ گيت لکندي لکندي هن ڀؤساگر مان پار تري ويندس ۽ پنهنجو موڪش پائيندس.

1963ع ۾ مان ڀارت رڳو هڪ ڀيرو ويو آهيان ۽ شايد ٻيهر نہ وڃي سگهندس. مون اُتي هندو ڏٺا. هر ڪنهن جو ڌرم، ڪرم، اوٽار، سنسار ترمورتيءَ، ڀڳتيءَ، مايا وغيره جو پنهنجو ارٿ آهي، پنهنجي جيون-سپني جي ويچاڻ آهي. هو ويدن، مهاڀارت، رامائڻ، پُراڻن ۽ گرنٿن کي پنهنجي پنهنجي حساب سان اهميت ڏين ٿا. ڪنهن جو ڪهڙيءَ مت ۾ وشواس آهي، ڪنهن جو ڪهڙيءَ مت ۾. ڪنهن جو ڪهڙي گيان ۾، ڪنهن جو ڪهڙي ۾، ڪي سانکيہ، ڪي يوگ، ڪي ويدانت کي اهميت ڏين ٿا. ڪي هندو آهن، ڪي ٻوڌي آهن، ڪي جين، ڪي سک، ڪي لنگورن ۽ ڪي نانگن کي پوڄين ٿا، تہ ڪي ساڌن، سنتن، ڀوتن پريتن ۽ جنترن منترن کي، ۽ ڪي پرڪرتيءَ جي شڪتين کي. ڪي نانگ ۾ پرماتما ڏسن ٿا. ڪي لنگم ۾، ڪي پٿر ۾، ڪي برڪش ۾، ڪي پاڻيءَ ۾، ڪي اگنيءَ ۾، ڪي نڪشترن ۾، ڪي گرهن ۾، ڪي رام، ڪرشن يا ٻڌ ۾، ۽ ڪي نرگڻ نرآڪار ۾، جو

مسلمانن جي وحدانيت جي تصور جي ويجهو آهي، ۽ ڪي تہ ديو سماجين وانگر ڪنهن بہ اپائينڌڙ ۾ اعتبار ڪو نہ ٿا ڪن.

ڪيتري نہ رنگا رنگي آهي هن ديس ۾! مون پنهنجي شعر و ادب ۾ هن پوري برصغير جو آئينو ٻڌائڻ چاهيو آهي، پر زندگي ڪيتري نہ مختصر آهي!

مون کي اهو دور بہ ياد آيو جڏهن مان ۽ حشو ساريون راتيون سياست ۽ ادب تي ڳالهائيندا هئاسين. تي شخص آهن، جن منهنجي ننڍيءَ عمر ۾ تربيت ڪئي آهي ۽ جي مان انهن سان نہ ملان ها تہ مان، مان نہ هجان ها، ۽ اُهي آهن. حشو سوڀو ۽ ابراهيم. انهن سان منهنجي عقيدت ۽ محبت ايئن رهي آهي، جيئن روميءَ جي شمس تبريز سان رهي هئي. اِهي ٽي تي ماڻهو آهن، جي مون کان جيون جي ليکي چو کي ونڊ جا حقدار آهن.

گُرداس وٽ ڪافي دير ويٺا رهياسين ۽ منهنجي ۽ فقير محمد جي، گوربا چوف جي پيرسترائيڪا تي ڪافي لنبي گفتگو ٿي.

30_جولاءِ 1988ع

مرتضيٰ سولنگي آيو ۽ ماهوار "سوويت لتريچر" 1988ع جو ڇهون پرچو هفتيوار "نيو ٽائيمز" جا جولاءِ 1988ع جا ٻه پرچا ۽ جون ۽ جولاءِ جا "ماسڪو نيوز" جا ڪيترائي پرچا ڏنائين. هو گورباچوف جي پيرسترائيڪا ("تشڪيلِ نو) کان ڏاڍو متاثر ٿي نظر آيو. مان هن کي اسٽالن جي دور ۾ ۽ ان کان پوءِ جي سوويت ادب جي باري ۾ پنهنجا تاثرات ٻڌايا. جي ماسڪو جي موجوده ڪيفيت سان ٺهڪي اچن ٿا ۽ جي مان گذريل 25 سالن کان پنهنجين تحريرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن لکندو رهيو آهيان، پر انهن تي زياده زور نه ڏنو اٿم. ڇو ته منهنجا همدرد ۽ دوست گهڻو ڪري ڪميونسٽ هئا. جن جو پاڪستان جي حالتن جو تجزيو گهڻو ڪري ساڳيو هو جو منهنجو رهيو آهي، ۽ مون اهي مسئلا ڪڙا ڪري، اُنهن کي ناراض ڪرڻ ۽ پنهنجن ۽ پنهنجن دشمنن کي هٿيار بند نه ٿي ڪرڻ چاهيو. مان جيتوڻيڪ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪڏهن به ميمبر نه رهيو آهيان، پر مون تي ليبل اهو هنيو ويو آهي ته مان ڪميونسٽ آهيان. مان انڪار به نه ڪندو آهيان، ڇو ته ڪميونسٽ مون کي سيني سياستدانن کان وڌيڪ ويجها ۽ پاڪستاني حڪومتن جي جُڙتو اسلام پسنديءَ جي مخالفت ۾ مون کي پنهنجا لڳا آهن.

مون مرتضيٰ کي ٻڌايو ته مون ميخائيل گورباچوف جو ڪتاب "پيرسترائيڪا. جو هن انگلنڊ ۾ ڇپايو آهي، ڪالهه خريد ڪيو آهي، ۽ هن سان وعدو ڪيو ته اهو ڪتاب ۽ هن جا آندل رسالا ۽ اخبارون پڙهي مان پيرسترائيڪا تي ڪجهه لکندس.

مرتضيٰ مون کي ٻڌايو تہ پارٽيءَ ۾ بہ ڌڙا ٿي ويا آهن. هڪڙا گوربا چوف سان متفق آهن ۽ ٻيا هن جا مخالف آهن. مون هن کي چيو تہ مون کنهن پاڪستاني اخبار ۾ پڙهيو آهي تہ سي. پي آءِ (ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا) وارا گوربا چوف کي Attruist Communist ڪوٺي رهيا آهن. جا ڪميونزم جي اصطلاح ۾ جڻ گار آهي. مون کي تہ ايئن لڳي رهيو آهي تہ Destalinization جا ڪروشچوف شروع ڪئي هئي ان کي گورباچوف پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچائي رهيو آهي. نمبودري پد، جو ڪميونسٽ پارٽي (مارڪس) جو جنرل سيڪريٽري آهي، ان تہ ڪروشچوف کي بہ رد ڪري چيو هو تہ هو اسٽالن جا فقط منفي پهلو پيش ڪري رهيو آهي. سي پي آءِ وارا چون ٿا تہ گوربا چوف هنن جا قومي ۽ طبقاتي تضاد نہ ٿو سمجهي سگهي، ۽ ان کان بي خبر آهي، جو تضاد هن وقت ٽينءَ دنيا ۾ سرمائيداريءَ ۽ سوشلزم جي وچ ۾ آهي. مون مرتضيٰ کي چيو تہ گوربا چوف افغانستان مان فوج موٽائي بظاهر تہ دنيا ۾ انقلاب ۽ قومي آزاديءَ کي پٺي ڏئي رهيو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ اسان سوشلزم جا حامي آهيون ۽ هرڪو پنهنجي لاءِ چونڊ ڪري. اها ڳالهہ پولُ زيڪ ۽ اوڀر جرمنيءَ جا رهواسي تہ پسند ڪندا، پر ٽينءَ دنيا کي اِها ڳالهہ مشڪل پسند ايندي، جا پنهنجي اقتصادي/سياسي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. ممڪن آهي تہ هو روس جي اقتصادي زندگيءَ کي وڌيڪ ناهڻ چاهي ٿو ۽ پنهنجا ذريعا ٽينءَ دنيا تي لٽائڻ نہ ٿو چاهي. ممڪن آهي تہ هن محسوس ڪيو آهي تہ ٽينءَ دنيا جا ملڪ پائيدار ڪميونسٽ انقلاب نہ ٿا آڻي سگهن. ممڪن آهي تہ بريزنيف جي دور کان وٺي آمريڪا پنهنجي فوجي مزاحمت افغانستان، انگولا، ڪمبوڊيا ۽ نڪاراگوا ۾ تيز ڪري ڇڏي آهي ۽ گوربا چوف نہ ٿو چاهي تہ عالمي جنگ ٿي پئي ۽ دنيا تباهہ ٿي وڃي. هو نڪارا گوا کي اڃا ڪافي مدد ڏئي رهيو آهي. ممڪن آهي تہ سئنڊنسٽا (Sandinistas) جي بقاءَ ۾ هن جو اعتبار آهي. ممڪن آهي تہ وچ آمريڪا، ڇاڪاڻ جو يو. ايس. اي جي

ويجهي آهي، ان ڪري گوربا چوف ان کي وڏيڪ اهميت ڏئي رهيو آهي. ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي ته گوربا چوف چين سان به ناهه ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ڪمبوڊيا ۾ ويتنام جي حمايت ڇڏڻ ۽ چيني، روسي سرحد تي به ناهه ڪرڻ چاهي ٿو. مون مٿي چين جي تازه ترين سياسي ۽ ادبي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ مون کي چين ۽ روس ۾ نظرياتي مفاصلو گهٽبو ٿو نظر اچي. باقي اسان ٽينءَ دنيا جا ماڻهو؟ اسان کي پنهنجو ٻوٽو ٻارڻو آهي ۽ ٻئي ڪنهن تي ڀاڙڻو نه آهي. پر ڇا اسان ڪوئي ٻوٽو ٻاري سگهون ٿا؟

بهتر ايئن ٿيندو ته گوربا چوف جو پير سترائيڪ اڄ ئي پڙهي ڏسان ۽ ان کي سوويت زندگيءَ ۾ ڪيئن استعمال ڪيو ٿو وڃي، ان لاءِ مرتضيٰ سولنگيءَ جا آندل رسالا ۽ اخبارون پڙهي ڏسان.

31_ جولاءِ 1988ع

مان ۽ زرينہ تاجل جي گھر وياسين، جو سهراب ڳوٺ ۾ آهي. زرينہ تاجل جي زال ۽ ڊيئرن سان ڳالهائي رهي هئي ۽ مان ۽ تاجل اچا ڊرائينگ روم ۾ ويٺا هئاسين تہ عابده پروين جو پيءُ، ماستر غلام حيدر، جو خود بہ ڳائيندو آهي ۽ جنهن عابده جي ننڍي هوندي تربيت ڪئي هئي. اندر هليو آيو. سنڌيءَ جو مشهور افسانہ نگار علي بابا بہ اچي نڪتو. هو پنهنجي مجذوبيءَ جي ڪيفيت مان نڪري چڪو آهي، جنهن ۾ اُن وقت هوندو هو جنهن وقت مان وائيس چانسلر هوس. هو ٽي .وي ڊرامي ”دنگي منجهہ درياھ“ جو مصنف آهي، جو سعيده گزدر جي مڙس مشتاق گزدر ٽي ويءَ تي آندو هو ۽ جنهن تي هن کي جرمن فلم ۽ ٽي. وي فيسٽيول ايوارڊ مليو هو. گذريل اٺن سالن ۾ هن جا ڪتاب ”ڌرتيءَ ڌڪاڻا“، ”ناول ”موهن جو دڙو“ ياڳو پھريون ۽ ”آيل ڙي اولاڻا“ ڇپجي چڪا آهن. ايتري ۾ عابده پروين بہ آئي. هوءَ ڪنهن پروگرام ۾ ڊينمارڪ وڃي رهي آهي. اڳي آمريڪا، ڪئناڊا، انگلنڊ، فرانس، جرمنيءَ، ڀارت، هانگ ڪانگ، نيپال وغيره ۾ ڳائي آئي آهي. پاڪستان جي سطح تي هوءَ مهدي حسن، غلام علي ۽ نورجهان کان متاثر هئي. اقبال بانو، نيره نور ۽ فريده خانم کي بہ چڱو فنڪار پئي مڃيائين. مون هن کي ٻڌايو تہ اقبال بانوءَ جو ڳاتل ”نديا ڪناري موري ناوَ“ ۽ نيره نور جو ڳاتل فيض جي ڪلام وارو ڪئسيٽ مان ڪڏهن ڪڏهن صبح جو ناشتي جي وقت ٻڌندو آهيان.

پوءِ ماني گڏجي کاڌيسين. تنهن کان پوءِ عابده پروين اسان کي پنهنجي گھر سبز چانھہ جي دعوت ڏني. هن جو گھر تاجل جي ويجهو

آهي. مون خود عابده جي مڙس غلام حسين کان طبيعت جي باري ۾ پڇڻ پئي چاهيو. ڪجهه وقت اڳ هن کي دل جي بيماري ٿي پئي هئي. غلام حسين ريڊيو پاڪستان تي آفيسر آهي. هاڻي هن نوڪريءَ تان رٽائر ٿي ڪئسيٽن پرڻ جو ڌنڌو ڪرڻ ٿي چاهيو. هن چيو ته هن چاهيو ٿي ته هو منهنجي شاعريءَ جا ٻه ڪئسيٽ عابده جي آواز ۾ ڀرائي. ڪجهه وقت کان پوءِ عابده ۽ غلام حسين کان موڪلايوسين ۽ تاجل جي زال ۽ پٽ اسان کي پرنس ڪامپليڪس تي ڇڏي ويا.

## 2_ آگسٽ 1988ع

شاهد ”خوشبو“ رسالو ڪٺي آيو جو شڪارپور مان شايع ٿيو آهي. سرورق تي پڪاسو جي امن جي فاختہ آهي ۽ ان جي هيٺان منهنجو شعر آهي:

اي ڪاش اهو تون ڄاڻين ها
آزاد هوا ڇا ٿيندي آ!
اي ڪاش اِهو تون ڄاڻين ها
پرواهہ بنا پر ڪيئن هوندا
آزاد فضا ڇا ٿيندي آ.

شاهد ويو تہ سارو ڏينهن پيرسترائيڪا متعلق لکندو رهيس. هڪ ڪامريڊ ”سويت لٽريچر“ جا جولاءِ ۽ آگسٽ جا شمارا ۽ ماسڪو مان نڪرندڙ International Affairs جو آگسٽ جو شمارو ڏنا، جي هن ڪي اڄ دستياب ٿيا هئا. هينئر ”سوويت لٽريچر“ ۽ انٽرنئشنل افيئرس“ ۾ ڪافي دلچسپ مواد ڏنو ويو آهي، جو مون اڄ ئي نظر مان ڪڍيو. ”سوويت لٽريچر“ جي شمارن جو تہ پنهنجي مضمون ”پيرسترائيڪا“ ۾ ذڪر ڪندس، باقي ”انٽرنئشنل افيئرس“ ۾ مون ڪي ڪم فلبيءَ (Kim Philby) تي مضمون ڏاڍو وڻيو. هو انگريز هو پر هن ٽيهہ سال انگلنڊ ۾ سوويت يونين لاءِ خفيہ سرگرميون ڪيون ۽ اها ڳالهہ هن پنهنجي حب الوطنيءَ جي خلاف نہ سمجهي، ڇو تہ انت هن پنهنجي ديس جي عوام جي ڀلائي انهيءَ ۾ سمجهي هئي تہ جيئن سوويت يونين جي ٿئي ۽ هن اهو طئي ڪيو هو تہ روسي عوام جي ڀلائيءَ ۾ انگريز عوام جي ڀلائي بہ هئي. 1963ع ۾ ڪم فلبيءَ جي

انگلنڊ مان پراسرار گمشدگيءَ کان پوءِ، انگلنڊ ۾ ٻيءَ مغربي دنيا ۾ ڪافي چوٻول ٿيو هو ۽ ان کان ڪجهہ وقت پوءِ هن تي ڪتاب بہ لکيا ويا هئا، جي مون پڙهيا هئا. ڪنهن ڪنهن وقت وطن سان غداري ٿي اُن جي عوام سان صحيح وفاداري ٿيئي ٿي، اُن جو مثال ڪم فلبيءَ جي زندگيءَ کان بهتر ٻئي انسان جي زندگيءَ ۾ مشڪل ملي سگهي.

## 4_ آگسٽ، 1988ع

ساڍي ڇئين بجي هوائي جهاز سکر وڃڻو هو. مون پُل ۾ تاجل کي فون تي چيو تہ 4 بجي جهاز جي روانگي آهي. هُن چيو تہ هو ٽيئي وڳي اسان وٽ پهچي ويندو. مان، سليم ۽ زرينہ پہ وڳي ڏهن منٽن تي گهران نڪتاسين، ڇو تہ پهرين اسان کي گلشن اقبال ۾ پنهنجي ڌيءَ، نگهت، جي گهر وڃڻو هو. ڪلفٽن برج تان اجا لٿاسين مس تہ آسمان ڪارو ٽيڻ لڳو ۽ جنهن وقت فريئر هال وٽ پهتاسين تہ ڪاريون گهٽائون زوم سان ڏوڪينديون آيون ۽ ڏاڍي زور سان وڏ ڦڙو وسڻ لڳو جڻ تہ ڪراچيءَ جو ڪارو اندر ظاهر ٿي پيو هو. ڪار جا وائيپر (Viper) زور سان هلي رهيا هئا. سليم ڪار هلائي رهيو هو ۽ مان ڪيسي مان رومال ڪڍي، اندران شيشي تان اُگهي رهيو هوس. پريان ايندڙ موٽرن جون بتيون بارش ۾ اک ڇنڀ ڪري رهيون هيون. ڪنهن وقت تہ ايترو انڌيرو ڇانئجي ٿي ويو جو پتو ئي نہ ٿي پيو تہ ڪائي ڪاريا ٽرڪ پرسان گذري وئي. رڪشائون تہ بنهہ نظر نہ ٿي آيون.

گلشن اقبال ڏانهن ويندي ايئن ٿي نظر آيو تہ رستا پاڪستان جي آدرش وانگر زبون ٿي چڪا هئا. وک وک تي پاٽيءَ جا تلاءَ هئا ۽ ڪار جڻ ٻيڙيءَ وانگر سانداري کي چيريندي وڃي رهي هئي. ايئن ٿي لڳو تہ ڌرتي جلَ مئي ٿي چڪي هئي. مون سليم کي چيو تہ "نگهت جي گهر هلڻ مشڪل آهي. سڌو شاهراهہ فيصل تي هل جتان ايئر پورٽ پهچي ويندا سين." هن ڪار ڦيرائي. اوچتو ڪنهن ڊُبي وٽ ڪار بيهجي وئي. انجڻ جون وايرون آليون ٿي ويون هيون. مان، سليم ۽ زرينہ، شيشا بند ڪري اندر ويهي رهياسين. بارش پوندي رهي، پوندي رهي، پوندي رهي "هوائي جهاز ممڪن آ نہ ويو هجي! ممڪن آ تہ پرواز ڪئنسل ڪيو ويو هجي! خبر نہ آهي تہ وري ڪڏهن ويندوا گهر ڪڏهن پهچبو؟ ڪڏهن پهچبو؟" ڪيترو نہ انتظار هو آنڌ مانڌ هئي، اُلڪو هوا.

5_ آگسٽ 1988ع

وري بُڪنگ 8 تاريخ تي ڪرائي آهي. ڪالهہ لاڪون پيرسٽرائيڪا تي لکي رهيو آهيان. مون هميشہ سوچيو آهي تہ انسان پيدائشي اشرف المخلوقات نہ آهي. اشرف ٿيڻ لاءِ هن کي ڪوشش ڪرڻي پوي ٿي. هن کي ثابت ڪرڻو آهي تہ هن پاڻ مان هر جانور کي. چيتي کي، واگهہ کي، سوئر کي، لومڙ کي، ڏڪي ڪڍيو آهي ۽ هو هاڻي انسان آهي. ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار انسان ۾، هر سماج، ٽئي ٿو ۽ هن کي ان جي خلاف هڪ لڳاتار جدوجهد جاري رکڻي پوي ٿي. مون "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ" ۾ بيورو ڪريسيءَ جي خلاف لکيو آهي. لينن جهڙو انسان "انساني فطرت کي شعلي ۾ بدلائي ڇڏي ٿو ۽ ان ۾ هر ڪوڙ پاپ، لوڀ ۽ لالچ جلي رک ٿي وڃن ٿا. پر هن جي موت کان پوءِ اڪثر ماڻهو وري ساڳيءَ اوندهہ ۾ ويڙهجي وڃن ٿا ۽ وس يا بيوس، انياءَ ۽ اتياچار ڪن ٿا. ماڻهوءَ کي جڏهن واگهہ جا نُنهن ملن ٿا تہ هو بڻجي جون اڪيون ڪڍي وجهي ٿو. جي گانڌيءَ جي جيئري ڊيرا ڪٽيندا هئا، ستيا گرهہ ڪندا هئا، ريل جي پٽڙين تي سمهي پوندا هئا ۽ جيلن جي ڪوٺين کان نہ گهبرائيندا هئا. اُهي هُن جي موت کان پوءِ رشوت، چوربازاريءَ ۽ دخيره اندوزيءَ تي لهي پيا. نوان آدرش انسانن جي ضمير تان ڪَٽُ لاهي ٿا ڇڏين، پر جڏهن اُهي جهونا ٿين ٿا تہ انهن کي جرڪائڻ ضروري ٿيو پوي. اها ڳالهہ مون تڏهن محسوس ڪئي هئي جڏهن ايم. اين راءِ جون لکڻيون پڙهي مان روسي انقلاب سان واقف ٿيو هوس. روسي انقلاب منهنجي سوچ کي بڻي هر انقلاب کان وڌيڪ آئڙيو آهي ۽ منهنجي شاعريءَ ۾ انهيءَ جا پڙاڏا آهن، پر مون ڪڏهن بہ نہ سمجهيو آهي تہ انقلاب کان پوءِ روس جي سرزمين بهشت

تي پئي آهي ۽ ان کي لڳاتار اتساهه جي ضرورت نه آهي. هن وقت دنيا ٻن طاقتن جي وچ ۾ ورهايل آهي. آمريڪا ۽ روس. ٽينءَ دنيا کي ٻنهي جي تصادم وقت هڪ جو پاسو کڻڻو آهي، ۽ چاڪاڻ جو آمريڪا ٽينءَ دنيا ۾ ڏؤنس ۽ ڏانڊلي مچائي ڏني آهي، هر هنڌ فوجي آمريتن کي اُپاري ٿي، انهن جي ذريعي عوام کي هيسائي ٿي ۽ انهن جي جاڳ کي نهوڙي ٿي، ان ڪري ٽينءَ دنيا لاءِ روس جي حمايت کان سواءِ ڪوئي چارو نه آهي. يورپ جي ملڪن جي ٻي ڳالهه آهي، پر انهن کي پيرسترائيڪا کان پوءِ سوچڻو پوندو ته پولينڊ جي ساليڊارٽي (Solidarity) جهڙيءَ يا ٻيءَ ڪنهن اهڙيءَ مخالفت جي هاڻي ضرورت به آهي يا نه. مان اقتصاديات جو ته ماهر نه آهيان، نه پاڻ کي بين الاقوامي معاملات تي سند ٿو سمجهان، ليڪن دنيا ڀر جو شعر و ادب منهنجي مطالعي ۾ رهيو آهي ۽ منهنجي شاعريءَ تي اثر انداز ٿيندو رهيو آهي، ان ڪري مون کي پيير سترائيڪا تي، روسي شعر و ادب جي حوالي سان، وڏيڪ لکڻو آهي. جا ڳالهه گوربا چوف اڄ ڪري رهيو آهي، سا مان روس ۾ شعر و ادب جي باري ۾ پنجويهن سالن کان به مٿي عرصي کان ساپيندو ۽ وقتي ڪندو رهيو آهيان، ۽ ان لاءِ پنهنجا دليل ۽ نتيجا پنهنجي مطالعي تي ٻڌل هئم. هِن ملڪ ۾، جنهن ۾ اڪثر دانشور انڌا، گونگا ۽ ٻوڙا آهن يا ويڪائو مال آهن، جن کي نه ديد آهي نه ضمير آهي، جي سنڌ جا مسئلا يا ته سمجهي نٿا سمجهن يا جيڪڏهن سمجهن ٿا ته اُنهن کي ڏاڍ ۽ ڏر، لوڀ ۽ لالچ جي ڪري لنوائي ڇڏين ٿا، اُتي منهنجا دوست فقط ”سنڌي“ ۽ ”غير سنڌي“ مارڪسٽ دانشور آهن، جو ته مارڪسزم انهيءَ تعصب، انڌ ۽ ضمير جي گمراهيءَ کي مڪمل رَدُ ڏئي ٿي، جا هن ملڪ جي تقدير ٿي رهي آهي ۽ جا هن جي هر تدبير تي اثر انداز ٿئي ٿي. جيڪي اسلام کي مارڪسزم جو اوچڙ اوڙهائين ٿا، انهن سان ته منهنجي اصل نه پوندي آهي، انهن کان اهو دشمن چڱو جو ننگو وارُ ڪري ۽ جنهن جي مقابلي جي تياريءَ لاءِ ڪنهن سوچ ويچار جي ضرورت نه پوي. اها ٻي

ڳالهہ آهي تہ ڪوئي مارڪسٽ دانشور رڳو نالي جو مارڪسٽ آهي يا هو سچ پچ ڪاٻيءَ ڌر جو دانشور آهي. ڏکڻ ايشيا جا تعصبات ختم ڪرڻ لاءِ، جمهوري نظام ۾ اُن ۾ مارڪسٽ پارٽيءَ جي رهنمائي ضروري آهي. مان پنهنجي آزادي برقرار رکان ٿو ۽ سيڪجهہ پنهنجي ضمير موجب ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ پارٽيءَ سان اختلاف جي حق تان هٿ کڻڻ نہ ٿو چاهيان. پر پوءِ بہ مان مارڪسزم جو حمايتي آهيان. جمهوري نظام ۾ ڪائي مارڪسٽ پارٽي اليڪشن ۾ حصو وٺي اڪثريت حاصل ڪري ۽ حڪومت ناهي تہ اُن ۾ ئي هن قوم جي نجات آهي.

پيرسترائيڪا تي مضمون هن ڊائريءَ جو حصو نہ آهي، پر چاڪاڻ جو اِهو بہ ساڳئي دور ۾ لکيو ويو آهي. جنهن ۾ هيءَ ڊائري لکي وئي آهي، مان اِهو هن ڊائريءَ جي آخر ۾ شامل ڪريان ٿو.

# پيرسترائيڪا ۽ روسي ادب

روسيءَ ۾ Glasnost ”صاف گوئيءَ“ کي چون ٿا ۽ پيرسترائيڪا ”نئين تشڪيل“ کي. موجوده پيرسترائيڪا سوويت سماج ۾ اهم تبديلين آڻڻ واري ٽين تحريڪ آهي. پهريون ڀيرو 1921ع ۾ لينن جي چوڻ تي ”نيپ“ (NEP) جي شروعات ڪئي وئي. ان جي پروگرام جا اهم نڪتا لينن جي پوين تصنيفن ۾ ڏنا ويا آهن ۽ هن جي آخرين وصيت ۾ هئا، جا مجرمانہ طور استالن ڪميونسٽ پارٽيءَ کان لڪائي ڇڏي هئي. ان ۾ لفظ ”پيرسترائيڪا“ استعمال ڪيو ويو هو. ان جي معاشي/اقتصاددي مواد ۾ سهڪاري رٿا (Cooperative Plan)، پارٽيءَ ۽ رياست ۾ جمهوريت، قومن جو سوال ۽ سياسي نظام ۾ تبديليون شامل هيون. ان کي استالن رد ڪري ڇڏيو.

ٻي پيرسترائيڪا استالن جي موت کان پوءِ شروع ٿي ۽ ڪجهہ غير مستقل مزاجيءَ، گومگو ۽ تضاد سان 1960ع تائين هلي. وري استالن وارا طور طريقا نئين سر زور وٺي ويا، جن جي ڪري مانائي اچي وئي ۽ نيٺ بحران پيدا ٿيو.

هاڻي ٽين پيرسترائيڪا (نئين تشڪيل) ٿي رهي آهي. ٻہ ڀيرا اڳي اِها نهوڙي وئي هئي ۽ هاڻي وري هميشہ لاءِ استالنزم جي خاتمي لاءِ سُرجيت ڪئي وئي آهي ۽ لينن جي ڊيڪاريل وات ۽ متن ڏانهن موٽ ٿي رهي آهي ۽ اُنهن کي اڳتي وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. چيو وڃي ٿو تہ اِهو روس جو آخرين تاريخي موقعو آهي ۽ روس خوف ۽ اُميد جي چودڳيءَ تي بيٺو آهي. سوشلزم سان مکيہ دشمني افسرشاهيءَ جي غلط بيانيءَ ۽ مارڪسزم جي نظريي ۾ ٽوڙ مروڙ ڪئي آهي.

استالنزم، مائوازم ۽ پولپوٽزم (Polpotism) ان غلط بيانيءَ جا مثال آهن. ميخائيل گوربا چوف انهيءَ غلط بيانيءَ ۽ توڙ مروڙ جي بيخ ڪني ڪري رهيو آهي. هو هٽلر سان وقت حاصل ڪرڻ لاءِ معاهدي ۽ پولينڊ کي ورهائي ڪٽڻ واري مالوٽوف. ربن ٽراپ سمجهوتي تي پنهنجي پوري زور سان حملو ڪري رهيو آهي. بخارن جو نالو ڪيئي سال گمناميءَ جي غار ۾ رهيو آهي. دراصل روس ۾ ٽراٽسڪيءَ وانگر ان جو نالو وٺڻ به ڏوهه هو. مان جڏهن لينن گراڊ ۾ اهو ڪمرو تي ڏٺو جتي انقلاب کان ڪجهه وقت اڳ لينن تي مهينا پناهه ورتي هئي، تڏهن مون ڏٺو ته اُن ڪمري ۾ لينن جو ڪوڙو پاسپورٽ، اُهي رسالا ۽ اخبارون جي اُن وقت لينن پڙهيون هيون، لينن جو اڪيلو فوٽو گراف ۽ پنهنجن ڪامريڊن سان هن جا فوٽو گراف، ديوارن تي ٽنگيا پيا هئا. مون پنهنجي گائيڊ ”سرگيءَ“ کان پڇيو ته هنن فوٽو گرافن ۾ ٽراٽسڪي ڪٿي آهي ته هو ٻٽ ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ”مون ته ٽراٽسڪي ڪو نه ڏٺو هو ۽ مان چئي نٿو سگهان ته اهو هتي آهي يا نه. اسان لينن گراڊ مان ماسڪو موٽي رهيا هئاسين ته اردوءَ جي ناول نويس، بانو قدسيه ، ريل جي هڪ گاڏي ۾ هئي، ته مان ۽ سرگي ٻئي گاڏي ۾. هڪ بجي رات تائين مان ريل جي دريءَ مان برچ جا وڻ ڏسندو رهيس ۽ پوءِ بتي وسائي سمهي پيس. گهڙي نه گذري ته سرگيءَ چيو ”مان بتي ٻاريان، مان توکان هڪڙو سوال پڇڻ ٿي چاهيان.“ مون پنهنجي پاسي واري بتي ٻاري ته سرگيءَ پڇيو ”مون کي معلوم آهي ته انقلاب وقت ٽراٽسڪي روسي فوج جو ڪمانڊر انچيف هو ۽ وڏو انقلابي ۽ دانشور به هو پر مون نه ڪنهن روسي انقلاب جي ميوزم ۾ هن جي تصوير ڏٺي آهي ۽ نه ڪنهن ڪتاب ۾ هن جو نالو پڙهيو آهي. تو ڪنهن انگريزيءَ جي ڪتاب ۾ هن جي باري ۾ ڪجهه پڙهيو هجي ته مون کي ٻڌاءِ.“ مون هن کي ٻڌايو ته ڪيئن استالن سان ٽراٽسڪيءَ جو تڪرار ٿيو هو ۽ ڪيئن هو روس ڇڏي آخر ميڪسيڪو ۾ وڃي رهيو هو جتي هن کي قتل ڪيو ويو هو. مون هن کي اهو به ٻڌايو ته مان

آئزڪ ڊيوٽشر ((Isaac Deutecher) جي ٽن جلدن ۾ ٽراٽسڪيءَ جي سرگذشت پڙهي آهي ۽ هڪ جلد اسٽالن جي سرگذشت تي بہ پڙهيو آهي. رابرٽ پين (Robert Payne) بہ هن جي سوانح عمري لکي آهي جا دلچسپ آهي ۽ جا مون پڙهي آهي. مون سرگيءَ کي وڏيڪ چيو تہ اسٽالن انقلاب جي تاريخ سان هٿ چراند ۽ اُن ۾ ٽوڙ مروڙ ڪئي هئي. انڪري روسي تاريخ ۾ ٽراٽسڪيءَ جو ذڪر ڪو نہ آهي ۽ نہ ڪنهن ميوزم ۾ اجا تائين هن جو فوٽو گراف آهي ۽ "ٽراٽسڪائيٽ" لفظ ڪميونسٽ دنيا ۾ هڪ گار سمجهيو ٿو وڃي ۽ اِهو اُن جي باوجود، جو ڪريملن مان اسٽالن جو لاش ڪڍائي، ڪنهن بئي هنڌ پورايو ويو آهي. جهيڙو اسٽالن ۽ ٽراٽسڪيءَ ۾ اقتدار لاءِ هو پر بنهي مارڪسزم جي آڙ ورتي هئي، جيئن منهنجي ملڪ ۾ سياستدان هڪبئي کي اسلام جي آڙ ۾ نيست و نابود ڪندا آهن. اهو بڌي سرگيءَ کي طاق لڳي ويا ۽ هو بتي وسائي سمهي پيو هو. هو هڪ ديانتدار ڪميونسٽ هو ۽ پنهنجي فرض ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ ٿي ڪيائين. هو روسٽوف جو هو ۽ اسان کي لينن گراڊ گهمائڻ لاءِ ماسڪو ۾ گائيڊ طور ڏنو هئائون. هن کي ٽي روبل روز ملندا هئا، جي اٺيتاليهن رپين جي برابر هئا، ڇو تہ سرڪاري اگهوٽريءَ ۾ روبل جي قيمت تيرهن رپيا هئي. هونءَ تہ پاڪستان ۾ ان وقت ڊالر جي قيمت ڏهہ رپيا هئي، پر روس ۾ ڊالر بلئڪ مارڪيٽ ۾ ٽي وڪاميا ۽ مون کي هڪ سو ڊالر جي عيوض ٽي سو روبل مليا ها، جي مون کي ماسڪو ۾ پڙهندڙ سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن متارائي ڏنا هئا.

مان ۽ سرگي رات جو لينن گراڊ هوٽل ۾ ويٺا هئاسين ۽ بانو قدسيہ ماني کائي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي هئي. اسان بال روم ناچ ڏسي ۽ مغربي موسيقي بڌي رهيا هئاسين. آمريڪن، فرينچ، جرمن ۽ انگريز قومن جا جوڙا پاپ ميوزڪ (Pop Music) تي نچي رهيا هئا ۽ ڪي ميزن تي پي رهيا هئا ۽ پنهنجي واري وٺڻ جا منتظر هئا. ٿوري مفاصلي تي آمريڪن ائڪٽر ائنٿوني ڪُئن (Anthony Quin) بہ ڪنهن

خوبصورت ڇوڪريءَ سان وينو هو ۽ وسڪي پي رهيو هو. اوچتو مون کي سرگيءَ چيو. "مون کي هڪڙو ڊالر اُڌارو ڏيندين؟" مون هن کان پڇيو تہ "ڇا ڪندين؟" هن جواب ڏنو تہ "ايڪسپورٽ ڪوالٽي بيئر ( Export Quality Beer ) وٺندس. هو بيئر اسان کي رڳو ڊالرن ۾ ملي سگهندو جيئن بي هرڪا برآمد ڪرڻ واري شيءِ فارين ڪرنسيءَ (پرڏيهي ناڻي) ۾ وڪامي ٿي. دراصل لينن گراڊ بيئر جهڙو بيئر سڄي روس ۾ نہ آهي ۽ مان اهو پهريون ڀيرو چکڻ چاهيان ٿو." مون هن کي ڊالر اُڌارو ڏنو ۽ هڪڙو ٻيو ڊالر ڏئي چيو تہ "مون لاءِ بہ ساڳيو بيئر گهراءِ." هن ٻن ڊالرن ۾ ڇهہ بوتلون بيئر جون گهرايون ۽ پوءِ هڪ بوتل پنهنجي گلاس ۾ وڌائين ۽ هڪ منهنجي گلاس ۾. هن چسڪيون ڏئي بيئر جو گلاس پيتو ۽ پوءِ مون کي هبڪي چيائين. "مون کي هڪ ڊالر ٻيو بہ ڏيندين؟" مون مرڪي هن کي چيو: "ٽي بوتلون بيئر جون ڪافي نہ اٿئي؟ ٻيو ڊالر ڇا ڪندين؟ هن جواب ڏنو: "آمريڪن سگريٽ وٺندس. انهن جو پئڪيٽ بہ ڊالر ۾ ملندو آهي. روس جي سگريٽن ۾ ڪو مزو نہ آهي." ڇاڪاڻ جو مون وٽ بہ پاڪستاني سگريٽ هئا، مون سرگيءَ کي ٻيو ڊالر بہ ڏنو ۽ هن Dunhill "ڊنل هل" سگريٽن جو هڪ پئڪٽ گهرايو ۽ اُن مان هڪ سگريٽ ڪڍي نفاست سان بيئر جي ٻي بوتل بہ پيئڻ لڳو ۽ سگريٽ مان ڪش بہ هڻڻ لڳو. سامهون واريءَ ميز تي هڪ نهايت خوبصورت ويهارو ورهين جي آرمينين ڇوڪري ڳاڙهو شراب پي رهي هئي. سرگي خود ٽيهارو ورهين جو هو ۽ قد جو ٺورڙو ڏڳهو ۽ نهايت ڏولائتو هو. مون هن کي آرمينين ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو: "سرگي بيئر ۽ آمريڪي سگريٽ جو مزو تہ ورتو اٿئي، هاڻي انهيءَ آرمينين ڇوڪريءَ کي چئو تہ توسان گڏ رقص ڪري". سرگيءَ مون کي چيو تہ "تون ڇو نہ ٿو هن سان رقص ڪرين؟" مون هن کي جواب ڏنو تہ "هوءَ مون کان ٽيهہ پنجٽيهہ سال ننڍي آهي، متان انڪار ڪري. بهتر آهي تہ تون هن سان رقص ڪرين". ان تي سرگيءَ مرڪي چيو تہ "روسي ڇوڪرين کي وڻندا ئي پنجاهہ سالن جا

مرد آهن. اسان کي تہ هو ٻار سمجهنديون آهن.“ مون کي ڪل اچي وئي ۽ سرگيءَ کي چيم، ”سرگي! مون کي بيئر مزو ڏئي رهيو آهي ۽ مان هن ڇوڪريءَ سان اسٽيپ (Step) رکي بہ نہ سگهندس، تون وڃ!“ نيٺ سرگي اُٿي هن کي رقص لاءِ چيو تہ هوءَ يڪدم خوشيءَ سان اٿي آئي ۽ هن سان گڏ نچڻ لڳي. سرگي نچندي نچندي هن سان پنهنجا انگ ملائي رهيو هو ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ هُن کي ڪنڌ پاسي ۾ وٺي ويو جتي هن کان بہ ٽي چُميون ورتائين. جڏهن هو آرمينين ڇوڪريءَ کي ميز تي ڇڏي، مون سان گڏ اچي ويٺو ۽ بيئر جي ٽين بوتل کوليائين ۽ آمريڪي سگريٽن جي پئڪيٽ مان هيو سگريٽ ڪڍيائين تہ مون هن کي چيو: ”سرگي، تون تہ بورجوازيءَ کان بہ ٻرو ٿو هلين. تو ڊالر مون کان وٺي ايڪسپورٽ ڪوالٽي بيئر ورتو. ٻيو ڊالر مون کان وٺي آمريڪن سگريٽ ورتا ۽ آرمينين ڇوڪريءَ سان ايئن چُم چٽ مهٽ سهٽ ڪئي، جيئن يورپ جا بورجوازي جوڙا ڪري رهيا آهن. تون يورپ جي ڪنهن بورجوازيءَ کان ڇا ۾ ڇگو آهين؟“

”هڪ ڳالهہ ۾ بورجوازي حرام جي پئسي مان عيش ڪري رهيا آهن ۽ مون حلال جي پئسي مان عيش ڪيو. مون توکان بہ ڊالر اُڌارا ورتا آهن. جڏهن ماسڪو هلنداسين تہ مون کي پنهنجو معاوضو ملندو ۽ مان توکي تنهنجن ٻن ڊالرن جي عيوض انهن جي بليڪ مارڪيٽ واري قيمت ڇهہ روبل موٽائي ڏيندس.“

هن يڪ ساهيءَ چيو ۽ مون کان پڇيائين: ”تون ڇا ٿو سمجهين؟ اسان خون جا درياهہ پار ڪري انقلاب نہ آندو هو. اسان جي ٽن نسلن ان ڪري پيٽ کي پٽيون ٻڌي گذارو ڪيو آهي تہ جيئن اسان سوشلزم کي پليءَ پيت آٽي سگهون. اسان جرمن فوجن سان مقابلو ڪري، لکين ماڻهو مارائي، فاشزم کي شڪست ڏني. ڇا، اڃا بہ اسان کي عيش ۽ آرام جي زندگيءَ تي حق نہ آهي“ مان چپ ٿي ويس. مون محسوس ڪيو تہ مان هڪ حساس روسي ورڪر سان گفتگو ڪري رهيو آهيان. برصغير ۾ تہ هن جي عمر جا ڇوڪرا ڇڇورا هوندا آهن. جنهن

ڏينهن اسان ماسڪو پهتاسين، ان جي ٻئي ڏينهن تي هن مون کي هوٽل ۾ ڇهه روبل موٽائي ڏنا ۽ منهنجو شڪريو بجا آندو.

سو مون ڳالهه تي ڪئي ٽراٽسڪيءَ جي. مون کي عجب نہ ايندو جي مستقبل ۾ ڪنهن وقت ٽراٽسڪيءَ جي صحيح قدر و قيمت ڪئي وئي، جيئن تہ تازو بخارن (Bukharin)★ ۽ اسٽالن تي ٻين مارڪسي تنقيد ڪندڙن کي وري ساڳيءَ ريت بحال ڪري، انهن کي انهن جي اصلي روپ ۾ ڏنو ويو آهي.

ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي تہ گوربا چوف زور شور سان صحيح سوشلزم آڻڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. هن پيرسترائيڪا تي پنهنجو ڪتاب انگلنڊ ۾ ڇپايو آهي تہ جيئن اُهو ساريءَ دنيا ۾ ڦهلجي وڃي. هو ريڊيو تي ويءَ، اخبارن ۽ رسالن ۾ پنهنجي پروگرام جو ڦهلاءُ ڪري رهيو آهي. 1984ع ۾ طارق عليءَ جو ڪتاب The Stalinist Legacy پڙهي، مون سوچيو هو تہ ممڪن آهي تہ روسي دانشور بہ ڦيرو ڪائين ۽ اسٽالن جا پرخچا اڊائي سگهن. پر انهيءَ ڪتاب کان ڪيئي سال اڳي ايم. اين. راءِ جي تحريرن اسٽالن جي جبر و ستم کي 1940ع کان 1950ع تائين ايترو تہ وائکو ڪيو هو جو مون کي اهي تحريرون پڙهي اسٽالنزم مان اعتبار نڪري ويو هو. ايم. اين. راءِ اسٽالن جي حوالي

---

★ نڪولائي بخارن (Nikolai Bukharin) سوويت رياست جي شروعات ۾ جلديءَ سان ڪرايل Collectivisation ۽ Industrialization جي مخالفت ڪئي هئي. هن چيو ٿي تہ Heavy Industry سان Consumer's Goods جي پيدائش کي همٿايو وڃي. هن نيپ (New Economic Policy) جي حمايت ڪئي هئي، جا لينن وجود ۾ آندي هئي، ۽ اسٽالن ڊاهي دير ڪري ڇڏي هئي. اسٽالن واري جبر و ستم جي دور ۾ بخارن جي اها ڳالهه ڪفر سمان هئي ۽ ان ڪري 1938ع وارين بدنام جڙتو ڪارروائين ۾ بخارن، زينوفيف، راڊڪ (زينو فيف_Zinoviev، راڊڪ_Radek) وغيره کي گولي هڻي ماريو ويو هو. اهو مون کي حشوءَ غالباً تڏهن ٻڌايو هو جڏهن مان جونيئر بي. اي ۾ ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هوس. هن ماسڪو جي ڪارروائين تي مون کي هڪ ڪتاب بہ پڙهڻ لاءِ ڏنو هو. حشو 1938ع ۾ صفائي (Purges) جي مخالفت ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ "ڪميونسٽ غلط آهن. جڏهن هو چون ٿا تہ Trotiskytism ٽراٽسڪائيزم ۽ Fascism (فاشزم) هڪ ڳالهه آهن. ۽ اهو سارو چڪر اسٽالن جو هلايل آهي.)

سان شخصيت پرستي (Cult of Personality) ۽ ان جي مضر اثر جي باري ۾ مضمون لکيا هئا، جي جڏهن اج سوويت يونين ۾ دهرايا وڃن ٿا. ايم. اين. راءِ جيتوڻيڪ جدلياتي ماديت (Dialectical Materialism) ۾ پختو ويساهه رکندو هو تڏهن به هن پنهنجي تحريڪ جو نالو New Humanism رکيو هو.

ٻيءَ جنگ عظيم هلندي، فيض جا اهڙا ترقي پسند نظم:

تیرگی ہے کہ امنڈتی ہے چلی آتی ہے
شب کی رگ رگ سے لہو پھوٹ رہا ہو جیسے
چل رہی ہے کچھ اِس انداز سے نبضِ ہستی
دونوں عالم کا نشا ٹوٹ رہا ہو جیسے

ته اتساهيندا هئا، پر جڏهن مون مخدوم محي الدين جو نظم

ہے مرا قافلہ سالار جہاں استالین.

پڙهيو هو، ته مون اُن جي باري ۾ طنزيه انداز اختيار ڪيو هو. منهنجي هڪ اردو غزل ۾ هيٺيان به شعر آهن، جو مون 1947ع ۾ لکيو هو ۽ جو هاڻي منهنجي مجموعي ”نيل ڪنٺه اور نيم ڪي پتي“ ۾ شايع ٿي رهيو آهي.

جامۂ کوهکن میں روحِ جبر
اک نئی چال چل رہی ہے دیکھ
پرچم، عزم کو بلند کر اور
وہ مشیت سی ٹل رہی ہے دیکھ.

مون اهي شعر استالن تي لکيل ايم. اين. راءِ جي مضمونن کان متاثر ٿي لکيا هئا. مون گورباچوف جو ڪتاب Perestroika سارو توڙ تائين پڙهيو. ان ۾ روسي معيشت ۾ نقصان جو ذميدار استالن ۽ نوڪر شاهيءَ کي نهرايو ويو آهي ۽ شخصيت پرستيءَ، ۽ جمهوريت جي ڪميءَ ۽ انقلاب ۾ آسائش جي زندگيءَ جي تمنا جي مذمت ڪئي وئي آهي. نوڪر شاهيءَ خلاف مان پنجويهه سال اڳ پنهنجي ڪتاب ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ ۾ لکي چڪو آهيان ۽ گورباچوف جي

ڪتاب ۾ منهنجي انديشن جي ڇڙ تائيد ٿي رهي آهي.

مخدوم محي الدين جو اسٽالن جي باري ۾ اهو رد عمل اڪيلو نہ هو. هندستان ۾ ڪميونسٽ پارٽي ان وقت مطمئن هئي تہ اسٽالن وروڌي ديس دروهي هئا. هو ٻين ڪميونسٽن وانگر ان خيال جا هئا تہ اسٽالن هڪ مهان سکيا ڏيندڙ (Great Teacher) ۽ دڳ لائيندڙ ستارو (Guiding Star) هو. سيئي ڪميونسٽ پاڻ کي سوويت يونين سان واڳي چڪا هئا. جنهن جي برطانوي سامراج ۽ انڊين ڪانگريس وارا روز مخالفت ڪندا هئا. ايئن پانيو ويندو هو تہ هر اسٽرائيڪ لاءِ جذبو ماسڪو ڏياريو آهي، ۽ هر ستياگرهہ لاءِ چُرچ ڪنهن ماسڪو جي پگهاردار چاڙتي ڏني آهي. ڪميونسٽ فورن اُن گلا جي خلاف سويت يونين جو بچاءُ ڪندا هئا. ان ڪري جڏهن ايم. اين. راءِ يا ٻيءَ ڪابيءَ ڏُر جا ماڻهو سوويت يونين تي تنقيد ڪندا هئا تہ ڪميونسٽ انهن کي بہ ساڳيءَ طرح ننديندا هئا ۽ سامراج جا ايجنٽ ڪوٺيندا هئا. هو ايمانداريءَ سان اعتبار ڪندا هئا تہ هو اسٽالنزم جو دفاع ڪري سوويت يونين جو دفاع ڪري رهيا هئا. هندستان جي سياست ۾ ڇڙ اها روايت ٿي چڪي هئي. هندستان ۾ سياسي گرو جنتا لاءِ ”ڏياتيون“ ٿيندا آهن. جي انهن کي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ اگيان جي اوندهہ مان ڪڍندا آهن. ان ڪري ڪميونسٽ ان هر ڳالهہ ۾ ويساهہ ڪندا هئا، جا هنن جا اڳواڻ چوندا هئا، ۽ سندن اڳواڻن کي ساري ڄاڻ ماسڪو مان ملندي هئي. پر ڪن ڪميونسٽ اڳواڻن کي ماسڪو ۾ اسٽالن جي ڪرايل خونريزين ڪافي جهنجهوڙيو هو. مثال طور برٽش ڪميونسٽ پارٽيءَ جي Philip Spart کي برطانيا مان سي. پي. آءِ (ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا) جي مدد لاءِ موڪليو ويو هو. ماسڪو جي واقعن هن کي ايترو مايوس ڪيو هو جو هو هڪ Liberal Humanist آزاد مزاج انسان دوست ٿي پيو هو ۽ آخر ۾ ڪميونسٽ وروڌي ٿي ويو.

سنڌي ڪميونسٽ ماڻهو تہ ڏاڍا چڱا هئا، پر انهن ۾ بہ مطالعي جي ڪميءَ سبب ڏاڍو تعصب هو. هڪ پيري مون پنهنجو نظم ”هاءِ

حياتي، هي ٿوهر جو وڻ“ ڪامريڊ ڪيرت ڏانهن هفتيوار ”سنڌو ڌارا“ ۾ ڇپڻ لاءِ موڪليو جا هو بمبئيءَ مان ڪيندو هو. پر هُن اهو نہ ڇپيو هو ڪيتري وقت کان پوءِ جڏهن هن سان بمبئيءَ ۾ مليو هوس، ۽ هو بہ بين وانگر منهنجي شاعريءَ جو ذري گهٽ فدائي ٿي لڳو. تڏهن مون هن کان پڇيو هو تہ هن کي منهنجو نظم پوسٽ ذريعي مليو هو يا نہ؟ ان تي هن نهايت صاف گوئيءَ سان چيو هو ”ها، مون کي تنهنجو نظم مليو هو ۽ مون اهو ڄاڻي واڻي شايع نہ ڪيو هو ڇو تہ ان وقت تلنگانہ ۾ انقلاب اچي رهيو هو ۽ اسان ڌرتيءَ کي گل و گلزار بڻائي رهيا هئاسين ۽ تون لکي رهيو هئين ”هاءِ حياتي! هي ٿوهر جو وڻ!“ هن اهو بہ نہ سوچيو تہ اهو نظم مون تلنگانہ جي پس منظر ۾ نہ لکيو هو پر پاڪستان جي مايوس ڪندڙ حالتن کي مدنظر رکي لکيو هو. دراصل اسٽالن جي دور ۾ سيئي هندستاني ڪميونسٽ نشي ۾ هئا ۽ هو سمجهي رهيا هئا تہ هنن کي عظيم رهنما ملي ويو آهي، جو اجهو ٿو هر ديس جي ۽ خاص ڪري ڀارت جي تقدير بدلائي.

گوربا چوف بار بار دهرايو آهي تہ سوشلزم هڪ جامد نظريو نہ آهي. هن نون مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ اتساهيو آهي، پنهنجي دور جي اقتصاديات (Economics) تي تنقيد ڪئي آهي، ۽ چيو آهي تہ سوشلزم جي سياست ۽ اقتصاديات ۾ پراڻا خيال موجود آهن ۽ اُهي خيال زندگيءَ جي جدليات (Dialectics) سان نهڪي نہ ٿا اچن.

گوربا چوف ملڪن جي وچ ۾ باهمي تعاون تي بہ زور ڏنو آهي ۽ چيو آهي تہ اڄ سڀ ملڪ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ محتاج آهن ۽ هٿيارن جا ڍير، خاص ڪري ائٽمي ميزائلن جا ذخيرا، عالمي جنگ جو امڪان، پيدا ڪري سگهن ٿا، ۽ توڙي ان جو ڪوئي جواز نہ هجي، اهڙي جنگ حادثاتي طرح بہ شروع ٿي سگهي ٿي ۽ ڌرتيءَ تي ساري مخلوق کي تباهہ ڪري سگهي ٿي، پوءِ ان جو سبب ٽيڪنيڪل غلطي هجي يا انساني غلطي، گوربا چوف اِها ڳالهہ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ نيوڪليئر جنگ ۾ ساري دنيا فنا ٿي ويندي ۽ اِن ڪري هن

آمريڪا ڏانهن صلح جو هٿ وڌايو آهي. روس افغانستان مان موٽي رهيو آهي ته ترقي پسند قوتن کي مايوسي ٿي رهي آهي، پر پنهنجي ليکي هو صحيح آهي ۽ هن جو اِهو قدم نه رڳو روس جي موجوده معيشت کي خيال ۾ رکجي ته نيڪ ٿو لڳي، پر ٽين عالمي جنگ جي امڪان ۽ تباهيءَ کي روڪڻ لاءِ به ضروري آهي. سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ستاويهين ڪانگريس جا سارا فيصلا مون پڙهيا ۽ مان انهن سان متفق آهيان اِها خوشيءَ جي ڳالهه ٿيندي ته سوويت معاشري ۾ سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي ترقيءَ جي رفتار کي تيز ڪيو وڃي. اها ڳالهه اڳتي ٽينءَ دنيا لاءِ به سودمند ثابت ٿيندي، ڇو ته روس اُن جي ڀرپور مدد ڪري سگهندو.

گورباچوف تاريخي پيٽ ڪري چيو آهي ته ”1918ع جي پُرآشوب سال ۾ لينن ”بريسٽ (Brest) امن معاهدي“ لاءِ ڪيڏي نه جدوجهد ڪئي هئي! اُن وقت خانه جنگي جاري هئي ۽ اُن ڪري لينن رٿ ڏني هئي ته جرمنيءَ سان امن جي معاهدي تي دستخط ڪيو وڃي، توڙي لينن جي خيال ۾ جرمنيءَ صلح لاءِ جي شرط هنن جي سامهون رکيا هئا، سي ”شرم جهڙا ۽ ذليل ڪندڙ“ هئا. انهن شرطن موجب پنج ڪروڙ سٺ لک آباديءَ وارو هڪ وڏو علائقو جرمنيءَ کنيو هو. ان ڪري اهڙي رٿ قبول ڪرڻ ناممڪن هئي، پر پوءِ به لينن امن معاهدي تي زور ڏنو هو. مرڪزي ڪميٽيءَ جي ڪجهه ميمبرن به اُن تي اعتراض ورتو هو ۽ چيو هو ته ”خود مزدور اصرار ڪري رهيا آهن ته جرمن ڪاهه ڪندڙن کي منهن توڙ جواب ڏنو وڃي.“ پر لينن واري واري سان امن جي گهُر ورجائي هئي. هن جتادار ۽ اهم فائدن جو بچاءُ ڪرڻ تي چاهيو ۽ اُهي پوري پورهيت طبقي جا فائدا هئا. ۽ انقلاب ۽ سوشلزم ٻنهي جي چڱائيءَ لاءِ. انهن فائدن جي حفاظت لاءِ ملڪ کي ساهي پٽڻ جي ضرورت هئي ته جيئن اُهو تازو توانو ٿي اڳتي وڌي سگهي. جيتوڻيڪ ان وقت تمام ٿورا ماڻهو اُها ڳالهه سمجهي ٿي سگهيا. پر پوءِ اسان وڏي اعتماد ۽ واضح لفظن ۾ چئي سگهياسين ته

لينن نيڪ قدم کنيو هو. هو ڏورانهين مستقبل کي ڏسي رهيو هو ۽ ان ڪري هن عارضي فائدي کي حقيقي فائدي تي ترجيح نہ ڏني هئي ۽ ان طرح انقلاب جو بچاءُ ڪري ورتو هو."

مٿئين حوالي سان گوربا چوف آمريڪا سان پنهنجي وڏيڪ چاڻ سڃاڻ، ڏيٺ ويٺ ۽ نيوڪليئر جي باري ۾ ناهہ لاءِ وٿي پيدا ڪئي آهي.

بهتر ٿيندو تہ پيرسترائيڪا کي سمجهائڻ لاءِ مان گوربا چوف جي ڪتاب مان ڪجهہ ٽڪرا ڏيان:

"اِن ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي تہ اندرينءَ ترقيءَ لاءِ پرامن بين الاقوامي حالتن جي ضرورت آهي. پر اسان جا مقصد بين الاقوامي آهن. اسان کي اهڙي دنيا گهُرجي، جنهن ۾ نہ جنگ هجي، نہ هٿيارن لاءِ ڊوڙ نہ ائٽمي هٿيار نہ ظلم ۽ تشدد. نہ رڳو اِن لاءِ تہ اسان کي پنهنجي قومي ترقيءَ لاءِ اهڙين حالتن جي ضرورت آهي، پر اِن لاءِ بہ تہ، جي ٻاهريُن (Objective) حالتن کي ڏسبو تہ اهي ڳالهيون پوريءَ ڌرتيءَ لاءِ ضروري آهن."

"اڄ سيئي ملڪ، ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ هڪٻئي جا محتاج آهن ۽ هٿيارن جا ڍير، خاص ڪري ائٽمي ميزائلن جا ذخيرا، عالمي جنگ کي ممڪن بڻائي سگهن ٿا، توڙي ان جو ڪوئي جواز هجي يا نہ هجي ۽ توڙي اها حادثي طور اوچتو ڇڙي پوي يا ان جو سبب ٽيڪنيڪي غلطي يا انساني غلطي هجي. پر اهڙيءَ جنگ ۾ پوريءَ ڌرتيءَ تي ساري انسانذات تباهيءَ جي منهن ۾ هلي ويندي"

"اڄ جي دنيا، پنهنجن سڀني تضادن، سياسي ۽ سماجي نظامن جي اختلافن ۽ مختلف قومن جي مختلف موقفن جي باوجود، هڪ اِڪائي آهي. اسان سڀ هڪ جهاز ۾ سوار آهيون، جنهن جو نالو ڌرتي آهي ۽ اسان کي گهرجي تہ ان کي بچايون. ٻيهر اسان لاءِ نوح جي ڪشتي مهيا ڪئي نہ ويندي"

"اسان آمريڪي عوام جي خلاف ڪوئي برو ارادو نہ ٿا رکون.

اسان زندگيءَ جي سارن شعبن ۾ ان سان تعاون لاءِ تيار آهيون.“
”گذريل پندرهن سالن ۾ آمدنيءَ ۾ اضافي جي شرح اڌ کان بہ گهٽ ٿي وئي هئي ۽ 1980ع جي ڏهاڪي شروع ٿيڻ سان ايترو ڪري چڪي هئي، جو اها اقتصادي نااهليءَ جي ويجهو پهچي چڪي هئي. هڪ اهڙو ملڪ، جو دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن جي ويجهو اچي چڪو هو، هاڻي مختلف شعبن ۾ بين ملڪن کان پٺتي رهڻ لڳو هو. صنعتي پيداوار جي صلاحيت، صنعتي پيداوار جو معيار، سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقي، جديد ٽيڪنالاجيءَ جي پيداوار ۽ وڏيڪ ترقي يافتہ طريقن جي استعمال ۾ اسان جي ڪارڪردگي نهايت هيٺينءَ سطح تائين ڪري چڪي هئي ۽ گهربل حد ۽ هاڻوڪيءَ پيداوار ۾ مقدار ۽ معيار بنهي جي لحاظ کان فرق ڏينهون ڏينهن پوءِ وڌندو ٿي ويو ۽ اهو فرق تنزل ڏانهن اشارو ڪري رهيو هو.“
”نوبت اُتي پهتي، جو وڌيڪ رقمون حاصل ڪرڻ لاءِ پيداواري رپورٽن ۾ اصل کان زياده پيداوار ڏيکارڻ جو لاڙو پيدا ٿي ويو. مفت خوريءَ جو روبو ڦلڻ ڦولڻ لڳو. ديانتداري واري ۽ اعليٰ درجي جي محنت جو قدر گهٽ ٿيڻ لڳو ۽ سيني لاءِ هڪجهڙيءَ اُجرت جو لاڙو عام ٿي ويو.... ۽ پوءِ صنعتي پيداوار ۾ ڪميءَ جا لاڙا اسان جي صنعتي نظام جو اهم حصو ٿي ويا ۽ انڪري نہ رڳو اسان جي محنت جي پيداواري قوت جي ترقي رڪجي وئي، پر سماجي انصاف جا اصول بہ مجروح ٿيا.“
”اسان جي معاشري ۾ مڪمل روزگار جي پڪ ڏني وئي آهي ۽ بنيادي سماجي ضمانتون ڏنيون ويون آهن، مگر اسان رهڻ سهڻ، کاڌي پيتي جي مقدار ۽ معيار، سفر جي ذريعن جي بهتر انتظام، طبي خدمتن ۽ تعليم جي شعبن ۾ وڌندڙ ضرورتن کي پوري ڪرڻ ۽ بين ڪيترن ئي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهيون. اهي اهڙا مسئلا هئا، جي معاشري جي ترقيءَ جي سفر ۾ پيدا ٿيندا رهندا آهن.“
”نظرياتي سطح تي بہ سستيءَ جو لاڙو هو ۽ انڪري نون خيالن ۽

نون پيدا ٿيل مسئلن کي تعميري تنقيد جي نقطہ نظر سان ڏسڻ جي رويي جي ابتڙ جذبو اُڀري رهيو هو. قصيده خوانيءَ جي حوصلہ افزائي ٿي رهي هئي. عام پورهيتن ۽ شهرين جي ضرورت ۽ راءِ طرف ڌيان نہ ٿي ڏنو ويو. معاشرتي علمن ۾ رڳو فرضي منطق تي ٻڌل اصولن ۽ قاعدن کي پسند ڪيو ٿي ويو ۽ اڳتي وڌايو ٿي ويو. تخليقي سوچ کان بنھہ نابري واري وئي هئي. فالتو ۽ بيڪار تجزيا ابدي سچائيون ڪري پيش ڪيا ويا هئا. سائنسي، نظرياتي ۽ ٻيا بحث، جي سوچ ۽ حقيقي عمل کي اڳتي وڌائين ها، بي جان ٿي ويا هئا. ثقافت، فن ۽ صحافت ۾ بہ منفي لاڙا پيدا ٿي ويا هئا. ساڳيو حال پڙهائيءَ ۽ طب جي شعبن جو ٿيو هو جنهن ۾ وچولي سطح جا ذهن لڪير جا فقير ٿي ويا هئا ۽ وڏي واڪ قصيده گوئيءَ جو لاڙو پيدا ٿيو هو. ڇو تہ اسان مشڪلاتن جي اهڙي تصوير پيدا پئي ڪئي، جنهن ۾ مشڪلاتن ۽ مسئلن جي وجود کان ئي انڪار ٿي ڪيو ويو انڪري اسان کي ان جو ڪيتو ڏيڻو ٿي پيو. کهٽيءَ ۽ ڪرٽيءَ ۾ ڦند ڦير پيدا ٿيو هو. عام شهري ڪڏهن بہ پنهنجي رد عمل جو اظهار نہ ڪندا هئا، جيتوڻيڪ انهن کي نلهن نعرن تي اعتبار نہ رهيو هو. سرڪاري اعلانن ۽ عوام جي ذهني قبوليت ۾ خلا پيدا ٿي وئي هئي، جيڪا ڳالهہ سرڪاري طور چئي ٿي وئي يا اخبارن ۾ ڇاپي ٿي وئي يا درسي ڪتابن ۾ لکي ٿي وئي، اها مشڪوڪ ٿي لڳي. شهرين جي اخلاق کي گُهڻو لڳي ويو هو. عظيم انقلاب جي پرجوش زماني، پهرين پنجن سالن واريءَ رٿا، وطن دوستيءَ واريءَ يادگار جنگ ۽ جنگ کان پوءِ نئينءَ تعمير مان پيدا ٿيندڙ اتحاد ۽ اتفاق ڪمزور ٿي ويو هو عادتي شراب نوشي ۽ ٻين نشي وارين شين واپرائڻ جي عادت ۾ ڏوهہ وڌي رهيا هئا. اسان جي ثقافت ۾ هٽ نوڪيا، نالي ماتر تهذيبي نمونا جاءِ والارڻ لڳا هئا، جن مان هالوچالو ۽ اوڇي ذوق جو اظهار ٿي رهيو هو.“

”پارٽيءَ جون تنظيمون فعال رهيون ۽ ڪميونسٽن جي گهٽي اڪثريت خلوص ۽ بي غرضيءَ سان عوام جي خدمت ۽ رهنمائيءَ جو

فرض ادا ڪندي رهي، پر پوءِ بہ هي مٺو پوندو تہ بددیانت. ترقيءَ جي شوقينن ۽ خود غرض ماڻهن کي روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش نہ ڪئي وئي. رياست ۽ پارٽيءَ جي تنظيمن جيڪي قدم کنيا، اُهي وقت جي تقاضائن کان ٿورا هئا.“

”ديانتداريءَ سان ۽ تعصب کان سواءِ اسان انهيءَ نتيجي تي پهتاسين تہ اسان جو ملڪ شديد بحران جي ڀر تي بيٺو آهي. انهيءَ نتيجي جو اعلان اپريل 1975ع ۾ ٿيڻ واري سينٽرل ڪميٽيءَ جي ميڙ ۾ ڪيو ويو. انهيءَ ميڙ ۾ نئين حڪمت عمليءَ جي شروعات ڪئي وئي ۽ اُن جا بنيادي اصول جوڙيا ويا.“

پنهنجين ڪمزورين جي باري ۾ اهڙي صاف گوئي مون ڪنهن بہ ليڊر جي نہ پڙهي آهي. گوربا چوف لينن کان پوءِ روس جو وڏي ۾ وڏو ليڊر آهي ۽ 1975ع کان هن وقت تائين هو پيرسترائيڪا جو پروگرام نهايت زور شور سان پنهنجي توڙ تي پهچائي رهيو آهي. هُن هڪ هنڌ لکيو آهي: ”هڪ پراڻي ڪهاڻي آهي تہ ڪي ماڻهو هڪ عمارت جي تعمير ڪري رهيا هئا ۽ هڪ مسافر انهن مان هڪ هڪ کان پڇيو تہ ”تون ڇا ٿو ڪرين؟“ هڪڙي ماڻهوءَ چڙي چيو: ”ڏسين نہ ٿو يار! اسان هي منحوس پٿر صبح شام ڍويون ٿا.“ ٻيو ماڻهو جو گوڏا کوڙي ويٺو هو. اُٿيو ۽ ڪلها سڌا ڪري فخر سان چوڻ لڳو: ”ڏس، اسان هڪ عبادت گاهہ تعمير ڪري رهيا آهيون.“

موجوده روس ۾ ڀرپور ڪوشش ڪئي ٿي وڃي تہ هر فرد کي روحاني طور بلند ڪيو وڃي، هن جي اندروني ڪائنات جو احترام ڪيو وڃي ۽ هن کي اخلاقي قوت سان مالا مال ڪيو وڃي، جيڪا اقتصادي اصلاح ٿي رهي آهي ۽ جنهن ريت جمهوريت آندي ٿي وڃي، اُن تي مان وڌيڪ نہ ٿو لکان ۽ اُن لاءِ ”ماسڪو نيوز“ جا شمارا پڙهيا وڃن. ڪروسچوف اهو سيکجهہ نہ ڪري سگهيو جو سوويت يونين جي ويهينءَ ڪانگريس ۾ طئي ڪيو ويو هو پر هاڻي ان کي پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچايو ٿو وڃي. صنعتن ۽ دفتري نظام ۾، پارٽيءَ ۾،

۽ حڪومتي ادارن ۾، عوامي تنظيمن ۾، جيڪو مرڪزيت جو مبالغي آميز تصور اچي چڪو هو ۽ انساني مفادن جي رنگا رنگيءَ کي نظر انداز ڪيو ويو هو ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ ماڻهن جي تخليقي طرح ڀاڱي ڀائي ٿيڻ کي اهميت نہ ڏني وئي هئي، ان جي تلافي پئي ڪئي وڃي، ۽ اسٽالن واريءَ شخصيت پرستيءَ جي دور ۾ پيدا ٿيل نظرياتي هڪ هٽيءَ جي اثرڪي متائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. اِها ڪوشش ٻاهرينءَ طرح تہ ”مٿان کان ايندڙ“ (Revolution From Above) انقلاب وانگر لڳي ٿي، پر سچ پچ اِن جو تعلق سڀ ڪنهن سان آهي، عام ڪميونسٽ کان وٺي سينٽرل ڪميٽيءَ جي سيڪريٽريءَ تائين، ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ مزدور کان وٺي وزير تائين، انجنيئر کان وٺي مٿئين درجي جي سائنسدان تائين ۽ پارٽيءَ ۽ پولٽ بيورو ۾ ان جو اثر آهي.

هاڻي روس ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون آهن جي اڳ نہ هيون:

1ـ دفترن ۽ ڪارخانن ۾ مئنيجرن جي چونڊ ٿئي ٿي.

2ـ ڪيترن ئي ضلعن ۾ سوويت لاءِ چونڊ ۾ اميدوارن جو تعداد هڪ کان وڌيڪ آهي.

3ـ غير ملڪي ڪمپنين سان ملي صنعتي ۽ تجارتي ڪمن ۾ ڀائيواري ڪئي وڃي ٿي.

4ـ ڪارخانا ۽ فئڪٽريون خود ئي پنهنجو حساب ڪتاب برابر رکن ٿيون يعني آمدني ۽ خرچ جي ذميداري پاڻ تي کنئي اٿائون. (هونءَ خرچ جي ذميداري رياست تي هوندي هئي).

5ـ اِهو ئي حال سرڪاري ۽ اجتماعي زراعت جي زمينن جو آهي.

6ـ اهڙن فارمن (زمينن) تان پابنديون هٽايون ويون آهن، جي انهن صنعتي ۽ تجارتي ادارن لاءِ زرعي پيداوار ڪن ٿيون، جي انهن فارمن کي هلائين ٿا.

7ـ امداد باهمي (هڪٻئي سان سهڪار) جون سرگرميون وڌايون

ويون آهن.

8ـ ٿوري پيداوار ڪندڙ ذاتي ملڪيت جي ڪارخانن ۽ واپاري ادارن جو حوصلو وڌايو ويو ٿو.

9ـ جي ڪارخانا ۽ فئڪٽريون نفعو نہ ڪمائينديون هيون، اُهي بند ڪيون ويون آهن.

10ـ اهڙا تحقيقاتي ادارا يا اعليٰ تعليم جا ادارا جي چڱي ڪارڪردگي نہ ڏيکاري رهيا هئا، بند ڪيا ويا آهن.

11ـ پريس هاڻي تيز ٿي وئي آهي ۽ منع ڪيل ڳالهين تي بہ لکي ٿي. مختلف موضوعن تي ماڻهن جا مختلف خيال پريس ۾ ڇپجن ٿا.

گذريل اڍائي سال، سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ لاءِ مشڪل هئا ۽ اِهو هڪ نهايت سنجيده دور هو. سارو سوويت عوام، پوري پارٽي، ان جي مرڪزي ڪميٽي ۽ پولٽ بيورو ۽ خود حڪومت "نئين تشڪيل" جي عمل مان گذري آهي، سوويت عوام جي سماجي ۽ سياسي سرگرمين کي آزادي ڏني وئي آهي. ماڻهو هاڻي دلير ٿي ويا آهن ۽ بهتر فرض شناس شهري هجڻ جي ثابتي ڏئي رهيا آهن، جمهوريت جو عمل تيز ڪيو ويو آهي.

ڇا، اسان وٽ پاڪستان ۾ Glasnost جو ڪوئي امڪان آهي؟

شروع کان منافق، دروغ گو ۽ بدديانت انسان پاڪستان ۾ ليڊر ٿي رهيا آهن، جي عوام کي ڪوڙا نعرا ۽ فريب ڏئي برغلائيندا رهيا آهن. جڏهن تڏهن عوام جي نڪ ۾ انهن جي ناڪيلي رهي آهي. صاف بياني، تنقيد، خود تنقيديءَ جو نالو نشان نہ آهي. اخبار ريڊيو ٽي. وي صبح شام ڪوڙ بڪي رهيا آهن ۽ ڪوڙي پروپئنگنڊا ڪري عوام جو ڌيان پنهنجن اصل مسئلن تان هٽائي رهيا آهن. ڪيئي سال تہ ننگي آمريت دندنائيندي رهي آهي ۽ پوليس ۽ فوج هاڃا ڪندي وتي آهي، پر جيڪو ٿورو وقت، جو جمهوريت کي نالي ماتر بہ مليو آهي، ان ۾

دغاباز، خوشامدي، ٻچاپڙا انسان پنهنجون من مانيون ڪندا رهيا آهن. سياست ڏنڊي جي زور تي هلائي وئي آهي، اقتصاديات جي ستياناس ڪئي وئي آهي ۽ اسان ڪيئي اربن ڊالرن جا قرضي آهيون. نه رڳو ملڪ جي خارجه پاليسي سامراجي ملڪن سان واڳي وئي آهي، پر بنهه وڪي وئي آهي. پاءُ ڪي پاءُ سان ويڙهايو ويو آهي. انڌو تعصب چوٽ تي آهي. پريس لوفرن چاپلوسن، فصل-ٻٽيرن، ها ۾ ها ملائيندڙن صحيح تنقيد کي دٻائيندڙن، ڏونس ۽ ڏانڊلي بازن ۽ خوامخواهه معتبرن جو اڏو ٿي پئي آهي، جي ڪوڙ جي اڏاوت جا ٽوٽيون ٽنيا سمجهيا وڃن ٿا. نئينءَ سوچ تي تالا هنيا ٿا وڃن ۽ خطابت جي زور سان جا به ٿوري صاف بياني رهي آهي، ان کي دٻايو وڃي ٿو. لاطيني آمريڪا ۽ سائوٿ آفريڪا جي گندي ۾ گندي آمريتن ۽ اسان جي حڪومتن ۾ ڪوئي فرق نه رهيو آهي، اسان جا ڊاڪٽر، سائنسدان، ٽيڪنڪي ماهر، جي به ملڪ کان ٻاهر وڃن ٿا، واپس اچڻ لاءِ سوچين به نه ٿا. هن عوام ڪهڙو گناهه ڪيو آهي، جنهن جي اُن کي سزا ملي رهي آهي؟ هي عوام واقعي اهڙي ملڪ جي لائق هو؟ ڇا، تاريخ اِن سان پورو انصاف ڪيو آهي؟ ڀٽائي ۽ سچل ۽ بلي شاهه ۽ فريد شڪر گنج جي ڌرتيءَ جي تقدير اهڙي چنڊي ته ٽيڻ نه گهربي هئي!

روسي ريڊيو ۽ ٽيليويزن، اخبارون ۽ رسالا نوان نوان عنوان ڳولين پيا ۽ انهن تي ڪم ڪن پيا. نهيل تڪيل رپورٽن جي بدران اُتي اڄ انٽرويو شايع ڪيا وڃن ٿا، مڪالما ٿين ٿا، گول ميز مباحثا ٿين ٿا ۽ پڙهڻ وارن جا سوين خط تبصرن لاءِ شايع ڪيا وڃن ٿا. مزدورن، پارٽيءَ جي ضلعي ڪميٽين جي سيڪريٽرين، اجتماعي زرعي فارمن جي چيئرمينن، سائنسدانن ۽ ثقافتي شخصيتن سان ڳالهه ٻولهه هر روز شايع ڪئي وڃي ٿي، جن ۾ انهن جا ڪشادا ۽ تازا خيال ملن ٿا.

اڄڪلهہ هر طرف اُتي صاف بيانيءَ جي ايتري اهميت محسوس ٿي رهي آهي، جيتري تازيءَ هوا جي دنيا جي. ترقي پسندن کي مايوسيءَ لاءِ ڪوئي سبب نہ ٿو نظر اچي، ڇو تہ روس اڳتي وڌي رهيو آهي.

گورباچوف جو چوڻ آهي تہ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا معاملا ترقي پذير ملڪن جي سنگين اقتصادي حالتن جو نتيجو آهن.اِهي جهيڙا جهڳڙا هڪٻئي کان مختلف آهن، پر عام طور مقامي سطح تي مقامي سببن ڪري پيدا ٿيا آهن. انهن جي پٺيان اندروني يا علائقائي جهڳڙن جو وجود آهي، جو سامراجي شهنشاهيت پنهنجي ورثي ۾ پنهنجي پٺيان ڇڏيو آهي، يا وري نوان سماجي ڪارڻ پيدا ٿيا آهن، يا اِهي پراڻين غاصبانہ جنگين جو سبب آهن يا انهن جا ٿيئي ڪارڻ آهن. سوويت يونين، دهشتگرديءَ جي خلاف آهي ۽ ٻين ملڪن سان گڏجي اُن ڏس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. گوربا چوف اولهہ ايشيا لاءِ چيو آهي تہ ماسڪو اسرائيل جو دشمن نہ آهي ۽ اسرائيل جي قيام ۾ مدد ڏيڻ وارن ملڪن ۾ سوويت يونين سڀ کان اڳرن ملڪن مان هو. هو اهڙن ماڻهن کي هٿي ڏئي رهيو آهي، جي اولهہ ايشيا جي مسئلن جي انصاف واري سياسي فيصلي لاءِ تجويزون پيش ڪري رهيا آهن ۽ جمود کي ٽوڙڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهيا آهن. هو مفيد ۽ نتيجي واريءَ هر ڳالهہ ٻولهہ لاءِ تيار آهي، جنهن ۾ فلسطين ۽ اسرائيل ٻنهي جي مفادن کي خيال ۾ رکيو وڃي.

وچ آمريڪا ۾ هو نڪاراگوا ۾ سموزا حڪومت کي اونڌي ڪرڻ کي عوامي انقلاب سمجهي ٿو، اُن ۾ ماسڪو يا ڪيوبا جي هٿ هجڻ کان انڪار ڪري ٿو ۽ سانڊينسٽا انقلاب خلاف جنگ کي بين الاقوامي قانون جي خلاف سمجهي ٿو.

اها ساڳي ڳالهہ هو خليج (گلف) جي باري ۾ ڪري ٿو. هو چوي ٿو تہ سوويت يونين اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد جي تائيد ڪئي آهي تہ ايران عراق جون فوجون تسليم ٿيل سرحدن تي واپس وڃن، پر آمريڪا اجا انهيءَ جهيڙي ۾ تنگ اڙائي وينو آهي ۽

خليج جي علائقي ۾ پنھنجن فوجن جو تعداد وڌائي رھيو آھي. سوويت يونين وارا افغانستان مان بہ فوجون ڪڍي رھيا آھن: جيتوڻيڪ ھو موجوده افغان حڪومت جي صلح صفائيءَ جي پاليسيءَ جي حمايت ڪن ٿا ۽ افغانستان کي ھڪ آزاد، خودمختيار ۽ غيرجانبدار ملڪ بڻائڻ چاھين ٿا. ۽ جيتوڻيڪ آمريڪا افغانستان ۾ انقلاب دشمنن کي اسٽنگر ميزائيل ڏئي رھيو آھي، جن سان ھو سفري ھوائي جھازن کي نشانو بڻائي رھيا آھن! علاقائي تنازعن جو ذڪر ڪندي، گوربا چوف پاڪستان جو نالو بہ نہ کنيو آھي.

ڪتاب ۾ صنعتي ۽ زرعي اصلاح، اجتماعي فارمن ۽ "سوخوز" (Sovkhoz) وغيره تي جو لکيو ويو آھي يا بيورو ڪريسيءَ جي ڪردار تي جا وٺ پڪڙ ڪئي وئي آھي يا جيڪو جمھوريت جي شاھراھ تي سفر جو ذڪر ڪيو ويو آھي يا قانون جي پابنديءَ تي زور ڏنو ويو آھي، ان لاءِ گوربا چوف جو ڪتاب پڙھيو ويندو تہ چڱو ٿيندو. نئين تشڪيل ۽ سوويتون"، "ٽريڊ يونين جو نئون ڪردار، "نوجوان ۽ نئين تشڪيل،" "خواتين ۽ خاندان"، "سوشلسٽ قومن جي يونين وغيره ڪتاب جا سڀ باب پڙھڻ جھڙا آھن. نئين سياسي سوچ جي سري ھيٺ ھو ساڳئي ڪتاب ۾ لکي ٿو:

"عوام سياسي تناءَ ۽ دشمنيءَ مان تنگ اچي چڪا آھن. ھو ھڪ زياده محفوظ ۽ اعتماد جھڙيءَ دنيا ۾ زنده رھڻ چاھين ٿا. اھڙي دنيا، جنھن ۾ سڀ قومون ۽ ملڪ پنھنجي فلسفي ۽ پنھنجي مخصوص سياسي تصور کي آڏو رکي سگھن ۽ پنھنجي پسند موجب زندگي گذارن.

"دنيا ۾ جيڪي ڪجھ ٿي رھيو آھي، اسان انھيءَ کي چڱيءَ طرح ڏسي رھيا آھيون. اسان ڏسي رھيا آھيون تہ پراڻا نھيل تڪيل فڪر ۽ عمل جا سانچا اجا تائين موجود آھن ۽ پراڻن خيالن ۽ رسمن رواجن جون جڙون نھايت گھريون آھن. انھن پراڻن خيالن مان فوجي مھم پسنديءَ ۽ سامراجيت جون خواھشون پيدا ٿين ٿيون ۽ بين ملڪن کي پنھنجي سياسي ۽ بين سرگرمين جو نشانو بڻايو وڃي ٿو ۽

انهن کي پنهنجيءَ پسند جي طرز حڪومت ۽ پنهنجي آزاد ٻاهرينءَ حڪمت عمليءَ ٺاهڻ جو اختيار نہ ٿو ڏنو وڃي.“

(گوربا چوف چاڻي واڻي آمريڪا جو نالو نہ ورتو آهي).

”اسان وٽ مختلف مسئلن جو ڪوئي ضرورت کان زياده انقلابي حل موجود نہ آهي جيتوڻيڪ ضرورت پوڻ تي اهڙا طريقا ڪن حالتن ۾ ڪارائتا ثابت ٿيندا آهن. اسان بين الاقوامي مسئلن کي اهڙيءَ طرح حل ڪرڻ نہ ٿا چاهيون ،جو ڪشيدگي وڌي وڃي.اسان مغربي ملڪن ۽ ترقي پذير ملڪن جي وچ ۾ هاٺوڪن ناتن کي زبردستيءَ بدلڻ جي ڪوشش نہ ڪنداسين ۽ نہ اُن تي زور ڏينداسين.“

هر پاڪستاني دانشور کي عموماً ۽ سنڌي دانشور کي خصوصاً متئين حوالي کي خيال ۾ رکڻ گهرجي ۽ ”اپڻي گهوٽ تہ نشا ٿيوئي“ واري مقولي تي عمل ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي ارد گرد کي خيال ۾ رکي فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ هن جي موثر مدد ڪير ڪري سگهندو.

گوربا چوف جا پنهنجا خوف بلڪل صحيح آهن. جڏهن هو اڳتي هلي چوي ٿو:

”اجوڪيءَ دنيا جي ملڪن جو مثال اهڙن ڪوهہ پيمائن (پهاڙن تي چڙهندڙن) جي ٽولي وانگر آهي، جي سڀئي هڪ ئي رسيءَ جي ذريعي هڪٻئي سان ٻڌل آهن. يا تہ اُهي سڀئي گڏ پهاڙ جي چوٽيءَ تي پهچندا يا سڀئي هڪٻئي سان گڏ ۽ اونهيءَ کڏ ۾ وڃي ڪرندا. مڪمل تباهيءَ کان بچڻ لاءِ سياسي ليڊرن کي پنهنجن محدود مفادن کان مٿي اُڀري، عالم جي بساط تي کيڏڻ واري ڊرامي کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي.“

گوربا چوف جو اِهو خوف بہ صحيح آهي تہ جي نيوڪليائي جنگ لڳي پئي تہ کهڙو کٽڻ کهڙو هارائڻ. ساري انساني تهذيب ناس ٿي ويندي ۽ رڳو رک پئي اڏامندي. نيوڪليائي جنگ آپگهات آهي، ان ۾ ذري برابر بہ شڪ نہ آهي. اڃا اڳتي هلي گورباچوف چوي ٿو ”چا اِن جو اهو مطلب آهي تہ اسان نيوڪليائي خطري جي سببن ۽

بين عالمي مسئلن جو طبقاتي تجزيو ئي چڏي ڏنو آهي؟ نہ ائين نہ آهي.
بين الاقوامي ميدان ۾ ڪم ڪرڻ وارين قوتن جي طبقاتي اختلافن تي اکيون بوٽڻ سراسر غلط ٿيندو ۽ ان طرح بين الاقوامي مسئلن ۾ بين انساني مقصدن کي حاصل ڪرڻ وارن ذريعن تي طبقاتي دشمنيءَ جي اثرن کي نظر انداز ڪرڻ بہ نيڪ نہ ٿيندو.“

چين جي عوامي جمهوريہ لاءِ گورباچوف لکي ٿو:

”اسان چين کي وڏي سوشلسٽ طاقت جي حيثيت ۾ ڏسون ٿا ۽ اسان اهڙا خاص قدم کڻي رهيا آهيون، جيئن چين-سوويت تعلقاتن ۾ چڱن پاڙيسريءَ وارن ۽ سهڪار جي بنيادن ۾ واڌارو ٿئي ۽ پڌي حاصل ڪئي وڃي. مان پڪ سان چوان ٿو تہ اسان جا تعلقات بهتر ٿي چڪا آهن ۽ اسان جي ٻن ملڪن ۾ ٻيائيءَ وارو زمانو ختم ٿي چڪو آهي.اسان پنهنجن چيني ساٿين کي گڏجي ڪم ڪرڻ جي دعوت ڏيون ٿا، جيئن اسان جي قومن ۽ ملڪن ۾ چڱي ۾ چڱا تعلقات پيدا ڪيا وڃن.“

گورباچوف،1956ع ۾ هنگريءَ، 1968ع ۾ چيڪو سلواڪيا ۽ 1980ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ پولينڊ ۾ بحرانن جي ڪنهن حد تائين ذميداري اُتان جي حڪمران ڪميونسٽ پارٽين تي وڌي آهي.
هن هڪ هنڌ، هڪ نهايت خوبصورت ڳالھہ ڪئي آ، جنهن مان مون کي جڻ ٽالسٽاءِ جي جھلڪ نظر ٿي اچي، ۽ اُها آهي:

”چيڪوسلواڪيا جي دوري ۾ مون کي عام رستن تي هلندڙ شهرين ۽ پراگ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن سان ڳالھہ ٻولھہ جو موقعو مليو. انهن مون کي چيو: ”اوهان هن وقت، جو ڪم ڪري رهيا آهيو اهو ئي طريقو درست آهي.“ هڪ نوجوان چيو ”ٿوري ۾ ڳالھہ اها آهي تہ سچ ڳالهايو سچ سان محبت ڪريو ۽ بين لاءِ بہ سچ جي خواهش ئي ڪريو.“ تہ مون اِن ۾ اضافو ڪيو: ”سچ تي عمل بہ ڪريو.اِهو ئي سڀ کان مشڪل عمل آهي.“ پوءِ وڏيڪ ڳالھہ ڪندي چيو: ”زندگي سڀ کان زياده مشڪل درسگاھہ آهي. سڀ ڳالهيون

آسانيءَ سان نہ ٿيون ٿين. ڪيئي دفعا پنتي موٽڻو پوي ٿو ۽ وري اسان اڳتي وڌون ٿا. سوچڻ، ڳالهہ جو ڇيد ڪرڻ ۽ ٻيهر ڇيد ڪرڻ ڏاڍو تڪليف ڏيندڙ ڪم آهي، پر اسان کي ان کان ڊڄڻ نہ گهرجي.“

مون لاءِ سڀ کان اهم گورباچوف جون ٽينءَ دنيا جي باري ۾ ڳالهيون آهن، جنهن ۾ اسان رهون ٿا. مغربي ملڪ ڪيئن اسان کان هڪ قسم جي ڍل وصول ڪندا رهن ٿا. ڪيئن اسان تي ٻاهرين قرضن جو بار وڌندو ٿو وڃي ۽ صورتحال روزبروز سنگين ٿيندي ٿي وڃي، ڪيئن هو ڪروڙن ماڻهن جي آباديءَ، ايشيائي، آفريڪي ۽ لاطيني آمريڪا وارن ملڪن جي اڪثر ذخيرن ۽ صلاحيتن جو ناجائز فائدو وٺن ٿا. ان تي گورباچوف سان ڪوئي اختلاف نہ ٿو ٿي سگهي. ٽينءَ دنيا جي ملڪن ۾ غريبي، زندگيءَ جون غير انساني حالتون، جهالت، مناسب خوراڪ جو نہ هجڻ، بک، ننڍيءَ وهيءَ ۾ فوت ٿي وڃڻ وارن ٻارن جي تعداد جي وڏي شرح ۽ وبائي مرض، اڄائي ارب انسانن لاءِ روزانو معمول ٿي چڪا آهن. اِهي سيئي ملڪ يورپي ملڪن جون نيون آباديون هئا يا نيم نيون آباديون هئا. اڄ بہ انهن جي في ماڻهو آمدني صنعتي ملڪن جي ڀيٽ ۾ يارهون حصو آهي. اِهي سيئي ملڪ پنهنجا قرض واپس ڪري نہ سگهندا. گوربا چوف جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن انهيءَ حل نہ ٿيندڙ مسئلي جو ڪوئي حل تلاش نہ ڪيو ويو تہ اُن جا نهايت خوفناڪ نتيجا پيدا ٿيندا. ترقي پزير ملڪن تي اِهو قرض هڪ بم وانگر آهي، جو ڪهڙي وقت بہ ڦاٽي سگهي ٿو ۽ ٿوري ڇڻنگ بہ اُن کي اڏائي ڇڏيندي. اِهو سماجي ڌماڪو جو تيار ٿي رهيو آهي، اِن تي سيني کي چڱيءَ طرح سوچڻ گهرجي. اهو ڌماڪو ڪيئن ايندو ڪڏهن ايندو ڪهڙيءَ صورت ۾ ايندو ۽ جي اهو نہ اچي تہ اُن لاءِ ڇا ڪيو وڃي، اُن تي گوربا چوف خاموش آهي. هو فقط اِهو چوي ٿو: ”جيڪڏهن دنيا ۾ حقيقت پسنديءَ واري ڦير گهير آڻڻي آهي ۽ هڪ نئون عالمي اقتصادي نظام قائم ڪرڻو آهي تہ ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ هي هڪ ڏکيو ۽ ڪٺن سفر ٿيندو ۽ اڻ ڄاتل

صورتحال لاءِ بہ اسان کي تيار رهڻو پوندو. بين الاقوامي تعلقات جي ”نئين تشڪيل“ جي تقاضا آهي تہ سڀني ملڪن جي مفادن کي خيال ۾ رکيو وڃي. سڀني ملڪن جي مجموعي مفادن ۾ هڪ توازن جي ضرورت آهي. پر اِها ڳالهہ اوني جهڙي آهي تہ ڪي ملڪ اهڙا بہ آهن، جو پنهنجي طرف کان ڪجهہ بہ ڇوٽ ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهن.“

مون پيرسترائيڪا جو ايترو تفصيلي ذڪر ان ڪري ڪيو آهي، جو لينن جي لکڻين کان پوءِ اهو ڪتاب دنيا ڀرجي ڪميونسٽ پارٽين تي ڪافي اثر انداز ٿيندو. رڪِ رياوڪ ۾ رونالڊ ريگن سان ڏکهن بحثن کان پوءِ، هينئر جو گوربا چوف هُن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو آهي، اُن جي خبرن سان ”ماسڪو نيوز“ پري پئي آهي: ۽ اُن جا پاڪستان ۽ هندستان جي ڪميونسٽ پارٽين تي ڪافي اثر پيا آهن ۽ انهن جا ڏڙن ۾ ورهائجي وڃڻ جا افواهہ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، جا هڪ چڱي ڳالهہ نہ آهي. مان اقتصاديات، بين الاقوامي معاملات ۽ سياست ۾ ماهر تہ نہ آهيان، پر فن ۽ ادب جي باري ۾ جو گورباچوف چيو آهي، سا ڳالهہ مان ڪيتري وقت کان چوندو رهيو آهيان ۽ بهتر آهي تہ اُن ڳالهہ تي مان بنهہ تفصيل سان لکان. پر اِن کان اڳ ۾ مان اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ گوربا چوف جي هڪ ادب دوست ۽ ادب شناس شخصيت هجڻ جي واضح ثابتي اُن ذڪر مان ملي ٿي، جو هن لاطيني آمريڪا جي نوبل انعام يافتہ اديب، گيبريل گارشيا مارڪويز( Gabriel Gracia Marquez)، جي باري ۾ ڪيو آهي، جنهن سان ملڻ جو هن کي موقعو مليو هو. گوربا چوف لکي ٿو: ”هو هڪ ڏاڍي وڏي ذهن جو مالڪ آهي. هن جي سوچ جي دائري ۾ پوري ڌرتي اچي ٿي. هن جو هڪ ئي ڪتاب پڙهي انسان انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو... سو ايئن ٿيو آهي تہ سوويت يونين اندر ٿيڻ واري نئين تشڪيل جي نئين ڳالهہ ڪندي بہ انسان هن دور جي بين الاقوامي ۽ سماجي مسئلن جي گهرائين ۾ گهوري سگهي ٿو. دراصل ساريءَ دنيا کي نئين تنظيم جي ضرورت آهي يعني هڪ وصفي (Qualitative) ڦير گهير جي ۽ ترقي پسند واڌاري

(Progressive Development) جي، اهڙي ماڻهوءَ جو رايو نهايت اهم ٿئي ٿو ۽ اِهو اِن ڪري جو هُن ۾ ڪروڙن ماڻهن، اڇي، ڪاري، پيلي چمڙيءَ وارن، ڌرتيءَ جي سڀني ماڻهن جي خيالن، جذبن ۽ اُونن جي تصوير ملي ٿي ۽ اِن ڪري هُن کي پڙهي حوصلو وڌي ٿو. اِن جو مطلب اهو آهي تہ جو ڪم اسان پنهنجي ملڪ ۾ شروع ڪيو آهي، اهو ٻين قومن لاءِ بہ مفيد ٿي سگهي ٿو.\"*

گوربا چوف، گيبيرل گارشيا مارڪويز جي هيٺينءَ تقرير جو حوالو ڪو نہ ڏنو آهي، جا هن ميڪسيڪو ۾ ڇهن قومن جي هٿيار ڦٽي ڪرڻ (Disarmament) واريءَ ميٽنگ ۾ 6 آگسٽ 1986ع تي پڙهي هئي:

\"... ٻمن ڦاٽڻ کان منٽ پوءِ اڌ کان وڌيڪ انسان ذات مري ويندي، چئن ئي ٻرندڙ کنڊن جي مٽي ۽ دونهون سج جي روشنيءَ کي ڍڪي ڇڏيندو ۽ دنيا تي اَت اونده ڇانئجي ويندي. نارنگي مينهن ۽ برفاني طوفانن وارو سيارو سمنڊن جي وهُڪن کي موٽائي ڇڏيندو ۽ درياهن جي رُخ کي ڦيري ڇڏيندو. جن ۾ مڇي اُبڙڪا کائيندڙ پاڻيءَ ۾ اُڃ مري ويندي ۽ پکي آسمان ڳولي نہ سگهندا. صحرا جي رڻ پٽ کي ابدي برف ڍڪي ڇڏيندي، اميزان (Amazon) جي وسيع جهنگلن کي ڳڙا تباه ڪري ڇڏيندا، ۽ راڪ ائنڊ رول (Rock & Roll) ۽ دل جي منتقلي (Heart-Transplant) جو دور پنهنجي يخ بستہ شروعات ڏانهن موٽي ويندو. ٿورا، انسان، جي خوف جو پهريون ڏڌڪو سهي ويندا يا جن کي اهڙيءَ مهاپرلئہ مهل بہ ڪوئي سوگهو اجهو هوندو، اُهي بچي ويندا، پر اُن لاءِ تہ پنهنجين يادگيرين جي هيبت ۾ ئي مري وڃن. پوسل ۽ انادي راتين جي انڌ انڌوڪار ۾، اڳوڻيءَ جيوت جا اهڃاڻ رڳو تِڏا وڃي رهندا. اِهو ڪوئي جلاوطنيءَ ۾ يوحنا (John) جو هذيان (وڦلڻ) نہ آهي، پر ڪائناتي تباهيءَ جي پيغمبرانہ بصيرت آهي. نيوڪلائي هٿيار-

---

* گيبريل گارشيا مارڪويز- لاطيني آمريڪا جو مشهور ناول نويس، جنهن کي ادب لاءِ نوبل انعام ملي چڪو آهي.

گهر جي ٿوري حصي جو ڌماڪو ئي اِنهيءَ تباهيءَ لاءِ ڪافي آهي.

"ايئن ٿي آهي. اڄ، ڇهين آگسٽ 1986ع تي پنجاهه هزارن کان وڌيڪ نيوڪلائي (Nuclear) جنگي هٿيار آهن. سولي ٻوليءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته هر انسان بارود جي چئن ٽَنَن (Tons) مٿان ويٺو آهي، جنهن جي پوري ڌماڪي سان ٻارنهن ڀيرا زندگيءَ جو نانءُ نشان ختم ٿي سگهي ٿو."

مون ڪيئي سال اڳ هيروشيما تي نظم لکيو هو جو "وڄون وسڻ آئيون" جي صفحي 187 تي ڇپيو آهي، جنهن جا پويان بند آهن:

هي ڪير ڪڙو آ ڪُنييءَ تي
هي تون آهين، هي مان آهيان
جن امن نہ آندو ڌرتيءَ تي.
ها، هيءَ اسان جي ڪائي آ
اِن اوچيءَ ڪائيءَ کي گڏجي
ڇا تو مان آڳ لڳائي آ!

ساڳيءَ طرح "پتڻ ٿو پُور ڪري" جي صفحي 61 تي هڪ نثري نظم آهي:

"لنڪن
لينن
جمهوريت
اشتراڪيت
زنده آباد
مرده آباد.
ءِ مون کي اهو ڀؤ
تہ منهنجي ننڍڙي ڌيءَ
جا ٻوڙماني ڪائي رهي آهي
اوچتو
ڪنهن بم سان

اڏامي نہ وڃي.
۽ هن جي جسم جا ٽڪرا
هن جي ٻوڙجي وڃڻ ۾ نہ اچي ڪِرن“

اڄ گهڻا سياسي رهنما آهن، جي ڪنهن اديب جو ايترو قدر ڪري ٿا سگهن، جيترو گورباچوف گيبريل گارشيا مارڪويز جو ڪيو آهي؟

اديبن جي باري ۾ بہ، هر ڳالهہ وانگر، هو جڳ ساريءَ دنيا کي مخاطب ٿي چوي ٿو: ”نئين صاف بيانيءَ جي پاليسيءَ ڪري گروهي تعصب ۽ مخالف نظرين کي برداشت نہ ڪرڻ جا رويا پڌرا ٿي پيا آهن. هڪ وقت تہ اهڙو هو جڏهن ادبي برادريءَ ۾ ڏاڍي غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو ويندو هو. اسان انهن جي سامهون مرڪزي ڪميٽيءَ جا خيال رکيا. اسان چيو تہ اِها وڏي افسوس جي ڳالهہ ٿيندي، جي تخليقي ڪم ڪرڻ ۽ متحد ٿيڻ بدران فنڪار ننڍين ننڍين ڳالهين تي وڙهندا رهندا، صاف بيانيءَ، صاف دليءَ ۽ جمهوري جذبي جي نالي ۾ هو پراڻا بدلا چڪائيندا ۽ تنقيد کي انتقام وٺڻ جو ذريعو بڻائيندا. هن انقلابي دور ۾ سڀ کان بُري ڳالهہ اها ٿيندي، جي تخليقي ڪم ڪرڻ وارا ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ وچڙي ويندا. ذاتي خواهشن پنيان پوندا ۽ بي معنيٰ، وڏن وڏن لفظن تي پنهنجي سگهہ وڃائيندا ۽ تخليقي ڪم ڇڏي ڏيندا. پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ اديبن کي جذباتي ذاتيات، پنهنجي پسند جي عادتن ۽ نهيل نڪيل سانچن کان مٿي رهي ڪم ڪرڻ لاءِ اُتساهيو ۽ چيو ”پنهنجي پاڻ کي بلند رکو ۽ عوام ۽ معاشري جو خيال ڪريو! دانشور پنهنجي ذميواريءَ جي احساس کان ڪم وٺي پنهنجن تخليقي يونينن ۾ ڪم ڪن ۽ معاشري جي روحاني ترقيءَ جي مقصد کي سامهون رکن.“

”ماسڪو نيوز“، ”نيوٽائيمس“ ۽”سوويت لٽريچر“ ۾ گوربا چوف جي حمايت ۾ ڪيئي مضمون اچي رهيا آهن ۽ اُهي سارا مضمون انهيءَ ڳالهہ جي تائيد ڪن ٿا، جا مان 25 سالن کان مٿي عرصي کان

چوندو رهيو آهيان. ”ساهيوال جيل جي ڊائري“ جا مون 1968ع ۾ لکي هئي، اُن ۾ مون صفحي 81 تي لکيو آهي: ”چين بہ شايد انهيءَ ادبي بحران مان گذري رهيو آهي، جنهن مان روسي ادب اسٽالن جي دور ۾ گذريو هو“ مون مسز راشديءَ کي روس ۾ جديد ادب، خاص ڪري الياهرن برگ جي ناول Thaw، ڊوڊنتسوف جي ناول Not by Bread Alone ايوگيني يوتو شينڪوYevgeny yevtusensky ۽ آندريئي وزنيسينسڪي (Andrei Voznesensky) جي باري ۾ پنهنجا تاثر ٻڌايا. يوتو شينڪو ۽ وزنيسينسڪي هن وقت روس جا چوٽيءَ جا شاعر آهن. مون مسز راشديءَ کي يوتوشينڪو جي آتم ڪهاڻيءَ مان هينئين گفتگو ٻڌائي، جا هن کي ڏاڍي وڻي:

”ڪامريڊ! انقلاب مري چڪو آهي“

”نہ، انقلاب مُئو نہ آهي، بيمار آهي ۽ مان پنهنجي شاعري ائمبيولينس ڪري ڪم آڻي رهيو آهيان.“

”مون هن کي وزنيسينسڪي جي هڪ نظم My Achilles Heart مان هينئيون بند ٻڌايو جو مشهور شاعر آڊن (Auden) انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي:*

Our destruction is unthinkable
More unthinkable what we endure
More unthinkable still that a sniper
Should ever sever the quivering thead.

(اسان جي تباهي سوچ ۾ بہ نہ ٿي اچي سگهي/اُن کان وڌيڪ سوچ ۾ نہ ايندڙ اهو آهي تہ ڪوئي بندوقچي ڪنهن لرزندڙ ڌاڳي کي ڪٽي ڇڏي!).

---

* آئڪليز (Achilles) ٽروجن (Trojan) جنگ جو يوناني هيرو جنهن کي ”پئرس“ زهر ۾ ٻڏل تير هنيو هو جو هن کي کُڙيءَ ۾ لڳو هو جتي تير لڳڻ کان سواءِ هو مري نہ ٿي سگهيو. Achille's Hell انگريزيءَ ۾ محاورو آهي ۽ سنڌائتي يا نازڪ حصي Vulnerable part کي چئبو آهي.

ساڳئي ڪتاب جي صفحي 231 تي مون لکيو آهي:

”اڄ هنگريءَ جي 1956ع واري انقلاب تي ڪتاب The Revolt of the Mind پڙهيم. اهو ڪتاب ٻيءَ جنگ عظيم کان پوءِ هنگريءَ ۾ ڪميسار ۽ آرٽسٽن جي وچ ۾ پنجه ڪشيءَ جي باري ۾ آهي. اُتان جا اديب ۽ آرٽسٽ ڪنهن به ڪميسار جي اهڙي حڪم مڃڻ کان انڪار ڪن ٿا ته هنن کي ڇا تخليق ڪرڻ گهرجي. اُتان جي اديبن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي غلاميءَ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ هڪ ميٽنگ ۾ هڪ اديب رڙ ڪري چيو:

The writer is trying to defend his right to write what he wants to write.

”متئين هنگريءَ تي ڪتاب ۾ صفحي 358 تي زولتن زيلڪ جو اهو نظم آهي جو اڳ مون Behind the iron curtain ڪتاب ۾ پڙهيو هو ۽ جنهن جو ترجمو مون ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ جي پهرئين صفحي تي ڏنو هو جو بندش هيٺ اچي چڪو آهي.*

”مون کان وڌيڪ هنگريءَ جي گهٽ ٻوسات کي ٻيو ڪير محسوس ڪير سگهندو!

”جبر ڪميونسٽ جو هجي بورجوازيءَ جو يا فوجي آمر جو جبرُ جبر آهي ۽ هر سچي اديب کي جبر کان نفرت هوندي آهي ۽ هو اُنهيءَ فلسفي جي ٿي پاڙ پٽڻ چاهيندو آهي جنهن جي آڙ ۾ جبر ڪيو ويندو

---

* ”مان انهيءَ ساراهه جو مستحق نه آهيان.
سچ پچ منهنجا دوست منهنجو جيءُ جلڻ لڳي ٿو
جڏهن تون منهنجي سچائيءَ جي ساراهه ڪرين ٿو.
مان انسان وانگر رهان ٿو ۽ نه چيتي وانگر.
منهنجي ستم زده دل ۾ خوف جو آستان آهي.
اعتبار ڪر ته مان خوف زده آهيان! مان خوف زده آهيان!
ها، پر.
مون کي موت کان وڌيڪ خود فريبيءَ ۽ ذلت جي زندگيءَ کان خوف ٿئي ٿو.“ (هنگريءَ جو شاعر، زولتن زيلڪ)

آهي.“

جڏهن منهنجي منتخب شاعريءَ جي پنجابي ترجمي تي فيض احمد فيض پيش لفظ لکي، ڪتاب جو مسودو احمد سليم کي واپس ڪيو هو، تڏهن هينئين نظم تي سوال جو نشان ڏئي چڏيو هئائين:

”جي،
اينهان دي، بين نال
افيم نہ بندي
تان،
”ڪني، چنگي سن
”ايهہ،
”رتڙي، ڦُل....“

۽ مسودي واپس ڪرڻ وقت احمد سليم کان پڇيو هئائين. ”اهو نظم لکڻ وقت شيخ اياز کي ڇا خيال ۾ هو؟“

جڏهن احمد سليم مون کان اِهو سوال پڇيو هو تہ مون هن کي چيو هو ”اسٽالن جي دور ۾ روسي ادب ۽ سياست جي تاريخ.“ اِهو جواب شايد احمد سليم کي نہ وڻيو هو.

مان گوربا چوف جي پيرسترائڪا ۽ گلاسنوسٽ کان متاثر آهيان ۽ في الحال منهنجو ڪميونسٽ دنيا، خاص ڪري روس، سان ڪوئي اختلاف نہ رهيو آهي. هونءَ تہ ڪميونسٽ دانشور ۽ سائنسدان، جي Dissidents آهن، الاجي ڇا ڇا چوندا رهيا آهن. ”مان بيو سخاروف (Sakharov) تيڻ نہ ٿو چاهيان،“ چيني دانشور فئنگ لزهيءَ (Fang lizhi) غالباً 1987ع ۾ چيو پر پوءِ هن نهايت دليريءَ سان چيو: ”چيني ڪميونزم کي مغربي جمهوريت وانگر بدلايو وڃي، ۽ شهري، جيڪي بہ پنهنجا حق گهرُن ٿا، انهن تي قبضو ڪن.“

چين ۾ هن وقت گولگ (Gulag) يا چيني ثقافتي انقلاب (Chinese Cultural) واري فضا پيدا ڪرڻ نہ ٿا چاهين ۽ ان ڪري فئنگ لزهيءَ تي ڪوئي جبر نہ ڪيو ويو آهي، نہ تہ هو تہ ان حد تائين

ويو آهي جو چيو اٿائين:

Marxism belongs to a special cultural stage that passed long ago. It is like some old clothing. People should take it off and put it aside now."

مان پاڪستان ۾ ساري زندگي هڪ Dissident اديب ٿي رهيو آهيان ۽ ان ڪري مون اهڙي ادب کي نهايت غور سان پڙهيو آهي. جنهن ۾ اسٽالن جي مخالفت ڪئي وئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪتاب آمريڪا ۾ ڇپيا مس آهن ۽ پاڪستان ۾ اچا پهتا به نه آهن ته مون ٻاهران گهرائي پڙهيا آهن. مان روس جو حامي آهيان ۽ آمريڪا جا ڏونس ۽ ڊانڊلي تينءَ دنيا ۾ مچائي آهي، اُن جو سخت مخالف آهيان. هو جمهوريت جي ڳالهه ڪري اسان کان جمهوريت کسڻ چاهين ٿا. بار بار فوجي ڪو (Coup) آڻين ٿا ۽ دنيا ۾ اقتصادي قرلٽ جا باني آهن ۽ ملڪن کي قرضن ۾ وچڙائي غلام بڻائي ڇڏيو اٿائون. ڪميونزم 1917ع ۾ انسان جي نجات جي خواب جي تعبير هئي، پر چاڪاڻ جو منهنجي ڪميونزم سان ڏيٺ ويٺ ايم. اين. راءِ جي معرفت ٿي هئي، جو ان وقت اسٽالن سان اختلافن سبب ڪميونسٽ انٽرنئشنل کان عليحده ٿي چڪو هو ۽ هندستان ۾ پنهنجي "ريڊيڪل ڊيموڪرئٽڪ پارٽي" قائم ڪئي هئائين ۽ پنهنجي هفتيوار "Independent india" ۾ اسٽالن خلاف ڪيترائي مضمون لکيا هئائين، جي مون ڪاليج جي زماني ۾ پڙهيا هئا, ان ڪري مون کي اسٽالن جي باري ۾ پنهنجا شڪ شبها هئا ۽ ان ڪري مان اهو هر ڪتاب پڙهندو هوس، جنهن ۾ اسٽالن جي جبر جي ڪائي نه ڪائي شڪايت هوندي هئي. اُها شڪايت هاڻي صحيح نڪتي آهي ۽ "ماسڪو نيوز" ۾ ڪن ڪن مضمونن ۾ اسٽالن کي Monster ڪوٺيو ويو آهي ۽ ان ڪري تاريخ منهنجي سوچ صحيح ثابت ڪئي آهي، جنهن جو اظهار مون پنهنجي نثر ۾ ڪيترو وقت اڳي ڪيو آهي. بهتر آهي ته هتي انقلاب کان پوءِ روسي ادب جي اُپٽار ڪريان ۽ ادب ۽ فن

تي اسٽالن جي انهن بي انتها زيادتين جو ذڪر ڪريان. اِن ۾ سنڌ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پلائي آهي ته بين الاقوامي تاريخ ۾ پنهنجون ڪمزوريون پليءَ پٽ جاڻي ۽ پنهنجي اصلاح ڪري، ۽ وري شخصيت پرستيءَ (Clut of personality) ۾ اعتبار نه ڪري.

غالباً 1948ع ۾ مون هڪ ڪتاب پڙهيو هو Out of the Night اهو ڪتاب ڊاڪٽر مهڪريءَ منهنجي دوست شيخ عبدالستار کي پڙهڻ لاءِ ڏنو هو جو هاڻي هاءِ ڪورٽ ۾ ائڊيشنل ائڊووڪيٽ جنرل آهي. ان وقت اسان ٻئي ڪراچيءَ ۾ گڏ رهندا هئاسين. شيخ عبدالستار ترقي پسند اديب هو ۽ هن ڪهاڻي ”حليما“ لکي هئي، جا گوبند مالهيءَ ”ريگستاني ڦول“ ۾ شايع ڪئي هئي. عبدالستار وري اُهو ڪتاب مون کي پڙهڻ لاءِ ڏنو هو. اهو ڪتاب هئمبرگ جي سي مين (خلاصين) جي سيڪريٽريءَ جو لکيل هو ۽ اُن ۾ ڏيکاريل هو ته هن ڪميونسٽ پارٽي ڇو ڇڏي ۽ هن ۽ هن جي زال سان ۽ ٻين ساٿين سان، جي اسٽالن جي خلاف هئا، ڪيڏا ويل وهايا ويا. ڪتاب پڙهي منهنجي لونءَ لونءَ ڪانڊارجي وئي هئي. مان تصور به نه ٿي ڪري سگهيس ته اسٽالن ايترو ديوانگيءَ جي حد تائين ظلم ڪري ٿي سگهيو. مون ڪتاب کي سامراجي پروپئگنڊا سمجهيو. جيتوڻيڪ تحرير ۾ ايتري جذبات جي شدت هئي ۽ اها اهڙيءَ ريت مصنف جي دل جي گهراين مان ٿي نڪتي، جو مون کي اُها ڪوڙي نه ٿي لڳي. ڪافي سال پوءِ مون برٽش ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميمبر رجني پام دت جو ڪتاب ”دي انٽرنيشنل“ پڙهيو، جنهن ۾ به اهڙيءَ حيرت انگيز ڳالهه جي تائيد ڪئي وئي هئي ته ”اسٽالن به ملين مخالف مارايا هئا ۽ تاريخ کي اجا هن تي فتويٰ ڏيڻي هئي ته انهيءَ قتل و غارت جي باوجود، اسٽالن هڪ عظيم رهنما هو يا نه.“ اهڙيءَ طرح مون انگلينڊ جي روزاني ڪميونسٽ اخبار ”ڊيلي ورڪر“ جي ايڊيٽر، ڊگلس هائيڊ، جو ڪتاب I believed پڙهيو، جنهن به ساڳيا تاثرات ڏنا هئا. ٻئي هڪ مشهور ڪتاب God That Failed ۾ عظيم مصنفن، رومين رولان، آندري پيد،

وغيره جا بہ اهڙا ئي خيال هئا. آمريڪا جي مشهور ناول Spartacus ۽ ٻين ناولن جي مصنف, هاورڊ فاسٽ, جڏهن پارٽي ڇڏي تہ ان جا پنهنجي ڪتاب (نالو ياد نہ آهي) ۾ جي سبب ڏنائين, تن بہ اسٽالن جي باري ۾ ذهن تي ڪو خوشگوار تاثر نہ ڇڏيو. 1948ع ۾ منهنجو هڪ دوست هو, موسيٰ بامجي, جنهن سان ۽ جنهن جي ڪرستان محبوبہ روز (Rose) سان ڪراچي ڪافي هائوس ۾ ملاقاتون ٿينديون هيون. هو ٽراٽسڪائيٽ هو ۽ ان زماني ۾ ترقي پسند دنيا ۾ ٽراٽسڪيءَ جو پوئلڳ هجڻ جهڙي وڏي گار ڪا نہ هئي. اهڙي ماڻهوءَ کي غداري ۽ آزاديءَ کان پوءِ انگريز سامراج جو ايجنٽ سمجهيو ويندو هو. هن مون کي ٽراٽسڪيءَ تي ڪيترائي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا. جڏهن مون ٽراٽسڪيءَ جو ڪتاب "ڪميونسٽ انقلاب جي تاريخ" پڙهيو تہ منهنجا ڪپاٽ کلي ويا. ڇا تہ انقلابين جي ڪردار نگاري هئي اُن ۾! تاريخ جو اهڙو ڪتاب مون اڳ ڪڏهن بہ نہ پڙهيو هو. مون ٽراٽسڪيءَ جا ٻيا بہ ڪتاب Permanent Revolution اسٽالن سان جهيڙي متعلق ڪتاب پڙهيا. منهنجي عمر اڃا چوويهہ سال هئي ۽ ان ساري تنازعي متعلق ڪوئي قطعي فيصلو ڪرڻ منهنجي مطالعي ۽ فهم کان بعيد هو, پر منهنجي من ۾ جي وسوسا ايم. اين. راءِ جي مطالعي پيدا ڪيا هئا, سي وڌيڪ مضبوط ٿيا ۽ مخدوم محي الدين وانگر مان اسٽالن کي قافلي سالار سمجهڻ کان انڪار ڪيو. مان هڪ اديب هوس ۽ انقلابي سياست ۾ گهٽ ملوث هوس, پر پوءِ بہ منهنجا گهرا دوست گهڻو ڪري ڪميونسٽ هئا, جي اسٽالن کي پير و مرشد سمجهندا هئا ۽ هن جي شان ۾ گستاخي وڏي ۾ وڏو گناهہ سمجهندا هئا. خود سوڀي بہ ڪجهہ وقت اڳ مون کي ٻڌايو تہ هو ٽراٽسڪيءَ کي ڪنهن حد تائين صحيح سمجهندو هو پر پارٽي ميمبر جي حيثيت ۾ اُها ڳالهہ چئي نہ سگهندو هو. ڪيئن بہ هو, مون پنهنجن دوستن کي ناراض ڪرڻ نہ ٿي چاهيو ۽ اسٽالن جي باري ۾ چپ چٽي ڳالهائيندو هوس. پر پوءِ منهنجي مطالعي اها ڳالهہ مون تي چٽيءَ طرح ظاهر

ڪئي تہ اسٽالن فن ۽ ادب جو ناس ڪندڙ هو ۽ هن شاعر ۽ اديب کان تحرير جي آزادي ايتري کسي هئي، جيتري زار بہ نہ کسي هئي. زار بہ دوستو وسڪيءَ کي گولي هڻڻ کان ٿورو وقت اڳ اُن سزا جي معافيءَ جو اطلاع ڏنو هو. بهتر آهي تہ مان انقلاب کان پوءِ سوويت ادب جي تاريخ ۽ اسٽالن جي دور ۾ اديبن ۽ شاعرن تي جبر و ستم جو تفصيلي احوال ڏيان، جو مون مختلف ڪتابن جي مطالعي مان هٿ ڪيو آهي.

انقلاب کان پوءِ 1920ع تائين، سوويت ادب انقلاب کان اڳ وارين تحريڪن کان متاثر رهيو هو ۽ ڪوئي بہ ادب جو نئون نمونو (Style) نہ اُڀريو هو. جنهن جون جڙون علامت پسندي * (Symbolism)، مستقبل پسندي ** (Futurism) ۽ اڻويهين صديءَ واري حقيقت

---

* علامت پسندي (Symbolism) اڻويهين صديءَ ۾ آرٽ جي وڏيڪ فطري تصوير ڪشي (Naturalistic Representation) تي زور ڏنو ويو هو. پر علامت پسندن (Symbolists) کي اها ڳالهہ پسند نہ هئي تہ فطرت (Nature) جو نقل پيش ڪيو وڃي انهن آرٽ کي ڪنهن تصور جي اظهار جو ذريعو بڻايو جنهن ۾ انهن پنهنجي ڪلپنا کي روپ ڏنو. مشهور فرينچ مصور، پال گوگن (Paul Gauvguin) فطري تصوير ڪشيءَ کان ڪناره ڪشي ڪئي ۽ اها ڳالهہ هن جي فن پارن مان ظاهر آهي، جي هن تهتيءَ (Tahiti) ۾ بڻايا ۽ جن ۾ هن پراچين جيوت جي سرلائيءَ ۽ سادگيءَ جا چتر ڪڍيا هئا. اُن تحريڪ تخيل کي روپ ڏنو ۽ ٻاهرين هيئت (Form) جي پرواهہ نہ ڪئي. اها تحريڪ شاعريءَ تي بہ اثر انداز ٿي ۽ خاص ڪري فرينچ ۽ روسي شاعريءَ تي مون اهڙي شاعريءَ جا ڪجهہ مجموعا پڙهيا آهن. رامبو (Rimbaud)، ميلازمي Mallarme ۽ ٻيا فرينچ شاعر علامتن (Smybols) کي هڪ مٿاهينءَ ۽ اڻ ڏٺل حقيقت جي اظهار لاءِ ڪم آڻيندا هئا. اردو شاعر، ميراجي، علامت پسنديءَ کان شعوري طور متاثر هو ۽ هن پنهنجي ڪتاب "ديس ديس کي نظمين" ۾ رامبو ۽ ميلازمي جا ڪامياب منظوم ترجما ڏنا آهن.

ويهين صديءَ ۾ اُن تحريڪ انهيءَ آرٽ جي پيش روي ڪئي، جنهن فطري تصوير ڪشيءَ کان ڪنارو ڪيو.

** مستقبل پسندي (Futurism) اِها اطالوي تحريڪ هئي، جنهن جو افتتاح شاعر مئرينيٽي (Marinetti) 1909ع ۾ پئرس ۾ ڪيو هو. اُن تحريڪ ڪيئي پڌرناما شايع ڪيا هئا، جن ۾ چيو ويو هو تہ ان تحريڪ جو مقصد جديد زندگيءَ جي مزاج (Spirit) جو اظهار هو. جديد زندگي، جنهن کي فولادي عزم هو. تپش هئي، فخر هو ۽ انڌا ڌنڌ تيز رفتاري هئي. اُن نہ رڳو آرٽ، شاعريءَ ۽ ٻئي ادب پر فن تعمير (Architecture) تي بہ اثر وڌو. روسي شاعري اُن کان ڏاڍو متاثر هئي. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان ڪجهہ سال پوءِ اُها تحريڪ ختم ٿي وئي.

نگاري(Realism) نہ هيون.

شاعرن جي زندهہ اڪثريت جون ساڳيون روايتون هيون. الڪساندر بلوڪ (Alexander Blok)، آندريئي بيلي (Anderi Bely) (جنهن جو ناول "پيٽر سبرگ" مون کي ڏاڍو وڻيو آهي) وغيره، علامت پسنديءَ سان واسطو رکندا هئا، ۽ ولاديمير ماياڪوفسڪي ( Vladimir Mayakovsky) ۽ بريس پاسترناڪ (Boris Pasternak) مستقبل پسنديءَ سان. نثر ۾ مئڪسم گورڪي، اليڪساندر سيرافيمو وچ (Alexander Serafimovich) وغيره حقيقت نگاريءَ جي روايت تي عمل پيرا رهيا. 1921ع ۾ هڪ تحريڪ اُڀري، جنهن نظرياتي پابندين ۽ روايتي حقيقت نگاريءَ مان آزادي حاصل ڪئي. اُن ڏس ۾ ايوگيني زمياتن (Yevgenizamyatin) جو ناول ۽ ڪهاڻيون اهميت واريون هيون. زمياتن جو ناول (We) روس کان ٻاهر غالباً 1920ع ۾ ڇپيو هو ۽ پينگئن ماڊرن ڪلاسڪس (Penguin Modern Classics) پاران اُن جو ترجمو ٽيون ڀيرو 1983ع ۾ شايع ٿيو آهي، ۽ هن جون ڪهاڻيون The Dragon and other stories جو پيو ڇاپو بہ ساڳئي سال ۾ شايع ٿيو آهي. زمياتن 1905ع ۾ سينٽ پيٽرسبرگ ۾ ڪيئي مهينا جيل ۾ قيد تنهائيءَ ۾ رکيو ويو هو. 1906ع ۾ هن کي شهر بدر ڪيو ويو هو پر 1906ع کان 1911ع تائين هو روپوش رهيو هو. 1911ع ۾ هن کي شهر نيڪالي ڏني وئي. 1913ع ۾ هن کي معافي (Amnesty) ملي. هو پوءِ انگلنڊ هليو ويو ۽ 1917ع جي انقلاب کان پوءِ موٽي آيو ڇو تہ هو بالشويڪ پارٽيءَ ۾ هو. گورڪيءَ جي مدد سان هن کي سرڪاري ملازمتون بہ مليون. جيتوڻيڪ زار جي زماني ۾ هن جا ڪتاب بندش هيٺ آندا ويا هئا. 1920ع ۾ "We" جي اشاعت کان پوءِ هو عتاب هيٺ آيو ۽ 1931ع ۾ گورڪيءَ جي سفارش تي اسٽالن هن کي روس ڇڏي وڃڻ جي اجازت ڏني. 5 سالن کان پوءِ هو پئرس ۾ مري ويو We ۾ زمياتن، انهيءَ مستقبل جي ڀوائتي خواب جو تصور ڏنو آهي، جڏهن هڪ مطلق العنان (Totalitartian State) رياست ۾ انسانن کي نالا نہ

هوندا. رڳو انهن جا نمبر هوندا. ڪتاب مطلق العنانيت خلاف بغاوت آهي. اهو ڪتاب جارج آرويل جي ڪتاب 1984ع ۽ ائلڊوس هڪلسي (Aldous Huxley) جي ناول Brave New world جو پيش خيمو آهي. هن جي ڪهاڻيءَ ”اجگر“ (Dragon) ۾ هڪ ماڻهوءَ جو يونيفارم گم ٿي ويو آهي ۽ هن پاڻ کي بندوق سان اجگر ۾ بدلايو آهي، ۽ ٻيءَ ڪهاڻيءَ ”غار“ ۾ پيٽرسبرگ جو شهر تاريخ کان اڳ جو برفاني صحرا ٿي پيو آهي. زمياتن، اسٽالن واري دور ۾ چڙهه ڪفر جو مرتڪب هو پر هن ۾ ڪافي تصور، طنز مزاح، بذلہ سنجي ۽ شاعري آهي. روس جا ڪجهہ اهم نثر نويس ميخائيل زوشينڪو ڪانتسٽائن فيڊن ۽ وينيامن ڪئويرن (Veniamin Caverin) زمياتن جي ٽولي ۾ شامل هئا ۽ ٽولي کي ”سيراپيين ڀائر“ (Serapion Brothers) چيو ويندو هو. پر ڪجهہ سال پوءِ انهن اديبن جي غير سياسي پروگرام کي پارٽيءَ جي تنقيد نگارن ننديو ۽ اُن ۾ شريڪ اديب انقلاب جي ٻئي ڍاڪي ۾ ٽڙي پکڙي ويا. 1920ع ۾ ٻيا نقاد پيدا ٿيا، جن جو مُک شڪلوفسڪي (Shklo vsky) هو. جن ادبي تخليق جي فني ۽ هيئتي (Formal) پهلوءَ کي اوليت ڏني ۽ ان جي مواد ۽ پيغام کي ثانويت. پر چاڪاڻ جو اُها ڳالهہ رسو جي روايتن جي خلاف هئي، ان ڪري ان جو رد عمل نهايت شديد ٿيو خاص ڪري حڪومت جي دائرن ۾، جن لاءِ رڳو اديب جي پيغام کي اهميت هئي. 1927ع ۾ جيستائين اها تحريڪ بہ ٽڙي پکڙي وئي، تيستائين اُها نون اديبن کي اُتساهيندي رهي ۽ تنقيد اوک ڊوک جو ذريعو هئي. ساريون تحريڪون، جن کي جماليات جي نون طرزن (Aesthetic Innovations) جون دعوائون هيون يا تہ پاڻ ئي ٻي جان ٿي ويون يا دٻايون ويون. ڪي ٻاهرين رجحانن جي اثر هيٺ رهيون ۽ ڪي وري انقلاب کان اڳ وارن رجحانن کي نئين سر زندھ ڪري اُڀاري رهيون هيون. انهن ۾ ڪا خاص تخليقي سگهہ نہ هئي، پر اهي صرف انقلاب کان پوءِ انهن حالتن سان ڇتي جدوجهد ڪري رهيون هيون، جن ۾ دانش ۽ فن جا اُهي مظاهرا دٻايا ويا، جي بورجوازيءَ جي

سهپ سبب ڪنهن بندش هيٺ نہ هئا. تصوريت (Imaginism) جي تحريڪ انگريز تصور پسندن (Imagists) کان متاثر ٿي هئي پر 1927ع تائين پنهنجو پاڻ ختم ٿي وئي. اُن تحريڪ شاعريءَ ۾ تصور کي اوليت ڏني. ان جو ٻيو موضوع تيزيءَ سان وڌندڙ شهرن ۾ فرد جي تنهائي ۽ تباهي هئي. مشهور شاعر سرگئي ييسينن (Sergei Yesenin) ان تحريڪ سان وابستہ هو. ٻي اهم تحريڪ تعميريت (Constructionism) هئي. ان ۾ مستقبل پسنديءَ وانگر جديد ٽيڪنالاجيءَ جي پرستش هئي ۽ ان ۾ پانيو ٿي تہ هڪ نظم بہ هڪ تعمير هئي، ۽ ان کي ايئن ئاهڻو هو جيئن هڪ انجنيئر پنهنجي ڊرائنگ بورڊ تي ڊزائين ڪيندو آهي.

اهي اديب ۽ شاعر مستقبل پسندن (Futurists) سان مقابلو نہ ڪري سگهيا. جن جي اڳواڻي مشهور انقلابي شاعر ماياڪوفسڪي ڪري رهيو هو ۽ جن کي انقلاب سان مجاهدانہ سپردگي ( Militant Commitment) هئي. ماياڪوفسڪيءَ جي تحريڪ کي (Left front of arts) LEFA چيو ويندو هو. سوويت لٽريچر ۽ روسي ادب کان مختلف هو ڇو تہ ان جي وابستگي ان تاريخي، سياسي ۽ سماجي تبديليءَ سان هئي، جا آڪٽوبر انقلاب آندي هئي. اديب، سماج ۽ رياست جي تعلقات ۾ بہ انقلاب اچي چڪو هو پر 1918ع کان 1929ع تائين سوويت يونين جي ادبي زندگيءَ ۾ اِها خاص ۽ سڌي دست اندازي نہ هئي. جا ان کان پوءِ ڪئي وئي. 1923ع ۾ عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل (Council of peoples Commissars) وري وجود ۾ آندي وئي، پر اها پنهنجي پيش رو ڪائونسل کان مختلف هئي، جا زار جي زماني ۾ ڪم ڪندي هئي ۽ ان ڪنهن کي اهڙيءَ ڳالھ لکڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو جنهن ۾ هن جو اعتبار نہ هو. جولاءِ 1925ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ ٺهراءُ بحال ڪيو تہ ادبي حلقن جي جهيڙي ۾ نہ پوڻ گهرجي ۽ انهن جا فيصلا نہ ڪيا وڃن. ان وقت اناتولي ليوناڪارسڪي (Anatoli Luncharsky) ثقافتي ڳالهين

جو نگران هو ۽ ڪافي بالشيوڪ رهنما، لينن، ٽراٽسڪي، بخارن وغيره پاڻ بہ عظيم دانشور هئا ۽ جيتوڻيڪ انهن کي پنهنجن اڪثر همعصر دانشورن لاءِ نفرت هئي، تڏهن بہ انهن اِها ڳالهہ تسليم ڪئي هئي تہ تخليقي عمل (Creative Process) تي انتظامي ضابطو نہ هوندو آهي. اِهو بہ چئي ڇڏيو هو تہ اڪثر اهڙي معاملي ۾ ضابطو نيڪ نہ هوندو آهي. اِهو بہ چڻ طئي ڪيو ويو هو تہ آرٽ توڙي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي معاملي ۾ انقلاب کان اڳ جا طورطريقا اختيار ڪيا ويندا. هر هاري ۽ ڪارخاني-مزدور راتوواهيءَ انجنيئر، اديب ۽ مصور نہ ٿي سگهندا. ان دور جو ادارو پرولي ڪلٽ (Prolecult) جيتوڻيڪ اهڙي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ ڪسانن ۽ مزدورن ۾ تيزيءَ سان شاعر ۽ ناول نويس پيدا ڪيا وڃن. پر حڪومت جي اهڙيءَ مهم جي پارٽيءَ مخالفت ڪئي هئي ۽ 1923ع ۾ اُها مهم ختم ڪئي وئي هئي. مستقبل پسندن (Futurists) ۽ علامت پسندن (Symbolists) جي اصطلاحن ۾ ايئن نظم لکيا ٿي ويا، جيئن فيض احمد فيض جي محاورن کي استعمال ڪندي اردوءَ ۾ ترقي پسند شاعرن نظم لکيا آهن. جن جو اثر رڳو اردوءَ جي پڙهيل ڳڙهيل وچولي طبقي جي نهايت ٿورڙي حصي تي ٿيو آهي. مون کي ڪنهن دوست ٻڌايو هو تہ پاڪستان جي ڪسان ڪانفرنس ۾ خود فيض جڏهن نظم پڙهيو هو تہ اڪثر ٻڌندڙ وائڙا ٿي ويا هئا تہ هي ڪهڙي ٻولي ڳالهائي رهيو آهي. ان جي برعڪس مون جڏهن سن سائين جي. ايم. سيد جي سالگره ۾ پنهنجي آپيرا ”دودي جو موت“ پنجاهہ هزارن کان وڌيڪ ماڻهن جي روبرو پڙهي هئي تہ سيئي سڄو وقت ماٺ سان ٻڌندا رهيا هئا ۽ جڏهن اها پوري ٿي هئي تہ ڪافي دير پنڊال تاڙين سان گونجندو رهيو هو. جڏهن محفل برخواست ٿي هئي، تڏهن اي . ڪي بروهيءَ مون کي چيو هو تہ ”اياز! ان ۾ سنڌ جي روحانيت تہ نظر نہ آئي.“ تنهن تي علي محمد شاهہ راشديءَ هن کي چيو هو تہ ”بروهي صاحب! مون برصغير ۾ ڦهريون پيرو حواس باختہ ڪندڙ شاعري ٻڌي آهي.“ ۽ پوءِ خانبهادر کهڙي ڏانهن منهن ڦيرائي

پڇيو هئائين: ”خانبهادرا آچئي ٿو سمجهه ۾ ته سنڌ ڪيڏانهن وڃي رهي آهي“ کهڙو ڦڪي ڪل ڪلي چپ ٿي ويو هو. اردوءَ جي ترقي پسند شاعريءَ وانگر، روس ۾ انقلاب ۽ مشين تي نظم، اجتماع (Collective) ۾ ذات جي انحراف (Depersonalizatin of man) جي ڪوشش ۽ پراڻيءَ تهذيب سان شدت پسنديءَ سان قطع تعلق، اهي سڀ ڳالهيون گوشت پوست واري ڪسان ۽ مزدور ڪي نه آئڙيون، اديبن ۽ شاعرن مان تمام ٿورا پيدائشي پرولتاري هئا، مثلاً ميخائيل گيراسيموف، وئسلي ڪازن ۽ ولاديمير ڪرلوف، پر انهن ڪان به وڌيڪ جهڳڙالو نظريي ساز (Theoritician) هو اليڪسي گئستوف، جو هڪ اسڪول ماستر جو پٽ هو.

جيئن سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۽ صنعتي انتظام ۾ پارٽيءَ ڪي، انقلاب جي اوائلي دور ۾، بورجوا ماهرن تي مدار ٿي رکڻو پيو، تيئن آرٽ ۽ ادب ۾ به انهن اديبن سان اشتراڪ ڪرڻو پيو، جن جي ڪمٽمينٽ (Commitment) ڪنهن سان ڪا نه هئي ۽ جن ڪي ”همسفر“ (Fellow Travllers) چيو ويندو هو. اُهي فني سچائيءَ ڪي سياسي لحاظ ڪان نه ڏسندا هئا ۽ نظرياتي معاملن ۾ اعتبار جوڳا نه هوندا هئا ۽ انهن جي سوچ ويچار ۾ ٻڏتر هوندي هئي. 1920ع واري ڏهاڪي جي آخر تائين، جڏهن اسٽالن پنهنجن سياسي حريفن ڪي شڪست ڏني، پارٽيءَ جي بنيادي پاليسي اها هئي ته اديبن ڪي انقلاب جي نصب العين ڏانهن راغب ڪيو وڃي ۽ انهن ڪي سماجي ۽ سياسي لحاظ سان ساٿي بڻايو وڃي ۽ نه پارٽيءَ جي اوٽ تي هلڻ وارا Conformists، انهن مان ڪن ته واقعي فني خوبصورتيءَ سان گڏ انقلابي ادب به ڏنو هو جنهن سان پارٽيءَ جو ڏورانهون مقصد پورو ٿي ٿيو. 1920ع واري ڏهاڪي جو سوويت ادب، جو مالا مال ۽ طرح طرح جو آهي، اُن ڏهاڪي ڪان پوءِ واري ادب وانگر نه آهي.

ڪيترن شاعرن ته آڪٽوبر انقلاب جي نه رڳو مدح سرائي ڪئي، پر اُن تي نعتيه ڪلام به لکيا. علامت پسند الڪساندر بلوڪ

مشهور نظم ”ٻارهن“ (Twelve) لکيو ۽ انقلاب کي يسوع جي آمد سان پيش ڪيائين. بيلي (Beli) بہ ساڳيءَ طرح لکيو. سر گيئي يسينين (Sergei Yesinian) (جنهن جو پشڪن کان پوءِ روسي شاعريءَ ۾ ايئن درجو آهي، جيئن سنڌي شاعريءَ ۾ شاهہ لطيف کان پوءِ سچل سرمست جو آهي) بالشيوَڪن جي تصور کي نهايت غلط سمجهيو ۽ ڀانيو تہ هو ڪا ديہاتي يوتوپيا (Rural Utopia) ٺاهي رهيا آهن، جنهن ۾ ڪوئي آفاقي سمجهوتو ٿي ويندو ۽ انسان ذات ۾ ڀائپي ۽ پيار اچي ويندو. رڳو ماياڪوفسڪي ئي انقلاب جي صحيح اهميت سمجهي سگهيو. 1917ع ۾ ئي هن چيو تہ ”سوشلسٽن جي عظيم بدعت (Heresy) اڄ سچي ثابت ٿي رهي آهي ۽ اهڙي حقيقت ٿي چڪي آهي، جا اڳ نہ ڪڏهن ٻڌي وئي نہ ٻڌي وئي.“ هو اهڙيءَ ڳالهہ کي روحاني بڪواس سمجهندو هو تہ تاريخ جي عظيم ردو بدل ۾ ڪوئي خدا جو هٿ آهي. هن پنهنجي هڪ طنزيہ ناٽڪ ۾ ڏيکاريو تہ:

Entry in The proletarian kingdom is forbidden to the poor in spirit" and granted only to him who has calmly planted a kinfe into the enemy's body and walked away with a song."*

هن وقت تائين سوويت ايامڪاريءَ ۾ انقلاب کي ماياڪوفسڪيءَ**

---

* ”پرولتاري سلطنت ۾ ”اندر ۾ ويچاري“ جي داخلا بند آهي ۽ رڳو ان کي اچڻ جي اجازت آهي، جو ماڻ ميٽ سان دشمن جي بدن ۾ چاقو کپائي، گيت ڳائي، رمندو ٿو رهي.“
نوٽ: مسيحيت موجب خدا جي سلطنت ۾ داخلا رڳو ”اندر ۾ ويچاري“ کي آهي.

** ماسڪو ۾ پيڪنگ هوٽل ۾ لٿل هوس، جو ”ماياڪوفسڪي اسڪوائر جي سامهون آهي. هوٽل جي سامهون ماياڪوفسڪيءَ جو ديوپيڪر بت آهي، جو ڪاري پٿر (سنگ اَسود) مان ٺاهيو ويو آهي. ماياڪوفسڪيءَ جي بت هيٺان منهنجو ۽ منهنجي گائيڊ اِرينا جو فوٽو نڪتل آهي، جو منهنجي البم ۾ آهي. اِرينا 25 ورهين جي نهايت ذهين روسي ڇوڪري هئي، جا مون سان اتڪل ڏهاڪو ڏينهن گڏ هئي پر ايئن ٿي لڳو تہ اسان صدين کان آشنا آهيون. گيتا کان پوءِ اهڙي پرديسي همسفر مون کي نہ ملي آهي. انهيءَ کان مون پڇيو هو تہ ماياڪوفسڪيءَ آپ گهات ڇو ڪيو؟ هو تہ انقلاب جو شاعر هو ۽ هن کي زندگيءَ سان بيحد محبت هئي؟ اِرينا جواب ڏنو هو تہ ”هو ساڳئي وقت ٽن عورتن سان عشق ڪندو هو. لليا (Lilia)، آسپ برڪ (Osip Brik) هڪ ٽين عورت (نالو وسري ٿو وڃي) جا انقلاب کان پوءِ فرانس لڏي وئي هئي. هو ٽنهي مان چونڊ ڪري نہ سگهيو تہ

ڪان بهتر ڪوئي ساٿي نہ مليو آهي.

فقط ماياڪوفسڪي ئي اهڙو شاعر هو جنهن جي شاعريءَ ۾ پنهنجي دور جي صحيح عڪاسي آهي ۽ اسٽالن کي وزني سبب هو جو هن ماياڪوفسڪيءَ کي سوويت دور جو عظيم ترين شاعر ڪوٺيو هو.

سوويت ادب جو اوائلي دور نهايت چڱو هو ۽ انقلاب جي باري ۾ اهڙا نظم وري نہ لکيا ويا آهن، جن ۾ آندل جذبا سچا آهن شاعر جي روح مان نڪتا آهن، جيتوڻيڪ روسي اديبن ۾ آڪٽوبر انقلاب جا

---

کهڙيءَ سان گذارو ڪري ۽ ان ڪري تنتي پيو ۽ آپگهات ڪيائين.“ مون ارينا کي ٻڌايو تہ لکنو جو نواب واجد علي شاهہ تہ نہ رڳو نواب هو پر شاعر بہ هو. هن کي ”اخترپيا“ ڪوٺيو ويندو هو ۽ هن جي حرم سراءِ ۾ ٽي سئو عورتون هيون ۽ هن جا ٽنهي سون سان جنسي تعلقات رهيا هئا. ان تي اِرينا ڏاڍو کلي هئي ۽ چيو هئائين: ”توهان مشرقي ماڻهو بہ عجيب آهيو! تون ساڳئي وقت گهڻن سان عشق ڪندو آهين؟“ مون هن کي چيو هو تہ ”مان هڪ ئي وقت فقط هڪ عورت سان محبت ڪري سگهندو آهيان. رڳو هڪڙي پيري ساڳئي وقت بہ عورتون منهنجيءَ زندگيءَ ۾ آيون هيون، پر انهن مان بہ هڪڙيءَ سان منهنجو Platonic Love هو ۽ هاڻي انهيءَ جي سار مون کي ڏاڍو ستائيندي آهي.“ اِن تي ارينا چيو هو: Unrequited Love ايئن ئي ٽيندو آهي.“ تازو جولاءِ 1988ع ۾ اسپيوتنڪ (Sputnik) جي پرچي ۾ ماياڪوفسڪيءَ جي ٻن عشقن جي باري ۾ مضمون آيو آهي تہ مياڪوفسڪيءَ، جو نهايت خوش اخلاق انسان هو ڪيئن هڪ پرڻيل عورت سان عشق ڪيو ۽ هن تي ڪيئن زور آندائين تہ پنهنجي مڙس کي ڇڏي، هن سان شادي ڪري، توڙي هن جو مڙس سندس اديب دوست هو ڪيئن هن جي ٻڌتر تي هو پنهنجن پيانڪ ويچارن ۾ ويڙهجي ويو ۽ پوئين ڏينهن جڏهن هوءَ ماياڪوفسڪيءَ جي گهر مان نڪتي مس هئي تہ مياڪوفسڪيءَ پاڻ کي گوليءَ سان پورو ڪري ڇڏيو هو ۽ هن موٽي اچي رت ۾ لوئيل لاش ڏٺو هو.

روسي ادب تي هيءَ زير نظر مضمون، منهنجي سون ڪتابن جي ذاتي مطالعي، ارينا سان بحث، خاص ڪري پاسترناڪ ۽ سولزي نٽسن تي ۽ روسي ادب جي انگريزيءَ ۾ عظيم مترجم مئڪس هيورڊ (Max Hayward) جي مطالعي جو نتيجو آهي، جنهن نہ رڳو ڊاڪٽر زواگو جو ترجمو ڪيو آهي پر روسي شاعر مينڊلستام جي شاعريءَ جو ۽ هن جي زال، ناديزدا، جو مينڊلستام جي زندگيءَ تي لکيل ٻن جلدن جو، آندريئي مينا وسڪيءَ جي ناول، شاعره اخمتووا ۽ شاعر وزنيسنسڪي جي نظمن ۽ ڪجهہ ٻين جي تخليقن جا ترجما ڪيا آهن. روسيءَ ۾ اِهي ڪتاب اسٽالن جي موت کان پوءِ ۽ خاص ڪري هاڻي ساهہ سان سانڍيا وڃن ٿا. اِهي سارا ترجما مون ڪيترو وقت اڳي پڙهيا آهن ۽ مون اجا تائين ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ اهڙا چڱا ترجما نہ پڙهيا آهن.

مداح پوءِ بہ ڪيترائي هئا. سوويت يونين جي عظيم شاعر آئنا۔ اخمتووا جي پهرئين مڙس، نڪولائي گوميلاف، کي انقلاب دشمنيءَ سبب گولي هڻي ماريو ويو هو ۽ انڪري اخمتووا شروع ۾ ئي انقلاب کي مشڪلاتن جو پيش خيمو سمجهيو هو جنهن ۾ ”شاعري هڪ بکئي پينوءَ وانگر ڏارين جا در کڙڪائيندي رهندي، جي کُلي نہ کلندا“ شاعرُ آسپ مينڊلستام بہ، جنهن جي گوميلوف ۽ اخمتووا سان دوستي هئي، نئين نظام سان نڀي نہ سگهيو. بورس پاسترناڪ ( Boris pasternak) کي آڪٽوبر 1917ع کان وٺي ئي انساني فطرت ۾ خاص ڦيري جي اُميد نہ هئي، جا ڳالهہ هن ڪيترو وقت پوءِ پنهنجي نوبل انعام يافتہ ناول ”ڈاڪٽر زواگو“ ۾ ڪئي آهي. ڪيترن ئي روسي اديبن اِوان بيونن (Ivan Bunin) جنهن جي ڪهاڻين جو انگريزي ترجمو Gent Leman from sanfrancisco and Other stories مون ويجهڙائيءَ ۾ ئي پڙهيو آهي، آليڪسي ريمي زوف، دمتري ميريزڪو فسڪي تہ ملڪ ئي ڇڏي ويا. آليڪساندر ڪُپرن ( Alexander Kuprin) ★ ۽ ڪجهہ ٻيا ڪجهہ وقت لاءِ ملڪ ڇڏي ويا ۽ پوءِ موٽي آيا. هڪڙي ناول ۾ اِليا اهرنبرگ ڇٽر ڪندي چيو آهي: ”بالشيوڪ زندانَ بورجوازيءَ جي زندانن کان مختلف نہ هوندا.“ جڏهن لينن ( New Economic Policy (NEP) پيش ڪئي تہ اهي اديب جديد تاريخ ۽ نئين سماجي حقيقتن تي ڪجهہ غير جانبداريءَ سان سوچڻ لڳا. بلوڪ 1921ع ۾ مري ويو ۽ ان کان اڳ ۾ ئي ”انقلاب جي آواز هن جي ڪنن ۾ ٻُرڻ ڇڏي ڏنو هو.“ يسينين 1925ع ۾ آپگهات ڪيو (ڪجهہ وقت اڳ يسينين جي زندگيءَ تي روسي ڪتاب جو انگريزي ترجمو مون وٽ پهتو آهي، پر مان اهو ڪتاب پورو پڙهي نہ سگهيو آهيان ۽ نہ

★ اليڪساندر ڪُپرن جو ڪتاب Yama the pit مون تڏهن پڙهيو هو جڏهن سياسي حالتن منهنجي اندر کي چور چور ڪري وڌو هو ۽ مون ڪجهہ عرصي لاءِ شراب ۾ ٻي راهہ رويءَ ۾ پناهہ ورتي هئي. ان وقت اهو ڪتاب مون کي ڏاڍو وڻيو هو. ان دور ۾ مون کي ئي ڦيرا خودڪشيءَ جو خيال بہ آيو هو. اهو فرار جو دور هو ۽ ان مان منهنجو صحيح سلامت نڪري اچڻ، هڪ ناول جو چڱو موضوع ٿي سگهي ٿو.

تو چئي سگهان تہ ان ۾ هن جي آپگهات جا کهڙا سبب ڏيکاريا ويا آهن) رڳو ماياڪوفسڪي ئي انقلاب جي رزمي شاعريءَ ۾ پنهنجي دلچسپي برقرار رکي سگهيو ۽ هن جي تخليق پوٽي نہ پئي. 1920ع جو چڱو نثر ڏسبو تہ ان ۾ انقلاب سان ڪا واضح ڪمٽمينٽ نظر نہ ايندي. جڏهن مون اِساڪ بيبل (Isaac Babel) جون ڪهاڻيون "Red Cavalry" پڙهيون تہ منهنجي دل خوشيءَ مان اُڇلون ڪائڻ لڳي. دنيا ۾ ٻن ماڻهن جي نثر مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو آهي. هڪ آهي يوناني ناول نويس ڪازان زاڪس ۽ ٻيو روسي ڪهاڻيڪار اساڪ بيبل. منهنجي نثر ۾ ڪٿي ڪٿي ڪنهن جا محاورا يا تشبيهون اچي وڃن ٿيون تہ اُهي آهن مٿين ٻن نثر نويسن جون. جن جو نثر مون کي ڏاڍو وڻيو آهي، ۽ اهو منهنجي وسيع مطالعي کي لاشعور جي تري ۾ ڇڏي، منهنجي ڪنهن ڪنهن تحرير ۾ اُن وقت اڀري آيو جنهن وقت مون وائيس چانسلريءَ واري دور جي چئن سالن جي خاموشيءَ کان پوءِ ٻهريون ٻيرو لکيو هو تہ مون کي لکڻ ۾ رنڊڪ ٿي هئي ۽ مان لفظن ۽ خيالن ۾ اها رواني پيدا نہ ڪري سگهيو هوس، جا مون "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۾ پيدا ڪئي هئي. مون ايئن ٻاڙ کي ڳُڏنگو محسوس ڪيو هو جيئن عقاب آسمان ۾ اُڏار کان پوءِ زمين تي گهمندي ٻاڙ کي ڳُڏنگو محسوس ڪندو آهي.

جڏهن 1926ع ۾ اساڪ بيبل جو مٿيون ڪتاب ڇپيو هو تڏهن مصنف تي الزام هنيا ويا هئا تہ هن عظيم انقلاب کان الڳ رهي ان جي واقعن کي ڏنو آهي. پر حقيقت ۾ ڏنو وڃي تہ بيبل جو مقصد ادبي هو ۽ نہ سياسي يا ناصحاڻو. هن روسي نثر کي نفسياتي حقيقت نگاريءَ جي جڪ مان ٻاهر ڪڍڻ تي چاهيو (ان قسم جي جڪ اڄڪلهہ سنڌ جا جدت پسند اديب ماري رهيا آهن. هنن جو نفسياتي تجزيو. منووگيانڪ ڇيد- ايترو ٻاراڻو آهي، جو مان هڪڙو صفحو پڙهي ڪتاب رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيندو آهيان) بيبل نثر ۾ ڏاڪٽي روس جو رنگ ڀرڻ تي چاهيو جو اُتر جي سرديءَ ۽ ان جي

جهڪي ۾ موڪي رنگ کان مختلف هو. هڪ هنڌ هو لکي ٿو: "ايئن ٿو لڳي تہ روسي ادب ۾ سورج جو سچو ورنن ڪٿي ڪيل نہ آهي." بيبل تنقيد کان پوءِ خاموش ٿي ويو هو. پوءِ بہ هن کي 1930ع ۾ گرفتار ڪيو ويو. رڳو بہ ٿي روسي اديب بيبل جي نثر جي زرڪاري ۾ روماني خوشبو کنهن حد تائين پنهنجي نثر ۾ آڻي سگهيا آهن. انهيءَ نثر ۾ بيحد انفراديت آهي.

Virgin Soil upturned,Quite flows the don

۾ "انسان جي مقدر" جي مصنف عظيم شولوخوف تي ٽالسٽاءِ جو اثر آهي، جيئن ٻئي سٺي ناول نويس فداييف (Fadayev) تي آهي. ليونوف (Leonov) بہ ان دور جو چڱو ناول نگار آهي، پر ان تي بہ دوستوفسڪيءَ جو اثر آهي. ٻين ناول نويسن پلنياڪ (Pilnyak) ۽ اِوانوف (Ivanov) پنهنجي انفرادي اسلوب لاءِ ڪوشش ڪئي، پر انهن ۾ ڪافي مصنوعيت ۽ لفاظي آهي.

"همسفر اديبن" جي نثر ۾ اهو ضرور هو تہ انقلاب ڪيترو بہ رتورت ۽ لوڻءَ ڪاندارينڌڙ ڇو نہ هو، اهو روسي تاريخ جي ڏارا مان نڪتو هو. پلنياڪ 1922ع ۾ شايع ٿيل پنهنجي ناول The Naked Year ۾ انقلاب لاءِ چيو هو تہ ان ۾ عنصري قوتون (Elemental forces) ڇڙڪي پيون آهن ۽ هڪ گرجندڙ طوفان وانگر ماضيءَ کي اڏائي ويون آهن. هن بالشيوڪن لاءِ Men in leather jackets جو محاورو ٺاهيو. جو مشهور ٿي ويو ۽ ٻئي ناول ۾ هن ڏيکاريو تہ ڪميسار اُن گوڙ گهمسان کي منتائڻ لاءِ منظم قوت آهن. 1920ع واري ڏهاڪي جي وچ تائين، نئين ۽ پراڻي، شهر ۽ ڳوٺ، ماڻهوءَ ۽ مشين، وڳوڙ ۽ انتظام جي وچ ۾ ٽڪر، سوويت نثر جو مکيہ موضوع آهي. جيئن N.E.P وارا اڻ اُتساهيندڙ سال گذرندا ويا، تيئن ڪن اديبن، مثلاً اِوانوف، جو انقلاب ڏانهن رويو چڱو ٿيندو ويو. ڪن بالشيوڪ اديبن پڪن "ٻانهن-ٻيلين" واري روش اختيار ڪئي، جيئن فداييف ڪئي، ۽ ڪن جي روش وروڌي هئي،جيئن پلنياڪ جي. پر سيني اديبن کي اِهو احساس

هو تہ هو اُهو ڏوُر ڏسي رهيا هئا، جو نيڪيءَ ۽ بديءَ کان بعيد هو ۽ جنهن ۾ تاريخي قوتن ۾ اڻ ٽر جهيڙو هو جنهن کي ٽارڻ ڪنهن بہ فردَ واحد لاءِ ممڪن نہ هو ۽ ڪو بہ انهيءَ دنگل کي روڪي نہ ٿي سگهيو يا تہ ماضيءَ جي ڇيلهہ پڇٽي هئي يا تہ حال جي مستقبل جي باري ۾ ڪن کي اُلڪا هئا، پر ڪي اُن کي بهار جي هير وانگر سمجهي رهيا هئا، جن ۾ ڪروڙين گل ڪڙي پوندا.

همسفر اديب عوام ۾ اختلاف کي برداشت جو مادو پيدا ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿيا ۽ ادب ۾ بيان جي مخصوص طرزن (Idiosyncracies) کي ڪلڻ هاب يا خشڪي سمجهي لنوائڻ لڳا يا وڌ ۾ وڌ انهن کي فلسفئہ خوديءَ (Solipsism) وانگر نفرت جهڙو سمجهڻ لڳا، جنهن جي ستياناس انقلاب ڪري چڪو هو. پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۽ اُن جي اُڏمن ۽ اُلڪن جي باري ۾ گهٽي ڊيگهہ ۽ پٽاڙ خسيس پٽي جي نشاني سمجهي وئي. ماياڪو فسڪيءِ اِن ڳالهہ کي ”وقت جي ڏپ هاٽين پٽراٽين“ ۾ لڪ چپ ڪرڻ جو شوق ڪونيو هو. ناولن ۽ ڪهاٽين ۾ مدي خارج ڪردارن جي خلاف اسان کي ادب ۾ ”نئين انسان“ جو ڪردار ملي ٿو جو هڪ عملي هيرو آهي، ڪنهن ناول ۾ هو فولاد جهڙو گهرو لڙائيءَ جو اڳواڻ آهي تہ ڪنهن ۾ صنعتي سربراهہ آهي. شولو خوف جي ناول ”ڊان خاموشيءَ سان وهندو رهيو“ جو هڪ خاص موضوع اهو آهي تہ جي فرد يا گروهہ تاريخ سان قدم قدم ۾ ملائي هلي نٿا سگهن، اهي ڪيئن تباهہ ٿي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ ناول جي تهہ ۾ وجبو تہ ايئن محسوس ٿيندو تہ شولو خوف مڃي ٿو تہ ماڻهن جا اعمال قدرت جي اٽل فيصلي جي تابع آهن.

انهيءَ دور جي اڪثر سوويت ادب جي مطالعي مان محسوس ٿئي ٿو تہ ان ۾ ڪافي مونجهارو آهي، ۽ جڻ يقين نہ آهي تہ نئون نظام ڪامياب ٿيندو ۽ ”ڇمڙي جي ڪُڙتي“ وارا شهري بالشيوڪ ڪجهہ پڪ سان چئي نہ ٿا سگهن، ۽ ٻهراڙيءَ جي ڪسانن سان انهن جي محاذ آرائي حماقت نظر اچي ٿي.

1920ع واري ڏهاڪي جي پوئين اڌ ۾ ڪتابن جي اشاعت گهٽ ٿي نظر اچي ۽ شاعري تہ اُن دور ۾ جڻ ختم ٿي وئي هئي. رڳو ماياڪوفسڪي "هڪ رانجهو لڪان دامت" وانگر هو ۽ باقي ان جا مداح يا پيروڪار هئا. انهن جي دليري يا نعريبازي يا جو ڪجهہ بہ هو ان جي پس منظر ۾ اها خاموشي هئي، جا روس جي اڪثر شاعرن تي ڇانئجي وئي هئي. مينڊلسٽام (Mandelstam) هڪ شعر جو ڪتاب بخارن جي سرپرستيءَ هيٺ 1928ع ۾ شايع ڪيو هو پر هونءَ چوڏاري جڻ زبانن تي تالا لڳي ويا هئا. اهو بہ نيٺ ايئن، خاموش ٿي ويو جيئن اخمتووا ۽ پاسترناڪ. پاسترناڪ تہ پنهنجي دور جي شعور سان سمجهوتو ڪيو هو ۽ پنهنجي ترنم ريز شاعري ڇڏي رزمي انداز اپنايو هئائين. ييسينين جي شاعريءَ ۾ جڻ پنهنجي دور جو جادو ٽٽي چڪو هو ۽ انت 1925ع ۾ هن آپگهات ڪري ڇڏيو نڪولائي زئبولوٽسڪي ( Nikolai Zabolotsky) جي شاعري، مٿاڇري تي تہ ڪنهن پورالي چٽر وانگر آهي، پر اُن ۾ غور سان ڏسبو تہ نراسائي نظر ايندي.

1920ع جو ڏهاڪو پورو ٿيو تہ اسٽالن جي پنج سالن واري رٿا آڻي، مٿان انقلاب آندو ويو ۽ اجتماعيت (Collectivisation) جي "همسفرن" جا ڪجهہ گمان دور ڪيا ويا، ۽ جو جوش خروش آڪٽوبر انقلاب وقت محسوس ڪيو ويو هو، وري اُڀري آيو. 1929ع ۾ مئڪسم گورڪي ٻاهران روس موٽي آيو ۽ مستقبل لاءِ اسٽالن جي ڪيل ڪارگذاريءَ جي پنيرائي ڪيائين، ڇو تہ اُن ۾، هن جي نظر ۾، ڀرپور سماجي انصاف جي آس هئي. وري اديب آئيندي کي نئين ويساهہ سان ڏسڻ لڳا. اُن دور جا اهم ڪتاب ڪيتافيف (Katayev) جو ناول Time Forward ۽ پلنياڪ جو The Volga flows to the Caspian sea آهن، جن ۾ ماحول ۽ خود انساني فطرت تي انسان جي فتح جي پيش گوئي ڪيل آهي. ان دور جو ٽيون نهايت اهم ناول اليا اهرنبرگ جو The Second day آهي، جو گذريل سال مون مرينا هوٽل جي پرسان ڪنهن ترقي پسند ڪتاب گهر مان ورتو هو. اهو ناول پنجن سالن

واريءَ رٿا هيٺ ڪنهن وڏي تعميري منصوبي جي باري ۾ اُٿيو ويو آهي.
ان ۾ مصنف بحث ڪيو آهي ته دانشور جو اجا ضمير کي اوليت ڏئي ٿو ۽ اخلاقي فتويٰ جي آزاديءَ جو قائل آهي، اهو دراصل سوشلزم جي اعليٰ آدرش سان دغا ڪري ٿو.

سوشلسٽ حقيقت نگاري (Socialist Realism) جي نظريي جي صحيح ابتدا 1932ع ۾ ٿي. انهيءَ نظريي تي عوام ۾ ڪوئي بحث نه ڪيو ويو. پارٽيءَ ان وقت اديبن جي موجود گروهن ۽ تنظيمن جو مئي 1932ع ۾ خاتمو ڪري ڇڏيو. ان وقت سياسي ماحول جي ابتريءَ سبب اهڙا ادارا، تنظيمون ۽ گروهه هونئن ئي گهٽجي ويا هئا، پر پوءِ به ڪجهه وقت اڳ اُهي اهم اختلافن جو ٿورو ڪي گهڻو اظهار ڪندا هئا. انهن ۾ نهايت اهم اديب الڪساندر وورونسڪي هو. جو روسي ۽ عالمي ڪلاسيڪي ادب سان ناتو برقرار رکڻ چاهيندو هو. نظرياتي معاملن ۾ به هو ان ڳالهه تي محڪم رهيو ته آرٽ کي فقط سماجي انقلاب جي ذريعي جي حيثيت ۾ نه ڏٺو وڃي، پر اهو آرٽسٽ جي وجداني (Intuitive) عمل ۽ تحت الشعور جي هيجان (Subconscious impulses) جو نتيجو آهي ۽ ان تي عقلي ضابطا نه رکيا وڃن. ان جو ڪنهن حد تائين اهو مطلب هو ته آرٽ طبقاتي جدوجهد کان مٿي هو. وورونسڪيءَ تي ڪابيءَ ڏُر جي ويڙهو تولي مارڪسزم کان انڪاري هجڻ ۽ برگسان جي وجدانيت جي حامي هجڻ جي تهمت ڏري ۽ هو صفائيءَ واري دور (Purges) ۾ ماراپو ويو.

1925ع ۾ Russian Association of Proletarian Writers (RAPP) جو بنياد رکيو ويو هو جنهن پهريون ته همسفرن سان نرم رويو اختيار ڪيو. اُن ڪلاسيڪي ادب کي اهميت ڏني ۽ اُڻويهين صديءَ جي روسي ادب ۾ حقيقت پسنديءَ جي ادبي اسلوب کي پرولتاريت ۽ پارٽيءَ جي فائدي لاءِ ڪم آندو في الحال ته اسٽالن کي RAPP جو طور طريقو آئڙيو ۽ هن RAPP کي، انهن اديبن کي هيسائڻ ۽ هراس ۾ وجهڻ لاءِ اتساهيو جن جو پارٽيءَ سان واسطو ڪو نه هو. بريس پانياڪ

(Boris Pilnyak) ۽ ايوگيني زمياتن (evegeni Zamyatin) ٻئي اِن اديبن جي انجمن جا اهم رڪن هئا پر ٻنهي جا ڪتاب سوويت يونين کان ٻاهر ڇپيا هئا. انهن کي بيحد تنگ ڪيو ويو جيتوڻيڪ اهڙو ڪوئي به قانون ڪو نه هو ته روس جا اديب روس کان ٻاهر ڪتاب نه ڇپائين. ان ڪانپوءِ پلنياڪ هيسجي ويو ۽ پنهنجي چئي تان ڦري، پاڻ ڪڍائي ويو (Recanted). اڳتي هلي، ٻين اديبن به دٻاءَ هيٺ ساڳي ڳالهه ڪئي، زمياتن هار مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ رڌي ڪئي، جنهن تي هن کي 1931ع ۾ ديس نيڪالي ڏني وئي. RAPP کي ختم ڪيو ويو ۽ 1931ع ۾ جڏهن روس ۾ سياسي ماحول ابتر هو ۽ ڪروف (Kriov) کي قتل ڪيو ويو. جو اسٽالن جو ماڻهو هو تڏهن حالتون آزاديءَ سان تخليق ڪرڻ لاءِ سازگار نه هيون. 1939ع تائين اُهي اديب جن کي پنهنجي ديانت پياري هئي، خاموش ٿي ويا. ببيل (Bable)، پلنياڪ (جنهن جو ديس نيڪاليءَ جو حڪم نامو واپس ورتو ويو هو ۽ موٽي آيو هو) گرفتار ڪيا ويا ۽ قيد و بند ۾ ماريا ويا. اخمتووا چُپ ٿي وئي. پاسترناڪ تخليقي ڪم ڇڏي، مغربي ادب جا ترجما شروع ڪيا. مشهور شاعر مينڊلستام (Mandelstam) جنهن 1934ع ۾ اسٽالن جي خلاف هڪ نظم لکيو هو، گرفتار ڪيو ويو ۽ 1938ع ۾ ڪنسينٽريشن ڪئمپ (Concentration Camp) ۾ ماريو ويو.

هيئت پسندي (Formalism)، جا اسلوب جي انفراديت لاءِ تحريڪ هئي، هاڻي جُرم سمجهي وئي ۽ جڏهن ميئر هولڊ (Meyer Hold) 1939ع ۾ سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ کي سرعام تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو، تڏهن هن کي گرفتار ڪيو ويو، جنهن کان پوءِ هو هميشه لاءِ گُم ٿي ويو.

سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ جي شروعات 1932ع ۾ ٿي هئي ۽ اُن وقت ايئن سمجهيو ويو هو ته اُها اڻويهين صديءَ جي تنقيدي حقيقت نگاريءَ (Critical Realism) مان ازخود اُپري هئي ۽ رڳو تفاوت اهو هو ته سوشلزم ڏانهن، انسان جي ترقيءَ کي مدنظر رکي، رجائيت پسند

(Optimistic) ۽ اميد پرست هئي. ان جو مثال گورڪيءَ جو ناول "ماءُ" هو ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ ان جي جهلڪ همسفر اديبن, فيدن (Fedin) , ليونوف, شولوخوف وغيره ۾ ملي ٿي. دراصل حقيقت نگاري, ادبي لفظن ۾ گهٽ ڪئي وئي آهي ۽ بار بار هر دور جي تقاضا کي مدنظر رکي سياسي ٻوليءَ ۾ وڌيڪ ڪئي وئي آهي. هر اهو ادب جنهن 1920ع ۾ سوويت نظام جي حمايت ڪئي هئي يا ان جي مستقبل جي باري ۾ چڱيءَ اُميد جو اظهار ڪيو هو ان کي اڳتي هلي "سوشلسٽ حقيقت نگاري" سمجهيو ويو. 1930ع ۾ جيڪڏهن ڪنهن چڱو سوشلسٽ حقيقت نگار ٿيڻ چاهيو ٿي تہ ان کي رڳو تاريخي واقعا لکڻا ٿي پيا, جيئن اليڪسي تالستاءِ هولناڪ اِوان "Ivan the Terribale" ۽ پيٽر اعظم جي باري ۾ ڪتاب لکيا, جن ۾ اندرئين خاني, استالن جي خوشامد هئي. ڪنهن جديد موضوع تي سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ جو بهترين مثال نڪولائي آسترو وسڪيءَ جو How the Steel Was Tempered هو جو غالباً مون ڪاليج واري زماني ۾ ڪراچي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي لائبريريءَ مان وٺي پڙهيو هو. (فيدن ۽ ليونوف مون پنجاهہ ۽ سٺ واري ڏهاڪي ۾ پڙهيا هئا. شولوخوف جو "ڊان وهندو رهيو" جا چار جلد تہ مون 1965ع ۾ پيهر سکر جيل ۾ پڙهيا هئا ۽ پهريون پيرو ڪاليج جي دور ۾ سيد مطلبي فريد آباديءَ جي اردو ترجمي ۾ پڙهيا هئا. ) ٻيءَ جنگ عظيم جي دور ۾ ڪجهه جنگ جي باري ۾ نيم دستاويزي تحريرون لکيون ويون, جن ۾ نهايت دلچسپ, ترت ۽ چٽي واقع نگاري هئي, جا انهن کي زندگي ڏئي ٿي, مثلاً سمونوف جو ڪتاب "راتيون ۽ ڏينهن", "امر آدمي" ۽ "صاف ضمير وارا آدمي" ★

---

★ Days and Nights
People Immortal.
Men With a Clear Conscience.

ان جا ٻيا مثال آهن. پوپون ڪتاب ”حمايتين“ (Partisans) جي باري ۾ هڪ اڌورو ناول آهي ۽ ان ۾ انهن ڪتابن کان وڌيڪ شگفتگي آهي، جي اُن کان پوءِ جنگ جي باري ۾ لکيا ويا. جن ۾ جنگ جو ڪوڙو احوال ڏنو ويو. ان وقت حالتون اهڙيون هيون، جو فقط خطابت واري ۽ رزمي شاعريءَ جي گنجائش هئي. اليڪساندر تواردو وسڪي (جنهن جي منتخب ڪلام جو ترجمو هن مهيني مون کي هوري نورانيءَ ڏنو) جو هڪ سپاهيءَ جي باري ۾ رزمي نظم اُن وقت ڏاڍو مشهور ٿيو. اهو دور اليڪسي سُرڪوف، مارگريتا آئلي گر ۽ ڪانسٽئنٽائين سمونوف پارن وچولي درجي جي شاعرن جو دور هو جيڪي انهيءَ لازمي جذبات جا مرهون منت نہ هئا، جنهن جو سرڪاري ذريعا بار بار اظهار ڪري رهيا هئا ۽ جنهن جي اظهار استالن جي موت تائين، شاعريءَ جو حُليو بگاڙي ڇڏيو هو. جنگ واري دور ۾ ادب تي سخت گيري گهٽجي وئي هئي. اخمتووا ۽ پاسترناڪ بہ جنگ جي موضوعن تي سٺا نظم لکيا هئا. مان چاهيان ٿو تہ روسي شاعريءَ جا انيڪ مثال ڏيان. جا اُن دور ۾ لکي وئي هئي ۽ جنهن مان ڪيتري ئي اتساهيندڙ هئي، پر مضمون ڪافي طويل ٿي ويو آهي ۽ اهي مثال ٻئي ڪنهن ڪتاب لاءِ رکان ٿو.

جنگ کان پوءِ 47_1946ع تائين ادب جي تازگيءَ جون ساريون اُميدون ختم ٿي ويون. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ پنهنجون فتوائون ڏنيون ۽ آرٽ ۽ ادب پالٽ بيورو جي ميمبر، آندرئي زينوف، جي گرفت ۾ اچي ويو. زينوف اخمتووا لاءِ چوندو هو تہ هوءَ ”اڌ راهبہ، اڌ رنڊي آهي.“ ۽ جنهن رسالي ۾ اخمتووا جو نظم ڇپبو هو اهو ضبط ڪيو ٿي ويو (مون کي زينوف جي باري ۾ پڙهي سردار علي شاهہ (”دُڪو دماغ، پاءُ مُڇون،“ رشيد ڀٽيءَ جي چواڻي، ۽ هن جا اِهي زندهہ ۽ مرحوم دوست ياد ايندا آهن، جن کي ادب جي الف بي جي خبر نہ هئي، پر پاڻ کان وڌيڪ نادان حڪومت جي آڙ ۾ اُن جي ٽيڪ تي اسان تي ايئن اُپري ايندا هئا، ڄڻ تہ ادب جي ميدان جا شهسوار هئا) استالن جي

زندگيءَ جي باقي سالن ۾ سوويت ادب جا سڀ ئي تخليقي اديب خوف ۽ هراس ۾ رهيا، جو ڦهلائي، هو 1930ع کان وٺي حڪومت ڪندو رهيو هو.

1956ع واريءَ ويهينءَ ڪانگريس ۾ ڪرشخوف استالن جي غلطين جو برملا ذڪر ڪيو ۽ هن جي قطعي ۽ بي خطا هئڻ کان انڪار ڪري، هن کي ساريءَ ڳهٽ پوسات جو ڏوهي ٺهرايو. پر پوءِ 1957ع ۾ هنگريءَ ۾ بغاوت ٿي ۽ ولادي مير ڊوڊنٽسوف جو ناول "فقط روٽيءَ سان نه" (Not by Bread Alone) ڇپيو ته روسي حڪومت پيرَ پنڌي ڪيا. اهو ناول جيئن ڇپيو هو، مون آمريڪا مان گهرائي پڙهيو هو. ان ۾ ڊوڊنٽسوف روسي بيوروڪريسيءَ ۽ ٽيڪنو ڪريسيءَ تي ڪڙي تنقيد ڪئي هئي. 1956ع جي سرءُ تائين اهو ڪتاب ادبي رسالي "نووي مير" (Novy Mir) ۾ ڇپيو هو ۽ ان جي ڏاڍي مخالفت ٿي هئي. پارٽيءَ جي باري ۾ مصنف ناول ۾ خاموش رهيو هو. هُن ناول جي ڪردار لوپاٽڪن (Lopatkin) ۽ هن جي دوستن کي سچا ڪميونسٽ سڏيو ويو هو جي بي اصول بيوروڪريسيءَ اڳيان بيوس هئا. جڻ ڊوڊنٽسوف چوڻ چاهيو ٿي ته رڳو فرد ئي لطف و ڪرم ۽ عنايت ڪري سگهن ٿا ۽ نه ادارا. اُهو اُن دور جو وڏي ۾ وڏو ڪُفر هو جنهن تي ڪافي وقت لاءِ ڪکر ۾ ڪڙو لڳو.

1962_63ع ۾ ڪُرشخوف کي آرٽ جي نمائش ۾ جديد تصويرون ڏسي غصو آيو هو ۽ هن فن ۽ آزاديءَ تي جهل رکڻ لاءِ چيو هو.*

---

* مون روسي آرٽسٽ آرنسٽ نيزويسٽني (Ernst Neizvestny) جي ڪتاب (Art and Revolution) جو انگريزي ترجمو ڪافي سال اڳي پڙهيو هو. ان ۾ لکيو ويو آهي ته جنهن وقت ڪرشخوف هن جي تصويرن ۽ سنگ تراشيءَ جي نمائش ڏٺي ته هن کي ڏاڍو دٻايائين. ان تي نيزويسٽنيءَ هن کي چيو: "تون انهيءَ ماڻهوءَ سان ڳالهائي رهيو آهين، جيڪو هاڻي جو هاڻي خُودڪشي ڪري سگهندو آهي. تنهنجا دڙڪا مون لاءِ ڪا معنيٰ نه ٿا رکن."

ان کان پوءِ ڪُرشخوف هن سان نمائش ۾ ڊيڪاريل فن پارن تي بحث ڪرڻ لڳو هو ۽ آخر هن کان پڇيو هئائين: "توکي استالن جي دور وارو آرٽ ڪيئن ٿو لڳي؟" ان تي نيزويسٽنيءَ چيو هو: "بنهه واهيات ۽ اُهي ئي آرٽسٽ توکي اڄ تائين ٺڳي رهيا آهن." ان تي ڪُرشخوف چيو هو: "استالن جا طريقا غلط هئا، پر ان جي دور وارو آرٽ صحيح هو."

1964ع ۾ ڪُرشخوف جي زوال کان پوءِ روسي اڳواڻ سوويت ادب کي وري اڳي وانگر استعمال نہ ڪري سگهيا. جيتوڻيڪ ادب ۾ نظرياتي نظم و ضبط آڻڻ جون ڪُڏنگيون ڪوششون ڪيون ويون. بين الاقوامي گفتگو (Detente) جي ڪري سوويت حڪومت کي سوويت يونين کان ٻاهر بدناميءَ جو ڀئہ رهيو ۽ آمريڪا سوويت ادب تي پابندين کي پنهنجن سياسي مقصدن لاءِ اُڇاليندي رهي هئي. ڪُرشخوف جا مقصد ڪهڙا بہ هئا. پر اِن ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي تہ هن نظرياتي اتحاد جي هڪ پٽري ٽنيپي ۾ وڏا ڏرڙ ڪري وڌا هئا. انهيءَ حالت ۾ جنهن جو اڳ وهم گُمان بہ نہ هو. پارٽيءَ عقيدي پرست ۽ آزادي پسند اديبن (Dogmatists and Liberals) ۾ وچ وارو رستو ورتو. عقيدي پرست وچولي درجي جا اديب هئا. جن ادب کي پنهنجي هٿ ۾ رکڻ تي چاهيو ۽ اسٽالن واري دور جي واپسي تي چاهيائون ۽ پارٽيءَ جي نظم و ضبط کي ڇُهتيا رهيا ۽ فني آزاديءَ جو اونو نہ ڪيائون ۽ اُهي اندروني طور قوم پرست هئا ۽ شاونسٽ بہ ۽ جن مان ڪي سامي نسل جي خلاف (Anti_semitic) هئا. 1960ع واري ڏهاڪي جي پوئين اڌ ۾ ايئن پئي نظر آيو تہ ڪجهہ عقيدي پرست اديب اسٽالن کان پوءِ جي دور مان ايترو مايوس هئا. جيترو آزادي پسند اديب. برزنيف ۽ ڪوسيجن جو پالٽ بيورو وچون ڏگ وٺي وچي رهيو هو ۽ ساڄيءَ توڙي کاٻيءَ ڌر جي مخالفت کان پريشان هو. عقيدي پرستن جي ڪجهہ ناولن ۾ نظم و ضبط تي زور ڏنو ويو هو ۽ سخت گير حڪومت جي

---

ان کان پوءِ نيزويستنيءَ کي گرفتار تہ نہ ڪيو ويو پر هن جو معائنو ڪيو ويو تہ هو چريو تہ نہ آهي، پر ٻنهہ سالم دماغ نڪتو. هندستاني اديب، خواجہ احمد عباس، ڪُرشخوف سان پنهنجي انٽرويو ۾ اشارتاً چيو آهي تہ هو ادب جي باري ۾ اٽڪاڻ هو ۽ چيو هئائين تہ بهتر ٿيندو تہ اديب پنهنجا جهڳڙا پاڻ نبيرين. حيرت جي ڳالهہ آهي تہ جنرل ضياءَ بہ علامہ اقبال جا ڪجهہ شعر پڙهي پاڻ کي ادب تي سند ٿو سمجهي ڪروڙين رپيا سنڌ ۾ رجعت پرست اديبن تي ضايع ڪيا اٿائين، جي ڪوڏي بہ نہ لهن. هن منهنجن مخالفن کي انعام اڪرام ڏنا آهن ۽ ايئن ٿو سمجهي تہ هو ادب جي انهيءَ طوفان کي روڪي سگهندو جو منهنجي شاعريءَ سان شروع ٿيو آهي.

طلب ڪئي وئي هئي. ميخائل شولوخوف کان سواءِ عقيدي پرستن ۾ تمام ٿورا اديب هئا، جن کي صحيح معنيٰ ۾ اديب چئي سگهجي. انهن مان اڪثر صوبائي اديب هئا ۽ دارالخلافہ جي اديبن کان سڙيا ويٺا هئا، جي زياده باشعور هئا. اُهي RSFSR جي رائٽرس يونين ۾ ڪافي زور وارا هئا، جا يونين U.S.S.R جي رائيٽرس يونين جي مقابلي ۾ ٺاهي وئي هئي، جنهن تي ماسڪو جا اديب ڇانيل هئا. ڪجھ وقت کان پوءِ پوئينءَ يونين مان بہ گهڻائي آزادي پسند اديب ڪڍيا ويا.

سوويت ادب ۾ پردي پٺيان لڪايل ڳالهين لاءِ چئبو آهي تہ "اُهي ايسپ واري (Aesopian) ٻوليءَ ۾ لکيون ويون آهن." اهڙا ناول، نظم وغيره "نو وي مير" رسالي ۾ ڇاپيا ويا، جنهن جو ايڊيٽر شاعر اليڪساندر تواردووسڪي هو، جو سچ ۽ ايمانداريءَ جو ڪوڏيو آهي. آزادي پسندن جي خيال موجب هڪ اديب ۽ شاعر جي ذميداري پنهنجي ضمير سان هئي. انهن جو اِن ۾ اعتبار هو تہ حب الوطنيءَ ۽ صاف گوئيءَ ۾ ڪوئي تضاد نہ هو ۽ پلي تہ ٻاهريان ماڻهو اُنهن جي ديس جون ڪمزوريون بہ ڄاڻن. هو روس ۽ مغرب جي وچ ۾ ثقافتي ديوارن رکڻ جا قائل نہ هئا. اڻويهين صديءَ ۾ ڪجھ اديب هئا، جن کي "مغرب پسند" (Westernizers) چيو ويندو هو ۽ جن جو اِن ڳالھ ۾ اعتبار هو تہ روس مغرب مان ڪافي پرائيندو ۽ اِن طرح پنهنجا سماجي ۽ سياسي مسئلا حل ڪري سگهندو. ڪروشخوف واري دور ۾ بہ ساڳئي خيال وارا اديب پيدا ٿيا ۽ اُنهن پانيو تي تہ روسي ادب ۽ آرٽ، مغرب کان متاثر ٿي، عوامي راءِ کي درجي بدرجي ڦيرائي سگهندو ۽ سڌارن جي هڪ طريقي جو باني ٿيندو جو آهستي اچڻو آهي.

اسٽالن کان پوءِ جن ناولن ۽ ڪهاڻين چرپر پيدا ڪئي، انهن ۾ اليا اهرنبرگ جو ناول "برف رجي وئي" (Thaw) بہ هو جو مون آمريڪا مان گهرائي پڙهيو هو ۽ جنهن ۾ نہ رڳو ٽيڪنو ڪريسيءَ تي تنقيد هئي، پر اِن تي زور ڏنو ويو هو تہ جبروستم جي دور ۾ بہ فرد لاءِ عزت وارو

رستو اِهو آهي تہ پنهنجي ذهني ۽ اخلاقي راءِ جي ايمانداري برقرار رکي، پوءِ کڻي هو اُن جو علي الاعلان اظهار نہ بہ ڪري. اهڙو خيال اهرنبرگ جي پنهنجي اڳئين ناول The Second day سان متضاد آهي.
ڊوڊنتسوف جي ناول "رڳو مانيءَ لاءِ نہ" جو ذڪر مان اڳ ڪري آيو آهيان. ڊوڊنتسوف تي جڙ تہ ويهين ڪانگريس ۾ اسٽالن جي باري ۾ ڪروسچوف جي انڪشافن جو اثر ٿيو هو. جيتوڻيڪ اِهو ناول دوستو وسڪيءَ يا ٽالسٽاءِ جي ناول وانگر ڪوئي عظيم ناول نہ آهي، پر پوءِ بہ اِن ۾ نيڪيءَ ۽ بديءَ جو تضاد چڱيءَ طرح ڊيڪاريل آهي ۽ اِن جي قدرن (Values ) ۾ بہ انقلاب ٿو نظر اچي. ڊوڊنتسوف ۾ "سچائي پارٽيءَ ۾ نہ، پر فرد جي ضمير ۾ ملي ٿي، جو سچ ڪاڻ ڦيٽ ڪائڻ لاءِ تيار آهي. اها ڳالهہ ان وقت تائين سوويت ادب ۾ اجنبي هئي. Thaw ۾ اهرنبرگ جا ڪردار اجتماعي دٻاوَ سان ٽڪر نہ ٿا کائين، پر ڊوڊنتسوف جو هيرو نهايت جرئت ۽ بهادريءَ سان ان سچ لاءِ لڙي ٿو جنهن ۾ هن جو اعتبار آهي.
اِمئنيوئل ڪازاڪي وچ (Emmanuil Kazkevich) جي ناول The House on the Square روس ۾ اُن ماحول جو پهريون پيرو اظهار ڪيو آهي، جو نازي جرمنيءَ جي شڪست کان پوءِ روسي فوج جي قبضي وقت جرمنيءَ ۾ پيدا ٿيو هو. اليڪساندر ياشين جي ڪهاڻي The Levers بہ ڇرڪائيندڙ هئي، ڇو تہ اها اُن ڪوڙي عوامي رويي جي باري ۾ هئي، جو اسٽالن جي دور ۾ پيدا ٿيو هو. ڪيئي اديب پيدا ٿيا هئا، جي وسيع سماجي پس منظر کي ڇڏي، خانگي زندگيءَ جي ننڍڙين ڳالهين کي اهميت ڏيڻ لڳا هئا. انهن تي غصو بہ ڪيو ويو هو تہ اهي وڏا سماجي مسئلا ڇڏي ۽ ڪميونزم جي تعمير کي وساري، انساني زندگيءَ جي خسيس ڳالهين ۾ اُلجهي ويا هئا. اهڙي ادب ۾ مثبت هيرو (Positive Heros) ڪو نہ هئا، جي ڪلاسيڪي سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ جي سورمن وانگر سوويت رهنمائن لاءِ اُتساهيندڙ نمونا ٿي پيش ٿين ها. اُن دور ۾ ڪيئي اديب ٿيا آهن، جن جو تفصيلي ذڪر هتي ممڪن نہ آهي. بهر صورت اِهو ظاهر آهي تہ اڪثر اديب پنهنجي

ماحول کان مطمئن نہ هئا ۽ اسٽالن واري دور جي گهٽ ۽ بوسات جي شڪايت ڪئي اٿائون.

مان هينئر اُن اديب تي اچان ٿو جو اڃا سوويت يونين ۾ سرڪاري طرح اپنايو نہ ويو آهي، جيتوڻيڪ هن جو ڪردار سخاروف کان گهٽ وڌيڪ دلچسپ آهي ۽ جو ٽالسٽاءِ ۽ دوستووسڪيءَ کان پوءِ عظيم ترين تخليقن جو باني آهي. 1962ع ۾ سولزي نٽسن جو ننڍو ناول "اِوان ڊينيسو وچ جي زندگيءَ ۾ هڪ ڏينهن (One Day in the life of IVAN Denisovich) ڇپيو تہ اُن ترٿلو مچائي ڇڏيو. اهو "نووي مير" رسالي ۾ ٻہ ساڳئي وقت ڇپيو هو. انگلينڊ ۾ تہ "دي ٽائيمس، "دي گارڊين"، "دي ٽيلي گراف"، "دي ڊيلي ميل، "دي ايوننگ اِسٽئنڊرڊ" وغيره اخبارن ۾ ۽ بي بي سي تي ان جي باري ۾ ڏاڍا ڏاڍ خبرون آيون هيون ۽ تبصرا ٿيا هئا. "نيو اسٽيٽسمئن" جي خاطوءَ لکيو هو: "اهڙي ڳالهہ سويت ادب ۾ اڳ نہ ٿي آهي." حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ هيءَ روسي روايت کي اڳتي وڌائيندڙ ناول، جو پنهنجي پائيدار قدر ۽ قيمت جي لحاظ کان پرکيو وڃي ها، هڪ واهيات سياسي سازش جي ڪري شايع ڪيو ويو هو. اِن ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي تہ ڪُرشچوف پاڻ "نووي مير" ۾ ان جي اشاعت جي اجازت ڏني هئي، ڇاڪاڻ جو هُن سمجهيو هو تہ اسٽالن جي ڪنسينٽريشن ڪئمپ جو احوال هن جي فائدي ۾ عام راءِ کي هموار ڪندو ۽ هن کي اهڙي وقت ٽيڪ ملندي، جڏهن هن جا مخالف پريزيڊيم ۾ هن جي خلاف سازش ڪري رهيا هئا. جو الزام ڪرشچوف اسٽالن تي هنيو هو اُن جرم جو هو خود مرتڪب ٿيو ۽ اِهو نہ سوچيائين تہ ان جو دور رس نتيجو ڪهڙو نڪرندو. هن ساريون بندشون اڏائي ڇڏيون، جي ان وقت تائين سوويت ادب تي هيون ۽ اهڙي ڪتاب کي اشاعت جي سرڪاري اجازت ڏني، جنهن ۾ نہ رڳو سوويت نظام جي بنيادي ڳالهين کي للڪاريو ويو هو پر جنهن ۾ ڦهريون پيرو چيو ويو تہ پارٽيءَ کي ادب تي ضابطي جو ڪو حق نہ آهي. مون هڪ ڪتاب پڙهيو هو Solzhenitsyn_A Documentary Record

ان ۾ مئي 1967ع ۾ سولزي نتسن جو اُهو کليل خط بہ ڇپيل آهي، جو هن چوٿينءَ رائيٽرس ڪانگريس کي لکيو هو ۽ پيا بہ ڪيترائي دستاويز آهن، جي هن پوءِ پنهنجي جدوجهد هلندي لکيا هئا. انهن ۾ هن سوويت ادب جي سينسر شپ جي سخت خلاف لکيو آهي ۽ اها شڪايت ڪئي آهي تہ رائيٽرس يونين اديبن جو تحفظ نہ ڪري سگهي آهي، پر "اِوان ڊينيسووچ جي زندگيءَ جو هڪ ڏينهن" جي ادبي اهميت اُن جي سياسي اهميت کان گهٽجي آهي. بهترين سوويت ادب جي پرک جو اِهو پيمانو آهي تہ پڙهندڙ کي اُن ماحول جو ڪيترو شعور آهي، جنهن ۾ اُهو ادب تخليق ڪيو ويو آهي. ان دور جي شعور کان سواءِ جنهن ۾ اهو ادب تخليق ڪيو ويو آهي. ادب جو مطالعو اها آنند مانڊ پيدا نہ ڪري سگهندو جا اُن ڳالهہ جي ڄاڻ پيدا ڪري سگهندي تہ اديبن کي ادبي تخليق ڪندي ڪيتريون مشڪلاتون درپيش آيون هيون. جي اسان جو نئون نسل اُن مهاڳ جو مطالعو ڪندو جو رشيد ڀٽيءَ منهنجي ڪتاب "خط انٽرويو ۽ تقريرون" تي لکيو آهي تہ ان تي واضح ٿي ويندو تہ اسان جو ڪهڙن مذهبي جنونين سان واسطو پيو هو جي نہ رڳو سنڌ پر پوري پاڪستان ۾ پکڙيل آهن ۽ گدوبندرين جي وچ ۾ رهي اسان لاءِ ادب جي تخليق ڪيڏي نہ مشڪل ڳالهہ هئي.
دراصل مون وٽ انهن سوَن اخباري تراشن جا فائيل موجود آهن، جن ۾ منهنجي ۽ جويي جي ۽ اسان جي ٻين ساٿين خلاف ايئن لکيو ويو هو. جڏهن اسان ساري پاڳل خاني جا بنياد ڪيڏي وڏا هئا ۽ جنهن ڳالهہ کي آڙ بڻائي اسان کي شهر نيڪاليون ڏنيون ويون هيون، جيلن ۾ وڌو ويو هو ۽ اسان جا ڪتاب بندش هيٺ آندا ويا هئا. چوويهہ ڪلاڪ منهنجي گهر تي سي آءِ ڊي جي نظرداري هوندي هئي، منهنجي هر چرپر جي جاچ رکي ويندي هئي، ۽ مقامي، ڪراچيءَ ۽ اسلام آباد جا بيورو ڪرئٽ اِهو سوچي چتا تي پيا هئا تہ هي وٽ ۾ نہ ٿا اچن ۽ ڪيئن هنن کي ڳيا ڳيا ڪيو وڃي. مون سان هڪ بيورو ڪرئٽ ڊارون تي بحث ڪندي بار بار چيو هو تہ "انسان باندر جي اولاد آهي." مون نيٺ بيزار

تي هن کي چيو هو تہ "ايئن برابر آهي تہ هر انسان آدم جي اولاد نہ آهي، آدم جي اولاد ٿيڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪرڻي ٿي پوي. پر اهو صحيح نہ آهي تہ سڀ انسان باندر جي اولاد آهن، ڪي ڪي انسان گڏهہ جي اولاد آهن." منهنجي نظر ۾ جتي ڪٿي اڪثر بيورو ڪرئٽ گڏهہ جي اولاد هوندا آهن. مون شروع کان انهن جي خلاف لکيو آهي.
پر هاڻي وري سولزي نٽسن ڏانهن موٽان ٿو. سوويت ادب جو مٿيون مطالعو ۽ ان کان پوءِ جي سوويت ادب جو سارو مطالعو منهنجي ڏيان ۾ هو. جڏهن مون شولوخوف، سولزي نٽسن ۽ پاسترناڪ تي نثري نظم لکيا هئا. جي "پٽڻ ٿو پور ڪري"، "تڪرا ٽنل صليب جا" ۽ "واٽون ڦلن ڇانئيون" ۾ ڇپيا هئا.

مٿئين ناول، "اِوان ڊينيسووچ جي زندگيءَ ۾ هڪ ڏينهن" ۾ سولزي نٽسن هڪ آفاقي حقيقت جي عڪاسي ڪئي آهي. جيتوڻيڪ ناول جو پس منظر ڪنهن خاص زمان ۽ مڪان ۾ آهي. "اوان ڊينيسووچ جي زندگيءَ جو هڪ ڏينهن" علامت آهي هر انهيءَ انسان جي هڪ ڏينهن جي، جو زندگيءَ جو جبر و ستم برداشت ڪري ٿو. ڪافڪا جي ڪتاب "The Trial" وانگر سولزي نٽسن انسان کي اهڙي قيد و بند ۾ ڏيکاري ٿو جنهن مان فرار ڪو نہ آهي ۽ جنهن قيد و بند لاءِ ڪوئي معقول سبب بہ ڪو نہ آهي. جيئن غالب چيو هو:

قیدِ حیات و بند غم اصل میں دونوں ایک ہیں
موت سے پہلے آدمی غم سے نجات پائے کیوں۔

اهو احساس* تہ "انسان اڙجي ويو آهي" ۽ اُن جي پڄاڻي ويجهي آهي، وڏيڪ تيز ٿي وڃي ٿو جڏهن ڪنسينٽريشن ڪئمپ کي هڪ اٽيڙهيل هاريءَ جي اکين سان ڏسون ٿا، جيڪو پنهنجي مصيبت کي اِن طرح سوچ سمجهہ سان ڏسي نہ ٿو سگهي جيئن هڪ دانشور ڏسي

---

* مون کي ياد ٿو اچي، تہ سنڌ جي چوٿيءَ جي مقرر، حفيظ قريشيءَ، مون کي هڪ پيري ٽڏو ساهہ ڀري چيو هو: "ايازا اڙجي وياسين، اڙجي وياسين، اڙجي وياسين."

سگهي ٿو.

اِهو سڀ اسٽالن جي هٺ ڌرميءَ، ضد ۽ ڪوتاهہ نظريءَ سبب هو جو دانشورن ۾ ايتري مايوسي پيدا ٿي، نہ تہ سوويت روس جون حالتون ايترو مايوس ڪندڙ بہ نہ هيون. مان پاڻ 1976ع ۾ پاڪستاني اديبن جي سربراهہ جي حيثيت ۾ روس ويو هوس. مون تي ڪا بہ جهل پل نہ هئي ۽ مون جنهن سان بہ چاهيو ڳالهائي ڏٺو. سوويت روس جا نهايت صاف سٿرا رستا هئا ۽ عام ماڻهوءَ جو من انهن ڪان بہ صاف سٿرو هو زيرزمين ريلوي جو نظام نهايت چڱو هو. پلئٽ فارم لينن جي تصور وانگر خوبصورت هئا. هر ماڻهوءَ کي ڪاڌي پيتي، ڪپڙي لٽي ۽ اجهي جي سهوليت هئي. جا زار جي زماني ۾ خواب خيال ۾ بہ نہ اچي سگهي ها. ڪن ڪن دانشورن، اديبن ۽ شاعرن ڪان سواءِ ڪنهن کي بہ گهُٽ ٻوساٽ جو احساس نہ هو. ماڻهو پاڻ کي فخر سان ورڪر (پورهيت) چئي رهيا هئا. هر ورڪر کي پگهار سان وئڪيشنون هيون ۽ سفر ۽ رهائش جي خرچ جو ڪافي حصو حڪومت تي برداشت ڪيو. مون اڪين سان ڏٺو تہ انسان ڪيڏو نہ بي اونا هئا. مون پنهنجي گائيڊ، سرگيءَ، کي چيو هو تہ ”تون سيڪجهہ ڪاڌي پيتي تي صرف ڪري ٿو ڇڏين ۽ ٻئي ڏينهن لاءِ ڪجهہ بہ نہ ٿو بچائين!“ تہ هن جواب ڏنو هو تہ ”روس ۾ ڏکيا ڏينهن (Rainy Days) ٿيندا ئي ناهن. ڇا جي لاءِ بچايان؟“ سوويت روس جو اڌ حصو ايشيا ۾ آهي ۽ اهو انقلاب ڪان پوءِ ۽ انقلاب جي ڪري ئي ايتري ترقي ڪري سگهيو آهي، جو عام انسانن لاءِ جڻ ڌرتيءَ تي بهشت وانگر لڳي رهيو آهي. مون اُتي رڳو هڪ ئي ڪمي محسوس ڪئي هئي ۽ اها هئي دانشور لاءِ پوريءَ آزاديءَ جو نہ هجڻ ۽ اِهو سڀ اسٽالن جي دور ۽ اُن جي اثر جو نتيجو هو. اِها ڪمي گورباچوف نهايت صاف گوئيءَ سان مڃي ۽ پوري ڪئي آهي.

مارڪس جو غور سان مطالعو ڪبو تہ گورباچوف جي سچائي پڌري ٿي پوندي. ڪنهن چيو هو تہ ، ”مارڪس پنهنجن جوابن جي ڪري نہ، پر سوالن جي ڪري اڄ تائين سگهارو آهي.“ شروعات ۾

مارڪس ڪيئي سوال پڇيا هئا. سماج جي باري ۾ جي اڄ بہ دنيا ۾ خاص ڪري ٽينءَ دنيا جي نوجوانن کي جهنجهوڙي رهيا آهن. انهن وانگر هو بہ هڪ فتنہ پرور دؤر مان گذري رهيو هو دؤر جو عبوري هوندي بہ ڪافي خللي ۽ سرڪش هو. هو زرعي سماج کان صنعتي سماج ڏانهن وڃي رهيو هو ۽ هو سوچي رهيو هو تہ نيون مشينون انساني روح تي ڪهڙو اثر ڇڏينديون. بار بار هُن انسانن جي ڦڪٽ، بي مڪائي (Estrangement) ۽ ونجوڳ (Alienation) جو ذڪر ڪيو آهي. نہ رڳو صنعتي سماج جا طور طريقا عوام جو غير واجبي فائدو وٺي رهيا هئا. پر هن کي پنهنجي ضروري انسانيت کان اوپرو ڪري رهيا هئا. هن کي ٽيڪنالاجيءَ جو جڻ بيو اوزار بڻائي رهيا هئا. مارڪس جي خيال ۾ انسان جي جدوجهد هميشہ زياده آزاديءَ لاءِ رهي آهي. ٽيڪنالاجيءَ جي ڪنچاوٽ هن کي وڏيڪ آزاد ۽ پورن سماج بڻائڻ کان روڪي رهي هئي. اِها ڳالهہ اڄ تائين عقل کي آئڙي ٿي. پر ڪميونزم جي اچڻ کان پوءِ اشتراڪي سماج مطلق العنانيت (Tatalitariansim) ۾ ڦاسي ويو هو. مارڪس ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي:

We do not want to anticipate the world dogmatically, but to find the new world from the critique of the old."

اڄڪلهہ گوربا چوف ساڳي ڳالهہ ڪري رهيو آهي. ان تي مون ڪجهہ اڳ لکيو آهي ۽ ڪجهہ پوءِ لکندس. في الحال مان سولزي نٽسن جي پهرئين ناول ۾ ساڳئي نتيجي جو ذڪر ڪريان ٿو جنهن تي گوربا چوف جي "نئين تشڪيل" پهتي آهي. مون کي افسوس آهي تہ اسٽالن جي زيادتين جي ڪري سولزي نٽسن ڌُڪارو ٿي آخر ڪئناڊا ۾ پناهہ ورتي ۽ شعوري يا غير شعوري طرح آمريڪي ايجنٽ جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ سوويت روس تي حملا ڪري رهيو آهي ۽ زار جي زماني کي بهتر چئي رهيو آهي. پر تازي بہ هٽي وڃي آهي قصور وڏيڪ اسٽالن جي تنگ نظريءَ جو هو.

"اوان ڊينيسووچ جي زندگيءَ ۾ هڪ ڏينهن" پنهنجي فني

اختصار ۽ قوت جي لحاظ کان هڪ زبردست ناول آهي ۽ هر پڙهندڙ کي مجبور ٿو ڪري تہ ماضيءَ جي جبر و ستم تي نگاهہ اُڇلي ۽ اُن جبر و ستم جون پنهنجي دور ۾ نشانيون ڳولي. ان ڪتاب ۾ سولزي نٽسن ٻولي بہ اُن ماحول (Milieu) جي ڪم آندي آهي. هڪ ڪسان جي ٻولي جنهن ۾ ڪنسينٽريشن ڪيمپ جي ڪچيءَ اڏوگابري ٻوليءَ جا لفظ گاڏر ساڌڙ آهن. اِها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي ناول کي ٻئي هر نثر جي روسي ڪتاب کان مٿانهون ڪري ٿي، جو استالن کان پوءِ جي دور ۾ لکيو ويو آهي. اِهو نثر وڏي ۾ وڏي للڪار آهي، اُن نثر لاءِ جنهن ۾ سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ جا موڳا ۽ خصيص اصطلاح هئا ۽ جن مان ان وقت تائين ٿورا اديب پنهنجي جند ڇڏائي سگهيا هئا، جنهن وقت مٿيون ڪتاب لکيو ويو هو. ان ڪتاب کان پوءِ سولزي نٽسن جي فقط هڪ ڪهاڻي "نووي مير" رسالي ۾ ڇپي هئي ۽ ان کان پوءِ هن جي ڪائي بہ تحرير سوويت يونين ۾ نہ ڇپي هئي. هن جا ٻہ ڏگها ناول The Cancer ward ۽ The First Circle اُتي قلمي ڪتابن جي حيثيت ۾ پڙهڻ لاءِ ورهايا ويا هئا ۽ جڏهن انهن جون ڪاپيون ٻاهرين ملڪن ۾ پهتيون هيون، تڏهن اُتي اُهي پهرين روسيءَ ۾ ڇپايا ويا هئا ۽ پوءِ انهن جا انگريزي ترجما ڇپيا هئا. جي مون ٿامس ائنڊٿامس ڪتاب گهر تان ورتا هئا. The First Circle دوستوفسڪيءَ جي روايت جو هڪ عظيم ناول آهي. ان ۾ نرزن (Nerzhin) جو ناول جو مکيہ ڪردار آهي، ڪنهن حد تائين ناول جي مصنف وانگر آهي. جڻ اهو ناول سولزي نٽسن جي سرگذشت آهي. ناول ۾ سوويت پراسيڪيوٽر ۽ اُن جي ڪٽنب جو ڪردار بہ ناقابل فراموش آهي. ساڳيءَ ريت اُهي حصا، جي استالن جي باري ۾ آهن، جنهن وقت هو خيال ۾ غرق نظر اچي ٿو. ان ڪتاب جي ڇپائيءَ کان ويهہ سال اڳ آرٿر ڪئسلر، استالنزم جو تصوراتي احوال پنهنجي شاهڪار ناول Darkness At Noon ۾ ڏنو هو جنهن جي باري ۾ مون ٻئي ڪنهن ڪتاب ۾ اڳي ئي لکيو آهي. سولزي نٽسن اُن موضوع کي وڏيڪ وسعت ڏني آهي ۽

واقعي هڪ سچي ناول نويس وانگر ماحول کي عورتن ۽ مردن جي زندگيءَ تي اثر انداز ٿيل ڏيکاريو آهي. ڪتاب ۾ ايئن سولزي نٽسن جي آتم ڪهاڻيءَ جون جهلڪيون آهن. جيئن هن جي ٻئي ناول Cancer Ward ۾ آهن. جنهن جي ڪردار ڪوستوگلوٽوف (Kostoglotov) جي زندگي بہ سولزي نٽسن جي زندگيءَ وانگر آهي. 1945ع ۾ سولزي نٽسن جي گرفتاريءَ کان پوءِ هن کي اٺ سال سزا ڏني وئي هئي. جنهن مان پهريان چار سال هن ڪنهن مخصوص اداري ۾ گذاريا هئا. جنهن جو احوال هن The first Circle ۾ ڏنو آهي. دراصل اهو ادارو ماسڪو جي ٻاهران هڪ قيد خانو هو جنهن ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جا ماهر رکيا ويندا هئا. ۽ جي هو ڪن خاص منصوبن تي ڪم ڪرڻ جو اقرار ڪندا هئا تہ انهن تي ٻين قيدين کان گهٽ سختي ڪئي ويندي هئي. اهو قيد خانو اسٽالن جي چوڙ تي خفيہ پوليس جي سربراهہ نهرايو هو. سولزي نٽسن کي بہ اُتي موڪليو ويو هو. ڇو جو هن کي علم طبعيات (Physics) ۽ علم رياضيءَ جي ڪافي ڄاڻ هئي. ڪم کان انڪار جو نتيجو ڪنسينٽريشن ڪئمپ ۾ نظر بندي هئي، جنهن جو ذڪر "اِوان ڊينيسووچ جي زندگيءَ ۾ هڪ ڏينهن" ۾ آيو آهي. جتي 1949ع ۾ سولزي نٽسن کي رکيو ويو هو. 1953ع ۾ هن کي قزاقستان ۾ جلاوطنيءَ ۾ رهڻو پيو. جڏهن هو بيمار ٿي پيو ۽ ڪئنسر جي ڪنهن قسم ۾ مبتلا هو. تڏهن هن کي تاشقند جي ڪنهن اسپتال ۾ موڪليو ويو هو جنهن جو ذڪر هن Cancer Ward ۾ ڪيو آهي، جو 66_1963ع تائين لکيو ويو هو. انهن پنهي ناولن ۾ اسٽالن جي دور ۽ هن جي موت کان بہ ٽي سال پوءِ جي سوويت زندگيءَ جو پورو منظر چٽيو ويو آهي. انهن ٻنهي ڪتابن تي ٽالسٽاءِ ۽ اڻويهين صديءَ جي روسي ناولن جو اثر آهي. 1971ع ۾ هن پنهنجو ناول "آگسٽ 1914ع لکيو. جنهن ۾ هن روسي انقلاب جون جڙون ڳوليون ۽ روسي تاريخ جي سرڪاري اظهار ۽ اُن جي روايت کي للڪاريو. هن سوويت قيدخانن ۽ سزائن جي طور طريقن کي پنهنجي

ڪتاب The Gulag Archepelago ★ ۾ وائڪو ڪيو آهي. "گولگ" جهڙي جوش ۽ جذبي سان لکيل ڪتاب سوويت حڪومت جي صبر جي انتها ڪري ڇڏي. پر عالمي راءِ جي پوَ ڪان هن کي وڏيڪ سزا نه ڏني وئي ۽ رڳو هن ڪان سوويت شهريت کسي وئي ۽ 1974ع ۾ هن کي مغربي جرمنيءَ ۾ جلاوطن ڪيو ويو. جتان هو ڪئناڊا لڏي ويو ۽ اڄ تائين اُتي آهي. سولزي نتسن جي حمايتن هن جي مرحبا ڪئي آهي ۽ هن جي هر رجعت پرستيءَ تي چشم پوشي ڪئي آهي. مان هن جي اِها ڳالھ مڃڻ لاءِ تيار نه آهيان ته آڪٽوبر انقلاب روس ۾ هر بُرائيءَ جي جڙ آهي. مغربي دنيا جي رجعت پرستن لاءِ ته سولزي نتسن وڏي ٽيڪ تي آيو هو. هن جي ڪنهن ڳالھ تي مخالفت ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا ۽ ايئن سمجهي رهيا هئا ته سولزي نتسن جي ڪنهن به غلطيءَ جي نشاندهي ڄڻ ته برزنيف جي حمايت هئي ۽ اسٽالن جي جبروستم تي پردي وجهڻ جي برابر هئي. مان اهو به غلط ٿو سمجهان ته مارڪسزم جي معنيٰ قيد و بند آهي، جيئن سولزي نتسن بار بار چئي رهيو آهي. ايئن برابر آهي ته هُن نهايت جرئت ۽ همت سان سوويت حڪومت جي ڀرپور طاقت جو مقابلو ڪيو آهي ۽ هو انهيءَ جبر و ستم جو عيني شاهد آهي، جو اسٽالن جي دور ۾ ڪيو ويو هو. پر اِهو عيني شاهد هڪ جُڙتو پيغمبر آهي. هُن ويٽنام ۾ عوام تي ظلم و ستم ڪرڻ وارن جي ۽ انڊونيشيا ۾ قتل و غارت ڪرڻ وارن جي حمايت ڪئي هئي. حيرت آهي ته سوويت يونين جو هي آزادي پسند اديب مغربي جمهوريتن جي انڪري شڪايت ڪري رهيو آهي ته اُهي ڪافي جبر نه ٿيون ڪن! هينري ڪسنجر کي هن سان گڏ نوبل پرائيز مليو هو. جڏهن ڪسنجر ڪان هن جي باري ۾ پڇيو ويو ته ڪسنجر چيو ته "هو "گولڊ واٽر" جي به ساڄي پاسي بيٺو آهي." هو پنهنجي ديس ۾ "سلافو فائيل تحريڪ" ★

---

★ Archepelago سمنڊ ۾ ٻيٽن جو ميڙ.

★ سلافو فائيل – لفظ Slavophile "سلاف" مان نڪتو آهي. سلاف يورپ جي مشرقي ۽ وچ واري حصي جا باشندا آهن. مثلاً روسي، پول، چيڪ، بلغاريه جا رهواسي، سربو–

غلط آهي. پر اِن ڪري سولزي نٽسن جو روسي ادب ۾ دلسوز اضافو وساري نہ ٿو سگهجي، ۽ جي ايئن ڪبو تہ اِها وڏي حماقت ٿيندي. ٿيڻ تہ ايئن گهرجي تہ جيڪي هن جي آدرش سان سهمت نہ آهن، انهن کي هن سان توڙ تائين سفر ڪري، اهو سمجهڻ گهرجي تہ آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ ڪٿي غلطي ٿي، ڪڏهن غلطي ٿي ۽ ڇو غلطي ٿي. آڪٽوبر انقلاب ۾ هڪ نئين دنيا جنم ورتو ۽ اُن کان ڪجهہ عرصو پوءِ هڪ نئون دور شروع ٿي ويو ۽ هڪ نئين دنيا وجود ۾ آئي. آڪٽوبر انقلاب ڪائي آپدا نہ هئي، مصيبت نہ هئي، آفت نہ هئي، جي بہ ڪميونسٽ شخصيت پرستيءَ جي آڙ ۾ غلطيون ڇُپائين ٿا، سامراج جا هٿ مضبوط ڪن ٿا. سامراجي مارڪسزم ۽ قيد و بند کي ساڳي ڳالهہ چئي رهيا آهن، ۽ انقلاب تي هر ڪتاب يا ناول ۽ هر رسالي ۾ لکيل انقلاب بابت مضمون ۾ چون ٿا تہ انقلاب آزاديءَ جو انحراف آهي.

هڪ سولزي نٽسن جهڙو اديب، جو جوانيءَ ۾ استالن سان اختلاف رکي ٿو جڏهن وچولي وهي ٽپي ٿو تہ مسيحيت جي بهشت ڏانهن تڪي ٿو ۽ هن جا سارا قدر ڦري وڃن ٿا. اِها ڳالهہ ڏيکاري ٿي تہ استالن واري دور سوويت يونين سان ڪيترا نہ هاڃا ڪيا آهن، جو ڪيترن ئي دانشورن جو انقلاب جي فلسفي مان اعتبار ئي نڪري ويو آهي. سولزي نٽسن، هن وقت جڪ مارڻ جي باوجود هڪ علامت آهي، روڳ جو آثار آهي، روسي سماج جي اندرئين آزار جي نشاني آهي، جنهن تي ڪُرشچوف آڱر رکي هئي ۽ گورباچوف جنهن جو ڦٽ کولي، ظاهر ڪري، اُن جو علاج ڪري رهيو آهي.

سولزي نٽسن کي سوويت يونين جي نفرت جڙ تہ بڻي ظلم ڏانهن انڌو ڪري وڌو آهي. سوويت يونين ۾ قيدين تي جو وهي واپري ٿو سولزي نٽسن اُن جا روئڻا تہ روئي ٿو پر اِنڊوچائنا ۾ جيڪي ڪجهہ سامراج ڪيو اُن تي چشم پوشي ٿو ڪري، اُتي تہ انسان جانور وانگر پڃرن ۾ قيد ڪيا ويا هئا. 1975ع ۾ هو انڊونيشيا ۾ ڪميونسٽن جي شڪست جي خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿو ٿئي ۽ اِن جي پرواهہ نہ ٿو ڪري

تہ انهيءَ شڪست ڪيتري تباهي آندي هئي، ڪيتري خونريزي ٿي هئي، ڪيترا انسان ماريا ويا هئا! انڊونيشيا ۾ جيترو قتل عام ٿيو ان مان ظاهر آهي تہ اُتي انسان ايئن قيمو ڪيا ويا هئا. جيئن اسٽالن روس ۾ بہ نہ ڪيا هئا. حيرت آهي تہ انهيءَ قتل عام تي سولزي نٽسن خوش ٿو ٿئي! سولزي نٽسن مسيحيت جي محبت، سخاوت ۽ نيڪ انديشيءَ جي اُتي ڳالهہ بہ نہ ٿو ڪري، جتي ڪميونسٽ مظلوم آهن! هونءَ تہ هو اهنسا جو ڍونگ رچائي وينو آهي، پر آمريڪا جي هڪ واقعي هن جي قلعي کي کولي وڌو آهي. ڊينئل اهرنبرگ، هڪ آمريڪي حڪومت جي ملازم، آمريڪا جي وزارت جنگ جا ڪجهہ دستاويز شايع ڪيا آهن، جي هن جي ضمير تي بار ڪري بيٺا هئا ۽ جنهنڪري هن تي مقدمو هليو هو، پر عدالت هن جي سزا ۾ نرمي ڏيکاري هئي، جنهن تي سولزي نٽسن پڙڪي اُٿيو هو ۽ چيو هئائين: ”عدالت پنهنجي منصبي فرض کي وساري ڇڏيو ۽ اهڙي انسان کي ناحق ڇڏي ڏنو جنهن وزارت جنگ جا دستاويز چوري ڇپايا هئا!“

مون سولزي نٽسن جو ڪتاب ”زورچ ۾ لينن“ (Leninin Zurich) پڙهيو آهي: ان ۾ هُن ڏيکاريو آهي تہ ڪيئن هن انقلاب کان اڳ جا دستاويز هٿ ڪري لينن تي اُهو ڪتاب لکيو آهي: اُن ۾ هُن لينن ۽ آڪٽوبر انقلاب جي خلاف پرچار ڪيو آهي. جڏهن هن ڊينئل اهرنبرگ جي خلاف لکيو تہ هن اُهائي ٻولي ڪم آندي، جا هن کي چيچلائيندڙ ڪم آڻيندا رهيا آهن. نہ وري هُن کي ڪائي بورجوا يا ٻيءَ ڪنهن جمهوريت لاءِ محبت آهي، نہ هن کي مطلق العنان (Authoritarian) حڪومتن تي ڪوئي اعتراض آهي، جيڪڏهن اُهي پنهنجي خدا ۽ ضمير سان ذميدار آهن! اتي مون کي سولزي نٽسن ۽ مودوديءَ ۾ ڪو بہ فرق نظر نہ ٿو اچي. سولزي نٽسن آڪٽوبر انقلاب ۽ فرانس جي انقلاب کي ٽيونءَ ريخ (Reich) سان ڀيٽ ڪري ٿو پر هن جي نظر ۾ جي انسانذات جو ڪوئي وڏي ۾ وڏو گناهہ آهي تہ اهو مارڪسزم آهي. هو چوي ٿو تہ سرمائيداري محنت ڪش جو

استحصال ڇڏي ڏنو آهي ۽ مارڪسزم کي تاريخ مسترد ڪري ڇڏيو آهي ۽ اُها Anachronistic (تاريخ جو اَجوڳو عجوبو) آهي ۽ اٺويهين صديءَ جو محض هڪ يادگار آهي: شرعي چرچ (Orthodox Church) جو نظريو انسان جي جديد ذهن جي پيداوار آهي، البتہ هو پاڻ پندرهين صديءَ جي چرچ جي نظرين جي حمايت ڪري ٿو جنهن وقت روس جي ڪنهن بہ زار روس کي جديد بڻائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي هئي. هڪ رجعت پرست رومانيت پسند مان بي ڪهڙيءَ ذهني استقامت ۽ ڪهڙي ربط جي توقع ٿي سگهي ٿي؟

اِن ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي تہ پنهنجي ڪتاب Gulag Archepelago ۾ هو پنهنجي قلم جي امانت پوري ڪري ٿو قيد و بند انسان جي پيڙا اُجاگر ڪري ٿو پنهنجي ڪهاڻي نهايت موثر طريقي سان بيان ڪري ٿو جو ڪجهہ ڏنو اٿائين، اُن جو چڱيءَ ريت اظهار ڪري ٿو اهم تفصيل چونڊي ٿو ۽ هر ننڍي واقعي کي ايتري اهميت ڏئي ٿو جو اُهو پوريءَ زندگيءَ لاءِ اهم ٿي پوي ٿو. هو پيڙا جا تجربا ايئن اُجاگر ڪري ٿو جو اُهي جيئرا جاڳندا پاسن ٿا. ڇا ڇا نہ هن چٽيو آهي. هڪ نوجوان ناسي وارن واري ڇوڪري رات جو ويٺي آهي ۽ پنهنجا ڳوڙها پي رهي آهي ۽ بي ياورومددگار پنهنجي تقدير جي منتظر آهي، جنهن جو فيصلو يونيفارم ۾ هڪ دهمانيءَ Bulley کي ڪرڻو آهي آهي، ريل جي اُنهيءَ سفر جي پيڙا جو جيڪو ڪنهن کي نظربنديءَ جي ڪئمپ ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي ۽ بيرحم پراڻن ڪارڪنن (Old Timers) چورن ٺڳن، حڪومت جي ڪارندن، هن کان سارو سرو سامان کسي ورتو آهي، ٻارن جو جي پاڻ کي زنده رکڻ جي جدوجهد ۾ جڻ تہ ”ننڍا شيطان“ ٿي پيا آهن! اهڙن منظرن جو مجموعي تاثر ”گولگ“ کي هڪ ڀيانڪ تجربو بڻائي ٿو ڇڏي، جڻ تہ جهنم اکين اڳيان پيو نظر اچي. سولزي نٽسن کي عبرت لاءِ پڙهڻ گهرجي، توڙي هن جديد دور جي باري ۾ نهايت احمقانہ رايا قائم ڪيا آهن. جڏهن بورجوا سماج کي نقصان جو انديشو ٿئي ٿو تہ هو يڪدم

آزاديءَ جي ڳالهه ڪري ٿو. پورچوگال ۾ سالازار (Salazar) جي آمريت جي خاتمي کان پوءِ اهڙيءَ طرح هن جمهوريت جون ڳالهيون ڪيون، جهڙيءَ طرح چليءَ ۾ آلندي جي حڪومت وقت ڪيون هيون. پر هن سالازار جي سياسي پوليس تي چشم پوشي ڪئي آهي، ۽ پنوشي (Pinochei) جي دور ۾، جو ظلم چليءَ جي عوام تي ڪيو ويو آهي، ان جي باري ۾ هو ڪجهه به ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي. جي هن کان جنرل ضياءُ الحق جي باري ۾ پڇيو وڃي تہ هو ضياءُ جو حمايتي ٿيندو ۽ حدود آرڊيننس ۽ ڪوڙن جي سزائن جي پٺڀرائي ڪندو.

سولزي نٽسن اِها ڳالهہ وساري ڇڏي آهي تہ ڪيئن انسان اسٽاليني جلادن جي ٽولن (Execution Squads) جي سامهون ويندا هئا ۽ پنهنجي پياري قاتل اسٽالن جو نالو هنن جي چپن تي هوندو هو. هن اُهي هزارين ماڻهو وساري ڇڏيا آهن، جي "بري يا چڱي، پارٽي منهنجي آهي" جا نعرا هڻندي گولين جو کاڄ ٿي ويا هئا ۽ نہ اُهي سياسي مفڪر هن کي ياد آهن جن اهو سوچيو هو تہ پنهنجي دور جي حڪومت سان ٽڪر کائبو تہ انقلاب خطري ۾ اچي ويندو. اِها ڳالهہ آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ واري دور کي وسيع پس منظر ڏئي ٿي، جيتوڻيڪ هاڻي جڏهن پنتي ڏسجي ٿو تہ ان جا اڪثر ڪردار خبطي ۽ جنوني لڳن ٿا. اها وسعت ڪٿي بہ سولزي نٽسن جي نگاهہ ۾ نہ ٿي جهلڪي.

هو هڪ هنڌ چوي ٿو: "جي اوهان 1936ع ۽ 1938ع کان وٺي گرفتارين ۽ مقدمن جو غور سان مطالعو ڪندؤ تہ اوهان کي ٻُڇان اسٽالن ۽ هن سان گناهہ ۾ شريڪ ماڻهن تي نہ ايندي، پر انهن ذليل ۽ نفرت انگيز ملزمن تي ايندي، جي پهرين تہ فخر، غرور ۽سنگدلي ڏيکاريندا هئا، پر پوءِ ايتري روحاني ڪمينائي ڏيکاريائون، جو ڏسي اُلٽي اچي وڃي." چا، اهو هڪ بهادر ۽ جرئت مند انسان جو رد عمل آهي، جنهن کي ان دور جي انهن ملزمن جي بي ڊنگي ۽ بيهودي هلت ڏسي ٿيو هجي؟ نہ، اهڙي ڪائي ڳالهہ نہ آهي. سولزي نٽسن کي اسٽالن

جي مخالفن لاءِ بہ ايتري ئي نفرت آهي، جيتري استالن سان. چو تہ اُهي بالشيوڪ پنهنجي اصولن تان توڙ تائين نہ ڦريا هئا ۽ ڪئمپن ۾ بہ سوشلزم ۾ پنهنجي يقين ڪامل کي سيني سان سانڍيو هئائون ۽ اطمينان ڳُليءَ* سان موت قبوليو هئائون. هن استالن وروڌي ٽولن جو ذڪر ڪيو آهي، جن ڪوليما (Kolyma) ۾ هڙتالون ڪيون هيون. انهن وورڪوتا (Vorkuta) ۾ بُک هڙتال ڪئي، جا 1936ع جي سرءُ ۾ شروع ٿي ۽ هڪ سو ٻتيهہ ڏينهن هلي. پاهران تہ جڻ سرڪار جهُڪي پئي پر اڳتي هلي بک هڙتالين تي نهايت سختيءَ سان ڪارروائي ڪيائين. 1938ع جي شروعات ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ تراتسڪائيٽ ۽ ڊيسيميسٽ ( Decemists جن کي Democratic Centralists بہ چيو ويندو هو) وور ڪوتا ۾ ڪنا ٿيا، جتي اُنهن جي خيمن ۾ غنڊا موڪليا ويا، جن هنن کي ذليل ڪرڻ ۽ غصي ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جڏهن هنن اهڙيءَ هلت جو مقابلو ڪيو تہ هنن کي گوليون هڻي پورو ڪيو ويو. انهن مان جي بچيا، انهن کي گرفتاريءَ هيٺ نيو ويو ۽ ٽندرا ۾ گوليون هڻي ختم ڪيو ويو. سولزي نٽسن اِها ڳالهہ درد انگيز لهجي ۾ تہ بيان ڪئي آهي، پر ايئن ٿو لڳي تہ اندر ۾ هو ڪڇيون هڻي رهيو آهي. هو اهو سوچي بہ نہ ٿي سگهيو تہ استانلزم جي خلاف سوشلزم جي نالي ۾ ڪنهن جدوجهد جو امڪان هو. گوربا چوف، سولزي نٽسن کي بلڪل غلط ثابت ڪيو آهي. هن استانلزم جا سارا گناهہ ڪاميابيءَ سان وائکا ڪيا آهن ۽ روس کي جمهوريت جي راهہ تي گامزن ڪيو آهي. هن اظهار جي ايتري آزادي ڏني آهي، جو 1987ع ۾ نهيل روسي فلم "پڇتاءَ" (Repentence) ۾ ههڙيءَ سٽ تي بہ گرفت نہ ڪئي وئي:

What good is a street that does not lead to a church

(انهيءَ گهٽيءَ مان ڪهڙو فائدو جا ڪنهن گرجا تي نہ ٿي ڪُٽي!) هاڻي

---

* (پورو اطمينان يا سڪون)

ڏسجي تہ سولزي نتسن ڇا ٿو چوي!

جيئن سولزي نتسن نثر ۾ انقلاب آندو آهي، تيئن شاعرن نظم ۾ ان جي ٻوليءَ ۽ طرز اظهار ۾ انقلاب آندو آهي. گذريل ٻاويهين ٽيويهن سالن ۾ سوويت يونين جي شاعريءَ ۾ اُها بغاوت ملي ٿي، جا اسٽالن جي دور ۾ ٻوليءَ جي جمود پيدا ڪئي هئي. شاعرن کي قدرن (Values) جي پيچ ڏاهہ، توڙ مروڙ ۽ ستياناسيءَ وڏيڪ ڏکارو ڪيو هو ڇو جو شاعريءَ جو قدرن سان بنيادي واسطو آهي. اسٽالن واري دور ۾ ٻيو تہ ٺهيو جي ڪنهن مايا ڪوفسڪيءَ جي پيروي بہ ڪئي ٿي تہ هن تي ظاهر داريءَ ۽ نمائش پرستيءَ جو الزام ٿي هنيو ويو. پاسترناڪ ۽ اخمتووا، جيڪي انهيءَ دور جا قابل اعتبار ۽ مستند آواز هئا، اُهي جنگ وارو عرصو ڇڏي، ٻئي دور ۾ خاموش ڪيا ويا هئا. ۽ رڳو اُهي شاعر، جن ۾ ڪا انفراديت نہ هئي ۽ جي سچ جو آواز اُپارڻ کان عاري هئا، چيچجي رهيا هئا. مون ڪٿي اخمتووا جو هيئيون نظم پڙهيو هو جو هن جنگ کان پوءِ چيو هو ۽ جنهن تي اسٽالن واري دور جو اثر هو:

”حرفت سان ماهتاب
شاهي دروازن جي پنيان لڪي ڏٺو
تہ ڪيئن مان شام جي وقت
پنهنجي موت کان پوءِ
پنهنجي شهرت موٽائي ڏني.
هاڻي هو مون کي سمهاري ڇڏيندا
منهنجا ڪتاب الماڙين ۾ پيا بوسيده ٿيندا
۽ ڪائي گلي يا گذر گاهہ
آئنا اخمتووا جي نالي سان نہ سڏي ويندي“

ڪيڏي نہ مايوسي آهي، ان نظم ۾!

پاسترناڪ هڪ نظم لکيو هو جو يو. ڪي ۾ ڇپيل هڪ ڪتاب (Post war Russian Poetry) ۾ ڇپيو آهي:

”جهنگ ۾ زمين جي هڪ عوامي سرويئر وانگر

موت هڪ قبرستان جي وچ ۾ بيٺو آهي
۽ مُردي جي پيلي چھري ڏانهن ڏسي رهيو آهي
جيئن اُن کي ڪيچي، اُن جي قبر ناهي.
هرڪو چڙ نہ ڏسي ٿو
نہ ڪوئي خاموش آوازهن جي پرسان بيٺو آهي.
اهو آواز ڪنهن پيغمبر جو آواز آهي،
جنهن کي فرسودگي ويجهي بہ نہ آئي آهي.“

استالن جي دور ۾ اهڙا آواز خاموش ٿي ويا هئا. شاعر ايوگيني يوتوشينڪو نهايت هوشياريءَ سان استالنزم جي خلاف پنهنجي نفرت جو اظهار ڪيو. هن پهريون پيرو Babiyar جهڙو نظم 1961ع ۾ يهوديت دشمنيءَ (Anti_Semiticism) تي لکيو. ڪجھ سال اڳ مون "Babiyar" تي ناول بہ پڙهيو هو. (بابي يار ۾ ڪيئي يهودي هڪ وقت ماري چوني جي کڏ ۾ وڌا ويا هئا) يوتوشينڪو استالنزم ڏانهن موٽڻ جي خطري جي نشاندهي پنهنجي نظم Stalins heirs ۾ بہ ڪئي آهي، جو 1962ع ۾ ڇپيو هو. يوتوشينڪو ييسينين وانگر هڪ ترنم وارو شاعر آهي، جنهن ايمانداريءَ سان پنهنجي فڪر جو اظهار ڪيو آهي. آندرئي. وزنيسينڪي هن کان ٿورو وقت پوءِ ميدان ۾ آيو ۽ پنهنجو پاڻ مڃائي ورتائين. هن ۾ نهايت دلڪش انفراديت آهي. يوتوشينڪو پنهنجن پڙهندڙن کي اخلاقي شعور ۽ توانائي ڏني آهي تہ وزنيسينڪيءَ روسي اصطلاح ۽ شاعريءَ ۾ اظهار کي جاندار بڻايو آهي. مون ٻنهي جي نظمن جا ترجما پڙهيا آهن، جي اصل جهڙا خوبصورت ٿا لڳن. اهي ٻئي شاعر پنهنجي دور ۾ ئي ديوتائون ٿي ويا آهن ۽ جڏهن هو عوام جي اڳيان پڙهن ٿا تہ ماسڪو جا استيڊيم ماڻهن سان سٿجي ٿا وڃن. ٻيا بہ ڪيترائي شاعر آهن جن پنهنجو نالو ڪڍيو آهي، جن جي تفصيل ۾ مان هاڻي نہ ٿو وڃان. جوزف براڊسڪيءَ کي 1965ع ۾ اُن وقت پنج سال سزا ڏني وئي هئي. جڏهن استالن جي موت کان پوءِ، آزادي پسند اديبن جي خلاف يلغار ڪئي وئي هئي. هو هڪ غير

سياسي ۽ لاأُبالي شاعر آهي. هن تي مقدمي مغرب جو ڏيان ڇڪايو هو ۽ هو سوويت يونين کان ٻاهر ڏاڍو ڇپيو ويو هو. جون 1972ع ۾ هو روس ڇڏي ويو ۽ هن وقت مِشي گن (Michi gun) يونيورسٽيءَ ۾ (_Poet_in_ residence) آهي ۽ گذريل سال هن کي ادب لاءِ نوبل پرائيز مليو هو. منهنجي ڏيان ۾ متي بيان ڪيل حالتون هيون. جڏهن مون هيٺيون سٽون لکيون هيون، جي ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ ۾ ڇپجي چڪيون آهن:

ڳاڙهي گل جي خوشبو سنگهه
۽ پوءِ ڪنڊي تي ويچار!

ٻه سوليون سٽون رچڻ لاءِ ڪيڏي نه جاکوڙ ڪرڻي ٿي پوي! ڪيڏو نه مطالعو ۽ گهرو فڪر ٿئي ٿو انهن جي پنيان! ڪيترا نه سال تا لڳن انهيءَ مطالعي ۽ گهري فڪر کي جوالا مُکيءَ جي لاوا وانگر اندر ئي اندر اُٻڙڪا کائيندي، جيستائين اُهو ڦاٽ کائي ٿو!

ڪجهه وقت کان اُنهن اديبن جي آباد ڪاري ڪئي ٿي وڃي، جن کي استالن جي زماني ۾ نهوڙيو ويو هو.

ميخائيل بلگاتوف 1940ع ۾ مري ويو ۽ مرڻ کان ٿورو وقت اڳي هن پنهنجو ناول The master and margarita پورو ڪيو هو جو 1966/67ع ۾ ڇپيو هو. اُهو ناول گوئٽي جي ”فائوسٽ“ (Faust) وانگر سوويت يونين جي هڪ ڪهاوت (Legend) تي ٻيو آهي. ان ۾ ڪرسٽ جي مصلوب ٿيڻ جي باري ۾ هڪ خيالي ملامت آهي ۽ اُن جهڙو مزاحيه شهپارو اڃا تائين روسي ادب ۾ سرجيو نه ويو آهي. تازو جولاءِ 1988ع جو سوويت لٽريچر جو سارو شمارو ميخائيل بلگاتوف تي نڪتو آهي، جنهن ۾ هن تي اٽڪل ٻه سئو صفحا لکيا ويا آهن. ڪيترائي ناول نويس ۽ شاعر، جي استالن واري دور ۾ مري کپي ويا هئا، سي وري ڇپجي رهيا آهن. روس جو مشهور ترين ناول ”ڊاڪٽر زواگو“ جنهن تي پاسترناڪ کي نوبل پرائيز مليو هو جو حڪومت جون اکيون ڏسي، پاسترناڪ وٺڻ کان نابري واري هئي، هڪ عظيم

ناول آهي، جنهن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو آهي ۽ مون کي ڪيتري وقت کان حسرت رهي آهي تہ مون کي ايتري فرصت ملي، جو مان برصغير جي باري ۾ اهڙو ناول لکان ها. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جي منهنجي ساري شاعري غور سان پڙهي ويندي تہ اهڙو ئي ناول لڳندي.

موت کان پوءِ پاسترناڪ ۽ مينڊالستام (جنهن کي اسٽالن مارايو هو) يتائيءَ وانگر ٿي پيا آهن ۽ پيريڊيلڪو (Peredelkino) واريءَ وستيءَ ۾، جتي اڪثر اديب رهندا آهن ۽ موت کان پوءِ پوريا ويندا آهن، انهن ٻنهي شاعرن جي قبرن تي روز هزارين ماڻهو اچن ٿا ۽ گلن جا انبار چاڙهين ٿا. اهڙيون خبرون مون خود "ماسڪو نيوز" ۾ پڙهيون آهن، جن ۾ تازو شايع ڪيل، وزنيسينڪي جو پاسترناڪ جي قبر تي گلن چاڙهڻ جو لونءَ ڪانڊاريندڙ احوال بہ آهي.

سويت لٽريچر جي آگسٽ جي شماري ۾ گوربا چوف جي دور ۾ چيپيل بيورو ڪريسيءَ خلاف مشهور ناول Children of Arbat جا ٽڪرا ڏنا ويا آهن. ان ناول جي باري ۾ مون اڳيئي News Week ۾ تي چار صفحا پڙهيا هئا ۽ ان جو ذڪر گذريل تقرير ۾ ڪيو هيم، جا مون آرٽس ڪائونسل ۾ ڪئي هئي.

روسي فن ۽ ادب کي مڪمل آزادي ملي چڪي آهي ۽ هينئر رجعت پرستن وٽ سويت يونين جي خلاف ڪوئي خاص هٿيار نہ رهيو آهي. هاڻي هو پروپيگنڊا نہ ڪري سگهندا تہ روس ۾ آرٽ ۽ ادب کي دٻايو وڃي ٿو.

اسان وٽ صدر ضياءُ الحق جو "حدود آرڊيننس" لڳل آهي ۽ ڪائي فن جي آزادي نہ آهي، صدر ضياءُ اديبن کي رشوتون ڏيئي خريد ڪري رهيو آهي ۽ مون کي اعتبار جهڙي ذريعي کان معلوم ٿيو آهي تہ جي اديب ۽ دانشور هن جي وَٽُ ۾ نہ ٿا اچن، اُنهن لاءِ هن Hit List ٺهرائي آهي، جنهن ۾ منهنجو نالو بہ آهي. هر انسان قدرت جي Hit list تي آهي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن وقت تہ هُن جو خاتمو ٿيڻو آهي. سو ڇالاءِ ڪنهن جو ڊپ ڪجي! ضياءُ الحق ڪي جي بينظير جو پيو نہ هجي ها

تہ هو اسان کي ڪيترو وقت اڳي ايئن مارائي ڇڏي ها جيئن بنگلاديش ۾ هڪ وقت ۾ سئو دانشور ماريا ويا هئا. مون کي فخر آهي تہ ڪنهن بہ لوڀ لالچ، ڀَوڙر سان هو مون کي چُپ ڪرائي نہ سگهيو آهي. مون جيترو ضياءُ الحق جي دور ۾ لکيو ۽ ڇپايو آهي، ايترو سڄيءَ زندگيءَ ۾ نہ لکيو آهي. پنهنجي آواز ڪانسواءِ آءٌ، آءٌ نہ آهيان. ان ڪان سواءِ مان جيئان بہ تہ ڇا، جي نہ جيئان بہ تہ ڇا! مون کي يقين آهي تہ هِن دور جو سچ جيئن مون پنهنجي شاعريءَ ۾ ڏنو آهي، برصغير جي ٻئي ڪنهن بہ شاعر اُن کي ايئن نہ ڏنو آهي، مان ننُهن ڪان چوٽيءَ تائين هڪ سپنو ٿي چڪوآهيان. مون پنهنجي زندگيءَ کي شعلي ۾ بدلايو آهي، جو نهايت تيزيءَ سان ٻري رهيو آهي ۽ ڪنهن وقت بہ پنهنجي ليکي وسامي سگهي ٿو. پر هڪ سپني کي گولي تہ متائي نہ ٿي سگهي، نہ وري هڪ شعلي کي ٻجهائي ٿي سگهي! (12 آگسٽ 1988).